

# ڪهاڻي هر دؤر جي

## بلو دادا ۽ ٻيون مڪمل ڪهاڻيون

اياز قادري

# ڪهاڻي هر دور جي

شاهڪار ڪهاڻي ڪتاب "بلو دادا" ۽ ٻارهن نون سدا بهار
افسانن سميت چيچيل ۽ چيچيل سموريون ڪهاڻيون

ايا زقادري


قادري قلم قبيلو
ڪراچي / لاڙڪاڻو
2008ع

ڪتاب: ڪهاڻي هر دور جي

ليکڪ: ڊاڪٽر اياز قادري

ڪمپوزر: نظر حسين ملاح

پهريون ڇاپو: فيبروري 2008ع

ٽائيٽل: خدا بخش ابڙو

ڇپائيندڙ: قادري قلم قبيلو لاڙڪاڻو

ملهه: 200/=

ملڻ جو هنڌ: ذوالفقار علي قادري

49/1 پنجين ڪمرشل اسٽريٽ، ڊفينس فيز4

ڪراچي

فون نمبر: 5895284ـ 5887643

رابيل ڪتاب گهر، اسٽيشن روڊ لاڙڪاڻو

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# قادري قلم قبيلي جا ڪتاب



## گلدستۀ مناجات

"ديوان قادري" ۽ "ديوان گدا" مان منتخب مناجات تي مشتمل مجموعو. روح کي ڇهندڙ نعتيہ ڪلام جنهن جي، ڪنهن دور ۾ مائرون پنهنجي ابهم ٻارن کي لولي ڏينديون هيون. روحاني تسڪين جي متلاشين لاءِ قادري قلم قبيلي جو سيني ۾ سانڍڻ جهڙو تحفو!



## ديوان قادري

شاعر شيرين زبان فصيح اللسان فقير ميان علي محمد قادريءَ جو سوا ٽي سؤ صفحن تي مشتمل مڪمل ديوان. ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ غزل ۽ مشاعري کي مشنري جذبي سان فروغ ڏياريندڙ ڪهنہ مشق شاعر جو تخليقي شاهڪار، جنهن جي آخر ۾ ديوان جي فرهنگ، صوفيانہ اصطلاحن ۽ علم عروض جون پيرائتيون سمجهاڻيون بہ ڏنيون ويون آهن.




## پلي پار جون زيارتون

حرمين شريفين جي زيارت، ڪربلاءِ مقدس ۽ ايران جي سفر ڪٿا، 1924 ۽ 1932 ڌاري پلارن ماڻن جي ديدار لاءِ ڪيل سفر جو روح ريجهائيندڙ داستان، فقير ميان علي محمد قادري ۽ فقيرميان غلام سرور قادريءَ جي قلم مان سرجيل سفرنامو، جنهن کي پنهنجي دور جي تاريخ چئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو.




## مجموعہ درد

معروف اديب ۽ افسانہ نگار الطاف حسين قادريءَ جي ڇپيل/اڻ ڇپيل ڪهاڻين جو ڳٽڪو جنهن ۾ سندس ٻن ڪهاڻي ڪتابن ۽ 15 نڪور افسانن کي يڪجا ڪيو ويو آهي. انفرادي ۽ اجتماعي درد جون نمائنده ڪهاڻيون، جن کي بار بار پڙهندي اهو احساس ئي نٿو ٿئي تہ اهي اڌ صدي اڳ لکيون ويون هونديون!




## لالہ رخ

سترهين/ارڙهين صديءَ جي مشهور انگريزي شاعر ٿامس مور جي باتصوير مثنويءَ جو سنڌي ترجمو، محترم الطاف حسين قادريءَ جي ڪيل ترجمي تي اصل جو گمان ٿو ٿئي، خوبصورت ٽائيٽل ۽ تصويري خاڪن سان سينگاريل هڪ انمول ڪتاب.

# فهرست

## پاڳو پهريون
## ڪھاڻي هر دور جي


| | |
|---|---|
| پنهنجي پاران: ذوالفقار علي قادري | 7 |
| مهاڳ: غلام نبي مغل | 11 |
| پيش لفظ: اياز قادري | 21 |
| ❁ ڪھاڻي هر دور جي | 25 |
| ❁ قبرن جي وچ ۾ | 34 |
| ❁ سچو دوست | 41 |
| ❁ ڪلاچيءَ جي ڪن ۾ | 51 |
| ❁ قصو هڪ عشقباز جو | 59 |
| ❁ اڻپوري خواهش | 78 |
| ❁ ڪنهن سان سور سليان؟ | 87 |
| ❁ ڪاري | 92 |
| ❁ حيوان | 101 |
| ❁ ويجھن وڏي آهيان | 106 |
| ❁ شڪارءِ شڪاري | 114 |
| ❁ هھڙا هاچا ٿين | 120 |
| ❁ درد جو رشتو | 131 |
| ❁ سوڍا توڳر ساھ | 138 |

پاڱو ٻيو
# بلو دادا


| | | |
|---|---|---|
| ❁ دیباچو: | شيخ عبدالحليم جوش | 149 |
| ❁ بلو دادا | | 155 |
| ❁ ڪتي جو موت | | 159 |
| ❁ مان انسان آهيان | | 162 |
| ❁ آئينو | | 167 |
| ❁ هي ليڊر | | 178 |
| ❁ قانون | | 182 |
| ❁ فرشتو | | 185 |
| ❁ ڪفن چور | | 189 |
| ❁ امڙ مان نہ ڪندس | | 194 |
| ❁ علوءَ جا عشق | | 198 |
| ❁ پوڪ | | 212 |
| ❁ بي شرم | | 216 |
| ❁ ٻهروپي | | 219 |
| ❁ هاجران | | 221 |

ڀاڱو پهريون

# ڪهاڻي هر دور جي



سدا حيات سرڪري اربيان تو
پروفيسر ڊاڪٽر فقير
حسين قادري جي پياري پيءُ ۽
جيجل امڙ جي، جنهن جو
20 سال قديم خانقاه قادريه جي
ذوالفقار علي قادري

پنهنجي پاران

# ڪهاڻي هِنَ دور جي

جنگ جاري آهي ازل کان: ظالم ۽ مظلوم جي، ضمير ۽ خمير جي، سچ ۽ ڪوڙ جي، حق ۽ باطل جي، Haves ۽ Havenot جي. اصل ۽ اصول جي، مومن ۽ منافق جي، ڏاهي ۽ جاهل جي، امير ۽ غريب جي، فڪر ۽ مڪر جي، عقل ۽ جهل جي، هر دار ۽ زميندار جي، ڏهڪاءُ ۽ نهنائيءَ جي، قول ۽ فعل جي، دانا ۽ ديواني جي...... پر ڏاڍ ڪمزڙي ٻـ شڪل ۾ هجي، حق ۽ سچ نيٺ رنگ لائن ٿا. انصاف آخر ٿيڻو آهي، هِت ٻـ تـ هُت ٻـ!

قدرت وٽ خودڪار نظام آهي. اسان جي آڏو روزانو اهڙا واقعا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جن جا نتيجا ڏسون ٿا. هر ظلم جي رات ڪاري ۽ ڏکهي ضرور آهي پر جيڏي ڪاري رات اوڏو روشن سج ايري ٿو.

ستر سيڪڙو آدم زاد بکيو آهي تـ ٻئي پاسي وري ڪيترن جا ڪتا ٻـ شيمپيئن ٿا پيئن! جي اسان پيٽ پري ٿا کائون تـ ڪنهن جو حق ٿا کائون. پنهنجو پاڻ سان منافقي! جيڪو چئون سو تـ ڪريون ئي ڪونـ! وري هي وڏائي ۽ تڪبر آهي ڇا تي!؟ هڪ مڇر يا مک کان جان نٿا ڇڏائي سگهون. نڪ جو وار ڦاسي پوي تـ زندگي زهر! پير جو ننهن خراب ٿي پوي تـ جيئڻ ئي جنجال! وڏين مصيبتن کي تـ ڇڏيو.

اشرف المخلوقات آخر ڇا لاءِ هڪ ٻئي کي مارڻ لاءِ آدم خورن کان ٻـ اڳتي نڪري ويو آهي. اسان کي نـ وِسارڻ گهرجي تـ جيڪو منصف آهي اهوئي شاهد ۽ اهوئي نتيجن جي بارآور ٿيڻ واري ڏينهن جو مالڪ آهي.

هنن ڪهاڻين جو مجموعي تاثر ۽ موضوع بہ اهوئي آهي. ڪهاڻي "هر دور جي" يا "هن دور جي"، ڳالهہ مڙئي هڪ آهي پر اڳي کان اڳري خوبصورتي توڙي بدصورتي ۽ رحم توڙي بيرحمي، مطلب تہ هر حوالي کان ويران ويرو ڏا!

اياز قادري بنيادي طرح شاعر هو پر هُن نظم سان گڏ نثر ۾ بہ پاڻ ملهايو ۽ 1950 واري ڏهاڪي ۾ "بلو دادا" جهڙيون شاهڪار ڪهاڻيون لکي سنڌيءَ ۾ رجحان ساز افسانہ نگار واري غيرمعمولي سڃاڻپ ماڻي. سندس افسانن نہ رڳو اُن دور جي تمام وڏن ڪهاڻيڪارن کي متاثر ڪيو پر هُن، سنڌي افساني کي سنڌ هند سميت بين الاقوامي سطح تي نئين انداز سان متعارف ڪرائي ڏاڪ قائم ڪئي. اها سڪٽي دعويٰ ناهي. انهيءَ حقيقت جو اندازو هِن ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ "بلو دادا" افسانو دنيا جي ڪيترين ئي زبانن ۾ ترجمو ٿي مقبوليت ماڻي چڪو آهي.

گذريل صديءَ جي 50 ۽ 60 وارن ڏهاڪن دوران سنڌي ڪهاڻي فڪري حوالي سان هڪ قدم اڳتي وڌايو ۽ اسانجي افسانوي ادب ۾ اهڙا ڪردار متعارف ۽ مقبول ٿيا جن جو لائيف اسٽائيل توڙي جو بدمعاش غنڊن سان مشابهہ هو پر ساڳئي وقت اهي سڏا ۽ سچ ٻول ڪردار نڌڪن جا ڏٽي ۽ ڏتڙيلن ۽ ڏڪويلن جا همدرد ۽ هڏڏوکي ڀٽجي آيا بلڪ انساني جذبي تحت اهي ڪوبہ جوکم کڻڻ لاءِ بہ هر وقت تيار ٿي نظر آيا. اياز قادريءَ جي بلو دادا، جمال ابڙي جي پشو پاشا ۽ غلام رباني آگري جي شيدو ڏاڙيل هڪ ٻئي پنيان اِن انداز جون نمائنده ڪهاڻيون ليکيون وڃن ٿيون پر اصل ۾ سائين اياز قادري مذڪوره فڪري لاڙي جو سنڌي جو تہ پهريون نمائنده افسانہ نويس آهي. تنهن ڪري اِن ڳالهہ ۾ ڪو وڏاءُ ناهي تہ اياز قادريءَ جي هر ڪهاڻي هن دور نہ بلڪ هر دور جي ڪهاڻي آهي.

هِنن ڪهاڻين جي مقبوليت جو اندازو اِن مان بہ لڳائي سگهجي ٿو تہ ڪهاڻي ڪتاب "بلو دادا" جا هيستائين چار ايڊيشن شايع ٿي هٿو هٿ وڪامي چڪا آهن ۽ مارڪيٽ ۾ گهٽي گهُر آهي.

اسانجو شروع کان ئي اِهو ارادو هو آهي تہ قادري خاندان جي سموري، علمي ادبي خزاني کي منظرعام تي آڻجي. ان سلسلي ۾ قادري قلم قبيلي پاران هيستائين ست اهلہ ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن، جن ۾ اياز قادريءَ جو شعري مجموعو "زلف اياز" ۽ سندس مضمونن، مقالن ۽

يادگيرين تي مشتمل ڪتاب ”مشعلِ اياز“ بہ شامل آهن. ڪافي عرصي کان اها خواهش هئي تہ سائين اياز قادريءَ جي سمورن افسانن کي يڪجا ڪري پڙهندڙن آڏو پيش ڪجي، جيئن هڪ طرف ڪين هڪ جينئس تخليقڪار جون سموريون ڪهاڻيون سهيڙجي ملن تہ ٻئي طرف سنجيده قاري، نقاد ۽ محقق کي سنڌي افساني جي بتدريج ارتقا جو صحيح اندازو بہ ٿي سگهي. ”بلو دادا: ڪهاڻي هر دور جي“ کي، هڪ قرض ۽ فرض جي نياءُ سان گڏ مذڪوره خواهش جي تڪميل سمجهڻ بيجا نہ ٿيندو.

هن ڪهاڻي ڪتاب کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: پهريون حصو انهن افسانن تي مشتمل آهي، جيڪي پنجاهہ، سٺ ۽ ستر وارن ڏهاڪن دوران لکيا ويا ۽ مختلف رسالن ۾ شايع ٿيا. البتہ اهي ڪهاڻيون باقاعدي الڳ ڪتابي صورت ۾ ڇپجي نہ سگهيون هيون، توڙي جو اياز قادريءَ پاڻ انهن کي ترتيب ڏيئي رکيو هو. ٻيو ڀاڱو سندس مقبول ڪتاب ”بلو دادا“ تي ٻڌل آهي، جيڪو هڪ لحاظ کان ڄاڻايل ڪهاڻي ڪتاب جو ٻنجون ڇاپو سمجهڻ گهرجي.

هڪ بهترين شاعر ۽ سدابهار افسانہ نويس واري حيثيت کان علاوه بہ جيڪڏهن اياز قادريءَ جي علمي ادبي خدمتن جو تذڪرو ڪرڻ شروع ڪجي تہ اِن حوالي سان وڏا تفصيل ڄاڻائي سگهجن ٿا، ڇو تہ اڄ بہ ڪيترائي علمي ادبي ادارا سندن بي مثال ڪارنامن جا ساکي بڻيل آهن. هو، بظاهر هڪ استاد ليڪن حقيقت ۾ تمام گهرو ۽ قابل انسان هو، جنهن نہ ڪنهن کي ڏکوئيو ۽ نہ وري ڪڏهن طمع لئہ تنواريو، نہ اجايو ڏيکاءُ، نہ ڪوڙي تشهير جي خواهش. قول ۽ فعل ۾ تضاد کان آجو، جهڙو اندر تهڙو ٻاهر. عالم، فاضل، عامل ۽ ڪامل. حسب نسب ۾ فقيري عجز ۽ انڪساري.

وڏي ڳالهہ تہ جنهنجا ابا ڏاڏا بلڪ ڇهہ ئي پيڙهيون علم ادب جو علَم ۽ قلم کنيون بيٺيون هجن. تي صاحبِ ديوان شاعر ورثي ۾ مليل هجن ۽ جنهن اکيون ئي ادبي ماحول جي مهڪ ۾ کوليون هجن. اُن تي لکندي ساٿس جوڳو انصاف ڪرڻ ڪا آسان ڳالهہ ناهي.

ان ڪري اياز قادريءَ ۽ سندس فن تي لکڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي. مون گهڻو ئي چاهيو تہ سندس ڪو همعصر اديب دوست يا پيارو

شاگرد تفصيل سان لکي ڏئي پران سلسلي ۾ ڏاڍي مايوسي ٿي ۽ ڏٺم ته عالم جي ابن جون ٽنگون ٿي تڙيون پيون آهن. اهي ڇا ڪندا! اپٽي گهوٽ ......!

هن ڪتاب جو مسودو سنڌي ٻولي ۽ ادب جي خدمت جي هام هڻندڙ لاڙڪاڻي جو هڪ پبلشر ڪافي عرصو اڳ ڪٽي ويو هو پر ٽن سالن تائين ڪتاب شايع نه ڪرايائين، جنهن ڪري تازو ڪانٽس واپس ورتي اوهان جي امانت جيئن جو تيئن اوهان کي پهچائي رهيا آهيون.

بهرحال پنهنجن وڏڙن جي ملهه مهانگن وکرن کي قدر دانن آڏو آڻڻ جو سلسلو جاري آهي ۽ خاطري اٿم ته قادري قلم قبيلي طرفان قرض ۽ فرض سمجهي ڪيل هيءَ جسارت ضرور مڃتا ماڻيندي.

ذوالفقار علي قادري

49/1, 5th Commercial Street
DHA Phase-IV, Karachi.
Phone: 021-5887643
Fax:021-5895284
Email:za_kadri@yahoo.com

# سائين اياز قادريءَ لاءِ ٻه اکر

مون کي ڪنهن ڪتاب لاءِ پيش لفظ يا ٻه اکر يا ديباچو لکڻ ڏاڍو اٽانگو محسوس ٿيندو آهي. خاص ڪري اهڙي ڪهاڻي ڪتاب لاءِ جنهن جو ليکڪ منهنجو سائين ڊاڪٽر اياز قادري هجي. آءٌ هي پيش لفظ ڪڏهن به نه لکان ها جيڪڏهن سائين اياز قادري پنهنجي وفات کان پنج ڇهه مهينا اڳ لاڙڪاڻي ۾ پنهنجي مخصوص مرڪ سان هيئن نه چيو هجي ها ته،" يار مغل! منهنجي ڪهاڻين جي مجموعي جو مهاڳ تون لکجئين!" مون لاءِ اها هڪ ڳري ڳالهه ٿي پئي. مون وراڻيو ته "سائين اها نامناسب ڳالهه آهي ته اوهان جهڙي سينيئر ڪهاڻيڪار لاءِ مون جهڙو جونيئر ۽ ڪهاڻيءَ جي بنهه اڻ ڄاتل پيچرن تي ٿاٻا کائيندڙ ۽ اوهان جي اڳيان سيڪڙات لکڻ وارو ڪجهه لکي. تمام ڏکي ڳالهه آهي."

"ڳالهه ۾ حقيقت انهيءَ جي ابتڙ آهي. تو ناول "اوڙاهه" لکي، سڄي سنڌي نثري ادب کي جڻ اوڙاهه منجهان ڪڍي نروار ڪيو آهي. مون تنهنجو اهو ناول ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ايم اي سنڌيءَ جي سليبس ۾ شامل ڪرايو آهي. سڄ يونيورسٽي يا ٻين يونيورسٽين جي صاحبن کي سنڌي ادب پڙهڻ کان الرجي ٿئي ٿي نه ته جي اهي صاحب تنهنجو اهو ناول پڙهن ته ضرور سندن يونيورسٽين جي پوسٽ گريجوئيشن جي ڪورس تي به منتخب ڪن پر ٽرئجڊي اها آهي ته اهي وڏا صاحب، ڇڳو سنڌي ادب پڙهن ئي ڪونه يا سمجهن ٿا ته سنڌيءَ ۾ ڇڳو ادب تخليق ئي نه ٿو ٿئي. بس! ڪجهه استاد يا صاحب ڪجهه اردو ادب پڙهي ۽ ذهني طور تڪجي سمجهن ٿا اهو گهٽو ٿي ويو ۽ ان سان گڏ انگلش جي ارڙهين يا اوڻويهين صديءَ جي ڪلاسڪ ڪهاڻين يا ناولن کي پڙهي پاڻ کي اڪابر سمجهن ٿا يا وري نبي سگوري ۽ مولا علي سائينءَ جي جملن کي ياد ڪري ورجائي، شيڪسپيئر يا يناٽيءَ جي ڪجهه سٽن کي

محفلن ۾ ورجائي سمجهن ٿا ته هاڻ هو "عالم" به بنجي ويا آهن. پر اهي وڏين ڪرسين تي ويٺل يا ويهاريل ماڻهو، انهن پاندن وانگر هوندا آهن جن ڪي ڪولبو آهي ته اندر ڪجهه به نه هوندو آهي. جت پتين چتين تي چارا نظر ايندا آهن ۽ عجيب قدامت ۽ جهل جي بوءِ محسوس ٿيندي آهي. ڪجهه پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو ضرور آهن، پر يار مغل! اسان وٽ سنڌي علم، ادب، ۽ شائستگيءَ ۾ قحط الرجال آهي."

سائين اياز ڳالهايو پئي ۽ مون سمجهيو پئي ته اسانجي ويهين صديءَ جي آخري سالن ۽ هاڻ ايڪويهينءَ صديءَ جي شروعاتي سالن جو ڪو ڏاهو، گذريل اڌ صديءَ جي علم ادب ۽ انهن جي دعويٰ ڪندڙ شخصيتن کي وائکو ڪري رهيو آهي. مون کي خبر آهي ته سائين اياز همعصر شخصيتن ۽ سندن اهليت تي گهٽو ڪري ڪو نه ڳالهائيندو هو. ڪا ڳالهه نه وڻندي هئس ته کلي ٽاري ڇڏيندو هو. آءٌ سائين اياز وٽ انهن ڏينهن کان ويندو هوس جڏهن منهنجي عمر اڃا سترهن ارڙهن سال مس هئي. پهريون افسانو "ڪارو تر" لکيو هوم ۽ هڪ ٻئي پاڻ کان سينيئر همعصر سائين حميد سنڌيءَ جي مخزن روح رهاڻ ۾ اها ڪهاڻي ڇپي هئي. شايد مئٽرڪ به انهيءَ سال پاس ڪئي هئم. ادب ۾ منهنجي سڄي ملڪيت اها ئي هئي ۽ پوءِ جلدي سائين شمشير الحيدريءَ کي پنهنجي ٻي ڪهاڻي، مهراڻ لاءِ "شيشي جو گهر" ڏنم. اها ڪهاڻي مهراڻ ۾ ڇپي. انهن ڏينهن يعني سٺ جي ڏهاڪي، يعني گذريل صديءَ جي سٺ جي ڏهاڪي ۾ اها ڪهاڻي ڇپي. مهراڻ ۾ ڇپجڻ جڻ ڪهاڻيڪار بنجڻ جي "سند" حاصل ڪرڻ هو. انهيءَ پرچي ۾ ٽي علي بابا جي پهرين ڪهاڻي "پيجري جا پنڇي"، طارق اشرف جي "هوا پڙهي نٽي سگهي" ۽ حميد سنڌي ۽ موهن ڪلپنا جون ڪهاڻيون به شامل هيون. اصل ڳالهه اها ڪرڻي هئي ته آءٌ سائين اياز جي گهر ويس پئي ته سمجهيم پئي ته آءٌ ڪهاڻيڪار آهيان ۽ مهراڻ تماهيءَ ۾ ڇپيل آهيان ۽ انهيءَ ڪري سند يافته آهيان.

ورهاڱي کان اڳ "رام باغ" ۽ ورهاڱي کان پوءِ طهر ڪرائي "آرام باغ" جي پرواري رستي تي نهيل پراڻي بلڊنگ ۾ ڪاٺ جا ڏاڪا چڙهندي مون کي مونجهه پئي محسوس ٿي ته آءٌ اڃوڪو جونيئر، سپڪڙاٽ، سنهڙو سَڪڙو، پاڻ کي ڪهاڻيڪار چورائيندڙ ڇوڪرو، ڪجهه ساعتن ۾ سنڌ

جي هڪ اعليٰ ۽ قدآور اديب، شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ دانشور جي سامهون ڇا محسوس ڪندس! شروعات ۾ واقعي ٿي ائين ٿيو پر پوءِ محسوس ڪيم تہ هو قدآور ڪهاڻيڪار، ڪلندي، مرڪندي ۽ ٺهڪ ڏيندي، منهنجي قدبت جي حد تائين لهي آيو ۽ مون محسوس ڪيو تہ هڪ دوست جو اضافو ٿيو آهي. سائين اياز ڪي منهنجين بنهي ڪهاڻين جا جملا بہ ياد هئا ۽ اُتي ويٺل ڪراچيءَ جي شاعرن جي خلق سان منهنجو ۽ طارق اشرف جو تعارف ڪرايائين. انهيءَ دور ۾ ڪراچي خاص ڪري لياري، ڪڏي ۽ بغداديءَ واري علائقي ۾ شاعرن جي ڪوٺ نہ هئي. جي محفل ۾ چاليهہ ڄڻا ويٺا آهن تہ چاليهہ ڄڻا ئي شاعر هئا. شعر بہ پاڻ چون، داد بہ پاڻ ڏين. مون کي ۽ طارق اشرف کي اهڙي مخلوق سان ايڏي وڏي تعداد ۾ ڪڏهن پالو پيو ئي ڪونہ هو. طارق اشرف ويچارو وفات ڪري ويو پر آخر تائين روايتي داد ڏيڻ جو فن نہ سکي سگهيو. ساڳيو حشر مون سان بہ جاري آهي. شعر وڻندي بہ وات مان ٻري سورڪان ”واهہ“ جو لفظ نڪري نہ سگهندو آهي. طارق مرحوم کي تہ لفظ ”مڪرر“ کان سخت بچاءُ هوندي هئي. ايڊيٽر جي حيثيت ۾ شيخ اياز کان وٺي سڀ ڪيس زبردستي شعر ٻڌائيندا هئا ۽ سندس طبيعت خراب ڪري ڇڏيندا هئا.

پراڻي ڪراچيءَ جي نئين حصي ۾ هڪ ان دور جي فيشن مطابق ٻن يا ٽن ڪمرن واري فليٽ ۾ سائين اياز رهندو هو. ان وقت ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي سبجيڪٽ پڙهائيندو هو. اهو فليٽ سنڌ جي ادبي ۽ تهذيبي تاريخ ۾ پنهنجي هڪ الڳ حيثيت رکي ٿو. شايد ئي ڪو ويهين صديءَ جو شاعر اديب انهيءَ فليٽ تي نہ ويو هجي. مون کي اڄ تائين ڪوبہ ادب سان لاڳاپيل اهڙو ماڻهو نہ مليو آهي جنهن سائين اياز جي گلا ڪئي هجي.

لاڙڪاڻي ۾ مونکي سائين اياز پنهنجي ٽيسس تي لکيل ۽ ڇپيل بہ ضخيم ڪتاب ”سنڌي غزل جي اوسر“ ڏنا تہ مون کلي ڏنو.

پڇيائين: ”ڇو ٿو کلين؟“

ٻڌايومانس:”شاعري سا بہ ايتري ساري منهنجي لاءِ ائين آهي ڄڻ اٺ تي هيرن جواهرن سان ڀريل ڳوٿيون.“

سائينءَ کلندي چيو:” خالي شاعري نہ آهي تاريخ بہ اٿئي.“

واقعي جڏهن ٻنهي ڪتابن کي پڙهيم تہ سمجهيم تہ اڄ يا مستقبل ۾ جيڪو بہ نقاد يا ليکڪ سنڌي شاعريءَ جي ٻڻ ٻٽياد يا جوان جماڻ دور بابت لکندو تہ کيس انهيءَ ڪتاب جي ضرورت پوندي، نہ تہ ڇوواٽي تي منجهي بيهي رهندو. سائين اياز جي لکيل نثري افسانوي ادب تي پوءِ ٽا اچون پر گذريل صديءَ جي پهرئين اڌ ۾ سنڌي شعر جي پهنجي ڪيفيت هئي. منجهس عشق هو سو بہ نضيلت سان. ڏاهپ ۽ زماني جي مطابق انگريزي ۽ مڪاني اخلاقي قدرن جو اظهار بہ هو. فارسي شاعريءَ جا پاڇا ۽ پڙلاءَ، هندي ۽ اردو اصطلاحن، قافين، رديفن ۽ محبوب جي ناز و ادا، هارسينگار، سونهن، ابرو، حيا، مئہ، مئخانن جهڙا نبڻ، چپن بدران لب، لالڻ جي لکن جهڙي لوڏ جي بدران ناز و انداز منجهان قدم کڻڻ، سنڌي شاعريءَ تي ڇانيل هئا. ذري گهٽ سيني شاعرن جي محبوبہ فارسي خد و خال واري هئي. ڪنهن بہ مسڪين سنڌي شاعر جي محبوبہ سنڌي ”ايمٽا“ يا ”سدوري“ ڪانہ هئي. شاعر عام طور ايتري قدر باحيا بہ هوندا هئا جو اڪثر سندن محبوب مونث بدران مذڪر ئي هوندو هو. متان ڪنهن پرده نشين جي خواري نہ ٿي پوي! ساڳيو حال اردوءَ جو بہ هو. اهي بہ ڏاڍي محتاط شاعري ڪندا هئا، جنهن ۾ فن جي ڪاريگري عروج تي هوندي هئي. انهيءَ سڄي دور کي سائين اياز پنهنجي ٻن ڪتابن ۾ سهيڙيو آهي. ٻيو تہ سندن گهر ۽ خاندان هڪ علمي گهوارو هو. انهيءَ خاندان ۾ شايد بہ يا ٽي صاحب ديوان شاعر بہ هئا. سائين اياز متعلق هڪ ڇاڻ شايد ٿورڙن ماڻهن کي هوندي تہ سندن گهر جي پر ۾ سندن هڪ وڏو بزرگ پڻ مدفون آهي، جيڪو سچل سرمست جو خليفو بہ هو. سائين اياز انهيءَ بزرگ جي درگاهہ جو سجاده نشين بہ هو. ڪيڏو تضاد آهي! اهو ئي ماڻهو ويهين صديءَ ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ جو پروفيسر بہ هجي ۽ قديم ۽ جديد ادب کي پڙهائيندو بہ هجي. شاهہ لطيف چيئر جو چيئرمين بہ هجي ۽ شاهہ جي شاعريءَ جي جديد پهلوئن تي اپياس بہ ڪندو هجي، سو ماڻهو هر سال هڪ ڏينهن لاڙڪاڻي جي قادري محلي ۾ صديون اڳ نهيل گهرن جي وچ ۾ اڏيل هڪ درگاهہ جي سجاده نشين جي حيثيت ۾ دستاربندي ڪانپوءِ رسمون ادا ڪري سنجيدگيءَ سان روايتن کي منهن ڏيندو هجي ۽ نوجوان ترقي پسند ليکڪن جي وچ ۾ مرڪندو اچي ويهي! سائين اياز قديم روايتن ۽

جديد لاڙن جو اعليٰ مثال هو. گذريل صديءَ جي نوي واري ڏهاڪي ۾ مون ڪجهہ سال لاڙڪاڻي ۾ نوڪري ڪئي. منهنجو گهر انڊس هاءِ وي جي انهيءَ هنڌ تي هو جتان لاڙڪاڻو شهر شروع ٿيندو هو ۽ سائين اياز وارن جا گهر شهر جي بئي ڇيڙي تي هوندا هئا. مون کي جڏهن بہ خبر پوندي هئي تہ سائين آيو آهي تہ آءٌ ساڻس ضرور ملڻ ويندو هوس. ڪين جڏهن لاڙڪاڻي اچڻ تي معلوم ٿيندو هو تہ مغل موجود آهي تہ پنهنجي سوٽ شاهد قادريءَ جي موٽر سائيڪل تي پنيان ويهي هليو ايندو هو. پنهنجي گاڏيءَ جو بہ انتظار نہ ڪندو هو. مون کي نوجوان لڳندو هو، ڳالهيون بہ نوجوانن واريون ڪندو هو. جڏهن علم ادب تي ايندو هو تہ مون کي نهايت سنجيدگيءَ سان ڏيان ڏيئي ڪين ٻڌڻو پوندو هو. سائين اياز وٽ ويهين صديءَ جي علم ۽ ادب ۽ تعليم بابت سموري ڄاڻ هوندي هئي. اهڙا تي ماڻهو آهن جن مان بهار جي بوءِ ايندي آهي. نہ رڳو پاڻ پر مون کي سندن سڄي خاندان جا ماڻهو فضيلت پريا ۽ دوستن ۽ يائرن وانگر لڳا، اجا تائين اها ئي نيازمندي هلندي اچي. سندن سڄو ڪٽنب خوش خوراڪ ۽ صحت جي مقرر ٿيل بين الاقوامي ليڪ کان گهٽو متيرو هو ۽ آهي پر پاڻ اياز سائين ڏٺو، عام طور صحتمند ۽ جسم تي ڪوبہ واڌو ماس يا چربي نہ هوندي هئن. مون کي تہ لاڙڪاڻي جي خوش خوراڪ ۽ صحتمند قادري گهراڻي جو فرد لڳندو ئي نہ هو. افسوس صرف اهو آهي تہ ويجهڙي ماضيءَ جي اهڙي علمي ادبي گهراڻي ۾ هاڻ ڪو بہ اهڙو فرد نہ آهي جنهن کي علم ادب سان وابستگي هجي يا اديب يا شاعر هجي. سائين اياز وٽ تمام اعليٰ لائبريري آهي. انهيءَ جو مستقبل ڇا ٿيندو؟ مون کي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي. منهنجي نظر ۾ ڪتاب بہ ايترائي املهہ آهن جيترا انهن کي سانڍڻ وارا املهہ ۽ اعليٰ انسان هوندا آهن. پٽن مان هڪ پٽ وقار حسين هو جنهن کي ادب سان دلچسپي هئي پر اهو نوجوان بہ سال بہ ٿيا هن جهان مان پنهنجي جند ڇڏائي ويو هليو. ٻيو هڪ صاحب آهي سائين ذوالفقار قادري. پر اهو پنهنجي نوڪريءَ جي پنجوڙ ۾ اهڙو ورتل آهي جو الائي ڪڏهن ڪيس وقت ملي ۽ ڪتابن جي انهيءَ املهہ خزاني جي سار لهي. باقي انگريزي ٻهاڪي چواڻي تہ ”سرنگهہ جي ڇيڙي تي تمام گهٽي روشني نظر اچي ٿي.“ سائين ذوالفقار جو والد الطاف حسين قادري پڻ پنهنجي جوانيءَ

جي ڏينهن ۾ وقت جي روايتن موجب ڪهاڻيڪار ۽ ترجمي نگار رهيو آهي. صاحب ذوق به هو پر سرڪاري نوڪري ۽ ان جي ذميواري ۽ اندرجو ڌهڪاءُ چڱن قدآور مڙسن کي به سرد بنائي ڇڏي ٿو. اهو سائين به دنياوي علم ادب جي ڪئنواس تان هٽي مذهبي علم ۽ دنياوي بيئنل پاڙيءَ جي عالمن جي تشريحن جي چارجي اونهائيءَ ۾ لهندو پيو وڃي. سائين اياز به پنهنجي مذهبي معاملن جي ڇاڻ ۾ سار سنڀال ڪانسواءِ بس لڳندو ائين هو جڻ هڪ لبرل شخص هجي، هڪ پروگريسو عالم هجي. جنهن وٽ مذهبي، تهذيبي، علمي ۽ ادبي ڇاڻ جا انبار هجن. عجيب تضاد جو پاڻ به ذڪر ڪندو هو. هڪ ته ديڏو وڏو جديد ادب جو عالم. پنهنجي مذهبي مسلڪ ۾ هڪ درگاهه جيڪا سچل سرمست جي صوفيانه مسلڪ سان وابسته آهي، انهيءَ جو سجاده نشين، انهن ٻنهي جي مذهبي پيچرن جا رخ جڻ مشرق ۽ مغرب ڏانهن وڃن پيا. سواءِ وچ ۾ ڪو چوواٽو آهي. جت ٻنهي مسلڪن جو بنياد نظر اچي ٿو پر اياز سائين پنهنجي علم ادب ۽ دنياوي تجربي جي ڪري، نهايت نرم دل هو. ذهني طور ڪڏهن به هڪ طرف تمام گهٽو ڀهڪيل نه هو. پنهنجي مذهبي مسلڪ جي باوجود به مونکي سائين اياز متوازن شخصيت جو مالڪ نظر ايندو هو. شيخ ايازوانگر آخري وقت ۾ به Psychosomatic يا Schizophrenic نه هو.

ننڍي کنڊ ۾ جديد فڪشن 1930ع کان پوءِ ئي صحيح معنيٰ ۾ ليکڪن کي متاثر ڪيو ۽ هن نئين دور جي ڪهاڻي تخليق ٿيڻ شروع ٿي. آمريڪا ۽ يورپ ۾ به شارٽ اسٽوري اوڻويهين صديءَ جي پنجين ڇهين ڏهاڪي ۾ منظر عام تي آئي. باقي اردو، سنڌي، هندي يا گڏيل هندستان جي ٻين زبانن ۾ ڪهاڻي ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ اجاگر ٿي پر انهن لکڻين کي ڪهاڻيءَ جو جديد فارم نٿو چئي سگهجي. خود اسان وٽ جديد ليکڪن جي اڳواڻ مرزا قليچ بيگ جو سمورو خزانو انگريزيءَ جي انهيءَ دور جي بهترين ادب جو ترجمو آهي يا نهايت گهٽي حد تائين اثر ورتل آهي. اسان جي زبانن جي ليکڪن يورپ يا آمريڪا جي جديد ادب جو اثر پنجاهه کان اسي سال پوءِ ڇو قبوليو؟ اهو هڪ وڏو سوال آهي. جيتوڻيڪ سنڌ ۾ ته جديد ادب لکڻ جو مواد 60 يا 1850ع ۾ نهايت وسيع حالتن ۾ موجود هو.

70-1860ع کان سنڌي مئٽرڪ ۽ ان کان مٿي تعليم بہ پرائي چڪا هئا. ڏارين جي غلاميءَ منجهہ بہ رهيا پئي. واڻئي جي قرضن ۽ غرضن ۾ بہ پوريءَ طرح جڪڙيل هئا. انگريز جي ننڍي درجي جي سرڪاري ملازمت، سرڪار سان وفاداري ۽ عام ماڻهن تي ڌارين جي حاڪميت کي مضبوط ڪرڻ واري پاليسي بہ عروج تي هئي. هڪ جمعدار يا ننڍو صوبيدار هڪ رئيس يا سردار سندس سڄي راڄ لاءِ ڪافي هوندو هو. ٻئي پاسي سنڌي هندن جو Vision ۽ Perception تعليم، واپار، ڌارين ملڪن جي ماڻهن سان ميل جول ۽ Exposure وڌندڙ هو. سندن عام انگريزي ادب جا ترجما پڻ گهڻي تعداد ۾ آيا. مسلمان بنا تعليم اقتصادي طور تي پيڙهيل هئا ۽ بيو سڀ کان وڌ وڏيرن، پيرن، گادي نشينن، اڌ اڪري مذهبي عالمن جي ڄار ۾ الجهيل هئا. گڏيل هندستان ۾ جديد ادب جي تحريڪ، پهرين عظيم جنگ جي خاتمي ۽ ڪميونزم جي ٻاهرين دنيا ۾ ڦهلجڻ ڪري وجود ۾ آئي جنهن کي ترقي پسند تحريڪ سڏيو ويو ۽ اهي ليکڪ جن عام ماڻهوءَ جي بدتر حالت محسوس ڪئي ۽ انگريزن جي غلاميءَ خلاف ذهنن ۾ زهر پيرجڻ لڳو. سڄي دنيا ۾ ترقي پسندي ۽ روشن خياليءَ جون تحريڪون ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ ڦهلجڻ لڳيون ۽ انهن جو اثر هندستان سان گڏ سنڌ ۾ بہ پهچڻ شروع ٿيو تہ اسان وٽ بہ جديد ادب لکجڻ جي شروعات ٿي ۽ پوءِ اخلاقي ادب. ڌارين جي حاڪميت جي عظمت ۽ زندگيءَ جي مختلف پهلوئن تي ڪارائتا مضمون ۽ ڪتاب لکڻ جو سلسلو، مرزا قليچ بيگ جي 1929ع ڌاري وفات سان گڏ ختم ٿي ويو.

ورهاڱي کان ڏهہ سال اڳ يعني گذريل صديءَ جي چاليهن واري ڏهاڪي ۾ سنڌي زبان ۾ ڪهاڻي، پرپورانداز ۾ ان دورجي ملڪ ۾، دنيا ۾ هلندڙتحريڪن جي اثر هيٺ لکجڻ لڳي. سائين اياز بہ انهن ڏينهن ۾ لاڙڪاڻو ڇڏي ڪراچي پهتو، جت بين الاقوامي ادبي، علمي ۽ سياسي اثر پنهنجي عروج تي هئا. ٻي عظيم جنگ جا اثر ۽ پڙلاءَ بہ اتي ريڊيو ۽ اخبارن وسيلي ماڻهن تائين پهچڻ لڳا. سنڌ جي ٽرڊ ڪلاس وڏيرن جي اٿڄاٽائيءَ تي ٻڌل فورٿ ڪلاس جي سياست بہ سنڌ اسيمبليءَ جي گول هال ۽ پٽين ۾ مينهن ۽ ڍڳين وانگر واڙيل هئي. هندستان سان گڏ سنڌ آزاد تہ ٿي پئي پر هڪ پڃري مان نڪري ٻئي پنجوڙ ۾ وڃي رهي هئي.

اعليٰ ادب جي تخليق جو سڄو وکر موجود هو. الوحيد اخبار پنهنجي سر پاڻ پتوڙيو پئي. ان وقت سنڌ ۾ ترقي پسند تحريڪ، ڪميونسٽ تحريڪ ۽ حقيقت پسنديءَ تي ٻڌل سنڌي افسانوي ادب تخليق ٿيڻ لڳو ۽ ان وقت جي سائين اياز ۽ سندس همعصرن جي تخليق ٿيل ڪهاڻين ۾ يورپي، روسي ۽ آمريڪي ليکڪن جي ٽيڪنيڪ ۽ پلاٽ جي اُٽت ۽ موضوعاتي چونڊ، ڪنهن سياسي يا سماجي مقصد جا عنصر موجود هوندا هئا.

اهو هڪ نهايت وڏو موضوع آهي جنهن تي ڪيترائي ڪتاب لکي سگهجن ٿا پر اسين سائين اياز جي لکڻين ڏانهن ٿا اچون. اسان وٽ شايد ئي ڪو اهڙو ليکڪ هوندو جو اڌ صديءَ کان به ڏهه سال مٿي لاڳيتو لکندو رهيو هجي. سندس دور جا شروعاتي همعصر گوبند مالهي، گوبند پنجابي، مامتوراءِ، اُتم، شيخ راز ۽ شيخ اياز هئا. ان کان پوءِ ملڪي ورهاڱي بعد وري شروعات ۾ غلام رباني، شيخ حفيظ، علي احمد بروهي، شيخ اياز، مهتاب منور عباسي، اقبال پروين سومرو، جمال ابڙو، بشير مورياڻي، زينت چنا، ابن الياس سومرو، ابن حيات، رشيد ڀٽي، محمد حسين ڪروڙپتي ۽ ڪجهه ٻيا به آهن جن جا نالا ذهن ۾ نٿا اچن. وري ويهين صديءَ جي سٺ ۽ ستر جي ڏهاڪن ۾ نسيم کرل، غلام رباني آگرو، حميد سنڌي، ناصر موريائي، علي بابا، عبدالقادر جوڻيجو، شوڪت شورو، قمر شهباز، امرجليل، آغا سليم، طارق اشرف، غلام نبي مغل، شيخ اياز، نياز همايوني، امداد حسيني، سراج، ماهتاب محبوب، نورالهديٰ شاهه، خيرالنساءِ جعفري ۽ ان کان پوءِ نوي جي ڏهاڪي تائين نوجوانن سان گڏ شعر ۽ ڪهاڻيون لکندو رهيو ۽ سندس عمر به ستر کان مٿي چڙهندي رهي. سنڌيءَ ۾ پي ايچ ڊي به ڪيائين.

سائين اياز جي باري ۾ اسين چئون ته انقلابي ليکڪ نه هو ته به ترقي پسند ضرور هو ۽ پنهنجي زماني جي واقعن، ڪردارن ۽ مسئلن متعلق تمام سٺو لکيائين. پنجاهه جي ڏهاڪي ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار نگاريءَ تي افسانا لکجڻ لڳا، جن مان تي تمام گهڻا مشهور ٿيا. غلام ربانيءَ جو شيدو ڌاڙيل، جمال ابڙي جو پشو پاشا ۽ سائين اياز جو بلو دادا. تنقيدي نظر سان ڏسجي ته شيدو ڌاڙيل، سٺو افسانو هوندي به ائين لڳي ٿو جڻ ڪنهن سٺي ۽ خفتي ڪاريگر اهو افسانو گهڙيو آهي. پشو

پاشا جمال جي سيني افسانن ۾ ڪمزور افسانو ۽ خيالي ڪردار لڳي ٿو. بلو دادا هڪ جيئرو جاڳندڙ ڪردار ۽ پنهنجين براين ۽ چڱاين سان حقيقي لڳي ٿو ۽ شايد ان دور جي هر شخص اهڙو ڪردار، شهرن جي هر پاڙي ۾ ضرور ڏٺو هوندو، جنهن کي ان دور جي محاوري مطابق داداگير چئبو هو. اهو داداگير پنهنجي حشمت، بهادري، عام طور تي نظر اچڻ واري بدمعاشيءَ سان گڏ غريبن ۽ بي پهچ ڪمزورن جو ساٿ ڏيڻ وارو زورآور مڙس هوندو هو. سندس هٿيار سندس بي خوفي، بي ڊپائي ۽ بهادري هوندي هئي. وٽس وڏي ۾ وڏو هٿيار آڱرين ۾ لوهه جو ڪلپ، چيلهه ۾ ٻڌل خردم ۽ گهٽي ۾ گهٽو جي چيهه تي ويو ته پنجن ڇهن انچن جو چاقو هوندو هو. هاڻ اها جنس ذري گهٽ ناپيد تي ويئي آهي. جڏهن کان "يائي" ۽ "ڪامريڊ" سلسلو هليو آهي يا وڏي پئماني تي ڏاڙيل، رئيس ۽ ديسي پوليس جا سنڌي نوجوان ڀهراڙين ۽ شهرن ۾ وجود ۾ آيا آهن تڏهن کان بدمعاشيءَ جو جديد، ڏکيو ۽ طلسمي دور وجود ۾ آيو آهي.

انهيءَ کانسواءِ سائين اياز جو افسانو "مان انسان آهيان"، پنهنجي موضوع جي لحاظ کان تمام اعليٰ درجي جو آهي ۽ سعادت حسن منٽوءَ جي افساني ٽوباٽيڪ سنگهه جي سڪ لاهي ٿو. سندن آخري ڏينهن ۾ لکيل افسانو "ڪاري" به پڙهڻ وٽان آهي ۽ موجوده دور جي موضوع تي لکي سائين اياز ثابت ڪيو آهي ته سچو ليکڪ جيستائين زماني جي گردش ۾ رهي ٿو ته ڪيس موضوع محسوس ٿين ٿا ۽ هو لکي ٿو. سائين اياز کي پڙهڻ سان اسان کي گذريل سٺ ستر سالن جي ادبي، معاشرتي، شهري توڙي ڀهراڙيءَ جي حالتن جي ڄاڻ ملي ٿي.

اصل ۾ آءٌ جي سيني افسانن تي لکڻ ويهان ته اڌ ڪتاب منهنجو ٿي ويندو. اها ڳالهه مناسب نه آهي. سائين اياز پنهنجي دور جي ادبي، تهذيبي ۽ معاشرتي تاريخ هو ۽ جيستائين سنڌي ادب وجود ۾ هوندو سائين اياز جو نالو زنده هوندو. اجا به ڪيترو ئي مواد آهي، جيڪو لکي نه سگهيو آهيان. وري ڪو موقعو مليو ته اهو قرض لاهبو.

**غلام نبي مغل**

# پيش لفظ

ادب زندگيءَ جو آئينو آهي. زندگيءَ کي جنهن رنگ ۾ مون ڏٺو آهي انهيءَ رنگ ۾ پنهنجي افسانن ۾ پيش ڪيو اٿم.

منهنجي اِفسانن جا پلاٽ نہ ڏاريا آهن، نہ خيالي. هي اُهي تلخ حقيقتون آهن جن کي اسين پنهنجي زندگيءَ ۾ هر روز ڏسون ٿا. مون فقط ايترو ڪيو آهي جو انهن کي افسانوي رنگ ڏئي پيش ڪيو آهي.

منهنجي افسانن جا ڪردار نہ فرشتا آهن نہ شيطان، هو فقط سادا سودا انسان آهن جن ۾ ڪيترين خوبين سان گڏ خاميون بہ آهن، ڪيترين خامين هوندي خوبيون بہ آهن. اهي پنهنجي ماحول جي پيداوار آهن ۽ پنهنجي ماحول کان متاثر ٿي ڪو عمل ڪن ٿا جن کي اسين گناهہ يا ثواب سڏيون ٿا، جنهن ڪري انهن کي فرشتو يا شيطان جو لقب ملي ٿو.

آءٌ پهريان شاعر پوءِ افسانہ نويس آهيان. مون جڏهن ڏٺو تہ منهنجي سماج ۾ جيڪي وهي واپري ٿو، جيڪو منهنجي دل ۾ اٿل پيدا ڪري ٿو سو شاعريءَ کان وڌيڪ افساني ۾ پيش ڪري سگهجي ٿو. تڏهن مون شاعريءَ سان گڏ افسانا بہ لکڻ شروع ڪيا تہ منهنجي ڪيترن دوستن ائين ڪرڻ کان روڪيو. هنن جو چوڻ هو تہ هڪ هٿ ۾ بہ گدرا نہ ايندا پر منهنجي افساني جي پهرين ڪوشش ايتري مقبوليت حاصل ڪئي جو مون کي يقين ٿي ويو تہ آءٌ افسانا لکي سگهان ٿو ۽ مان بغير هٻڪ جي افسانا لکڻ شروع ڪيا.

منهنجي دوستن مان نورالدين سرڪي ۽ عبدالحليم ”جوش“ هر وقت منهنجي همٿ افزائي ڪندا رهيا جنهن ڪري پڻ نئين ميدان ۾ بي ڌڙڪ وک وڌائيندو رهيس. مولوي عبدالواحد سنڌي ۽ محمد ابراهيم

جوبي بہ جنهن نموني منهنجي افسانن کي پنهنجي رسالن "نئين زندگي" ۽ 'مهراڻ" ۾ جاءِ ڏئي منهنجي همٿ افزائي ڪئي آهي تنهن کي بہ وساري نہ ٿو سگهجي. محمد ابراهيم جويي، جو سنڌ ۾ افساني جو وڏو ڄاڻو آهي، جي تنقيدن، بحثن ۽ مشورن افسانوي فن کي سمجهڻ ۽ ادا ڪرڻ ۾ منهنجي وڏي مدد ڪئي آهي.

هن ڪتاب جي وجود ۾ اچڻ جو سهرو ديوان موتي رام رامواڻي ۽ نورالدين سرڪي جي سر آهي جن مون کي هن ڪتاب ڇپائڻ لاءِ تيار ڪيو.

هن ڪتاب جي مختلف افسانن کي مختلف هنڌان نقل ڪرڻ ۾ عبدالغني بلوچ جا محنت ڪئي آهي تنهن لاءِ سندس شڪرگذار آهيان.

اياز قادري

## ٻي ڇاپي جو پيش لفظ

جڏهن "بلو دادا" ٻيهر ڇپجڻ لاءِ پريس ۾ وڃي رهيو هو تڏهن ڪن دوستن ڪجهہ ڪهاڻيون ڪيري ڇڏڻ لاءِ مشورو ڏنو ۽ ڪن دوستن ان ۾ نَيون ڪهاڻين جي اضافي جي صلاح ڏني. مون کي ان جو احساس آهي تہ افسانن جي هن مجموعي ۾ ڪجهہ ڪچيون ڪهاڻيون آهن جن مان اڄ جا نقاد ڪهاڻيڪار وڏيون ڪيرائي پر جيئن تہ اهي ڪهاڻيون ان دور جون آهن جڏهن ورهاڱي کانپوءِ افساني جي اوسر ٿي رهي هئي، تنهن ڪري مان انهن کي ڪيري ڇڏڻ مناسب نہ سمجهيو. نوَيون ڪهاڻين جي اضافي ڪرڻ کان بهتر ائين سمجهيم تہ پنهنجي نين ڪهاڻين جو ڪتاب ڌار ڇپايان، جيئن پڙهندڙ ۽ ان کان پوءِ وارين ڪهاڻين جو پتو پئجي سگهي.

ايا ز قادري
8 نومبر 1977

# ڪماڻي هر دور جي

هيءَ ڪماڻي هن دور جي آهي، نہ هيءَ ڪماڻي اڳين دور جي آهي. نہ نہ، هيءَ ڪماڻي ان کان اڳين دور جي آهي. ها! هيءَ ڪماڻي هر دور جي آهي پر ڪماڻي آهي سچي.

عبدو کٽ تي پاسا ورائي رهيو هو. کٽ، جيڪا پنهنجي عمر کائي چڪي هئي ۽ هاڻي رڳو مڙھہ هئي. هن جي پاسن ورائڻ سان کٽ اهڙا آواز ڪري رهي هئي، جهڙا ڪنهن پوڙهي مڙس کان پورهئي وقت نڪرندا آهن. عبدوءَ جو خالي پيٽ بہ کٽ جهڙا آواز ڪري رهيو هو. صبح کان هن جي پيٽ ۾ گرھہ بہ نہ ويو هو. هن جو صبح، منجهند ۽ رات جو ويلو لنگهڻ تي گذري ويو هو. ٻيو تہ ڇڏيو، پر هن کي سڄي ڏينهن ۾ چانھہ جو ڍڪ بہ نصيب نہ ٿيو هو. پيٽ جي دوزخ ڀرڻ لاءِ ڪجھہ تہ کپندو هو، پر هن وٽ ڪجھہ هئو ئي ڪين، تہ دوزخ ڪيئن ڀرجي. رات جا ڏھہ يارهن ٿيا هئا. آسمان ۾ ڪڪرن جو ڪڙڪو پئي پيو. سانوڻ جا ڏينهن، جولاءِ جو مهينو. ڪراچيءَ ۾ مينهوڳيءَ جي موسم هئي. وري گاج ٿي، کنوڻ چمڪي ۽ هڪڙي وڏي ڦڙي هن جي لوهي ڇت، جا ٽين جي چادرن سان ٺٺيل هئي، تي اچي ڪري. ڇت مان ائين آواز آيو، ڄڻ چوندي هجي تہ: مون ۾ اهڙن ڌڪن برداشت ڪرڻ جي سگھہ نہ آهي. پوءِ مينهن وسڪارو لائي ڏنو. عبدو ڪڙڪيو، ”چون ٿا مينهن رحمت آهي، هوندو ڪن ٻين لاءِ، پر منهنجي ۽ منهنجي پاڙي وارن لاءِ تہ زحمت آهي. جي اسان جي جهڳي جهري تہ جڙندي ڪيئن؟“ پنهنجي بکئي پيٽ تي هٿ ڦيريندي چيائين، ”جڏهن اسان کي پيٽ ۾ وجهڻ لاءِ ڪجھہ ڪونهي تہ پوءِ جهڳيءَ جي مرمت ڪيئن ٿيندي؟ برسات ڪري جا گندگي ٿيندي، ان جو تدارڪ ڪيئن ٿيندو؟“

عبدوءَ جي جهوپڙي ڪراچيءَ جي لياريءَ واري علائقي جي ان

ڪنڊائتي پاڙي ۾ هئي، جنهن کي پنتي پيل علائقو ڪوٺيو ويندو آهي، جتي فقط پراڻيون جهوپڙيون، سوڙهيون ۽ گنديون گهٽيون. هر وقت گندي پاڻيءَ سان وهندڙ گندا گٽر ۽ ڪچري جا ڍير لڳا پيا هوندا آهن، جن مان سڄو ڏينهن بدبوءِ پئي نڪرندي آهي. جيتوڻيڪ هيءَ شهر جي پراڻي بستي آهي، پر حاڪمن ڪڏهن به ان ڏانهن عنايت جي نظر نه ڪئي آهي، جڻ ته صاحبن جو معتوب علائقو هجي، جنهن ڏانهن ڏسڻ کان به هنن کي بچان ٿيندي هجي. شهر جي ميونسپل ڪارپوريشن تي ڌارين جو قبضو هو، تنهن ڪري انهن ڌارين ٻاهران آيل ماڻهن جي بستين کي بستان بنائڻ لاءِ سمورو توجهه ڏنو هو. هيءَ بستي جهڙي پاڪستان بنجڻ کان اڳ هئي، تهڙي پاڪستان بنجڻ کان پوءِ رهي.

مينهن ڌل ڪولي وسيو ۽ ڪلاڪ ڪن کان پوءِ بس ٿي ويو. عبدو پنهنجي بستيءَ جي ٻين ماڻهن وانگر مزدور هو، جي بندر تي ڪم ڪندا آهن. هن جو پيءُ ۽ ان جو پيءُ به بندر تي ڪم ڪندي ڪندي پنهنجي حياتيءَ جا ڏينهن پورا ڪري ويا هئا ۽ هن کي بندر جي مزدوري، پراڻي جهوپڙي ۽ گندي بستي ورثي ۾ ڏئي ويا هئا. جهوپڙي جنهن ۾ اونهاري جي اُس ۽ سياري جي سرد هوا اندر هلي ايندي هئي. وري به هن وٽ سر لڪائڻ لاءِ ڪجهه هو ۽ هو ڪراچيءَ جي ڪيترن انسانن کان وڌيڪ خوش هو، جي رات جو فوٽ پاٿ تي سمهندا ۽ ڏينهن جو روڊن تي رلندا آهن.

ڪجهه ڏينهن کان عبدو بيمار هو، جنهن ڪري هو ڪم ڪري نه ٿي سگهيو. هن وٽ هو ڇا؟ جيڪي ڪجهه هو سو هو بيماريءَ تي خرچ ڪري چڪو هو. هن کي اميد هئي ته هو جلد خوش ٿيندو ۽ وري ڪمائڻ لڳندو. مگر هو جهڙو بيمار هو تهڙو ئي رهيو. اڄ صبح کان هو لنگهڻ تي هو ۽ هن جو پيٽ هاڻي ڪنهن رشوتي آفيسر وانگر ڪجهه نه ڪجهه ملڻ جي تقاضا ڪري رهيو هو. پر واري هوٽل تي عابده پروين جي ڪيسٽ وڄي رهي هئي. ”سنڌ منهنجي امان، سونهن تنهنجي متان، ڇا لکي ڇا لکان!“ عبدو ڪليو:”بک کان وڌيڪ ڇاهي؟ سنڌ به ته مون وانگر بکي آهي!“

عبدو ڪٽ تان اٿيو، جهوپڙيءَ جو دروازو بند ڪيائين. مٿي ڏٺائين ته آسمان بادلن سان ڀريو پيو هو. ڪڪر آسمان ۾ پوليس جي ان اٿالي

وانگر ٽڪرا آيا ۽ ويا ٿي، جي ڏوهارين کان وڌيڪ بي ڏوهين کي تنگ ڪندا آهن. هن سمجهيو بادل بس نہ ڪندا، وري وسندا، وري مصيبت ٿيندي. اميرن لاءِ چاهي، غريبن لاءِ ڏچو ٿيندو. هن کي پاڙي جي گهر مان ننڍي ٻار جي روئڻ جو آواز ڪن تي پيو. شايد ٻار بک ۾ روئي رهيو هو ۽ هن جي ماءُ کيس آٿت ڏئي سمهاري رهي هئي، پر بک ۾ ننڊ ڪٿي ٿي اچي! گهٽيءَ مان مينهن جو پاڻي وهي رهيو هو. مينهن جي ڪري گهٽيءَ ۾ پيل ڪچري جي بدبوءِ تيز ٿي وئي هئي. هو هوريان هوريان هلندو عليءَ جي هوٽل وٽ پهتو. ٽين جي ڇاپري هيٺ ٿي چار ٽيبلون ۽ پنج ڇهہ بئنچون پيون هيون. پنج ڇهہ ماڻهو بئنچن تي ويٺا هئا. هوٽل تي وڏي آواز ۾ ڪيسٽ وڄي رهي هئي، ”سنڌ منهنجي امان، سونهن تنهنجي مٿان، ڇا لکي ڇا لکان.“

هو هڪ بئنچ تي اچي ويٺو، عابده جو ڪلام ٻڌندو ۽ سوچيندو رهيو. ويجهو ويٺل ماڻهو سياست تي ڳالهيون ڪري رهيا هئا. هڪ چيو ٿي چيو، ”نئين حڪومت آئي آهي، هاڻي عوام جي ڀلائيءَ لاءِ ڪجهہ ضرور ٿيندو.“ هن کي بک سبب هنن جون ڳالهيون نٿي وڻيون. هن ٽيبل واري چوڪري کي سڏ ڪري چيو: ”مولو! هڪ ڊبل روٽي ۽ هڪ چانهہ.“

مولوءَ هن ڏانهن ڏٺو ۽ هليو ويو. ٿوري گهڙيءَ کان پوءِ مولو هن جي ٽيبل جي اڳيان هٿين خالي اچي بيٺو ۽ چيائين:” سيٺ چوي ٿو تو ڏانهن اول ئي ادارگهڻو ٿي ويو آهي، اڳيون حساب چڪتو ڪر، پوءِ آرڊر ڏي.“

عبدوءَ کي هر لفظ هن جي سر تي هٿوڙو ٿي لڳو پر هو هڪ ٻڙڪ بہ ڪڇي نہ سگهيو. هن جي دل ۾ آيو تہ ٻہ ٽي گاريون مولوءَ کي ۽ ڏهہ ٻارهن گاريون سيٺ کي ڏي، مگر هن جي سڪل پيٽ مان جي اکر اپريا، سي هن جي خشڪ نڙيءَ ۾ اٽڪي پيا. هو بئنچ تان اٿيو، ڄڻ ڪو مردو هو، جنهن کي قبر تائين پهچائڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ چئن ڪانڌين جي ضرورت هجي.

هو پنهنجي پراڻي کٽ تي سڄي رات پاسا ورائيندو رهيو، تان جو پهريان هڪ مسجد مان بانگ جو آواز آيو ۽ پوءِ پر وارين ڪيترين ئي مسجدن مان آواز اچڻ لڳا. بانگ جو آواز هن جي ڪن تي پيو تہ هو ڀڻڪيو:” ملن جو پيٽ ڀريل آهي، تڏهن بانگون ڏين ٿا، پيٽ خالي هجين تہ الله بہ وسري وڃين.“ هن سوچيو تہ اڄ بندر تي وڃڻ گهرجي، من ڏهاڙي ملي وڃي. هو تڪڙو اٿيو ۽ بندر ڏانهن وڃڻ لاءِ جهوپڙيءَ مان ٻاهر

نڪتو. هن کي تيزا اچي ويو. ڪيس پتو نہ پيو تہ اهو تيز بيماريءَ سبب يا سڄي رات ننڊ نہ اچڻ سبب آيو!

اولهہ جي ٿڌڙي هوا هن جي جسم کي ڇهيو. هن کي سرور اچي ويو. هن ائين محسوس ڪيو جڻ هن جي جسم ۾ نئون سگهارو رت ڊوڙندو هجي. هن پنهنجي آسپاس مزدورن کي ڊوڙندي، ٿهڪ ڏيندي ۽ ڳالهيون ڪندي ڏٺو. جيڪي بار جون ڳوٺيون ڪلهن تي کنيو ٿهڪ ڏيندا ٿي ويا. هن جي دل ۾ بہ آيو تہ هو هنن وانگر ڳوٺيون کڻي ڊوڙي ۽ ٿهڪ بہ ڏي. هو وڏي جمعدار جي اڳيان اچي بيٺو.

"عبدو تون؟" جمعدار حيرانيءَ مان رڙ ڪئي. عبدو ماٺ ڪيو بيٺو رهيو.

"عبدو، تون اڃا تندرست نہ آهين؟"

"نہ نہ، مان هاڻي بلڪل خوش آهيان."

"نہ عبدو نہ، توکان هي سخت ڪم ٿي نہ سگهندو. تون بلڪل ٺيڪ ٿي، پوءِ تنهنجي لاءِ ڪم گهڻو. هي ڳوٺيون، هي بار ڪيئن کڻي سگهندين؟ بہ ٽي ڏينهن آرام ڪر، پوءِ اچجانءِ."

عبدوءَ کي مايوسي ورائي وئي. هن ڪلئي سمنڊ ڏانهن نهاريو. سمنڊ جون، ڇوليون، هڪٻئي پنيان وڏي سمنڊ ڪناري بيٺل ٽڪرين سان ٿي ٽڪريون. هن کي ائين لڳو تہ سمنڊ جو گوڙ ۽ ڇولين جو شور هن جي حال تي ڏک جو اظهار ڪري رهيو هو. هو پويان پير ڪري، هوريان هوريان پنتي موٽيو. هن جي دل ۾ آيو تہ من ڪو سندس سنگتي، جاتل سڃاتل چانهہ جي صلاح ڪري ۽ ڊبل روٽي يا ماني کارائي، مگر هر ڪو پنهنجي ڪم ۾ مگن هو. ڪنهن بہ هن کي صلاح نہ ڪئي. ڪنهن ڪنهن مزدور ڪيس ڪيڏڪار ڪري صرف ايترو چيو، "عبدو، ڪيئن آهين؟" "عبدو، خوش آهين نہ؟" ۽ پوءِ هو ڳوٺيون پٺيءَ تي کنيو ڊوڙندو هليو ٿي ويو.

عبدو آهستي آهستي هلندو رهيو. هو ملباريءَ جي هوٽل اڳيان اچي بيٺو. بندر جي مزدورن جو ملباريءَ سان کنڌو رکيل هو. هن جو بہ ملباريءَ سان کنڌو هو. هن جي ٻين مزدورن وانگر ملباريءَ سان ڏي وٺ ٿيندي رهندي هئي، هن جا قدم ٽڪڙا ٽڪڙا ملباريءَ جي هوٽل ڏانهن وڌيا، پر جڏهن هو ملباريءَ جي هوٽل جي چائنٽ تي پهتو تہ هن جا پير بيهجي ويا. هن جي اڳيان مولوءَ جي شڪل ايري آئي، جو چٽي رهيو هو.

”سيٺ چوي ٿو تہ تو ڏانهن اول گهڻو اڌار ٿي ويو آهي. اڳيون حساب چڪتو ڪر. پوءِ آرڊر ڏي.“

بندرڪان مايوس ٿي موٽڻ کان پوءِ عبدو پٽڪندو رهيو. ائين جيئن سڪل پن سرءُ جي واءُ ۾ وڻ کان سڃجي هوا جي جهوٽن ۾ هيڏانهن هوڏانهن اڏندو هجي ۽ کيس اهو پتو نہ هجي تہ هن کي ڪٿي نڪاڻو ڪرڻو آهي. هن کي خبر نہ ٿي پئي تہ ڪاڏي وڃي، ڇا ڪري؟ هن جي دل ۾ آيو تہ ڪنهن چٻي واري وٽان اک لڪائي ڪا شيءِ کڻي وڃي. ڪنهن نانوائيءَ وٽان نان کسڪائي، ڪنهن بيڪريءَ واري وٽان ڊبل روٽي چورائي، پر هو ائين ڪري نہ سگهيو. هن کي پٽڪندي پٽڪندي شام ٿي وئي ۽ هو شادي هال اڳيان اچي بيٺو. هن ڏٺو تہ ڪيترا ماڻهو هڪ ٻئي پٺيان شادي هال ۾ وڃي رهيا هئا. هن جي دل ۾ خيال آيو تہ ڇو نہ شادي ۾ شريڪ ٿي وڃجي، ماني ملندي سني ۽ پيٽ ڀري.

اهو خيال ڪري هو شادي هال ڏانهن وڌيو. هو جڏهن شادي هال جي درتي بيٺل ماڻهن وٽ پهتو، جي مهمانن جو آڌرڀاءُ ڪري رهيا هئا، تہ ٿورو هٻڪيو پر انهن کي ڏٺو اڻ ڏٺو ڪري اڳتي وڌڻ لڳو. استقبال ڪندڙ ماڻهن مان هڪ هن جي ڪپڙن ڏانهن ڏٺو، پوءِ هن جي ويجهو اچي چيو، ”فقير، هيءَ دعوت عام ماڻهن لاءِ نہ آهي.“

فقير جو لفظ ٻڌي هن کي چڙ آئي، پر هو پويان پير ڪري موٽيو ۽ وڏو ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳو، ”فقير،“ ڪاش! مان فقير هجان ها. هن شهر ۾ فقيرن جو بہ وڏو ڌنڌو آهي، روز چاليهہ پنجاهہ روپيا ڪمائي وٺن ٿا، وڏو سانگ رچائن ٿا. ڏينهن جو ليڙون ليڙ لٽا ۽ خالي جهولي، شام کان پوءِ ڪيسو پريل ۽ ويس وڳا. دوستن سان ڪچهريون، سئو ڪاڏو، ناٽڪ، سئنيمائون!“ هن جي دل ۾ خيال آيو تہ هو بہ فقير بنجي پنڻ لڳي.

هن پاڻ ڏانهن ڏٺو، بيمار هئڻ جي باوجود هن جو جسم فقيرن جهڙو ڏٻرو نہ هو. هن پنهنجن ڪپڙن ڏانهن ڏٺو، جي ميرن ۽ گندن هئڻ جي باوجود، ليڙون ليڙ نہ هئا. ان کان وڌيڪ هن جي غيرت اها ڳالهہ قبول نہ ڪئي تہ هو پاڻ جهڙن انسانن اڳيان هٿ ٽنگي آني ٻين آني لاءِ چڙٻون سهي. هن کي ياد آيو تہ فاقا ۽ بکون تہ هن کي ورثي ۾ مليا هئا. هن جي پيءُ ۽ هن جي ڏاڏي کي بہ فاقا ۽ بکون نصيب هيون. هن کي ننڍپڻ جو اهو ڏينهن ياد آيو، جڏهن سندس گهر ۾ لنگهڻ هو ۽ هو ماءُ جي اڳيان

ماني تڪر لاءِ ليٽڙي رهيو هو ۽ هن جي ماءُ ڪيس دم دلاسا ڏئي رهي هئي. اهو زمانو ٻيو هو، ان زماني ۾ پاڙي وارن ڪي هڪٻئي لاءِ قرب هو، همدردي هئي. هاڻي ماڻهن مان محبت موڪلائي وئي آهي، ماڻهو، ماڻهو ڏي نہ رهيو آهي، هرڪو پنهنجي نفسانفسيءَ ۾ڦاٿو پيو آهي.

هن کي جڏهن اها ڳالهہ ياد آئي تہ ماءُ جو لٽل ۽ ڳوڙهن پريو چهرو هن جي اکين اڳيان تري آيو. هن جي دل ڀرجي آئي ۽ اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا، جن ۾ سوين سورسمايل هئا.

عبدو روڊن تي هلندو رهيو، ٿڪو ماندو ان انسان وانگر، جو زندگيءَ جون سڀ لذتون وڃائي ويٺو هجي! رڻ پٽ جي ان گل وانگر، جنهن جي اندر ۾ اها اڻ ٽُٽ هجي تہ تاريءَ تان ڇڄي، ٻوٽي کي هميشہ لاءِ الوداع چئي، هيٺ ڪري ٻين ڪيترن گلن سان ملي مٽيءَ سان مٽي ٿي وڃي. روڊن تي ٽڪريون ٽڪريون ڪارون هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙي رهيون هيون. هو سوچي رهيو هو: هي ڪارن جو شهر آهي بيڪارن جو نہ. ڪيڏو نہ پيسو آهي هن شهر ۾، پر ٻہ ڪيتري نہ بک آهي هن شهر ۾! شهر جو هڪ حصو ڪار وارن جو آهي. شهر جو ٻيو حصو بيڪارن جو آهي. هڪڙن کي زندگيءَ جون سڀ نعمتون حاصل آهن، ٻين کي زندگيءَ جون سڀ زحمتون. هڪڙا دولت جي سهاري ماڻهو بہ خريد ڪري وٺن ٿا ۽ هڪڙا ٿورن پئسن تي پنهنجا جسم بہ وڪڻي ڇڏين ٿا. ڪيڏي نہ سودي بازي آهي هن شهر ۾. هي شهر سچ پچ تہ ملڪ جي وڏي منڊي آهي، جتي هر قسم جي خريد فروخت ٿئي ٿي سڀ کان وڏي خريد فروخت پئسي ۽ بُک جي آهي.

عبدو هلندو رهيو، هلندو رهيو، اوچتو ئي اوچتو هو بيهي رهيو. هن جي اڳيان هڪ وڏو هوٽل هو، جنهن جا وڏا بلب ٻري رهيا هئا. وڏن بلبن مان وڏي روشني نڪري رهي هئي. وڏي روشني جي هيٺان فقيرن جي وڏي قطار ويٺي هئي. فقيرن کي ڏسي هن کي ياد آيو تہ هن هوٽل مان فقيرن کي خيراتي ڪاڏو ملندو آهي. هن شهر جا ڪيترا سکيا ماڻهو جڏهن ڪي ٻاسون ٻاسيندا يا خير خيراتون ڪرڻ گهرندا آهن تہ پوءِ اهي هت اچي هوٽل واري کي پئسا ڏئي پنهنجي ٻاس موجب فقيرن کي ڪاڏو ڪارائيندا آهن. هو وڏي فقيرن جي ان قطار جي ويجهو آيو. ڪيڏي نہ وڏي آهي قطار، جنهن ۾ هر قوم جا ماڻهو آهن. پوءِ هو دل ئي دل ۾ کلڻ لڳو. هي ملڪ سچ

پچ تہ فقيرن جو ملڪ آهي. نہ نہ، هي فقير ملڪ آهي. ٻاهرين ملڪن جي امداد تي هلندڙ هي ملڪ بہ پيٽ بکيو آهي. تڏهن تہ سندس هٿ امداد لاءِ هر وقت شاهوڪار ملڪن جي اڳيان ٽنگيو پيو هوندو آهي.

هن جي من فقيرن جي انهيءَ وڏي قطار ۾ ويهڻ نٿي چاهيو پر هن جو پيٽ ان قطار ۾ ويهڻ لاءِ واڪا ڪري رهيو هو. آخر من جي مٿان پيٽ جي سوڀ ٿي ۽ اڪيون ٻوٽي فقيرن جي ڏکي قطار جي پڇڙي تي ويهي رهيو. پل ڪان پوءِ هن پنهنجيون پوريل اکيون پٽيون. هن ڏٺو تہ ان قطار ۾ ويٺل ماڻهن جا چهرا مرجهايل، چپن ۾ چيڙهہ، وار ڌوڙ ۾ لٿيل، ڪپڙا گندا هئا، جن مان بدبوءِ اچي رهي هئي. انهن مان ڪيترا هيروئني هئا، جي زندگيءَ کان مايوس ٿي هيروئن جي نشي ۾ زندگيءَ جا ڏينهن پورا ڪري رهيا هئا. ڪيترا هن وانگر بيمار ۽ بي روزگار هئا ۽ ڪجهہ ٻيا ۽ ٻار هئا. ڪيڏيون نہ اميدون ۽ آسون کڻي ٻين شهرن جا ماڻهو هن شهر ۾ ايندا آهن، پنهنجن عزيزن ۽ مائٽن کي اهو چئي تہ اسان ڪراچيءَ مان ڪمائي گهڻو ڪجهہ اوهان ڏانهن موڪليندا سين. پوءِ اهي روزگار نہ ملڻ سبب پيٽ جي بک پوري ڪرڻ لاءِ، ههڙن هوٽلن اڳيان بڇڙن حالن ۾ بي حال ويٺا هوندا آهن ۽ هوٽل ۾ ايندڙ ويندڙ هر هڪ ماڻهوءَ ڏانهن نماڻا نيڻ کڻي ماني ڳيپي لاءِ نهاريندا رهندا آهن.

ايتري ۾ هڪ بيرو هوٽل کان ٻاهر آيو، هن جي هٿن ۾ وڏو ٿالهہ هو، جنهن ۾ ٻوڙ جون پليٽون ۽ نان هئا. قطار ۾ ويٺل ماڻهن ۾ شورپئجي ويو ۽ سيني جا هٿ مٿي کڄي ويا. هر ڪنهن ائين پئي چاهيو تہ ڪيس ماني ملي، چاڪاڻ تہ پوءِ ڪو ماني ڪارائڻ وارو اچي يا نہ اچي ۽ اهو ائين ئي لنگهڻ تي وينو رهي.

بيرو قطار ۾ ويٺل ٻڍن، ٻارن ۽ ڪمزورن کي هڪ ٻوڙ جي پليٽ ۽ ٻہ نان ڏيندو ويو. هن قطار ۾ ويٺل ڪن ماڻهن کي ماني ڏيڻ بجاءِ اُٿاري ڇڏيو. بيرو جڏهن عبدوءَ جي اڳيان آيو تہ هن جو چهرو شوخ ٿي ويو، منهن ۾ سونٻ وجهي، عبدوءَ کي ڇهڙ ڏئي چيائين، "اُٿ اُٿ، هيءَ ماني تو جهڙن ڏنڊن لاءِ نہ آهي." عبدوءَ هن کي جهيڻي آواز ۾ چيو، جنهن ۾ بيوسي بہ هئي ۽ التجا بہ هئي، "بيمارِ بکيو آهيان."

اهي لفظ ٻڌي بيرو مڇرجي پيو، "چوان ٿو اُٿ، هٽ جو بہ ايندو آهي، ائين چوندو آهي. اُٿ اُٿ."

عبدو مات ڪري اُٿيو، هن کي تيز آيو پر پاڻ سنڀالي ويو. هن جي جسم مان سگهہ چڏائي وئي هئي، ست ختم ٿي ويو هو. هن پير کڻڻ ٿي چاهيو، پر هن جا پير مشڪل سان چُريا ٿي. هن کي ائين ٿي لڳو جڻ هو ٻولاٽي کائي اچي هيٺ ڪرندو. هو رڙهندو رڙهندو هوٽل جي پٺين ڳهٽيءَ ۾ پهتو ۽ فوٽ پاٿ تي ويهي رهيو. گهٽي سنسان هئي. هيءَ دڪانن ۽ فليٽن جو پٺيون پاسو هو، جنهن ڪري هتي سانت ۽ سچ لڳي پئي هئي. هن ڏٺو تہ هوٽل جا ٻيرا گراهڪن جو بچيل کاڌو هوٽل جي ٻوئين پاسي رکيل لوهہ جي وڏي ڊرم ۾ اڇلائيندا ٿي ويا. تڪڙ ۾ اڇلايل ڪجهہ کاڌو ڊرمن کان ٻاهر ڪريو پيو هو، جنهن تي ٻہ ٽي ڪتا مڙيا بيٺا هئا. ڪجهہ کاڌائون پئي، ڪجهہ نوسيائون ٿي ۽ ڪڏهن ڪڏهن هڪ ٻئي تي گريا پئي. هن ڪتن کي هڪل ڏني، ڪتا ڀونڪندا پري وڃي بيٺا. هو اٿيو ۽ اڇلايل کاڌي جي مٿان اچي بيٺو. اڇلايل کاڌي ۾ نانن جا اڌڙوٽ، چوسيل هڏا، بچيل چانور ۽ برياني، سلاد، جنهن ۾ بصرن جي ڪاتر، بادرنگن، مورين جا ٽڪر، فرائي ڪڪڙ جا ٽڪر ۽ ٻيو بہ گهڻو اوبر ڪيل کاڌو پيو هو. کاڌو ڏسي هن جي پيٽ واڪو ڪيو ۽ هن جو هردو هرکڻ لڳو. هن جي دل ۾ خواهش جو اهڙو جذبو پيدا ٿيو، جنهن هن جي جسم جي نستين رڳن ۾ جوش آڻي ڇڏيو ۽ هن جو هٿ کاڌي ڏانهن وڌڻ لڳو تہ کيس ڊرم مان ڪتي بانس آئي ۽ هن کي ڪراهت محسوس ٿيڻ لڳي. هن جو وڌيل هٿ پنهنجي موٽي ويو ۽ پير پنهنجي کڄي ويو ۽ هو کاڌي کان هڪ ٻہ وکون پري ويهي رهيو. هن جي من ۾ مانڌاڻ هو. بک کان بيحالي هن کي کاڌي کائڻ لا مجبور ڪري رهي هئي، ٻي طرف هن جي من اهو منظور نٿي ڪيو تہ هو جونو، بچيل ۽ اڇلايل کاڌو کائي. هن جي اندر ۾ اها جنگ جاري هئي تہ هن ڏٺو تہ هڪ ٻيري تازو بچيل کاڌو اڇلايو جو ڊرم کان ٻاهر ڪري پيو. کاڌي ۾ اڌ پليٽ برياني، اڌ نان، ٿورو ٻوڙ ۽ ٿورو سلاد هو. سمجهيائين تہ ڪنهن اهڙي ماڻهو جو بچيل کاڌو هو، جنهن جو معدو يا پريل هو يا ڪمزور هو. هاڻي هن جي بک جنگ کٽي ورتي. هن پنهنجي پرسان پيل اخبار جو ٽڪر کنيو ۽ اڇلايل کاڌي مان نان، برياني، سلاد ۽ ڪجهہ هڏا، جن تي گوشت هو، کڻي اخبار تي رکيو. بک جي شدت کان هن جو هٿ اخبار جي پني کان هن جي وات ڏانهن تڪڙو تڪڙو کڄڻ لڳو ۽ هن جون جاڙيون تڪڙيون تڪڙيون هلڻ لڳيون هو

پني تي پيل سمورو ڪاڏو ڪائي ويو. هاڻي هن اخبار جي تڪر ڏانهن نهاريو. اخبار تي هڪ تصوير چپيل هئي. هن غور سان ڏٺو. هن سڃاتو تہ اها صدر جي تصوير هئي، جنهن جي سڄي، ڪبي، سامهون معزز ماڻهو وينل هئا. ان تصوير جي هينان وارو پنو ڪجهہ قاتل هو ۽ ڪجهہ بچيل هو. بچيل پني جي خبر جو ٿلهن اکرن ۾ سرو هو، "ڪوبہ بکيو نہ رهندو: صدر" هن تڪڙو تڪڙو خبر پڙهڻ شروع ڪئي:

چيمبر آف ڪامرس ۽ ايگريڪلچر جي ساليانی ڊنر جي موقعي تي صدر تقرير ڪندي فرمايو، "مان حڪومت طرفان خوشيءَ سان اعلان ٿو ڪريان تہ اسان جي ملڪ ۾ نہ ڪو بکيو رهندو ۽ نہ بکيو سمهندو." عبدوءَ کان رڙ نڪري وئي، "ڪوڙو ڪوڙي جو پٽ." هن اخبار جي پني کي مروٽي هيٺ ڦٽو ڪيو ۽ ان کي لت ڏئي پنهنجي جهوپڙي ڏانهن هلڻ لڳو. هن کي وڏي هوٽل جي وڏن بلبن مان نڪرندڙ وڏي روشني جي هينان فقيرن جي وينل قطار نظر آئي. هو وري پڙڪيو، "ڪوڙو ڪوڙي جو پٽ!"

# قبرن جي وچ ۾

رات ڪافي گذري چڪي هئي. ڪمري ۾ اڪيلو مان جاڳي رهيو هوس. هر طرف خاموشي هئي. ٻاهر سياري جي سرد هوا ۾ وڻن جا پن ڏڪي رهيا هئا. چنڊ غائب هو جنهن ڪري آسمان ۾ ستارا وڏيڪ روشن هئا. ستارن جي روشنيءَ باوجود رات اونداهي لڳي رهي هئي. جڏهن هر طرف سانت ٿي سانت هجي ته ماڻهو پنهنجو پاڻ سان ڳالهيون ڪرڻ لڳندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن پراڻيون يادگيريون ذهن ۾ ڦرڻ لڳنديون آهن. مون کي هوريان هوريان پنهنجا پراڻا دوست ۽ ويجها عزيز ياد اچڻ لڳا جي مون کان هميشه لاءِ دور ٿي ٻي دنيا ۾ هليا ويا هئا. ڪهڙي دنيا ۾، ان جي خبر نه اسان کي آهي نه انهن ئي ڪو احوال موڪليو هو. هڪ جي ياد آئي ته پوءِ لڳاتار ٻين جون يادون به اچڻ لڳيون.

جن کان سواءِ گهڙي نه گذرندي هئي، جن سان اندر جا حال اوريا هئا ۽ سک جا ساٿي هئا. جن سان نينهن جو ناتو ۽ پيار جو پيچ هو، جن جي هڪ پل جي جدائي ساهه کي سوڙهو ڪري ڇڏيندي هئي ۽ اکين مان نير وهندا هئا. جن جي آئي روح کي راحت ۽ دل کي فرحت ايندي هئي، اُهي مٽيءَ ۾ دفن هئا. انسان ڪهڙو نه سخت دل آهي جو پنهنجن پيارن کان پيارن ماڻهن کي قبرن جي حوالي ڪرڻ کان پوءِ جلد ئي وساري ٿو ڇڏي، اهڙو جڻ ته انهن سان ڪو لڳ لاڳاپو، ناتو ۽ رشتو ئي ڪونه هو.

ٻئي ڏينهن وچڙيلن سان ملڻ قبرستان ويس. قبرستان به شهر جي علائقن وانگر غريب آباد ۽ امير آباد ۾ ورهائجي ويا آهن. اميرن جي قبرستانن ۾ قبرون پڪيون، سنگ مرمر ۽ سيمينٽ جون ٺهيل، انهن جي مٿان ننڍيون قبا نما ڪونيون ۽ چوڪنڊيون جڙيل ڏسڻ ۾ اينديون، جن تي قسمين قسمين گل ۽ گلزاري ڪيل هوندي. اهڙي طرح اميرن مرڻ کان پوءِ قبرستانن ۾ ائين جاءِ والار ڪئي آهي، جيئن جيئري سندن

بنگلا هزار ۽ ٻن هزار والن ڪان بہ وسيع هوندا هئا. سندن پونيئرن اهڙي طرح وڏن سان محبت جي اظهار ڪان وڌيڪ پنهنجي دولت ۽ اڏنبر جي نمائش ڪئي آهي. انهن قبرن تي لڳايل وفات جي سرن مان پتو پوي ٿو تہ هتي فلاڻو سيٺ، هتي فلاڻو ڪارخانيدار، هتي فلاڻو آفيسر ۽ هتي فلاڻو سرمائيدار دفن آهي.

قبرستان ۾ اهڙيءَ جاءِ والار سبب بليڪ مارڪيٽنگ جو ڌنڌو شروع ٿي ويو آهي. هاڻي قبرستان جو گورڪن ڪنهن خالي هنڌ جو ڏس تڏهن ئي ڏئي ٿو، جڏهن ڪيس وڏي رقم ڏني وڃي ٿي. گورڪن پنهنجي ڌنڌي کي جاري رکڻ خاطر ڪي اجتماعي قبرون قائم ڪري ڇڏيون آهن، جن ۾ مختلف لاوارث يا وساريل قبرن مان هڏيون ڪڍي دفن ڪري ٿا ڇڏين ۽ جاءِ ٻين کي وڪرو ٿا ڪن.

قبرستان بہ پنهنجي ليکي گهڻ آباديءَ وارا خاموش شهر آهن. هن شهر جي رهاڪن کي ڪيتري نہ ٿوري جڳهہ ملي ٿي. هي اهي ئي ماڻهو آهن جن کي پنهنجن ڪشادن گهرن ۾ بہ سوڙهہ محسوس ٿيندي هئي ۽ فرحت بخش بنگلن ۾ سندن ساهہ منجهندو هو. هاڻي هو تنگ ڪوٺڙيءَ ۾ تاقيامت پنهنجي شڪايت واري زبان بند ڪيون ستا پيا آهن. هي اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي گهماگهمي واري پُرشور زندگي گذاريندا هئا. هينئر ماٺ، بلڪل ماٺ آهن. جي ڪو ساڻن ڳالهائي تہ جواب ڏيئي نٿا سگهن. جيڪڏهن ڪو سندن وڇوڙي سبب آهہ و زاري ڪري ٿو تہ هن کي دلداري نٿا ڏيئي سگهن، نہ ئي انهن جي اکين مان وهندڙ ڳوڙهن کي اگهي ٿا سگهن. هي اهي ماڻهو آهن جي پنهنجي جسم تي هڪ ڪک بہ نہ سهندا هئا، اڄ مٽيءَ جي مڻن هيٺ دفن آهن. اهي جيڪي جانورن جو گوشت وڏي چاهہ ۽ لذت سان کائيندا هئا، اڄ جيت جڻين جو کاڄ آهن!

قبرستان ۾ داخل ٿيڻ سان مون کي هر طرح حسرت پريل سانت ئي سانت پکڙيل نظر آئي. هر طرف اجڙيل ۽ ڦٽل قبرون، جن تي ياس ۽ ارمان ڇانيل هو. انهن قبرن کي ڏسي منهنجي مٿان هڪ مايوسيءَ واري ڪيفيت طاري ٿي وئي. منهنجي دل مون کي چيو: هڪ ڏينهن تنهنجو بہ هي حال ٿيڻو آهي، ڪڏهن توکي بہ هميشہ لاءِ هت اچڻو آهي.

جنت ۾ روح پرور جاين، کير ۽ ماکيءَ جي نهرن، سدابهار موسم، خوش ذائقہ ميون، هيرن ۽ جواهرن مان جڙيل محلن، حورن ۽ غلمانن

جي فرحت بخش صحبت جي دلاسن جي باوجود انسان هيءَ دنيا، جنهن کي هو دوزخ ڪوني ٿو ۽ زندگي، جنهن جي ڏکن جي شڪايت ڪري ٿو، ڇڏڻ لاءِ تيار نہ آهي!

مان هوريان هوريان قبرن جي وچ مان هلندو رهيس. سنيالي سنيالي وڪ ٿي وڌم، ائين نہ ٿئي تہ ڪنهن جو سر، سينو يا پير منهنجي پيرن هيٺ اچي وڃي، پوءِ بہ سمجهان ٿو تہ ان قبرستان ۾، جنهن جي چپي چپي ۾ قديم وقت کان ماڻهو دفن ٿيندا رهيا تي، منهنجا پير ڪنهن جوان، ڪنهن شهزور، ڪنهن سهڻي، ڪنهن دل ڏتاريندڙ، ڪنهن امير، ڪنهن فقير مٿان پيا هوندا.

قبرن جي بناوٽ ۽ جوڙجڪ مان پتو پيو ٿي تہ هيءَ سنگ مرمر ۽ سيمينٽ سان جڙيل شاندار قبر ڪنهن امير جي آهي. هيءَ پڪين سرن ۽ چوني سان ٺهيل قبر ڪنهن مڊل ڪلاس سفيد پوش جي آهي. هيءَ ڪچي قبر ڪنهن غريب ۽ لوئر ڪلاس جي فرد جي آهي. هيءَ قبر جنهن جي مٿان صرف مٽيءَ جو ڍڳو آهي، ڪنهن مفلس جي آهي. دنيا وارن قبرن جا ،ٿيان فرق تہ پنهنجي ڌن دولت آهر قائم رکيا آهن، پر ڌرتيءَ هيٺ هڪٻئي کي مٽائي نہ سگهيا آهن. ڌرتيءَ هيٺ امير غريب سيئي بہ وال سفيد ڪفن پهريون مٽيءَ ۾ منهن لڪايون چپ چاپ ستا پيا آهن. ڪو ڪنهن کان پنهنجي ڌن دولت سبب نہ مٿي آهي نہ ممتاز آهي، ڪين اهو پتو ڪونهي تہ سندن پرسان بيهارڻ کان بچان ڪندا هئا. ڪين گدلا ۽ گندا ڪونيندا هئا. ٿورو اڳيان هليس، اڳيان هڪ قبو هو. هي قبو هڪ صوفي بزرگ، تي اڏيل هو، جنهن دنيا کي ترڪ ڪري لنئون پنهنجي مالڪ سان لڳائي هئي. هن جي من ۾ مير نہ هو. هو دين ڌرم جي جهڳڙن کان مٿي هو. هن وٽ هر انسان لاءِ محبت هئي، پوءِ اهو ڪهڙي بہ مذهب جو هجي، نيڪ هجي يا گناهگار هجي. جيئري بہ هن جي چوگرد ماڻهن جو ميڙ هو. مرڻ کان پوءِ هن جي مٽيءَ مان لڏو هو، هن جي قبر تي ماڻهن جو ميڙ هو.

ٿورو اڳتي وڌيس، مون کي هڪ شاعر جي قبر نظر آئي. قبر جهريل ۽ ٿتل هئي، ائين ٿي لڳو جڻ گهٽڻ ڏينهن کان نہ سندس ڪنهن عزيز نہ ئي سندس ڪنهن مداح سندس قبر جي سار سنڀال لڌي آهي. جڏهن هو جيئرو هو تہ پنهنجي وقت جو وڏو شاعر هو. هو عظيم ۽ مهان شاعر ليکيو ويندو هو. هو مشاعرن جي جان ۽ محفلن جو روح ليکيو ويندو هو. هن

سان هر بزم جي رونق هئي. هو جنهن بہ محفل جو سخن سراه ٿيندو هو تہ سندس پرستارن جو ميڙو لڳي ويندو هو. ڪيس داد تي داد ملندو هو. ماڻهو ڪيس اکين ۾ ويهاريندا ۽ دل ۾ جاءِ ڏيندا هئا. وڏن رسالن ۽ اخبارن وارا هن جو ڪلام شايع ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا. سندس انٽرويو ۽ زندگيءَ جو احوال اخبارن جي رونق ٻٽبو هو. هن کان وڏين وڏين ڪانفرنسن جي صدارت ڪرائي ويندي هئي. هو جڏهن فوت ٿيو تہ اخبارورن خاص ايڊيشن ۽ رسالن جا خاص نمبر ڪڍيا. ڪيترن اديبن ۽ عالمن هن جي فن ۽ فڪر تي وڏا وڏا مقالا لکيا. ڪيترن ماڻهن تعزيت جا بيان جاري ڪيا. اڄ هن جي قبر ويران ۽ سنسان ۽ پيچي پري رهي هئي. ڪجهہ عرصي کان پوءِ ان جو نالو ئي نہ رهندو. تڏهن سنڌ جا محقق سندس قبر جي نشاندهي بابت پنهنجا وڏا وڏا تحقيقي مقالا شايع ڪرائيندا ۽ پنهنجي تحقيق تي داد وصول ڪندا.

شاعر جي تربت کان ٿورو پريرو هڪ سنگ مرمر جي تربت ۽ ان مٿان سنگ مرمر جو چبوترو هو. ڪن شاهينگن وڪڙڻ لاءِ قبر ۽ چبوتري تي لڳل سنگ مرمر لاهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. پر اهي ڪامياب نہ ٿيا هئا، تنهنڪري ڪي سرون ٽٽل ۽ ڦٽل ڏسڻ ۾ پئي آيون. اها قبر هڪ سرڪاري آفيسر جي زال جي هئي. آفيسري هن لاءِ علي بابا وارو خزانو هئي. زال جي وفات جو هن کي سخت صدمو رسيو هو. هن چاهيو ٿي تہ زال جي قبر تي وڏو تاج محل نہ سهي ننڍڙو تاج محل ئي تعمير ڪرائي. هن زال سان مئي جيئري نينهن نيائڻ جو واعدو ڪيو هو. جڏهن ماڻهو جيئرن سان ڪيل واعدا وساري ٿو ڇڏي تہ مئلن سان ڪيل واعدن جو نباهہ ڪهڙو؟ زال جي مٿان ننڍڙو تاج محل جڙڻ کان ٿورا ڏينهن پوءِ آفيسر ڪنهن ٻي عورت جي عشق ۾ گرفتار ٿي ويو ۽ جلد ئي ان سان شادي ڪري ورتائين ۽ ان سان مئي جيئري نينهن نيائڻ جا واعدا ڪرڻ لڳو.

سنگ مرمر جي ان مزار کان ٿورو پريرو هڪ ٻي مزار پنهنجي ڪر ۽ فر سان ڪنڌ مٿي ڪيون بيٺي هئي. اها مزار شهر جي هڪ سرمائيدار جي هئي، جو هڪ معمولي واپاري مان پنهنجي ڪپت ۽ ڪڏائپ ڪري هڪ وڏو ناٿي وارو ٿي ويو هو. دولت دولاب سان ئي مڙندي آهي. هن جي سموري ميڙ چونڊ ۾ حق حلال جي ڪوڏي بہ نہ هئي، جي هئو تہ نڳي ۽ بليڪ مارڪيٽنگ جو ڏوڪڙ. جڏهن هو مئو تي تڏهن پنهنجي جائداد

جا ڪاتا. مختلف بئنڪن ۾ جمع رقمن جا اڪائونٽ ور ور ڪري ٿي ڏنائين. ايڏي سرمائي ڪي ٻين لاءِ ڇڏي وڃڻ، پوءِ چاهي اهي پٽ ڇونہ هجن، هن کي ڏاڍو ڏکيو ٿي لڳو. گهڙي گهڙي تڏا ساهہ ٿي کنيائين ۽ هن جي اکين مان ڳوڙها ٿي وهيا. هو ائين پنهنجي ڌن دولت جو حساب لڳائيندي پنهنجي اعمالن جو حساب ڏيڻ لاءِ عدم ڏانهن راهي ٿي ويو.

ٿورو پريان هڪ وچٽري قبر هئي، جنهن جو رنگ ۽ روغن ميسارجي ۽ چونو لهي ويو هو. ان جون ڪجهہ سرون ٻاهر نڪري آيون هيون. قبر جي ويجهو ڪن جانورن پنهنجي آرام لاءِ کڏون کوٽي ڇڏيون هيون. قبر تي ڏاڍي حسرت ڇانيل ڏسڻ ۾ ٿي آئي. هيءَ قبر حسن جي بازار جي ان راڻيءَ جي هئي، جنهن جي حسن جي جادوءَ ساري شهر کي مستانو بڻائي ڇڏيو هو. جنهن جي حسن جي هاڪ پنهنجي شهر جون حدون ٽپي ساري سنڌ ۾ پکڙجي ويئي هئي. شاعرن هن جي حسن جي ساراهہ ۾ گيت لکيا هئا، جنهن ۾ هنن لکيو تہ هن جو حسن چشمن ۽ تلائن ۾ ترندڙ ڪنول گل جهڙو نفيس ۽ نازڪ آهي. گلاب جي گلن هن جي ڳلن کان سرخي چورائي هئي. هرڻن جي اکين هن جي اکين کان جادو حاصل ڪيو هو. هن جي مرڪ ڏينهن ۾ مکڙين ۽ رات جو ستارن جي تبسم مثل هئي. هن جي اکين جي اڻيءَ ڪيترن کي قتل ڪري ڇڏيو هو. هن جو تلڻ صبح جي، ان صبا جهڙو هو، جيڪا گلن جي پنکڙين مٿان هوريان هوريان هلندي آهي. هن جي عشق ۾ ڪيترن فقير ٿي ويا ۽ ڪيترن گيڙو الفيون پائي پاڻ کي صوفي بنائي ڇڏيو هو. ڪيترائي پير ۽ مير سندس در جا سلامي هئا! هڪ ڏينهن هن جي ٻن چاهيندڙن جي رقابت ۽ جهيڙي ۾ هوءَ قتل ٿي وئي. عاشقن ۾ ڪهرام پئجي ويو. اڄ سندس گل کان وڌيڪ نرم ۽ نازڪ جسم قبر جي حوالي هو. سندس حياتيءَ جي شمع گل ٿيڻ سان عشق جي دعويٰ ڪندڙ پروانا هليا ويا. هاڻي سندس تربت سياري جي سرد ۽ اونهاري جي گرم هوائن جي لپيٽ ۾ هئي، سانوڻيءَ جون برساتون ڏينهون ڏينهن سندس قبر کي جهوري رهيون هيون.

مون اک ڦيرائي ڏٺو، قبرستان ۾ هزارين داستان دفن هئا. هر قبر پنهنجو حسرت ڀريو داستان خاموش لفظن ۾ ٻڌائي رهي هئي.

پنهنجن عزيزن ۽ دوستن جي قبرن وٽان ٿيندو جڏهن واپس ٿي رهيو هوس، ڏٺم تہ ماڻهن جو غمگين ميڙ ہڪ جنازا کنيو ٿي آيو. جنازن جي

پنيان هڪ پوڙهو هو جو زارو زار روئي رهيو هو. بہ جنازا گڏ ڏسي منهنجي دل ۾ آنڌ مانڌ ۽ پريشاني پيدا ٿي تہ معلوم ڪجي تہ هڪ وقت بہ جنازا گڏ ڇو آهن. اڳتي هلي جنازا هڪ هنڌ رکيائون. قبرن کوٽڻ وارا اڃا هڪ ٻئي جي ويجهو بہ قبرون کوٽي رهيا هئا. تنهن ڪري ڪانڌي آس پاس قبرن جي وڏيل دڪين تي، پٽ تي ۽ ڪي ڪپڙو وڇائي ويهي رهيا ۽ ڪي ماڻهو بيٺا رهيا. مان هڪ ماڻهو جي ويجهو پٽ تي ويهي رهيس. مون ڏٺو تہ هن جو چهرو اداس هيو ۽ رکي رکي هن جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ٿي ويا. جنهن مان ائين محسوس ٿيو ٿي تہ هو مري ويلن جو عزيز هو. جڏهن سامت ۾ آيو تہ، مون هن سان ڳالهائڻ شروع ڪيو:

"ڇا هڪ ئي گهر جا جنازا آهن؟"

"ها." هن غم ٻڏل آواز ۾ مختصر جواب ڏنو.

"هڪ ٻئي جا ڇا هئا؟"

"ياءُ ۽ ڀيڻ."

"ڪنهن بيماري سبب...؟"

"نہ."

"ڇا ٿيو؟" مون حيرانيءَ مان وڌيڪ معلوم ڪرڻ لاءِ ڇيو.

"هڪ جو لاش ڪٽي آيا."

"ڪير؟"

"پوليس وارا."

"ڇو؟"

"ڇيائون ڇوڪري خودڪشي ڪئي آهي."

مون کي ماٺ وٺي ويئي. منهنجي زبان مان لفظ نہ نڪتو تہ هن وري ڳالهائڻ شروع ڪيو.

"ٻئي جو لاش اسان ڪٽي آياسين."

"ڪٿان؟"

"وڏيري جي اوطاق مان."

منهنجي تشويش ۾ اڃا تڙ پاڻ وڌي ويئي. مون هوريان هوريان هن کان پڇيو، "ڳالهہ ڪيئن آهي؟"

هن پوڙهي ڏانهن اشارو ڪندي چيو، "هو پوڙهو ڏسين ٿو؟" مون ڪنڌ ورائي ڏٺو تہ، پوڙهو گهٽي روئڻ ۽ راڙي سبب ذري گهٽ غشيءَ جي

حالت ۾ هو. ماڻهو هن کي سامت ۾ آڻڻ لاءِ پاڻي پيارڻ رهيا هئا. پر پاڻي هن جي نڙيءَ ۾ اندر وڃڻ بجاءِ واڇن مان ٻاهر وهي سندس سفيد ڏاڙهي ۽ سيرن ڪپڙن کي پسائي رهيو هو. هن وري چيو، ”هو انهن ٻنهي جو پيءُ آهي. هو ٻئي هن جا اڪيلا ٻار هئا.“

هو وري ماٺ ٿي ويو. مون چيو، ”پوءِ؟“

”پوڙهي جي ڌيءَ جوان ٻه هئي، سهڻي ٻه هئي. غريب پنهنجي ميڙي چونڊي لڪائي سگهي ٿو پر پنهنجي سهڻي جوان ڌي لڪائي نٿو سگهي. ڳوٺ جي وڏيري جي پٽ جي ڇوڪريءَ ۾ بري نظر هئي، ڇوڪريءَ هن کي هٿ نہ ڏنو. پوڙهو ڳوٺ ڇڏي شهر هليو آيو. وڏيري جي پٽ کي ڇوڪريءَ جي ڌڪار واري جواب ۽ پوڙهي جي ڳوٺ ڇڏڻ سبب خار هئا. ڇوڪريءَ کي اغوا ڪرايائين.“

مون وڏيڪ حيرانيءَ مان پڇيو، ”پوءِ ڇا ٿيو؟“

”اهو ٿيو جو صدين کان هن ڌيهہ ۾ ٿيندو آيو آهي. وڏيري جي پٽ ڇوڪريءَ جي عصمت تي ڌاڙو هنيو. ڪڏي ڪم کان پوءِ وڏيري جي پٽ ڳالهہ ڦاٽڻ جي خطري کان ڇوڪريءَ کي ماري واهہ ۾ ڦٽو ڪرايو.“ مون کان رڙ نڪري ويئي، ”هن ڌرتيءَ جي ڌيئرن سان اهڙا هاڃا ڪيستائين ٿيندا رهندا؟“

ٿوري ماٺ کان پوءِ وري مون پڇيو، ”ڇوڪرو؟“

هن چيو ”جڏهن ڇوڪريءَ جو لاش پوڙهي جي گهر کڻي آيا، گهر ۾ ڪهرام مچي ويو. ڇوڪريءَ جي جوان ڀاءُ جو گرم خون غيرت کان ٽهڪڻ لڳو. هن چيو: جنهن اسان جي عزت ۾ هٿ وڌا آهن، آءُ ان کي ختم ڪندس. هن ڊڪي بندوق کنئي، پوڙهو هن کي روڪڻ لڳو. هن جي ماءُ هن جي پيرن تي ڪِري ليلائڻ لڳي، مگر پيڻ جي لاش کي ڏسي هو ديوانن وانگر رڙيون ڪرڻ لڳو ۽ ماءُ پيءُ کان پاڻ ڇڏائي هليو ويو.“

”پوءِ ڇا ٿيو؟“

”اسين وڏيري جي اوطاق مان هن جو لاش کڻي آياسين.“

قبرون کوٽجي چڪيون هيون، جنازن کي دفن ڪرڻ لاءِ قبرن ۾ لاٿو ويو. پوڙهو رڙيون ڪرڻ لڳو. هن جا ڳوڙها خشڪ ٿي چڪا هئا. هن جو آواز جهيڻو ٿيندو ٿي ويو. جڏهن قبرن تي مٽي وجهي پوري ڪيائون تہ پوڙهو اڳتي وڌيو. پهريائين نياڻيءَ جي قبر کي ڀاڪر پاتائين، پوءِ پٽ جي قبر کي ڀاڪر پاتائين. ٻنهي قبرن کي هوريان هوريان ڇڏي ٿورو اٿيو ۽ پوءِ ٻنهي قبرن جي وچ ۾ ڪِري پيو.

# سچو دوست

”نبن!“

”جيءُ.“

”ڪڏهن عشق ڪيو اٿئي؟“

” عشق اوهان جهڙا وڏا ماڻهو ڪن.“

”پر عشق تہ سيڪو ڪندو آهي.“

” عشق پيٽ ڀرين جو ڪم آهي.“

”ان ۾ پيٽ ڀرائيءَ جي ڪهڙي ڳالھہ آهي؟“

”عشق ۾ بہ خرچ ڪپي ٿو.“

”نہ، دل کپي ٿي.“

”دل تہ هر ڪنهن جي چاهيندي آهي، پر سچو سوڪڙيون پاڪڙيون ڪٿان آڻيندو؟“

”توکي خبر آهي نہ، تہ منهنجو صاحبان سان ڪيڏو نہ عشق هو.“

”صرف صاحبان سان تہ نہ هو، ٻيون بہ تہ ڪيتريون ئي هيون.“

اهي لفظ ٻڌي سرائيءَ وڏو ٽهڪ ڏنو. سندس ڳلن تي گذريل واقعن جي ياد ايندي ئي تازگي اچي وئي ۽ سندس اکين ۾ اهڙي چمڪ اچي وئي. جيڪا هڪ ماهر شڪاريءَ کي پنهنجي شڪار کي سولائيءَ سان ڦاسائڻ کان پوءِ ان شڪار کي ذبح ڪرڻ وقت ايندي آهي.

”پر صاحبان جي ڳالھہ ٻي آهي.“

”سرائي، صاحبان هئي بہ صاحبان.“

”پر ان سان عشق ڪيترو وقت هليو؟“

”ٻين کان سرس.“

”پر ختم تي ويو، وڏن ماڻهن جي عشق کي بقا نہ آهي.“

”پر توسان دوستي،“ ٺوري ماٺ کان پوءِ وري چيائين، ”ننڍي لاءِ کان

وٺي هلندي اچي، ڇو؟“

”اوهان جي مهرباني آهي.“

”نہ دوستي عشق کان وڌيڪ مضبوط آهي، عشق ڇڄڻ ڏينهن جو چٽڪو آهي ۽ دوستي حياتيءَ جو ليکو.“

سرائي سردار خان ۽ نبن شهر جي بازار مان هلندا بہ پئي ويا ۽ ڳالهيون بہ ڪندا پئي ويا. سرائي تورو اڳيان ۽ نبن تورو پٺيان پئي هليو. لاڙڪاڻي ۾ رائيس ڪئنال جي اچڻ کان پوءِ ماڻهن ساهہ پٽيو آهي. آباديون جهجهيون ۽ واهڻ وڏي ويا آهن. جتي پاڻي آهي، اتي ٻنيون پليون آهن ۽ هڪٻئي جي ويجهو ننڍا ننڍا ڳوٺ آباد ٿي ويا آهن. بيراج مان زمينن جي ڪٽت سبب تمام وڏيون زمينداريون گهٽ آهن. گهڻن وڏيرن وٽ بہ ايتري زمين مس آهي جو ٻاهريون ڏيک رکي سگهن. سرائي سردار خان، علي واهڻ جو وڏيرو هو ۽ نبن ساڳئي ڳوٺ جو راهڪ. سرائي سردار خان جا وڏا ميرن جي زماني ۾ ميرن طرفان تر جي زمينن جي سنڀال ڪندا هئا. سنڀال ڇا ڪندا هئا جڻ مير ئي پاڻ هئا. سڄي ضلعي ۾ سندن ڏاڪ هئي، جهڙو تهڙو تہ سندن نالي کان پيو ڏڄندو هو، پر اهي وقت ٻيا هئا.

مير ويا، انگريز آيا، انگريز ويا، ملڪ کي آزادي ملي. هڪ سڄ بہ پاڇا، سرائين جو بہ اوج ساڳيو نہ رهيو. سندن ڪجهہ زمين تہ انگريزن جي زماني ۾ شاهي هلت ۽ قرضن پکن ۾ هلي وئي ۽ باقي زمين سندن پوين ۾ ورهائبي وئي، جنهن مان سرائي سردار خان جي حصي ۾ اٽڪل ويهہ ايڪڙ آئي. ويهہ ايڪڙ ساريال زمين ايتري گهٽي تہ ڪانہ هئي جو ڪو موجون ماڻي سگهي، پر ايتري ضرور هئي تہ پيٽ گذر ۽ سفيد پوشي ڪري سگهجي. ان هوندي بہ سرائي سردار خان پنهنجو ٻاهريون ڏيک رکڻ کان گهٽايو ڪين. وڏن واري حويلي ۽ اوطاق جيتوڻيڪ وقت جي لپاٽن ڪمزور ڪري ڇڏيون هيون، تڏهن بہ هو انهن کي مکيون چکيون بيٺو هو. اوطاق ۾ چڱن ماڻهن جي عزت ۽ آئي وئي جي ويهڻ لاءِ بہ ٽي ڳاڙهيون کٽون، جيڪي سندن وڏن جو يادگار هيون، پيون هونديون هيون. باقي هارين نارين ۽ ڳوٺ جي ماڻهن لاءِ تڏا، پلال مان ٺهيل پيڙها ۽ بہ ٽي صندليون پيون هونديون هيون. سنجهي کان پوءِ جڏهن ڳوٺ وارا پنهنجي ڪم کان واندا ٿيندا هئا تہ سرائيءَ جي اوطاق ۾ ڪچهريءَ لاءِ

اچي ڪنا ٿيندا هئا. پوءِ حقي ۽ ڳالهين جو دور گڏ شروع ٿيندو هو، جيڪو لڙيءَ رات تائين پيو هلندو هو. ڳالهيون سڀ ڪنهن قسم جون ٿينديون هيون. تر جي چورين ۽ ڀنگن، جهيڙن جهڳڙن، پوک جي فصلن، فصل جي ڪيڙن. شهر جي واقعن کان وٺي ملڪ جي سياست تائين، ڳالهيون ڪٺي ڪهڙيون به هجن. پر سرائي جي وڏن جو ذڪر ضرور ايندو، جنهن ۾ انهن جي ڪارنامن جي واکاڻ هوندي هئي.

نبن علي واهڻ جو رهاڪو هو. سندس وڏا پيڙهائتا سرائين جا ڪڙمي ۽ در جا ٻيلي هئا. سڄي عمر سرائين جي چاڪري ڪندي گذاري هئائون. پر نبن جي پيءُ پيرل پيٽ کي منيون ڏئي ميڙي چونڊي ڪري ٻه ايڪڙ زمين جو ٽڪرو ورتو هو، جنهن تي وڏي سرائيءَ کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي هئي. چي: "اسان جو ٽڪريل اسان سان ٿو سينو ساهي. چا، اسان وٽ بک هئس جو ٻني وڃي ورتائين؟ اسان جي ته سڄي زمين هن جي حوالي هئي، پيو موجون ڪندو هو."

انهيءَ ڪاوڙ ۾ وڏي سرائيءَ پيرل کان ڪڙمت تي ڏنل زمين کسي ورتي هئي ۽ ٻين ڳوٺ وارن کي به منع ڪئي هئائين ته ڪوبه کيس آباد ڪرڻ لاءِ زمين نه ڏي. پيرل جي مرڻ کان پوءِ ان زمين جو نبن اڪيلو وارث هو. نبن ان زمين ۾ مڪائي، ٻيريون ۽ انب پوکيا هئا. کيس نه هو ياءُ، نه پيڻ، نه ويجهو مٽ مائٽ، نه زال نه ٻار. تنهنڪري سندس ڪو خرچ وڌو ڪين هو. جيڪي ڪجهه ان ٻنيءَ مان ملندو هوس، ان مان سندس وقت گذري ويندو هو.

سرائي سردار خان ۽ نبن شهر مان سودو وٺڻ آيا هئا. سرائيءَ جي اها عادت هوندي هئي ته جڏهن به شهر ويندو هو ته پاڻ سان ڪو نه ڪو ماڻهو ضرور وٺي ويندو هو، جنهن مان سندس مراد اهو ڏيکاءُ ڪرڻ هوندو هو ته سرائي نوڪرن چاڪرن ۽ ڪڙمين ڪارين وارو آهي ۽ جنهن ڏينهن کيس شهر مان سودو وٺڻو هوندو هو، ان ڏينهن پاڻ سان ڪو ماڻهو ضرور کڻندو هو. چاڪاڻ ته هو اها ڳالهه پنهنجي شان کان گهٽ سمجهندو هو ته پاڻ سودي جون هڙون کنيو شهر ۾ چٽن وانگر گهمندو وتي. سندس شهر جو ساٿي گهڻو ڪري نبن هوندو هو. هو جڏهن به شهر هلندو هو ته نبن کي ناس ۽ تماڪ جي يادگيري ڏياريندو هو ۽ شهر مان سٺي ۽ سستي ناس ۽ تماڪ ملڻ تي تقرير ڪندو هو ۽ پوءِ کيس پاڻ سان ورتيون ويندو هو ۽ پڻ

جڏهن نبن ناس يا تماڪ وٺڻ لڳندو هو تہ خاص طرح ناس جي جلدي سڪي خراب ٿيڻ جي هدايت ڪري کيس ٻن-ٽن ڏينهن کان وڌيڪ ضرورت جي ناس ۽ تماڪ وٺڻ ٿي نہ ڏيندو هو ۽ پوءِ ٻن-ٽن ڏينهن بعد وري ٻئي گڏجي شهر ايندا هئا.

اڄ نبن چئين آنين جي ناس ۽ چئين آنين جو تماڪ خريد ڪيو هو. پر سندس ڪلهن تي ۽ هٿن ۾ انهيءَ سودي جون هڙون هيون جيڪو سرائي سردار خان خريد ڪيو هو.

هو ڳالهائيندا ٿي ويا تہ سرائي هڪڙي هوٽل ۾ لنگهي ويو. هن جي پٺيان نبن بہ اندر هليو آيو. نبن هڙون پاسي سان رکيون ۽ ٻئي ڄڻا ڪرسين تي ويهي رهيا.

"وڏن شهرن ۾ وڏا مزا آهن." نبن هوٽل ۾ لڳل وڏن شيشن، رنگين تصويرن، وڄندڙ ريڊيو، بسين ۽ ڇمڇن جي کڙ کڙ کان متاثر ٿيندي چيو.

"وڏن شهرن ۾ رهن بہ وڏا ماڻهو ٿا." سرائيءَ وراڻيو.

"سڀ پئسي جي ڳالهہ آهي."

ايتري ۾ بيرو اچي سرائيءَ جي مٿان بيٺو. سرائيءَ کيس بہ گلاس ٿڌي شربت جا آڻڻ جو آرڊر ڏنو ۽ وري ٻئي ڳالهين ۾ شروع ٿي ويا.

"هاڻي هن هوٽل بہ زورورتو آهي" سرائيءَ چيو.

"جڏهن ننڍي هوندي ايندا هئاسون، تڏهن مڙئي پورو سارو هو." نبن چيو.

پوءِ ٻئي ڄڻا ننڍپ لاءِ جي ڳالهين ۾ اچي پيا. ننڍي لاءِ جون ڳالهيون کليون تہ چڻ واهڙ وهي پيا. هڪ ٻئي جي مٿان ويون ڳالهيون نڪرنديون. ٻئي ڄڻا ننڍي لاءِ جون ڳالهيون ۽ شرارتون ياد ڪري ڪڏهن مرڪيا ۽ ڪڏهن ٺهڪ ڏئي کليا پئي.

"نبن، تنهنجي ۽ منهنجي ننڍي لاءِ واري دوستي، اڃا هلندي اچي."

"توهان جي مهرباني آهي."

"اها ڳالهہ ياد اٿئي، جڏهن ڪورين جي انبن جي باغ ۾ گهڙيا هئاسين."

"ها سرائي، مون وڻ تي چڙهي انب تو ڏانهن پٽي تي اڇليا."

"۽ ايتري ۾ مالڪن کي پتو پئجي ويو."

”۽ تون انبن سوڙو هڪ پاسي پڇي وئين ۽ مان ٻئي پاسي.“ ٻئي گذريل واقعا ياد ڪري ٿمڪ ڏئي کلڻ لڳا.

”پر سرائي، تو انب سڀ ڪائي ڇڏيا. مون لاءِ هڪ به نه بچايو.“

”اهي انب مان پنهنجي گهر تنهنجي سورهيائي ڏيکارڻ لاءِ ڪٺي ويو هوس. سڀني تنهنجي واهه واهه پئي ڪئي.“

نبن سورهيائي ۽ واهه واهه جا لفظ ٻڌي خوش ٿي ويو. ڪانئس اهو خيال ئي لهي ويو ته سندس محنت جو قل ڪن ٻين ڪاڌو هو.

”هو جو گهاڙ ٻير وارين ڪچين تي هليا هئاسين.“ سرائيءَ پڇيو. ٻئي ڄڻا ڀريان ٿمڪ ڏئي کليا ۽ پوءِ نبن چيو:

”ڪچيءَ تي مان چڙهيس، ڪارڪون مون لاٿيون، ڪٺي تون وئين ۽ موچڙا مون کاڌا.“

ٻئي ڄڻا نبن جو مالڪن جي هٿان پڪڙجڻ ۽ موچڙن جو واقعو ياد ڪري کلندا رهيا. پوءِ شربت پي اٿي کڙا ٿيا. نبن هڙون کنيون ۽ ٻئي ڄڻا دخل واري جي ويجهو وڃي بيٺا. ”سرائي به روپيا.“ بيري رڙ ڪئي.

سرائيءَ کيسي ۾ هٿ وڌو، ننڍن نوٽن کي ڇڏي ڳولي هڪ پنجاهه وارو نوٽ ڪڍيائين. ڀريان نوٽ کي ڏسڻ لڳو ۽ پوءِ هٿ سان مهٽيندي نبن کي چيائين:

”نبن، مون وٽ ته وڏو نوٽ آهي، تو وٽ به ريپا کليا هوندا، اهي دخل واري کي ڏئي ڇڏ. دوستيءَ ۾ ڪهڙو ليکو آهي، جهڙا پئسا تو ڏنا تهڙا مون.“

نبن دخل واري کي پئسا ڏنا، ٻئي ڄڻا وري شاهي بازار وارو رستو ڏئي موٽر اسٽينڊ ڏانهن هلڻ لڳا. سرائي سڄي واٽ دوستيءَ ۾ حساب ڪتاب نه رکڻ جي گفتگو ڪندو هليو. واٽ تي جڏهن پوليس ٽاٽو آيو ته سرائي بيهي رهيو ۽ ٽاٽي ڏانهن اشارو ڪندي نبن کي ٻڌايائين ته ان ٽاٽي جو صوبيدار ۽ جمعدار سندس سنگتي هئا. پوءِ پوليس ۽ زميندارن جي سنگت مان جيڪي فائدا هئا، اهي نبن کي ٻڌائڻ لڳو.”پوليس ۽ زميندارن جو هڪ ٻئي سان ساٿ نه هجي ها ته ملڪ جي گاڏي نه هلي. ٻئي ملڪ جي گاڏيءَ جا به ڦيٿا آهن، جي ملڪ کي اڳتي هلائن ٿا. جي اسان پوليس جي ڪم اچون ٿا ته پوليس به اسان جي ڪم اچي ٿي. منڙا! گهر ته گهرانءِ واري ڳالهه آهي.“

ٻئي ڇڻا جڏهن لاريءَ ۾ چڙهي ڳوٺ روانا ٿيا ته ياڙو وري به نبن کي ڏيٺو پيو. ڇاڪاڻ ته سرائيءَ وٽ وڏو نوٽ هو ۽ کليل پئسا ڪين هئا ۽ نبن کي اهي سڀ ڳالهيون ذهن نشين هيون جيڪي ڪجهه دير اڳ سرائيءَ دوستيءَ ۾ حساب ڪتاب نه رکڻ بابت کيس ٻڌايون هيون.

جيتوڻيڪ علي واهڻ ۾ ٻيا به ڪيترائي ماڻهو هئا جن سان نبن جي ڏيٺ ويٺ، اٿ ويهه ۽ سنگت هئي پر سيني مان سردار خان سندس گهاٽو دوست هو. هو مٿس ايترو ته مهربان هوندو هو جو جڏهن نبن جون ٻيريون پچنديون هيون ۽ انبن ۾ انبڙين لڳڻ کان وٺي ويندي انبن ۾ ٽپڪي تائين وٽس هر روز وڃڻ ۾ پيرو نه پڃندو هو. سچ مٿي چڙهڻ کان پوءِ ڪچهري وچي نبن سان ڪندو هو ۽ موٽڻ وقت ٻير، انبڙيون، انب، موسم آهر ڪجهه نه ڪجهه پاڻ سان کنيو ايندو هو. چوندو هو. دوستن جو مال گڏيو پيو آهي، جهڙو هڪ کاڌو تهڙو ٻئي. نبن وڏيري جا اهڙا خيال ۽ سٺيون ڳالهيون ٻڌي ٺڙي پوندو هو.

ڪڏهن ڪڏهن ڳوٺ وارا وات هٽندا هئا ته سرائي، نبن وٽان ته سڀ ڪجهه کنيون پيو اچي، پر موٽ ۾ کيس سڀ ڪجهه هوندي به سڪيءَ مانيءَ جي ڪل به نٿو ڏئي. پر نبن ماڻهن جون ڳالهيون ٻڌيون اڻ ٻڌيون ڪري ڇڏيندو هو، ڇاڪاڻ ته هن کي سرائيءَ جون دوستيءَ ۾ لالچ نه ڪرڻ ۽ خودغرضيءَ کي ترڪ ڪرڻ جون ڳالهيون هميشه ياد هونديون هيون.

نبن جو سارو سال سکيو گذري ويندو هو، پر جڏهن سيارو ٿيندو هو، تڏهن هن جي باغ ۾ ڪجهه نه هوندو هو جو وڪڻڻ لاءِ شهر کڻي اچي. انهن ڏينهن ۾ کيس سيارو ۽ پارو تنگ ڪندو هو، ٻيو پئسي جي سوڙهه ٿيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ته ائين به ٿيندو هو جو هن وٽ کائڻ لاءِ ڪڻو به نه هوندو هو ۽ ويلن جا ويلا بکئي پيٽ لنگهڻ تي سمهي پوندو هو. سوچيندو هو سرائيءَ ڏانهن وڃان، پر کيس سرائيءَ جي اها نصيحت ياد ايندي هئي ته دوست کي دوست جي در تي هٿ ٽنگڻ نه گهرجي. انهن ڏينهن ۾ سرائي به هن جي ٻنيءَ تي وڃڻ بند ڪري ڇڏيندو هو. چوندو هو: ”هڙي پاري ۾ منهنجو نبن وٽ وڃڻ ٺيڪ نه آهي. هونئن به سياڻن جو چوڻ آهي ته جڏهن ڪو ماڻهو تڪليف ۾ هجي ته ماڻهن کي ان وٽ وڃي ان کي خفي نه ڪرڻ گهرجي. پل موسم بدلجي، پوءِ آءٌ هن وٽ

ويندس ۽ هن کان ٻيرءَ انب وٺي هن کي خوش ڪندس.“

ڪڏهن ڪڏهن اوطاق ۾ ويٺل ماڻهو سندس اهي ڳالهيون ٻڌي چوندا هئا. ”سرائي، توکي ٻين جو ڪيترو نه خيال آهي.“

هڪڙي پيري ڳوٺ ۾ ڏاڍي تيز هوا ۽ طوفان آيو. جنهن ڪري نبن جي پراڻي جهڳي اچي پٽ پئي ۽ ڪيس مٽي لڪائڻ لاءِ ڪو اجهو نه رهيو. سرائيءَ جي ننڍي پٽ نبن جو هيٺو حال ڏسي پيءُ کي چيو:

”بابا، نبن کي پاڻ وٽ نه وٺي رهايون.“

اهي لفظ ٻڌڻ سان سرائيءَ جي ڪنن جون پاپڙيون ڳاڙهيون ٿي ويون ۽ پٽ کي چهڙٻڪي چيائين:

”تون ڪيئن زميندار ڪندين ۽ ڳوٺ جو وڏيرو ٿيندين؟ توکي ايترو عقل ڪونهي جو نبن کي مون سان گڏ ٿو رهائين. توکي خبر نه آهي ته ويجهڙي رهڻ ڪري دوستيءَ ۾ ڪتر ٿي پوي. مان ڪڏهن به اهو سهي نه سگهندس ته اسان جي دوستيءَ ۾ ڪتر پوي.“

جڏهن سرائيءَ ويجهي رهڻ ڪري دوستيءَ کي پهچندڙ نقصانن بابت پنهنجي تقرير پوري ڪئي ته پٽهنس وري چيو:

”ته پوءِ اسان کي هن جي ڪجهه مدد ڪرڻ گهرجي.“

”مدد؟“ وڏيري رڙ ڪئي. ”اوڌر، قرض، توکي خبر نه آهي ته قرض محبت جي ڪئنچي آهي. تون اسان جي دوستي ڦٽائڻ جا مشورا ٿو ڏين. مان تو جهڙي بيوقوف ڇوڪر جي ڳالهين تي لڳي پنهنجي ورهين جي ياري ائين ڪين وڃائيندس.“

جڏهن سيارو گذريو، بهار جون هوائون گهلڻ لڳيون ۽ ٻير پڪا ٿيا ته سرائيءَ نبن کي ٻنيءَ تي اچي سلام ڪيو. گهڻي وقت تائين ٻئي هڪ ٻئي سان حال ونڊڻ ۽ اوپارين لهوارين ڳالهيون ڪرڻ لڳا. نبن ٻيرن جا ٻه ٽي ٻڪ سرائيءَ جي اڳيان اچي رکيا. سرائي ٻير به کائيندو پئي ويو ۽ ڳالهيون به ڪندو پئي ويو. جڏهن ٻير کُٽا ته سرائي موڪلائڻ لاءِ اٿي بيٺو.

”نبن، ٻيرن جي پهرين وَٽ آهي، دل ٿي چوي ته ٽي داڻا ٻارن لاءِ کنيون وڃان.“ ائين چئي انگوڇو نبن کي ڏنائين، جيڪو هن پري اچي سندس اڳيان رکيو. اڃا سرائي ٿورو اڳتي هليو ته نبن کي چيائين:

”نبن! سامهون وارو ٻير ته ناهوڪو آهي، توکي ته خبر آهي ته منهنجي اوطاق واري مَنهه جو ورو پيچي پيو آهي، مان پاڻ ڪاٺيءَ جي تلاش ۾

هوس. تنهنجي ۽ اسان جي تہ ساڳي ڳالهہ آهي، اميد تہ پنهنجي دوست کان هي خسيس بيرنہ رکندين. سياڻي واڌو موڪليندو مانءِ.“

بئي ڏينهن نبن بيرو ڊائي، گاڏيءَ تي ڪٽائي سرائيءَ وٽ پهتو. سرائي وريءَ کي ڏسي خوشيءَ مان چيو:

”دوستيءَ جو ننگ ڪي مڙس سڃاڻندا آهن. دوست هجن تہ تو جهڙا. دوستيءَ ۾ ماٺهو سر ڏئي ڇڏيندا آهن، هيءُ تہ بيرهو.“

نبن سرائيءَ جي واتان اهي لفظ ٻڌي ڪپڙن ۾ نہ ٿي ماپيو. ڪيس اهو احساس ٿيو تہ هو چڱو دوست هو.

”نبن! توکي بيو بہ ڪم ڪرڻو آهي. چوندا آهن جم ۾ ڪم آهي، سياڻي تنهنجو مون ۾ ڪم پوندو. اڄ منهنجو تو ۾ ڪم آهي. اڄ منهنجو ڪم ڪندين تہ سياڻي مان تنهنجو ڪم ڪندس. دنيا ڏي وٺ جي ياجي آهي. هونئن بہ دوستيءَ ۾ ڪم جي ڪهڙي ڳالهہ آهي. سياڻي هي ورو تون پاڻ پنهنجن هٿن سان منهنجي منهہ ۾ اچي وجهجانءِ.“ جيتوڻيڪ سياڻي نبن کي بير کٽي شهر ويٺو هو پر هن سوچيو: اول يار جو ڪم، پوءِ پنهنجو.

سانوڻ جي مند هئي. اڌ رات جو وقت هو. اوچتو سرائيءَ جو يار صوبيدار، جمعدار ۽ ڇٺن سپاهين سان اچي سرائيءَ وٽ نڪتو. آئيءَ ويل جا مهمان. سرائي منجهي پيو. جي صوبيدار صاحب جي ٿهل ٽڪور ۽ آجيان چڱي نٿو ڪري تہ هڪ تہ سندس وڏيرائپ جا وڪا ٽا پڌرا ٿين، بيو سڄي عمر جي پوليس سان کيل ڪمائي تي ڪٽ ٿئي. ڪري تہ ڇا ڪري؟ سڏو ويو نبن جي گهر. نبن سرائيءَ کي اوپلو پاڻ وٽ ڏسي وائڙو ٿي ويو. اڃا ڪجهہ پڇيس تہ اول ئي سرائيءَ ڳالهايو، ”نبن، مهمان اچي نڪتا آهن، مهمان بہ وڏا ماڻهو- صوبيدار، جمعدار، سپاهي، بس سڄو ٿاڻو آهي. مون توکي ٻڌايو هو تہ صوبيدار سان منهنجي ياري آهي. دوستن جا دوست پنهنجا دوست. منهنجا ڇا، اهي تنهنجا دوست آهن. جيئن دل چيو انهن سان تنهنجي جاڻ سڃاڻ ڪرائي ڇڏيان. اوکيءَ سوکيءَ انهن وٽ وڃين تہ مانُ بہ پائي اچين ۽ ڪم بہ ڪڍي اچين. انهيءَ ڪري توکي سڏڻ آيو آهيان، پر بہ- تي ڪڪڙڪنيون اچجانءِ، جيئن انهن جي مهماني چڱي ڪري سگهون.“

سرائي اڃا اوطاق تي پهتو ئي ڪين تہ نبن بہ ڪڪڙن سوڌو اچي

نڪتو. سرائي، نبن کان ڪڪڙ ورتا ۽ چيائين، "صوبيدار صاحب، هي نبن آهي. هن ڳوٺ جي چڱن ماڻهن مان آهي." نبن جهڪي صوبيدار کي هٿ ڏنو. صوبيدار اڌ منٽ هن سان خير عافيت ڪئي ۽ پوءِ منهن ٻئي پاسي ڪري ڇڏيو.

سانوڻيءَ جي منڊ، ساريال ٻنيون، ٻنين ۾ پاڻي، مڇرن جي ريهه تي پئي. هڪ گرمي، ٻيا مڇر، صوبيدار جان کان بيزار ٿي پيو. صوبيدار کي بيقرار ڏسي سرائيءَ رڙ ڪئي:

" اڙي نبن! اچا وينو آهين، ڏسين نٿو ته صاحب کي مڇر ٿا تنگ ڪن."

نبن اٿيو، پکو ڪنيائين ۽ سڄي رات صوبيدار کي پکو هڻندو رهيو.

هڪڙي رات نبن پنهنجي گهر ۾ وينو هو ته وڏيري جو سڏ ٻڌائين. سياري جي رات هئي، ٻاهر مينهن پئي پيو ۽ تيز هوا لڳي رهي هئي. نبن ٻاهر نڪري ڏنو ته سرائي هٿ ۾ ٻتي جهليو سنڌس دروٽ بيٺو هو.

"سرائي! ڪمهلو؟"

"نبن، مان تڪليف ۾ آهيان، منهنجي پٽ کي پيٽ ۾ ڏاڍو سور اچي پيو آهي، دوا جي ڏاڍي ضرورت آهي. ڊاڪٽر اسان جي ڳوٺ کان ڇهه ميل پري آهي. مان چوڪر کي ڇڏي ڪيئن وڃان، سوچيم ته دوست ئي آئيءَ ويل ڪم ايندا آهن. توکان وڌيڪ ٻيو منهنجو ڪهڙو دوست آهي، چيم توکي ئي دوا لاءِ موڪليان."

"وڏي خوشيءَ سان،" نبن وراڻيو، "پر ها، هٿ ٻتي ڏي ته ڪنيون وڃان، رات اونداهي آهي، متان ڪٿي ٿابوا چي وڃي."

"ٻتي ته توکي ڏيان ها پر ٻتي صفا نئين آهي. جي ان کي مينهن لڳو ته شيشو ٽٽي پوندو ۽ لوهه ڪٽجي ويندو. رستو ته سنئون آهي، توکي ڪا ئي تڪليف ڪانه ٿيندي."

"چڱو پوءِ مان ٻتيءَ ڪانسواءِ ئي وڃان ٿو."

نبن مٿي تي ڳوڻ رکي، هٿ ۾ لٺ ڪنئي ۽ سرائي جي پٽ لاءِ دوا وٺڻ لاءِ مينهن ۽ واءُ ۾ روانو ٿي ويو. جڏهن دوا وٺي موٽيو ته سيءُ هن جي هڏ هڏ ۾ گهڙي ويو هو. هن جي ڪاڏي ۽ جسم سيءَ ۾ ڏڪي رهيو هو. سرائي کي دوا ڏئي گهر موٽيو ته اچي سوڙن ۾ پيو. ٽي ڏينهن تپ ۽ سيءَ ۾ ٻرندو ۽ ڏڪندو رهيو، پر سرائيءَ کي پنهنجن ڪمن کان واندڪائي نه ملي جو

هن جو حال پڇڻ وڃي. سرائي، نبن جي گهر تڏهن آيو، جڏهن ڪيس هن جي مرڻ جي خبر ملي. سڀ ڪو نبن جي مرڻ تي ڏک جو اظهار ڪري رهيو هو. سرائيءَ روئڻهارڪو منهن ڪري چيو:

”نبن جي موت ڪري جيتوڻيڪ سڄي ڳوٺ کي نقصان ٿيو آهي پر وڏيڪ نقصان مون کي ٿيو آهي جو مون منهنجي هر ڪم جو ساٿي ۽ ننڍي لاءِ جو دوست هو.“

جيئن ته نبن جو نه ڪو وارث هو نه ويجهو مائٽ، تنهن ڪري ٿورن ڏينهن ۾ ئي سرائيءَ، نبن واري زمين به پنهنجي قبضي ۾ ڪري ڇڏي.

(آسڪر وائيلڊ جي ”ڊووٽيڊ فرينڊ“ کان متاثر ٿي لکيل)

# ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾

هو ٻن ٽن ڏينهن کان شاپنگ ڪندو ٿي رهيو. شاپنگ ڪندي هن جي اندر ۾ خوشيءَ جي لهر ڊوڙي ٿي وئي. هو جيڪي ڪجهه خريد ڪري رهيو هو، پنهنجي لاءِ نه، پر پنهنجن پيارن لاءِ خريد ڪري رهيو هو. پيارن کي جڏهن به ڪا سوکڙي ڏني ويندي آهي، ته انهيءَ سوکڙيءَ سان گڏ سوکڙي ڏيندڙ جو پيار ۽ محبت به اهڙي طرح سمايل هوندي آهي، جهڙيءَ طرح بهار جي موسم ۾ لڏندڙ ٽانگر جي پنکڙين ۾ سرهاڻ سمايل هوندي آهي. هن پنهنجي پيڙهي ماءُ، جيڪا هن جو سڀ ڪجهه هئي، اُن لاءِ لون جي شلوار قميص ۽ ململ جو رئو خريد ڪيو. پنهنجي هڪ سال جي ڌيءَ شبوءَ لاءِ، جيڪا اڃا ٿورو هلڻ سکي هئي، چيڪٽ وارو بوٽ، سبيل فراڪ ۽ پاجامو ورتو هو. هو اهو سوچي دل ئي دل ۾ خوش ٿي رهيو هو ته شبو جڏهن اهو آواز ڪندڙ چيڪٽ وارو بوٽ پائي هلندي، تڏهن ڪيڏي نه خوش ٿيندي ۽ اسان کي، مون کي. منهنجي گهر واري ۽ امڙ کي ڪهڙو نه مزو ايندو. ٿورو هلندي، ٿورو ٿڙندي، ٿورو ٿاٻڙندي ۽ پوءِ منهنجي ڪليل ٻانهن ۾ اچي ويندي. مان کيس ڇڪي ڇاتيءَ سان لائيندس، هن جي ٻنهي ڳلن تي مِنيون ڏيندس، اهڙيون مِنيون، جن ۾ پيءُ جي دل جو سمورو پيار سمايل هوندو.

زال لاءِ خريداري هن جي لاءِ مسئلو هئي. عورتون مردن لاءِ خريداري ڪري اچن ته مرد صبر ۽ خوشيءَ سان ان کي قبول ڪن. نه پسند اچڻ جي باوجود ان مان ڪا وِڏ نه ڪڍن، پر مرد جي. عورتن لاءِ ڪا خريداري ڪئي ته يڪدم راءِ ايندي:"اوهان مرد خريداريءَ مان ڇا ڄاڻو؟" تنهن ڪري هن ڪي پنهنجي زال لاءِ ڪپڙا خريد ڪندي، وڏي خبرداريءَ کان ڪم ورتو ٿي پيو. گهڻن دڪانن ڦرڻ کان پوءِ، هن زال لاءِ ريشمي ڪپڙو خريد ڪيو. هڪ چپل ۽ ڪنن لاءِ آرٽيفيشل گولڊ جا ايرنگ ورتا. هن

کي ڪپڙن جي تہ پڪ ڪانہ تي پئي باقي ايرنگ ۽ چپل لاءِ هن کي يقين هو تہ اهي زينوءَ کي پسند ايندا.

موريو لاڙڪاڻي ضلعي جي هڪ ٻهراڙيءَ جو رهاڪو هو. هو ننڍو ئي هو تہ هن جو پيءُ مري ويو هو. سندس مرحوم پيءُ جي خواهش کي هن جي ماءُ ايترو پورو ڪري سگهي هئي، جو هن مئٽرڪ پاس ڪري ورتي هئي. هن جي ماءُ هن کي ڪيئن پاليو ۽ ڪيئن پڙهايو، اها هن کي خبر هئي. جڏهن هن کي ماءُ جا اُهي ڪشالا ۽ تڪليفون ياد ايندڙيون هيون تہ هن جي اندر جي تلاءَ ۾ جڻ ڪو پٿر اڇلبو هو. پاڻي هن جي اکين ۾ تري ايندو هو. هو اندرئي اندر ۾ چوندو هو: "امڙ، مان تنهنجو اهو ٿورو قيامت تائين لاهي نہ سگهندس."

هن جي پيءُ جي اڌ خواهش تہ هن جي ماءُ پوري ڪري ورتي هئي، باقي اڌ خواهش اڄ پوري رهجي وئي هئي. هو آفيسر بڻجڻ بجاءِ ڪراچيءَ جي هڪڙي پرائمري اسڪول ۾ لئنگويج ٽيچر بڻجي ويو. انهيءَ نوڪري ملڻ تي بہ هو ڏاڍو خوش هو. دل ۾ چوندو هو:" يلا ياڳ جو اها نوڪري بہ ملي وئي."

ڪراچيءَ ۾ نوڪري ڪرڻ تي هو ارهو بہ هو. ارهو انڪري، جو هو پنهنجي ڳوٺ، پنهنجي امڙ، پنهنجي زال ۽ پنهنجي ڌيءَ کان پري هو. هن کي جڏهن پنهنجي ڌيءَ جا ٻاتڙا ٻول ياد ايندا هئا، هن کي جڏهن پنهنجي زال جون پيار ڀريون ڳالهيون ياد ايندڙيون هيون، هن کي جڏهن پنهنجي امڙ جو شفقت ڀريو چهرو ياد ايندو هو، تڏهن چوندو هو: "ڪوءِ وڃوڙو، ٻن جـ.ائي، گرنهہ گهٽ پر پرينءَ وٽ."

جڏهن گرنهہ چوندو هو تہ هن کي اهو بہ ياد ايندو هو تہ هن جي گهر جي گنديءَ ۾ گرنهہ جيترا اَنَ جا داڻا بہ ڪين هوندا. هو ڪراچيءَ ۾ سرهو انهيءَ ڪري هو، جو اهو هن جي سنڌ جو وڏي ۾ وڏو شهر هو، جنهن سان سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي تاريخ جو واسطو هو. هن شهر کي اوير جي راڻي ڪوٺيو ويو هو. هن شهر جي هر ڪا شيءِ وڏي هئي: رستا وڏا، بلڊنگون وڏيون، ڪارخانا وڏا، ماڻهو وڏا، سينيون وڏا. هن شهر ۾ ڀڏڻ ۽ وڏي ٿيڻ جا سوين موقعا هئا. هن جي ڳوٺ ۾ چا هو، جيڪو اڳ هو اهو ئي هاڻي هو. هاريءَ جو پٽ هاري، مزدور جو مزدور! هن ڪراچيءَ ۾ رهندڙ ڪيترن ماڻهن لاءِ ٻڌو ۽ ڪيترن ماڻهن کي اکئين ڏٺو هو، جي

هو جڏهن گهر پهتو تہ رات ٿي چڪي هئي. آسمان تي ستارا چمڪي رهيا هئا، مگر هوا ۾ تيز ڊوڙندڙ بادلن انهن کي ڪڏهن ڪڏهن ڍڪي ٿي ڇڏيو. فليٽن ۾ بتيون روشن ٿي ويون هيون، جن جي روشني فقير جي خيرات لاءِ وڇايل چادر وانگر ٻاهر نڪري رستن تي ٿي پئي. لوڊشيڊنگ ڪري رستن تي اونداهہ لڳي پئي هئي. ميونسپل ڪارپوريشن جون بتيون بہ نہ ٿي ٻريون. ڪنهن دڪان تي ٻرندڙ بتين جي روشني اٿين ٿي لڳي، جڻ ڪنهن ٻٽي ڪوهہ تي ڏيئو ٻاري ڇڏيو هجي. هن ڪمري ۾ بجليءَ جو بٽڻ ٻاريو. تن ڏينهن جو خريد ڪيل سامان گڏ ڪري پنهنجي اڳيان اٿين رکيو، جيئن دڪان بند ڪرڻ کان پوءِ دڪاندار پنهنجي موڙي اڳيان رکندو آهي.

هو هر هڪ شيءِ کي ڏسندو گد گد ٿيندو ٿي ويو ۽ نهايت نفاست سان پنهنجي هينڊ بيگ ۾ وجهندو ٿي ويو. هي امڙ جا ڪپڙا، هي شبوءَ جو بوٽ، فراڪ ۽ پاجامو، هي زينوءَ جو سامان. هن سوچيو ڪا شيءِ خريد ڪرڻ کان رهجي تہ نہ وئي. "ها، امڙ چيو هو تہ ڏنڏا گيري حلوو وٺي اچجانءِ." مگر شام واري هراس ۽ افراتفريءَ ۾ هن کان وٺڻ وسري ويو هو.

"امڙ ڇا چوندي!" هو دل ۾ سوچڻ لڳو، مگر هاڻي بولٽن مارڪيٽ وڃي تاج محل هوٽل تان حلوو وٺي اچڻ ڏکيو ڪم هو.

"امڙ، امڙ آهي، پيرين پئي معافي وٺندومانس."

مورئي کي ڳوٺان آئي ڪافي ڏينهن ٿي ويا هئا. سياٽي کان اسڪولن کي وئڪيشن هئي، هو انهن هفتن لاءِ ڳوٺ وڃي رهيو هو. هو جڏهن رات جو سمهيو تہ هن کي ڳوٺ جون ڳالهيون ياد اچڻ لڳيون، جڻ سئنيما جي پردي تي مختلف منظر هڪ ٻئي جي پٺيان ايندا ٿي ويا. هن کي سداواهہ ۾ ڪَڪيون ۽ ڪاريون مينهون ترڳنديون ۽ ٽٻيون هڻندي ۽ ٺهڪ ڏيندڙ ڇوڪرا ياد آيا. هن کي ياد آيو تہ هو بہ ڪڏهن اٿين سداواهہ ۾ ترندو ۽ ٽٻيون هڻندو هو. هن کي سدا واهہ جي ڪناري تي مومن فقير جو اوتارو ياد آيو، جنهن ۾ هر جمعي رات جو فقيراڻو راڳ ٿيندو هو، جو لڙيءَ رات تائين هلندو هو. هو راڳ ٻڌڻ ويندو هو ۽ دير سان موٽڻ سبب، ماءُ جون ڇڙٻون سهندو هو. هن کي اوتاري جي پرسان ٻير جو وڏو وڻ بہ ياد آيو. ايڏو اوچو جڻ آسمان سان ڳالهيون ڪندو هجي ۽ هوريان هوريان ان کي دنيا وارن جون ڳالهيون ٻڌائيندو هجي. ماڻهو

چوندا هئا تہ اهو ايترو پڊو آهي جيترو سندس ڳوٺ. انڪري ٻهر ڪي ڳوٺ وارن جون سڀ ڳالهيون معلوم آهن. هن کي ياد آيو تہ اونهاري جو جڏهن ذڪر جي هير گهلندي هئي تہ ٻهر جي پنن مان اهڙو آواز ايندو هو، ڄڻ ننڍڙا ٻار پاڻ ۾ سرباٽ ڪندا هجن ۽ هڪ ٻئي کي ڪتڪايون ڪري ڪڏهن هوريان ۽ ڪڏهن ڏاڍيان ٺهڪ ڏيندا هجن. هن کي مال چارينڊڙ ملهو بہ ياد آيو، جيڪو آرهڙ ۾ مينهون ڪاهي پپر جي ٿڏي ڇانو هيٺ اچي ويهندو هو ۽ هو ان ڇانوَ هيٺ ويهي ملهوءَ سان ڳالهيون ڪندو هو.

هن کي سايون ۽ سرهيون ٻنيون ياد اچڻ لڳيون. هن جي اکين اڳيان ڪڻڪ جا هوا ۾ جهومندڙ سنگ تري آيا ۽ قلندر جي درگاهہ تي ڌمال هڻندڙ فقيرن جيان مستيءَ ۾ لڏندا لمندا رهيا ٿي. هن کي کيتن ۾ سرنهہ جا سون جهڙا پيلا پيلا گل ياد آيا، ڄڻ ڪنهن گجر جي ڪنن جون واليون. اِهي ڳالهيون ياد ايندي ئي، هن جي من ۾ موج پيدا ٿي وئي. هو چوڻ لڳو، "سياڻي مان انهن سان گڏ هوندس."

هن اکيون ٻوٽيون پر اکيون ٻوٽيل ئي رهيون، ننڊ ڪنهن شرير چوڪر وانگر هن کان پري رهي. هن هيڏي هوڏي پاسو ورايو، تہ اک لڳي، ٿورو آرام ڪري وٺي، مگر هن کي ننڊ نہ ٿي آئي. هن واچ ڏانهن ڏٺو، "اچا ٻارهن ٿيا آهن."

هو وري يادن ۾ ائين گم ٿي ويو، جيئن ڪو اوپرو ماڻهو ميلي جي پيهہ ۾ گم ٿي ويندو آهي. هن کي پنهنجي ماءُ جو ٻاجهارو چهرو ياد اچڻ لڳو.

"ڪيڏو نہ خوش ٿيندي امان، جڏهن مان ڳوٺ پهچندس." هلڪي مرڪ هن جي چپن تي ڦهلجي وئي. ڪيڏو تہ پيار آهي ان کي مونسان، ماءُ جو ٿي.

پوءِ هن کي ننڍپڻ کان وٺي جوانيءَ تائين ماءُ جي محبت جون سڀ گهڙيون هڪ هڪ ڪري ياد اچڻ لڳيون. "جوان ٿي ويو آهيان، تڏهن بہ چوندي، چوڪر." هو وري مرڪڻ لڳو. "اولاد ڪيڏي بہ وڏي ٿي وڃي، پر ماءُ پيءُ لاءِ ٻار جو ٻار آهي." هن پاڻ کي جواب ڏنو. هن کي پنهنجي ننڍڙي ڌيءَ شبو "بابا_بابا" ڪندي ياد آئي. "منهنجو بہ تہ شبوءَ ۾ ساهہ آهي. جڏهن وڏي ٿيندي، تڏهن بہ تہ مان ان کي ڇوڪري سڏيندس." هو وري مُرڪڻ لڳو. "ڳوٺ پهچڻ سان امان کي پيرين پوڻ کان پوءِ شبوءَ کي چميون ڏيندس، هڪ نہ گهٽيون. پلا هڪ سان هيترن ڏينهن جي سڪ

جا سنگهار سرها ٿيا آهن.

اڃا پرهه نه ڦٽي هئي ته هن جي اک کلي وئي. هن جي زبان تي شاهه ڪريم جي هيءَ سٽ اچي وئي :"جاڳندي جي ٿي سٽي پڻ سيئي." هن واچ ۾ ڏٺو ته پنج ٿيا هئا. بس انين وڳي هلندي. ايترو وقت ڪيئن گذرندو. هاڻي ته هرگهڙي سؤ سال جي برابر ٿي پئي آهي.

جڏهن ست ٿيا ته هو آئيني جي سامهون اچي بيٺو. پاڻ کي ڏٺائين. ڪبٽ مان سنڌي ٽوپي ڪڍي ان کي چميائين. چميائين انڪري جو اها ٽوپي هن جي ماءُ هن جي لاءِ خاص ٺاهي هئي. ان ٽوپيءَ جي هر ڏاڳي ۾، هر سيبي ۾ ماءُ جو پيار سبيل هو. هن ٽوپي مٿي ۾ وجهي آئيني ۾ ڏٺو ۽ چوڻ لڳو، "سنڌي ماڻهو. سنڌي ٽوپي سان اهڙا، جهڙا شهزادا."

هو رڪشو ڪري بس اسٽاپ تي پهتو. هن کي ماحول ڪجهه اُداس اُداس ۽ وياڪل لڳو.

بسون، ويگنون، ڪارون هر روز وانگر ڊوڙنديون ٿي ويون ۽ ماڻهو به پنهنجي هل هلان ۾ هئا. مگر ماڻهن جي منهن ۾ اها سرهائي نه هئي. جيڪا هر روز ڏسڻ ۾ ايندي هئي. ايتري ۾ هڪ اخبار وڪڻندڙ ڇوڪري رڙ ڪئي: "ڪراچيءَ ۾ دهشت گردن جون ڪارروايون. ڏهه ماڻهو موت جو شڪار."

هن اخبار واري کان اخبار ورتي ۽ ٽڪڙو ٽڪڙو دهشتگرديءَ جي خبر پڙهڻ لڳو. هڪ ڪاري رنگ جي ڪار بس اسٽاپ کان ٿورو پري اچي بيٺي. ڪار ۾ ڪجهه نوجوان ويٺا هئا. هنن مورئي کي مٿي کان پيرن تائين ڏٺو. هن جي مٿي تي سنڌي ٽوپي ڏسي، پاڻ ۾ ڪجهه پٽڪيا. پوءِ مورئي جي هٿن ۾ اخبار ڏانهن اشارو ڪيائون. ڪار ۾ ويٺل نوجوان مان هڪ ڪار جو دروازو کوليو ۽ مورئي ڏانهن ڪلاشنڪوف سڌي ڪئي، برسٽ جو آواز آيو. هڪ گولي مورئي جي ڇاتيءَ ۾ اچي لڳي. مورئي رڙ ڪئي، "امان!" ۽ هيٺ ڌرتيءَ تي منهن ڀر وڃي ڪِريو. مورئي ڪهڙي ماءُ کي سڏ ڪيو، جنهن کان وڇڙي رهيو هو يا جنهن سان ملي رهيو هو؟ هو ڌرتيءَ تي پيو هو. هن جا هٿ ائين ڇري رهيا هئا، جيئن هو ڪراچيءَ جي ڌرتيءَ کي سوگهو جهليندو هجي، جيڪا جڻ ڪو هن کان سرڪائي ڪڍندو هجي. هن جا چپ ڌرتيءَ مٿان ڪليا پيا هئا، جڻ هو سنڌ جي ڌرتيءَ کي ائين چمندو هجي، جيئن ڳوٺ مان موڪلائڻ مهل پنهنجي ماءُ جي

پيرن کي چمندو هو. هن جي وات مان ڪي چڇريل لفظ آهستي آهستي نڪتا ٿي:

”مورڙا، اڄ وري ڪلاچيءَ ۾ منگر متا ٿئي.“

هن جي وات مان نڪرندڙ هوريان هوريان لفظ ۽ ٽڪڙا ٽڪڙا ساهه بند ٿي ويا. هن جي جسم مان وهندڙ رت هيڏي هوڏي پکڙجي سنڌ جي نئين تاريخ لکي رهيو هو.

# قصو هڪ عشقباز جو

" جهڙيءَ طرح وڻ کي پاڻيءَ جي، ڪار کي پيٽرول جي ۽ ڏيئي کي تيل جي ضرورت هوندي آهي، اهڙيءَ طرح انسان کي عشق جي ضرورت هوندي آهي. عشق ئي آهي جو ماڻهوءَ کي ماڻهو بنائي ٿو. جنهن انسان جي زندگيءَ ۾ عشق پير نٿو پائي، انهيءَ انسان جي حياتي ڍورن مثل ٿئي ٿي. نہ سندس ڪلڻ ۾ خوشي، نہ سندس روئڻ ۾ راحت. سڄي زندگي خچرن وانگر ڪاٽي، گڏهن وانگر ڀڄي، هن دنيا ۾ جهڙو آيو، اهڙو هليو وڃي ٿو."
ڪليم اهي لفظ شفيق کي اهڙي انداز ۾ چيا، جيئن ڪو گرو پنهنجي شاگرد کي گيتا جو گيان يا جيئن ڪو عالم پنهنجي معتقد کي دين جو درس ڏيندو هجي يا فلاسافيءَ جو استاد سقراط ۽ بقراط جو فلسفو سمجهائيندو هجي.

ڪليم اهي لفظ چئي ٿوري دير خيالن ۾ ائين گم ٿي ويو جيئن ڪو سوامي اکيون ٻوٽي پنهنجي ڌيان ۾ گم ٿي ويو هجي. ٿوري ويرم ڪان پوءِ، هن وري اکيون ائين کوليون جڻ هن کي سپاٽپ جي اٿاهہ ساگر مان املهہ ماڻڪ ۽ موتي مليا هجن. ٿورو مرڪي وري چيائين:
"شفيق! تنهنجي زندگيءَ ۾ بهار تڏهن ايندو جڏهن عشق ايندو. جيئن وڻن ۾ رنگ برنگي گل ٽڙي پوندا آهن، چوطرف سرهاڻ ڇانئجي ويندي آهي، جنهن سان دل ۽ دماغ کي راحت ۽ خوشي ملندي آهي. اهڙيءَ طرح عشق انساني زندگيءَ کي باغ بهار بنائي ٿو ڇڏي. هن جي خيالن ۾ راحت، هن جي ڳالهائڻ ۾ راحت ۽ هن جي ساهہ ۾ راحت هوندي آهي."

ڪليم يونيورسٽيءَ جو تيز ۽ تکڙو شاگرد هو. ڳالهائڻ ۾ پڙ، پنهنجي مطلب جي ڳالهہ سوَن نمونن ۾ پيش ڪندو. چرب زبانيءَ سان اڳلي کي قائل ڪري وٺندو. شڪل صورت جو موچارو، لٽي ڪپڙي جو ٺاهوڪو، عشق جي راند جو آزمودگار، جهڙيءَ ريت زميندار ڪار، فلم

ايڊيٽر لباس ۾ سياستدان سياسي پارٽي جلد جلد تبديل ڪندا رهندا آهن، اهڙيءَ طرح يونيورسٽيءَ ۾ ڪليم سان وقت بوقت نئين گرل فرينڊ نظر ايندي هئي.

”مگر عشق ٻن قسمن جو ٿيندو آهي: هڪ جيڪو ڪيو ويندو آهي، ٻيو جيڪو ٿي ويندو آهي. جيڪو ڪيو ويندو آهي، ان لاءِ پئسن جي ضرورت هوندي آهي. پئسو محبت جون باقي منزلون پاڻهي طئي ڪري وٺندو آهي يا ان ۾ ڪاميابيءَ لاءِ عقل ۽ همت جي ضرورت هوندي آهي. عقل، محبت جي شطرنج جون سڀ چالون مات ڪري وٺندو آهي ۽ همت سان هٿ وڌائي محبوب کي حاصل ڪري وٺبو آهي.“

شفيق هڪ سعادتمند شاگرد وانگر ڪليم جي ڳالهه ٻڌي ۽ دل ۾ هنداءِ لڳو. هو هڪ سادو سودو جوان هو. ڪا ڳالهه هن جي دل ۽ دماغ ۾ ويهجي ويئي ته ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ چريائپ جي حد تائين ڪوشش ڪندو هو. هو اچا ويهن سالن جو مس هو. يونيورسٽيءَ ۾ آنرس جي پهرين سال ۾ هو. يونيورسٽيءَ ۾ ئي هن جي ڪليم سان دعا سلام ٿي هئي، جا اڳتي هلي واقفيت، واقفيت مان ڦري دوستي ۽ دوستيءَ مان ڦري گرو ۽ چيلي جي لاڳاپي واريءَ حد تائين وڃي پهتي هئي. شفيق پنهنجن دوستن جي پئسن سان ئي پنهنجن فرينڊس ۽ گرل فرينڊس جي خوشامد ۽ خاطر تواضع ڪندو هو. ڪليم ان ۾ خوش هوندو هو ته شفيق جي ڪري يونيورسٽيءَ جي شاگردن ۽ شاگردياڻين سان هن جي دوستي ٿي رهي هئي.

ڪليم جڏهن پنهنجي تقرير پوري ڪئي ته شفيق رڙ ڪري چيو:

”ڪليم! يار مون عشق ڪيو آهي.“

هن اهي لفظ اهڙي انداز ۾ چيا جڻ هو هارايل جواري هو، جنهن ريس ۾ وقت بوقت مختلف گهوڙن تي داءُ لڳايو هجي ۽ هر ڀيري هارايو هجي ۽ هاڻي پنهنجي هارايل گهوڙن ۾ رقم جو آڱرين تي حساب ڪندو هجي.

”هڪ ڀيرو نه ٽي ڀيرا.“

”ٽي ڀيرا!“ ڪليم حيرت مان چيو:” هاڻي ائين سمجهه ته تون عشق جون ٽي منزلون اڳتي وڌيو آهين، ٽي ڏاڪا مٿي چڙهيو آهين.“

شفيق پنهنجي عشق جو داستان هڪ ماهر قصہ گو وانگر هيئن

بيان ڪيو:

"پهريون پيرو مون پنهنجي پاڙي ۾ عشق ڪيو، پٽ سان لڳو لڳ پٽ، گهر سان لڳو لڳ گهر ۾. ان گهر ۾ نجمہ رهندي هئي. نجمہ اهڙي سهڻي تہ نہ هئي جنهن کي من موهيندڙ چئجي. رنگ جي سانوري، چپ ٿلها، اکيون ننڍيون پر جوان هئي. مون دل ۾ چيو تہ جي عشق ڪرڻو آهي تہ ڪوجهيءَ ۽ سهڻيءَ جو ڪهڙو سوال. جڏهن ماڻهو ڪنهن سان عشق ڪرڻ لڳندو آهي تہ وقت گذرڻ سان جيئن عشق پختو ٿيندو ويندو آهي تہ محبوب جي بدصورتي بہ خوبصورتي ڏسڻ ۾ ايندي آهي. هن جو هر عيب سهڻو ۽ هن جي هر خامي، خوبي لڳندي آهي. سو وقت گذرڻ سان نجمہ بہ مون کي موهيندڙ لڳڻ لڳي ۽ هن جي هر ادا ۾ دل فريبي ڏسڻ ۾ اچڻ لڳي. هن کي موسيقيءَ سان ڏاڍو پيار هو. هر وقت ٽيپ تي مختلف ڳائيندڙن جا گانا ٻڌندي رهندي هئي. ڪچا ۽ پڪا ٻئي، هلڪن ڦلڪن گيتن کان وٺي ٺمري ۽ دادري تائين. مڪيش نورجهان، لتا، شمشاد بيگم، رفيع، ڪشور ڪمارکان ويندي استاد ڇوٽي غلام علي ۽ بڙي غلام علي تائين. مون سوچيو: زهر کي زهر سان مارو آهي، جنهن سان عشق ڪجي، ان کي ان ڳالهہ سان جيتجي، جيڪا هن کي پسند هجي. مون کي پتو هو تہ هن کي راڳ پسند آهي، سو هن جي دل راڳ سان ئي کٽي ٿي سگهيس. سوال پيدا ٿيو تہ آءٌ راڳ ڪهڙي وقت ڳايان، جو منهنجي دل جو آواز هن جي ڪنن تائين پهچي، ڇاڪاڻ تہ هن جي گهر ۾ سڄو ڏينهن ٽيپ رڪارڊر وڄندو رهندو هو. تنهنڪري مون کي صرف پرڀات جو وقت مليو ٿي، جنهن وقت مان راڳ ڳائي، هن جي دل تي جادو ڪري، هن کي پنهنجو بنائي سگهيس ٿي. هونئن بہ پرڀات جو وقت رياض جو وقت آهي. ان وقت زاهد عبادت ۾، شاگرد ڪتابن ۾، بادي بلڊر ڪسرت ۾ ۽ وڏا وڏا اُستاد ڳائڻ وارا راڳ جي رياض ۾ رڌل هوندا آهن.

پرڀات ويل راڳ ڳائڻ تي بابو ان ڪري خوش هو جو هونئن ننڊ جي ڪري هن جي نماز اڪثر قضا ٿي ويندي هئي، پر هاڻي هو آسانيءَ سان وقت تي نماز تي پهچي ويندو هو. امڙ انڪري خوش هئي جو هوءَ سويل اٿي گهر ياتين جي ڊيوٽيءَ تي وڃڻ کان اڳ نيرن تيار ڪري سگهندي هئي، منهنجا ننڍا ڀاءُ ڀيڻ انڪري خوش هئا، جو وقت سر تيار ٿي اسڪول جي ويگن جو انتظار ڪرڻ لڳندا هئا.

گهر جي سيني پاتين جڏهن مون کي ڏنو تہ آءُ هر روز صبح جو سوير اُٿي راڳ تو ڳايان تہ پهريان تہ سڀ حيران هئا. امان ڀڄي ويئي هئي تہ شايد مان ڪنهن ڳوري ورڻ هيناڙ لنگهيو آهيان، يا ڪنهن قبرستان ۾ ڪنهن پير فقير جي بي ادبي ڪري وينو آهيان، يا ڪنهن اولياءَ يا درويش کي پُني ڏني اٿم جو مون تي ڪنهن بدروح جو واسو ٿي ويو آهي. پر ٿورن ڏينهن کان پوءِ سندن دماغ ۾ اها ڳالهہ اچي وينئي تہ آءُ هر روز مسلسل نهايت شوق ۽ چاهہ سان راڳ جو رياض ڪيان ٿو. سو يقيناً مون کي ڪنهن موسيقيءَ جي مقابلي ۾ حصو وٺڻو آهي. منهنجي ماءُ تہ باسون باسڻ لڳي تہ موسيقيءَ جي مقابلي ۾ مون کي پهريون نمبر ملي. هيڏانهن آءُ پنهنجي راڳ سان نجمہ کي پنهنجو بڻائڻ جا جتن ڪندو رهيس.

راڳ جي رياض هلندي مان بيمار ٿي پيس. منهنجو راڳ ۽ آلاپ بند ٿي ويو. مان سوچڻ لڳس تہ هاڻي جڏهن مان محبت جو ميدان فتح ڪرڻ وارو هوس تڏهن هي رخنو مون کي نانگ ۽ ڏاڪڻ واري راند وانگي نوانوي واري خاني مان ڏڪي هڪ واري خاني تي اچي نہ بيهاري.

هڪ ڏينهن بيماريءَ جي بستري تان اُٿي جڏهن مان صحن ۾ آيس نہ پاڙي واري گهر مان آواز ٻڌم. نجمہ پنهنجي پيڻ کي چئي رهي هئي:

”ڪجهہ ڏينهن کان ڪهڙو نہ سڪون رهيو آهي. جڏهن کان شفيق جون گڏهن واريون هينگون اچڻ بند ٿيون آهن، تڏهن کان صبح جو ڪهڙو نہ سک سان سمهيا پيا آهيون.“

سندس پيڻ وري کلي وراڻيو:” هينگون بہ ڪي هينگون! وتائي فقير جي گڏهہ کان بہ وڌيون.“

ان تي نجمہ چيو:” شفيق ڪي ڪي شل ڳلي جي ڪينسر ٿئي، جيئن سڄو پاڙو اُن آزار کان آجو ٿئي.“

ڪليم ٿورو سنجيده ٿي چيو:” پوءِ نجمہ تنهنجي هٿن مان ويئي، تون عمر پر اُن سان عشق نٿو ڪري سگهين.“

”ها! مون پنهنجي دل تي پٿر ٻڌي، سندس آرزو ۽ راڳ جو رياض ڇڏي ڏنا.“

”تو ٻيو عشق ڪيئن ڪيو؟“

”تون ميري کي تہ سڃاڻين؟“

”ها، ديٽ ڊاگ گرل.“

”جيڪا هر روز ڪتي جي پٺي کي جهليو پسار تي نڪرندي آهي. مون کي ميري جي سانوري رنگ ۽ پرپل جوانيءَ ۾ مصر جي شهزادين واري سونهن ۽ ڪلوپيٽرا واري ڪشش نظر آئي. منهنجي دل هن ڏانهن ائين هلي ويئي جيئن چقمق ڏانهن لوهه. مون چيو ته هاڻي جي عشق ڪرڻو آهي ته ان ڊاگ گرل سان ڪرڻو آهي. جيڪا پاڻ ته سهڻي آهي پر ان جو ڪتو به سهڻو آهي. هر روز ان کي پسار ڪندي ڏسندو هوس ۽ ذهن ۾ ان کي حاصل ڪرڻ جون ترڪيبون سوچيندو هوس، جڻ آلجبرا جي اهڙي حساب ۾ اچي مُنڊو هوس جنهن جو حل هٿ نه ٿي آيو. هڪڙي ڏينهن مون کان رڙ نڪري ويئي. ميري جي ويجهو ٿيڻ جو حل هٿ اچي ويو. مون کي ان ڏينهن اهڙي خوشي ٿي جهڙي نيوٽن کي ڪشش ثقل جي ٿيوري حاصل ڪرڻ سان ٿي هوندي.

مون سوچيو ته هوءَ هميشه ڪتي سان گڏ هوندي آهي، ان جو مطلب ته هن کي ڪتن سان پيار آهي. هاڻي ان جو پيار به ڪتي سان ئي حاصل ڪبو. جيئن شام جو هوءَ ڪتو ساڻ ڪري پسار تي نڪرندي آهي، تيئن پاڻ به هر روز ڪتي سان گڏ سير تي نڪربو. ڊاگ گرل ۽ ڊاگ بواءِ هڪبئي جي ڪتن ڏانهن ڏسندا. ڪتن جي واڪاڻ ۾ اکيون مٽي ڪٽندا. اکيون اکين سان ملنديون، مرڪنديون، چپن تي تبسم پکڙبو. ڪتن جي اصل نسل بابت ڳالهيون ٿينديون. اهڙي ريت پهرين منزل طئي ٿيندي. اڳتي هر روز شام جو هوءَ پنهنجي ڪتي سان ۽ مان پنهنجي ڪتي سان گڏ نڪرنداسين ۽ دنيا جهان بابت ٽاڪ ڪنداسين ۽ پوءِ هڪ ڏينهن هڪبئي جا ٿي ويندا سين.“

ڪليم خوشيءَ مان ٽپو ڏئي شفيق جو هٿ جهليو ۽ اُن کي چمندي چيائين:

”واهه استاد، واهه! ڪهڙي رٿ رٿي هيئه. پنهنجي استاد يعني مون کي به مات ڏئي وئين. پوءِ تو ڇا ڪيو؟“

شفيق جو منهن سياري ۾ لٽل درياهه جهڙو ٿي ويو. ڪليم وري رڙ ڪئي:

”ڪا گڙٻڙ ته نه ٿي، تو ڪتو ته هٿ ڪيو نه؟“

”ها! ها!“

”واهه! واهه! پنڌُ ٻارهن.“ ڪليم خوشيءَ مان رڙ ڪئي.

"مون وڏا جتن ڪري هڪ ڪتو هٿ ڪيو. ڪتي جي ڳچيءَ ۾ پٽو وجهي، پٽي کي هٿ ۾ جهلي، رستي جي موڙ وٽ سندس اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳس. پري کان هوءَ پنهنجي ڪتي سان گڏ ايندي نظر آئي. جڏهن هوءَ منهنجي ويجهو آئي، تڏهن منهنجي ڪتي کي ڏسي مرڪي، مان پڻ مرڪيس. اکيون اکين سان مليون. منهنجو هٿ ڍلو ٿي ويو ۽ منهنجي ڪتي هن جي بلتريءَ تي حملو ڪري ڏنو. ميري جو ڪتو ڪوڪاٽ ۽ ميري رڙيون ڪرڻ لڳي. جيستائين مان پنهنجو هوش ۾ پنهنجي ڪتي کي سنڀاليان، منهنجي ڪتي هن جي ڪتي کي زخمي ڪري وڌو. هوءَ رڙيون ڪري چوڻ لڳي:

"يُو فُول، مان توکي ڏسي رهنديس. مان توکي ڪورٽ ۾ ڇڪينديس، مان ٿاڻي ۾ رپورٽ ڪنديس." هوءَ رڙيون ڪندي رهي ۽ مان پنهنجو ڪتو ڪاهيون، جان بچايون اچي گهر نڪتس."

ڪليم پنهنجي مٿي تي چنبو وهائي ڪڍيو.

شفيق چيو:" منهنجي غفلت ڪري، نهيل ڪم ڊهي پيو!"

"پنهنجي ٽئين عشق جو قصو ٻڌاءِ!"

شفيق ٿورو هٻڪندي، ٿورو شرمائيندي پنهنجي ٽئين عشق جو داستان هن طرح شروع ڪيو:

"اسان جي محلي ۾ ميونسپل ڪميٽيءَ طرفان هڪ جهاڙوءَ واري ايندي هئي. پنهنجي سانوري رنگ، سيٽيل جسم، اکين جي ڪٽورن ۽ چپن جي ٿلهائي مان ائين لڳندي هئي، ڄڻ اجنتا جي اپسرا. هن پنهنجي ٻهاري سان نه صرف اسان جي محلي ۾ گهٽيءَ جي صفائي ڪئي پر منهنجي دل تي به ٻهارو گهمائي ويئي. ڄڻ منهنجي دل نه هئي پر رستي جو ڪچرو هئي. دل ۾ پهريان هندو مسلم جو خيال پيدا ٿيو، پر هن جي ٻهاريءَ ان کي به صاف ڪري ڇڏيو. اندر مان آواز آيو، "عشق نه پڇي ذات." مون چيو عشق ٿي ته آهي جو دين ڌرم جون ديوارون ڊاهي محبتن کي ملائي ٿو. ننگ ناموس، لڄ حيا جا سڀ لينگها لاهي ٿو. عشق ٿي آهي جنهن وٽ اوچ نيچ جو فرق نه آهي. مان گهران نڪرندو هوس ته گنگا کي جهاڙو ڏيندي ڏسندو هوس. هوءَ مٿو مٿي ڪري چوندي هئي، "صاحب، سلام!" هن جي سلام مون کي موهي ڇا ماري ڇڏيو. هر روز هوءَ مون ڏانهن ڏسندي هئي ۽ روز مان عشق جي ڏٻڻ ۾ ڦاسبو ويندو

هوس. هن کي حاصل ڪرڻ جي راهه نتي ڏسڻ ۾ آئي. هن سان ڳالهائڻ جي سگهه نه پئي ٿي. هڪڙي ڏهاڙي ٿي ويءَ تي هڪڙي ماڻهوءَ کي تقرير ڪندي ٻڌم. "انسان جيستائين همت نه ڪندو تيستائين ڪنهن ڪم ۾ ڪامياب نه ٿيندو. همٿ سان ماڻهو ڏکيا ڪم سولا ڪري سگهي ٿو. هوا ۾ اڏامي ۽ آسمان تائين پهچي سگهي ٿو." مان همت جي فلسفي تي سوچيندو رهيس ۽ نيٺ سوچيم ته گنگا کي حاصل ڪرڻو آهي ته همت کان ڪم وٺڻو پوندو. جي ڪو همت ڪري آسمان تائين پهچي سگهي ٿو ته مان به همت ڪري گنگا کي چئي سگهان ٿو ته، مون کي توسان عشق ٿي ويو آهي. هر عورت کي مردانگي پسند هوندي آهي. منهنجي دليري ۽ همت. جنهن سان آءُ هن سان مخاطب ٿيندس، ڏسي گنگا به مرڪي ڏيندي."

"تو همت کان ڪم ورتو؟"

"ها ورتو."

"ڇا ٿيو؟"

" ڏاڍا ڀهارا لڳا. ڳاريون مليون! گوڙ ٿيو. ماڻهن جي مڙڻ کان اڳ ڊوڙ پائي ڀڄي ويس."

"اڙي! ائين عشق ڪبو آهي. ڪنهن جي راضپي کان سواءِ ڪنهن ڏانهن هٿ وڌائبو آهي. اناڙي، صفا اناڙي آهين. تون عشق ڪرڻ جي معاملي ۾ صفا ڄٽ آهين. هاڻي تون عمر ڀر عشق ۾ ڪامياب ٿي نٿو سگهين." ڪليم ڪاوڙ مان شفيق کي چيو.

شفيق جو منهن روئڻهارڪو ٿي ويو. "استاد! ائين نه چئه. منهنجي دل نه جهور. منهنجي اميد نه ٽوڙ. جي مان عشق نه ڪندس ته پوءِ جيئرو ڪيئن رهندس."

"ته ٻڌ. جي تون عشق جو اهڙو ئي طالب آهين جهڙو ڪامورو رشوت جو، ڪارخانيدار بليڪ مارڪيٽنگ جو، ڊاڪٽر بيمارن جو، ته پوءِ تون انتظار ڪر. جيستائين توکي عشق ٿي وڃي."

"عشق ٿي وڃي."

"ها! عشق ٿي وڃي."

"ڪڏهن ٿيندو؟"

"تون چاهيندين ته جلدي ٿي ويندو."

سو سچ پچ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ شفيق کي عشق جي ڪپر ڪائي وڌو. ڪاڏو بہ اهڙو جو هن کي حال کا ن بيحال ڪري ڇڏيائين. ڪنهن شاعر جي قول موجب تہ عاشق جون ڇهہ نشانيون آهن: آه سرد، رنگ زرد، چشم تر، انتظاري، بي قراري، دربدر. اهي سڀ ڳالهيون شفيق ۾ پيدا ٿي ويون، بلڪہ ان کان بہ وڌيڪ هن جو من ڪاڏو کائڻ، ڪپڙا پهرڻ، ڪتاب پڙهڻ ۽ يونيورسٽي وڃڻ ۾ نٿي لڳو. سڄو ڏينهن پنهنجي ڪمري ۾ پوريو ٿي رهيو يا ڪنهن جي پورن ۾ سوداين وانگر رستي تي هلندو ٿي رهيو.

ڪليم جڏهن ڪجهہ ڏينهن شفيق کي يونيورسٽيءَ ۾ نہ ڏٺو تہ هو هن وٽ ويو. ڏٺائين تہ ميرن ڪپڙن ۾، ڪنڌ هيٺ ڪيو ڪنهن خيال ۾ گم آهي، ايتري قدر جو هن کي ڪليم جي اچڻ جو بہ پتو نہ پيو. ڪليم جڏهن هٿ هن جي ڪلهي تي رکيو تہ شفيق ائين ڇرڪ پريو جيئن ڪنهن هيروئني جو نشو ٽٽي. ڪليم کي ڏسندي ئي شفيق رڙ ڪئي:

”مون کي عشق ٿي ويو آهي.“ هن اها ڳالهہ هن کي ائين ڪئي، جيئن ڪا عورت پنهنجي پهرين پيٽ ٿيڻ جي ڳالهہ خوشيءَ مان ڪندي هجي.

”توکي مبارڪ، وڏي وڏي مبارڪ هجي.“ ڪليم هن کي پُرجوش لهجي ۾ چيو.

”هن جي هڪ ئي گهور گهائل ڪري ڇڏيو.“

”عشق جي زخم تي پٽي نہ ٻڌجانءِ، ان کي ڇڪڻ ڏي، پر هوءَ آهي ڪيئن؟“

”الا! هن جي سونهن جي ڪهڙي ساراهہ ڪريان، هن جون اکيون نہ آهن، جڻ شراب جا پيالا آهن جن کي ڏسي گنهگارن تہ ڇا وڏن وڏن زاهدن ۽ عابدن کي بہ نينهن جا نشا چڙهي وڃن ۽ بي خود ٿي الاهو، الاهو بجاءِ هن جي نالي جو ذڪر ڪندا وتن. هن جا چپ گلن جون اُهي اڻ ڇهيل مکڙيون آهن جن تي ماکيءَ جون مکيون گلن جو ڌوکو کائي ڪڏهن ڪڏهن ڦيرا شروع ڪن ٿيون. هن جي ڪارن وارن جي سرهاڻ تي پونئر پُلجي ڦرندا رهن ٿا.“

”بس بس! عشق توکي ماڻهوءَ مان شاعر بنائي ڇڏيو آهي. جي تنهنجو اهو حال رهيو تہ قصيدي چوندڙ شاعرن کي بہ مات ڏيئي ويندين.

سنڌ جي سمورن ادبي رسالن جا ايڊيٽر تنهنجي ڪلام لاءِ تنهنجي گهر جا ڦيرا پيا ڏيندا.“

”دوست! مان شاعري نٿو ڪريان، حقيقت ٿو بيان ڪريان.“

”جنهن جي حسن جي ايتري واکاڻ ٿو ڪرين، ان جو نالو ڇا آهي؟“

”ان جو نالو ڪيئن ظاهر ڪريان؟ حسن کي ڪيئن بي پرده ڪريان؟ عشق آويءَ وانگر اندر دکندو رهي ته چڱو، ٻاڦ ٻاهر نڪتي ته ڪچائي ٿي ويندي.“

”يارن کان ڪهڙو پردو.“ ڪليم چيو، ”اول سڀ ڪجهه ٻڌائيندو هئين.“

”اول عشق ڪندو هوس، هاڻي عشق ٿي ويو آهي. عشق ۾ پاڻ کان پردو ڪجي ته به چڱو. توکي خبر هئڻ گهرجي ته مان صوفي آهيان، صوفي عشق جي رازکي فاش نه ڪندا آهن.“

هڪڙي شام شفيق پنهنجي محبوب جي خيالن ۾ گم ۽ دنيا جي ڳالهين کان بي خبر، فٽ پاٿ ڏيو ويو ٿي ته هن جي ڪن تي هڪ ڪڙڪيدار آواز پهتو: ”ڇوڪرا! مٺو مٺي ڪر، اکيون کول، هيڏي ڏس ته توکي من جي مراد ملي.“ هن جو خيال ائين ٽٽي ويو، ڄڻ اوچتو ڪنهن گاڏيءَ اچي سنڌس اڳيان بريڪ هنئي هجي. هن مٺو مٺي ڪري ڏٺو ته ٻه اکيون جن ۾ طلسمي ڪشش هئي، هن ڏانهن تيز نگاهن سان گهوري رهيون هيون ۽ هن کي هيٺ فٽ پاٿ تي چادر وڇائي ويٺل فقير ڏانهن ڇڪي رهيون هيون. انهن ۾ اهڙو رعب هو جو اهو هن جي سموري شخصيت تي ڇانئجي ويو. هن جا قدم بي اختيار ان طرف وڌيا، جتي اهو فقير ويٺو هو. فقير شفيق جي چهري کي اهڙو غور سان ڏسي رهيو هو، جيئن ڪو نفسيات جو ماهر پنهنجي مريض جي چهري جو مطالعو ڪندو آهي.

”ڇوڪرا! ڇو پريشان آهين؟“

شفيق جي وات مان هڪ اکر نه نڪتو.

”عشق ٿيو اٿئي؟“

شفيق کان ڇرڪ نڪري ويو، ”هن فقير کي ڪيئن خبر پيئي ته مان عشق ۾ گرفتار آهيان!“ شفيق دل ۾ سوچڻ لڳو.

”فقيرن کي سڀ خبر آهي، مايوس ٿيڻ جي ڳالهه نه آهي، تون اتي

ٻھتو آھين، جتي تون جيڪو چاھيندين سو پائيندين.“
شفيق وري ٻہ ماٺ رھيو. ھن کي ائين محسوس ٿيڻ لڳو جڻ ملنگ جون تيز نگاھون ھن جي قميص پار ڪري، ڇاتيءَ ۾ سل ڪري، اندر ۾ گھڙي، ھن جي دل جو احوال پڙھي رھيون ھيون.
”تون جنھن جي عشق ۾ گرفتار آھين، ان جي نالي ۾ ”ر“ جو حرف آھي، جيئن رخسانہ، روزينہ نالن ۾ ”ر“ آھي.
شفيق نالي ۾ ”ر“ جي ھجڻ وارو فقير جو فقرو ٻڌي وائڙو ٿي ويو ۽ سوچڻ لڳو تہ ”فقير کي اھو پتو ڪيئن پيو تہ منھنجي محبوب جي نالي ۾ ”ر“ جو حرف آھي. فقير ضرور انترايامي، اندر جو احوال ڄاڻندڙ، ڪشف جو صاحب ڪمال شخص آھي.“
فقير وري رڙ ڪئي، ”ڇئہ تہ آھي، فقير سڀ ڄاڻي ٿو، قبول ڪر.“
فقير جو رعب ڀريو آواز شفيق مٿان ڇانئجي ويو. ھن ھوريان چيو تہ. ”آھي.“
فقير اھو ٻڌي اھڙو ٺھڪ ڏنو جھڙو جواري داءُ لڳڻ وقت ڏيندو آھي. فقير وري چوڻ شروع ڪيو، ”فقير جون اکيون اھو ڪجھہ ڏسن ٿيون جيڪي عام اکيون نٿيون ڏسي سگھن. اھي ڌرتيءَ جي آخري تھہ تائين پھچي ڏسن ٿيون تہ اُتي ڇا آھي. ھي پاتالن ۾ پيھي سمنڊ جي سيني ۾ سانڍيل رازن کي ڄاڻي وٺن ٿيون، اُھي ست آسمان پار ڪري سج، چنڊ ۽ تارن جي پيدائش کي معلوم ڪري ۾ٺن ٿيون. آدمي ڇا آھي؟ مٽيءَ جو پتلو، ان جي اندر جي رازن کي ڄاڻڻ انھن لاءِ اوکو ڪم نہ آھي.“ ائين چئي فقير ماٺ ٿي ويو، جڻ شفيق کي ڪا خاص خبر ٻڌائڻ وارو ھو.
”تون مطلب ماڻيندين.“
”سچ!“ شفيق جون واڇون خوشيءَ ۾ ٽڙي ويون.
”فقير بہ ڪڏھن ڪوڙا ٿيا آھن.“
”ڪڏھن؟“
”جڏھن فقير توتي راضي ٿيندو.“ فقير ٿوري ساھي رکي وري چيو، ”تون فقير جو سوال پورو ڪندين، فقير تنھنجي من جي مراد پوري ڪندو.“
”سائين، حڪم ڪريو.“
”تنھنجي کيسي ۾ ڇا آھي؟“ فقير رعبدار لھجي ۾ ھن کي چيو.

شفيق جي ڪيسي ۾ جيڪي پئسا هئا سي هن ٻاهر ڪڍيا. هڪ سو جو، چار ڏهن ڏهن جا، ٻه پنجن پنجن جا ۽ ٽي هڪ هڪ روپئي وارا نوٽ هئا.

فقير وري تيز نظرن سان گھوري رعبدار لفظن ۾ شفيق کي چيو: ”اهي فقير جي قدمن ۾ رک.“

شفيق سواءِ چُون چَران جي سمورا پئسا فقير جي پيرن وٽ رکي ڇڏيا.

فقير وري ساڳئي لهجي ۾ چيو، ”پنهنجي محبوب جي گھر ڏي سڌو منهن ڪري هليو وڃ. واٽ تي هيڏي هوڏي نه ويجهاڻ نه ئي ڪنڌ ڦيري هيڏي هوڏي پنيان ڏسجانءِ، نه ڪنهن سان ڳالهائجانءِ.“

شفيق فرمانبردار مريد وانگر فقير جي حڪم جي پيروي ڪندي پنهنجي محبوب جي گھر ڏانهن نهايت چاهه ۽ شوق مان بي ڌڙڪ قدم کڻندو هلڻ لڳو. اڃا هڪ رستو ٻه گهٽيون مس ٽپيو ته ڪليم موٽر سائيڪل آٽي هن جي اڳيان بيهاري ۽ رڙ ڪري چيائينس، ”دوست! ڪهڙن پورن ۾ آهين؟ ڪاڏي ٿو وڃين؟“

شفيق ڪان رڙ نڪري ويئي، ”ڪيئن ٻڌايانءِ ته ڪاڏي ٿو وڃان.“

روئڻهارڪو منهن ڪري چيائين، ”فقير جي حڪم ۾ گڙٻڙ ٿي ويئي.“

”ڪيئن؟“

”فقير جهليو هو ته ڪنهن سان نه ڳالهائجانءِ.“

هڪ ڏينهن شفيق پنهنجن خيالن ۾ مدهوش، ڪنهن جي ياد ۾ بيقرار، ڪنهن کي حاصل ڪرڻ جي اڻ تڻ ۾ پريشان، يونيورسٽيءَ جي بس ۾ وينو هو ته دريءَ کان ڪنهن اشتهار اندر اُڇلايا. هڪ اشتهار هن جي جهوليءَ ۾ اچي ڪريو. هن اشتهار هٿ ۾ کڻي غورسان ڏٺو. اشتهار جي ساڄي پاسي مٿينءَ ڪنڊ تي هٿ ٺهيل هو. هٿ جي ترىءَ تي نصيب، عقل، علم، حياتي ۽ ڪاميابي جون لڪيرون چٽيون بيٺيون هيون. اُن جي مٿان ٿلهن اکرن ۾ لکيل هو، ”جادو اهو جو ڪرشمو ڪري.“ ۽ ان جي هيٺان وري ٿلهن اکرن ۾ لکيل هو:

جو چاهيو سو پڇو
من جي مراد ماڻيو.

ڪاٻي پاسي ڪنهن مردي جا ٻه هڏا منڊيئڙي وانگر بيٺل هئا ۽ انهن

جي وچ ۾ هڪ ڪوپڙي ڏيکاريل هئي. وچ ۾ اشتهار ۾ لکيل هو:

”هر هنڌ نڪرايل ۽ مايوس حضرات ۽ خواتين لاءِ خوشخبريءَ جو پيغام، محبت جي تعويذن جي ماهر جو اعلان. اسان جي رهبريءَ سان هزارين مايوس ۽ نااُميد انسان پنهنجي دل جون مرادون حاصل ڪري خوشيءَ ڀري زندگي گذاري رهيا آهن. اسان جي عمليات بدولت سنگدل محبوب توهان جي قدمن ۾ هوندو. گهريلو جهڳڙن، بيماري، مڙس کي سڌي راهه تي آڻڻ، اولاد جو نه ٿيڻ يا ٿي ڪري مري وڃڻ، انهيءَ کان علاوه ٻي ڪنهن به قسم جي پريشاني هجي ته اچ ئي تشريف فرما ٿيو ۽ دل جو سڪون ۽ من جي مراد حاصل ڪيو.

فون نمبر 527104 وقت: صبح 10 بجي کان شام 7 بجي تائين

پتو ياد رکجو: خانداني عامل درويش شاهه

پهرين منزل بالمقابل ريگل سئنيما ڪراچي.“

هن اشتهار پڙهيو، هن جون اکيون کُلنديون ويون، تان جو هن جي اکين ۾ چمڪ ۽ چهري تي گلابي پائوڊر جهڙي رونق اچي ويئي. هو هوريان هوريان چپن ۾ دهرائڻ لڳو، ”جو چاهيو سو پڇو، من جي مراد ماڻيو.“ هو وري، چپ ٿي ويو ۽ اشتهار ڪٽي اکيون اُن ۾ کپائي ڇڏيائين، ”سنگدل محبوب اوهان جي قدمن ۾ هوندو. محبت جي تعويذن جي ماهر جو اعلان.“ جيئن اونداهيءَ رات ۾ رکي رکي ٽانڊاڻو ٽمڪ ٽمڪ ڪندو آهي، تيئن هن جي مايوس دل ۾ اميد جو ڪرڻو ٽمڪ ٽمڪ ڪرڻ لڳو. هن کي ياد آيو ته هن جي خاندان ۾ ڪنهن وڏي جي شادي اُن جي مرضي مطابق نه پئي ٿي، ڪنهن عامل کان تعويذ وٺي آيو هو ۽ هن جو ڪم ٿي ويو هو. جنهن سان شادي ڪرڻ ٿي گهريائين، ان سان سندس شادي ٿي ويئي هئي. هن فيصلو ڪيو ته عامل درويش شاهه سان ملبو، هن کان محبت جو تعويذ وٺبو، پنهنجي من جي مراد ماڻبي. تعويذ جي اثر سان پنهنجي محبوب جي من ۾ جاءِ پائبي.

انهيءَ شام، اشتهار ۾ ڏنل عامل درويش شاهه جي پتي تي پهتو. هن کي جاءِ ڳولڻ ۾ تڪليف نه ٿي. جاءِ جي ٻاهران هڪ وڏو ڪارو بورڊ ٽنگيل هو، جنهن تي سفيد ٿلهن اکرن ۾ لکيل هو:

”ماهر عامل درويش شاهه

اچو، من جون مرادون ماڻيو!“

هو ڊاڪٽر تي چڙهيو. ڊاڪٽر ۾ اوندهه هئي ۽ ڪاٺ جي ڊاڪڻ ھنڌان هنڌان جھريل هئي. هن در وٽ پهچي گھنٽيءَ جو بٽڻ دٻايو. هڪڙي ماڻهوءَ در کوليو ۽ هن کي اندر وٺي ويو. ڪمري ۾ هلڪي روشني هئي، جيئن سمھڻ وقت زيرو بلب ٻاري ڇڏبو آهي. هڪ اڌڙوٽ عمر جو ماڻهو، جنهن جو مٿو گنجو، ڏاڙهيءَ جا وار اڇا، اکيون ڪارا، قد ڪبو ۽ ننڍو هو، هڪ ميز جي پرسان ڪرسيءَ تي ويٺو هو. جيڪا سندس جسم ۽ قد جي حساب سان وڏي ۽ عمر جي لحاظ کان قديم تي لڳي. ميز تي ڪجھ عمليات جا ڪتاب، جنتريون، جوتش ۽ رمل جا ڪتاب ۽ هڪ شيشي جو گولو شيشي جي اسٽينڊ تي رکيو هو. اُن جي پرسان هڪڙي ننڍڙي عصا رکيل هئي.

عامل درويش شاهه. شفيق ڏانهن اهڙي طرح نهاريو جيئن ڪوريئڙو پنهنجي جار ۾ ڦاٿل مک کي ڏسندو آهي. هن ڪيس ميز جي پرسان پيل ڪرسيءَ تي ويهڻ جو اشارو ڪيو.

عامل درويش شاهه ماڻهن جي نفسيات جي ڪمزورين کان واقف ۽ پنهنجي حرفت ۽ هنر ۾ ماهر هو. هو ايندڙ شخص جي منهن ۾ ڏسي سمجهي ويندو هو تہ گراهڪ ڪهڙي مطلب سان آيو آهي ۽ ڪهڙي ڳالهه ٻڌي خوش ٿيندو ۽ خوش ٿي وڏي رقم نذراني طور ڏيندو. هو غريبن کي غيب طرفان ملندڙ ڌن دولت جو دلاسو. شاهوڪارن کي سندن دولت وڌڻ جي خبر ۽ بليڪ مارڪيٽنگ ڪندڙن کي اگهن چڙهڻ جو اطلاع ڏيندو هو. نوجوانن کي نوڪري ۽ پيار ۾ ڪاميابيءَ جي مبارڪ ۽ پوڙهن کي حياتيءَ جا ڪيئي سال وڌائي ڏيندو هو! عورتن لاءِ اولاد جي خوشي، سس جي راضپي ۽ مڙس جي فرمانبرداريءَ جو آسرو ڏيندو هو. هو نهايت حرفت سان سياستدانن کي اليڪشن ۾ سندن پارٽيءَ جي ڪاميابي ۽ سندن فتح ۽ مخالف پارٽي ۽ اُن جي اميدوارن جي ذليل شڪست جا اطلاع ڏيندو هو. هو فخر سان سياڻي جي موسم ۽ مستقبل جو اندازو لڳائيندو هو، جنهن ۾ پاڻ وٽ آيل ماڻهوءَ جي دل ۾ ڪاميابي، فتح ۽ خوشيءَ جا وڏا خيال پريندو هو. هن وٽ جيڪو مايوس ايندو هو سو پراميد ٿي ويندو هو ۽ خوشيءَ سان پنهنجو کيسو خالي ڪرائيندو هو.

ٿن ڏينهن کان عامل درويش شاهه وٽ ڪوبہ امير تہ ڇا غريب ماڻهو بہ ڪونہ آيو هو، تنهن ڪري بکايل بگهڙ وانگر ڪمزور رڍ کي پنهنجي غار

۾ آبل ڏسي هن جي واچ ڦڙڪڻ لڳي.

جيئن ئي شفيق ڪرسيءَ تي ويٺو ته ميز تي پيل گولو روشن ٿي ويو. عامل درويش ڪجهه پڙهندو به رهيو ۽ گولي جي مٿان هٿ به ڦيريندو رهيو. هو ڇا پڙهي رهيو هو، ڪهڙي ٻولي ۾ پڙهي رهيو هو. اهو شفيق کي سمجهه ۾ نه آيو.

”هي قسمت جو گولو آهي.“ عامل درويش شاهه پٽڪيو ۽ شفيق ڏانهن منهن ڪري چيائين، ”نوڪري؟“ مگر سندس اهو تير نشان تي پورو نه لڳو. شفيق جي چهري تي ڪنهن به قسم جو جوش يا تاثر نه اڀريو ته يڪدم ماهر جواريءَ وانگر ٻيو پتو اڇلايائين، ”محبت جو معاملو آهي؟“

اهي لفظ ٻڌندي ئي شفيق جي دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ ۽ نبض تيز هلڻ لڳي. هن جو رنگ، جيڪو عشق جي پريشانيءَ سبب ڪاراٽيل هو، سرخ ٿي ويو. سندس زبان مان نڪتو، ”ها سائين!“

”تنهنجي اندر داخل ٿيڻ سان ئي تنهنجي ستارن مون سان ڳالهايو هو ۽ تنهنجو احوال مون کي ٻڌايو هو.“

هن وري گولي ڏانهن نهاريو ۽ ڏاڍيان چوڻ لڳو.

”حمل، ثور، سرطان، اسد، سنبلہ، ميزان، جوزا، عقرب، قوس، جدي، دلو، حوت.“ شفيق ڏانهن منهن ڪري چيائين، ”جوان! تنهنجو برج جوزا ۽ سيارو قمر آهي.“ ٿورو ماٺ ڪري وري چيائين، ”ستارن جو اهو ميڙ جيڪو جاڙن ٻارن وانگر هوندو آهي، جوزا آهي. انهيءَ حساب سان تنهنجي خوشين سان گڏ مايوسيون آهن.“ هن پوءِ جنتري کولي ۽ پني تي ڪجهه حساب ڪرڻ لڳو. آڱرين تي ڪجهه ڳڻي پني تي لکندو ويو. ڪجهه جوڙ، ڪجهه ڪٽ، ڪجهه ضرب ۽ ڪجهه ونڊ ڪڻ لڳو. شفيق حيرانيءَ ۽ تجسس جي نگاهن سان هن ڏانهن نهاريندو رهيو. ٿوري وقت کان پوءِ عامل شاهه ڪنڌ مٿي کڻي چيو، ”تنهنجو برج جوزا گردش ۾ آهي. تنهنجي سياري قمر کي شمس سيارو گهيرو ڪيون ويٺو آهي. اهو ئي سبب آهي جو تنهنجي من جي مراد پوري ٿيڻ ۾ ڪي سولا سوڙها ڏسڻ ۾ نٿا اچن.“

هي لفظ ٻڌي شفيق کي ڊڪ ورني ويا. هن کي اداسي ۽ مايوسي ورني وئي. ڏڪندڙ لفظن ۾ چيائين، ”سائين! پوءِ ڪجهه ڪريو.“

هاڻي عامل درويش سمجهيو ته شڪار هٿيڪو آهي. وڏي مخرج

سان چيائين، ”الله وڏي طاقت وارو مالڪ آهي، هو رحيم، رحمان ۽ مشڪل ڪشا آهي. جوان! تون فڪر نہ ڪر، تنهنجي ستارن جي گردش کي ڦيرائڻو پوندو، تڏهن وڃي تنهنجو ڪم ٿيندو. شمس جو گهيرو هٽائڻو پوندو جيئن قمر آزاد ٿئي ۽ تنهنجي من جي مراد پوري ٿئي. جنهن کي تون چاهين ٿو اها توکي ملي.“

”سائين! ڪجهہ ڪريو.“

”سڀ ڪجهہ ٿيندو، محنت ڪرڻي پوندي، وقت لڳندو، توکي خرچ ڪرڻو پوندو.“

”سائين! مان ڪندس.“

اهي لفظ ٻڌي عامل درويش جي دل ٺري پيئي، هن جي سڪل منهن ۾ تازگي ۽ هن جي چنجهين اکين ۾ روشني ۽ هن جي خشڪ چپن ۾ تحرڪ پيدا ٿي ويو:

”چڱو، ڪجهہ رقم ڏي، جيئن تنهنجي ستارن جي گردش جو ڪجهہ ڪم ڪيو وڃي.“

شفيق يڪدم ٻہ سو سو جا نوٽ ڪڍي عامل درويش شاهہ جي اڳيان رکيا. عامل درويش پنهنجا نقش ڪڍيا. پنا ويڙهي شفيق کي ڏيندي چيائين:

”هيءَ تنهنجي ڪاميابيءَ جي پهرين ڪنجي آهي. هڪ تعويذ، جنهن جي مٿان سائو نشان آهي، پنهنجي محبوبا جي اهڙي جاءِ تي پورجانءِ جتان هن جو ۽ هن جي مائٽن جو ورور ڪري لنگهڻ ٿئي. بهتر آهي تہ سندس گهر جي چانئٺ ۾ پورجانءِ. ان تعويذ جي اثر هيٺ تنهنجو محبوب ۽ ان جا مائٽ توتي مهربان ٿيندا ۽ جيئن تون چاهيندين تيئن ڪندا.“

شفيق خوش ٿي تعويذ وڏي عقيدت سان وٺي پنهنجي کيسي ۾ رکيو. وڏين اُميدن ۽ آسرن سان خوش خوش گهر موٽيو.

تعويذ پورڻ کان پوءِ هر روز انهيءَ انتظار ۾ رهيو تہ ڪڏهن ٿو تعويذ جو اثر ٿئي، سندس من جي مراد پوري ٿئي ۽ محبوب حاصل ٿئي. جڏهن ڪجهہ ڏينهن گذريا ۽ تعويذ پنهنجو اثر نہ ڏيکاريو تڏهن هو جامع مسجد جي ملان وٽ ويو جو پنهنجن وردن وظيفن جي ڪري مشهور هو. نہ صرف شهر بلڪ ڪتان ڪتان جا ماڻهو وٽس وظيفن لاءِ ايندا هئا. هو هر

ڪنهن کي وظيفو مفت ۾ ڏيندو هو. ڪنهن کان پائي پئسو نہ وٺندو هو. چوندو هو "الله جي اسم تي پئسو وٺڻ حرام آهي. هيءَ بہ هڪ قسم جي نيڪيءَ جي خيرات آهي. ان جو اجر الله وٽ آهي."

شفيق جڏهن کان جامع مسجد جي ملان سان مليو هو تہ هن ۾ عجيب تبديلي اچي ويئي هئي. هو پنج وقت نماز کان علاوه تهجد ۽ اشراق جي نماز بہ پڙهڻ لڳو. ان کان سواءِ صبح جو قرآن شريف جي دور سان گڏ دعاءِ نور، دعاءِ گنج العرش ۽ درود تاج بہ پڙهندو هو. ملان جي هدايت مطابق رات جو سمهڻ کان اڳ ياسين مبارڪ جو ورد بہ ڪرڻ لڳو. رات جو خاص وظيفو پڙهڻ بہ شروع ڪيائين.

هڪڙي رات شفيق جي ڪمري مان پوائتي ۽ دل ڏاريندڙ رڙ ٻڌڻ ۾ آئي. گهر جا سڀ ڀاتي ڊوڙندا هن جي ڪمري وٽ اچي پهتا. ڪمرو اندران بند هو. تنهن ڪري زور سان در کڙڪائڻ لڳا. اندران شفيق جو هلڪو آواز آيو: "مان ٺيڪ آهيان، مان ٺيڪ آهيان. توهان خدا جي واسطي منهنجو فڪر نہ ڪريو. وڃي سمهو."

مگر شفيق جي ماءُ پنهنجي پٽ کي ڏسڻ کان سواءِ وڃڻ نٿي گهريو. تنهنڪري مجبوراً شفيق درکوليو ۽ ماءُ کي چيائين، "امان! ڪا بہ ڳالهہ ڪانهي. ننڊ ۾ پوائتو خواب ڏٺو هوم. جنهن ڪري رڙ نڪري ويئي."

ٻئي ڏينهن جڏهن ڪليم، شفيق وٽ پهتو تہ هن جو چهرو اهڙو پيلو ڏٺائين ڄڻ راتوڪي رات ۾ سندس جسم جو سمورو رت خشڪ ٿي ويو هجي. هن جو منهن لٿل ۽ اُداس ٿي لڳو. شفيق جڏهن ڪليم کي ڏٺو تہ هن جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا ۽ روئندي چيائين، "رات ويل ٿي ويو!"

ڪليم حيرانيءَ مان پڇيو، "ڇا ٿيو؟"

"دوست! مان چلو ڇچائي رهيو هوس، اوڻيتاليهہ راتيون پوريون ٿي ويون هيون. ڪالهہ چاليهين ۽ آخري رات هئي. حڪم هو تہ وظيفي پڙهندي ڪجهہ بہ ٿي پوي ڊپ ڊاءُ نہ ڪجانءِ، نہ پنهنجي جاءِ ڇڏجانءِ. رات جيئن ئي مان وظيفو پڙهي رهيو هوس تہ مون ڏٺو تہ آسمان مان هڪڙي بڇڙي شڪل وارو پوائتو ڀوت هيٺ لٿو. هوريان هوريان مون ڏانهن وڌڻ لڳو. مون کي ايترو ڊپ اچي ورايو جو مون کان دانهن نڪري ويئي ۽ مان هيڏانهن هوڏانهن مدد لاءِ ڊوڙڻ لڳس. وظيفو ٽٽي پيو." اهو چئي هو ڪجهہ گهڙيون سامت ۾ اچي ويو ۽ ٿوري ويل رکي ٿڏو ساهہ ڀري

چوڻ لڳو، ”يار، اها منهنجي آزمائش هئي.“ روئندي، سڏڪا ڀريندي وڏيڪ چيائين،

”ڪتيل بازي ٿوري ڳالهہ تي هٿان ويندي رهي.“ هن جي اکين مان ڳوڙهن جون بوندون هيٺ ڪرڻ لڳيون.

ڪليم هن کي دلداري ڏيندي چيو:

”اهي سڀ وسوسي ۽ وهم جون ڳالهيون آهن. دل نہ هار. جن جو عشق صادق هوندو آهي، اهي عشق ۾ ضرور ڪامياب ٿيندا آهن.“

ڪجھہ ڏينهن کان پوءِ ڪليم جڏهن شفيق وٽ آيو تہ ڏٺائين تہ شفيق کٽ تي ليٽيو پيو آهي، هن جي مٿي، ٻانهن ۽ ڄنگهن تي پٽيون ٻڌل آهن. ڪليم گهبرائجي پڇيو، ”توکي ڇا ٿيو آهي؟“

جواب ۾ شفيق ٽهڪ ڏنو.

ڪليم حيرانيءَ مان پڇيو، ”ڇا ڪنهن سان جهڳڙو ٿيو اٿئي؟“

”نہ.“

”ڇا ڪٿي ترڪيو آهين يا مٿانهين هنڌ تان ڪريو آهين؟“

”نہ.“

”ڇا ڪو ايڪسيڊنٽ؟“

”نہ.“

”تہ پوءِ هيءَ ماجرا ڇا آهي؟“

شفيق کلندي چيو، ”ڪاميابي۔ عشق ۾ ڪاميابي!“

ڪليم ڪاوڙ ۾ رڙ ڪئي، ”اڙي! تون اڌ مئو ٿيو کٽ تي پيو آهين، اها ڪاميابي توکي ڪيئن ملي؟“

”قاضي بابا.“ هو مرڪيو ۽ مرڪڻ سان گڏ جسم جي چرڻ سبب هن کي سور جي سٽ ايري ۽ هلڪي رڙ ڪيائين.

”قاضي بابا!“ ڪليم رڙ ڪئي، ”اهو الف اگهاڙو، سڪي تلاءَ وارو، مستانو؟“

”هن کي اگهاڙو نہ چئہ. هن الله جي عشق جو لباس پهريو آهي، اُن جي دعا آهي.“ شفيق جو پاسو چريو ۽ هن کان رڙ نڪري وئي پر کلندي چيائين، ”توکي تہ خبر آهي تہ هو من مرادون پوريون ڪندو آهي، اڄ مان بہ هن وٽ من جي مراد کڻي ويو هوس.“

”پوءِ؟“

”هو الله جي عشق ۾ ايتروگم هوندو آهي جو ماڻهن جو پاڻ وٽ اچڻ پسند نہ ڪندو آهي. ماڻهو جڏهن هن جي اِستغراق ۾ رخنو وجهندا آهن تہ هو ماڻهن کي مارڻ لاءِ اٿندو آهي. پوءِ جيڪا شيءِ ڪيس سامهون ايندي آهي. اها ڪڻي ماڻهن کي هڻندو آهي. جيڪو هن جي مارکان پڳو، اهو نامراد ۽ ناڪام رهندو آهي ۽ جيڪو مار سهي هن جي پٺ نہ ڇڏيندو، ان جو ڀاڳ ڀلارو ۽ مقصد پورو ٿيندو آهي. اڄ جڏهن مان اتي پهتس تہ ماڻهن جو ميڙ لڳو پيو هو. عورتون،مرد، ٻار، ٻڍا، امير، غريب، مطلب تہ هر قسم جا ماڻهو موجود هئا. هن کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪو منايون، ڪَنو ڪاڏو، ڪو گل، ڪو ڪپڙا ڪنيون وينو هو. قاضي بابا اکيون پوريو انهن جي ياد ۾ مگن وينو هو. اوچتو هن اکيون کوليون، پنهنجي چوطرف ماڻهن جو ميڙ ڏسي هن کي ڪاوڙ آئي. ڀريان گاريون ڏيڻ لڳو پر ماڻهو هن جي گارين کي گل سمجهي وينا رهيا ۽ انهن مان پنهنجي پنهنجي مقصد جا مطلب ڪڍڻ لڳا. پوءِ هن کي جولان آيو. هن جي غصو تيز ٿي ويو، پرسان پيل پتر ڪڻي ماڻهن کي هڻڻ لڳو. ماڻهن ۾ ڀاڄ پئجي ويئي. هر ڪنهن پنهنجي جان بچائڻ لاءِ ڪڙين تي زور ڏنو. مگر مان اتي ماٺ ڪيون وينو رهيس چيم، ”يا شهادت، يا ڪاميابي!“

هن هڪ پتر ڪڻي مون کي مٿي وارو وهائي ڪڍيو. منهنجو مٿو ڀرين ٿي ڏک سان ڦيراٽيون کائڻ لڳو. هن ٻيو پتر اڇلايو، پوءِ ٽيون، پوءِ چوٿون... مان ٻي سڌ، ٻي خبر ٿي ڍيري ٿي پيس. جڏهن اکيون کليون تہ پاڻ کي هن حالت ۾ بستري تي ڏٺم.“ هو اها ڳالهہ ڪري مرڪڻ لڳو. ”مگر منهنجي مراد پوري ٿي. قاضي بابا جي مار اجائي نہ ويندي. جنهن لاءِ هي زخم، هي چوٽون، هي ڏک سَنا اٿم، اها پڪ سان هاڻي منهنجي ٿيندي.“ ائين چئي هو وري مرڪڻ لڳو.

ايتري ۾ هن جو ڪمرو خوشبوءَ سان ڀرجي ويو. هن ڪنڌ ورائي ڏٺو تہ هن جي ڀيڻ نجمہ نَون چمڪندڙ زيورن ۽ مڪمل ميڪ اپ سان بيٺي هئي. هن ڪجهہ ڪڇيو، ان کان اڳ نجمہ چيو، ”ادا! اسان سڀ وڃون ٿا.“

”ڪاڏي؟“ هن پڇيو.

”راحيلہ جي شاديءَ تي.“ هوءَ ائين چئي هلي ويئي.

هن ائين محسوس ڪيو ڄڻ پنهنجين خوشين ۾ مست هڪ

اڏامندڙ پکيءَ کي ڪنھن گولي ھڻي ڪيڏي ۽ اھو آڪاش مان ڌرتيءَ تي ڪري پنھنجي رت ۾ ڦٿڪڻ لڳو. ھن ھڪ آھ ڀري. ھن جي اکين مان ٻه ڳوڙھا نڪتا، جي ھن جي ڳلن تان وڏي، ھن جي ڇاتيءَ تي ڪِري، ھن جي قميص ۾ جذب ٿي ويا.

”ڇا ٿيو؟“ ڪليم حيران ٿي پڇيو.

”سڀ ابتڙ ٿيو.“ ھن ٿڌو ساھ کڻندي چيو.

ھو ڪافي وقت ماٺ رھيو ۽ ڪليم حيرت ۽ پريشانيءَ مان ھن ڏانھن ڏسندو رھيو. جڏھن شفيق ٿورو سامت ۾ آيو ته پڇڪيو، ”مگر منھنجو ھن سان عشق حقيقي ھو.“

# اڌوري خواهش

هو اڳتي وڌيو، عينڪ جي شيشي کي صاف ڪيائين ۽ جهڪي پگهار جي رجسٽر ۾ پنهنجو نالو ڏسڻ لڳو. نالو ڏسي ان جي سامهون ڏنائين جتي چار سؤ پنجاهه روپين جو انگ جڻ اکيون ڦوٽاريون هن ڏانهن ڏسندو هجي. هن يڪدم حساب لڳايو: مهيني ۾ ٽيهه ڏينهن معنيٰ هڪ ڏينهن جا پندرهن روپيا. هو سوچڻ لڳو: هڪ مزور کي به هن شهر ۾ هڪ ڏينهن جي مزدوريءَ ۾ سورهن روپيا ملن ٿا، پوءِ هڪ قوم جي معمار، هڪ استاد کي صرف پندرهن روپيا ڇو؟ هڪ مزور جيڪڏهن سورهن روپيا روز هوندي به ميرا ۽ ڦاٽل ڪپڙا پهري ٿو ته ان تي ڪو آڱر کڻڻ وارو ڪونهي، پر هڪ استاد لاءِ اهو ضروري آهي ته هو سفيد پوش هجي ۽ اها سفيد پوشي پندرهن روپين ۾ ڪيئن قائم رهي سگهندي، ان جو پتو ته ڪنهن کي به نٿو پوي.

هو جهڪيو ۽ چار سو پنجاهه روپين جي سامهون نهايت سهڻن اکرن ۾ ائين دستخط ڪيائين جڻ اسٽيٽ بئنڪ جو گورنر سرڪاري نوٽن تي دستخط ڪندو هجي. ڪلارڪ کيس اک سان هن جي دستخط کي ڏٺو ۽ ميز جي خاني ۾ پيل نوٽن جي ٿهين مان ٽي سؤ سؤ، ۽ پنجاهه ۽ پنج ڏهين ڏهين جا نوٽ ڪڍي هن کي ڏنائين. نوٽن ملڻ کان پوءِ هن جي چهري تي اهڙي مرڪ ڇانئجي وئي جهڙي هڪ ڪمزور مريض جي چهري تي طاقت جي سئي لڳڻ کانپوءِ ڇانئجي ويندي آهي.

هو پئسا وٺي پنهنجي ڪلاس ۾ ويو، ڇوڪرا جن استاد جي غير موجودگيءَ ۾ شرارت پئي ڪئي، سي ماٺ ٿي ويا. هو ڪرسيءَ تي وچي وينو ۽ ٻانهون ميز تي ڪٺي رکيائين. هن محسوس ڪيو ته ميز ڪرسيءَ جي به اهڙي حالت هئي جهڙي هن جي. ٻاهران سفيد پوشي، اندر اڱڙيون، يعني انهن کي رنگ ۽ روغن ته برابر هو پر هيون ڏڪي وهيٽيون.

هن پنهنجي کيسي ۾ هٿ وجهي نوٽن کي ڇهيو. ”صرف چار سؤ پنجاهه روپيا، سو به هيترن سالن جي نوڪريءَ کان پوءِ.“ هن کي پاڻ تي ڏاڍا ڇڪ آيا. سوچڻ لڳو ته هن پرائمري ماستريءَ ۾ هو هڪ اهڙي ڏبڻ ۾ اچي ڦاٿو هو جنهن مان يقيني نڪرڻ جي ته ڪا صورت ڪانه هئي البت ان ۾ غرق ٿيڻ يقيني هو.

”ڪاش! مان به پي. ڊبليو. ڊي ۾ ڪلارڪ، پوليس ۾ جمعدار يا روينيو ۾ تپيدار هجان ها ته ڪيڏو نه چڱو ٿئي ها. پوءِ منهنجي گهر ۾ نه صرف زندگيءَ جي ضرورتن لاءِ پئسا هجن ها پر ٻيو به سک حاصل هجيم ها. هاڻي ڇاهي؟ لنگهڻ. اها نوڪري ڪهڙي جنهن ۾ متڪي ناهي. متڪي ته آهي جنهن سان زندگيءَ جي گاڏي اڳتي ڌڪجي ٿي، باقي پگهار جي پيٽرول تي اها ٻن ڪلوميٽرن کان اڳتي هلي نه ٿي سگهي.

هن کي انهن ماڻهن تي خار اچڻ لڳا، جيڪي ڪيس چوندا هئا ته ماستري عزت واري نوڪري آهي. هن سوچيو: ڇا انهن نلهن لفظن سان ڪنهن جي پيٽ جي بک پوري ٿي سگهي ٿي يا انهن جو اگهاڙو انگ ڍڪجي سگهي ٿو؟

ڇوڪرن جي پڙ پڙ تي هن جي خيالن جو سلسلو ٽٽي پيو. هن ڪرڙي اک کڻي ڇوڪرن ڏانهن نهاريو، شاگرد وري ماٺ ٿي ويا.

هن سوچيو، ماستر کي ڇا ٿو ملي؟ اها ئي سڪڻي تسلي، اها ئي واهه واهه ته سندس شاگرد وڏن وڏن عهدن تي آهن. ڪو ڪليڪٽر آهي، ڪو انجنيئر، ڪو وڪيل آهي ۽ ڪو وزير، پر ان سان ڇا ٿو ٿئي. شاگرد ته اهڙن پکين مثل آهن جن کي جڏهن تاتي وڏو ڪبو آهي ته اهي اڏامي ويندا آهن، پوءِ ڪين اهو ياد ئي نه ايندو آهي ته ڪين اها پرواز ڪنهن سيکاري. استاد اهڙي وڻ مثل آهي جيڪو درياءَ جي ڪناري تي هڪ هنڌ بيٺو هوندو آهي ۽ درياءَ جو پاڻي ان جي پاڇولي هيٺان وهندو ويندو آهي ۽ اهو وڻ آخر اتي ئي بيٺي بيٺي سڪي نوٽ ٿي ويندو آهي.

موڪل جو گهنڊ وڳو، ٻارن ۾ شور پئجي ويو. اهڙو شور جهڙو غلامن ۾ آزادي حاصل ڪرڻ وقت پئجي ويندو آهي. انهن ۾ اهڙو جوش پيدا ٿي ويو، جهڙو سنڌوءَ ۾ ساوڻي ويل پيدا ٿي ويندو آهي، جڏهن سنڌو پنهنجي سامهون ايندڙ هر بند کي ٽوڙي پنهنجي من موج مطابق اڇلون ڪائيندو وهندو رهندو آهي. شاگرد ڪلاس مان ائين ٻاهر نڪرڻ لڳا ڄڻ آزاديءَ

جي ڪوڏين بندش جون ديوارون ٽوڙي چڏيون هيون ۽ سندن رڙيون آزاديءَ جي گيتن وانگر فضا ۾ چانئجي ويون. هڪ خوشيءَ جو پڙاڏو هو جيڪو چوطرف پکڙجي ويو، مگر غلام محمد جي چهري تي ڪا بہ سرهائي پيدا نہ ٿي. جڻ هو اهڙو سڪل بند هو جنهن ۾ نہ برسات ۽ نہ بهارورِي تازگي پيدا ڪري ٿي سگهيا.

هو پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿيو، ڪمري کان ٻاهر نڪري آرس موڙي هلڻ لڳو. پنهنجي واچ ۾ ڏنائين، ڏيڍ تي چڪو هو. هن محسوس ڪيو تہ صبح جو جيڪا چانهہ سان ماني کاڌي آيو هو، سا هضم تي چڪي هئي ۽ سندس پيٽ هڪ رشوتي پوليس آفيسر وانگر وري ڪنهن شيءِ جي تقاضا ڪري رهيو هو. هن کيسي ۾ هٿ لاتو، جنهن ۾ نوان نوٽ ڪنهن سيٺ جي ڪلف ڏنل ڪپڙن وانگر سوٽ لڳا پيا هئا. اڄ پهرين تاريخ هئي. هن ڪيترن ڏينهن کان پاڻ سان اهو واعدو ڪيو هو تہ هن کي پهرين تاريخ تي جيڪا پگهار ملندي، ان مان هو ڪنهن چڱي هوٽل ۾ وڃي دلپسند کاڌو کائيندو. اڄ پهرين تاريخ هئي، هن وٽ پئسا هئا ۽ هن پنهنجو واعدو پورو ڪرڻ ٿي چاهيو.

هو تڪڙو تڪڙو هلندو اچي بس اسٽاپ تي پهتو. هڪڙي بس هن جي اڳيان اچي بيٺي. هو ڌڪاڌڪا ڏئي ان ۾ چڙهي پيو پر چڙهڻ کان پوءِ هن محسوس ڪيو تہ بس ۾ ايتري رش هئي جو پاڻ سنڀالڻ ئي مشڪل هو. بس ۾ ماڻهو، ماڻهوءَ جي مٿان ڳاهٽ ٿي ٿيو. هن کي ڪلڪتي واري اها ڪال ڪوٺڙي ياد اچي وئي، جنهن لاءِ انگريزن لکيو هو تہ هندستان ۾ بلوي وقت انگريزن کي وڏي تعداد ۾ پوريو ويو هو. هن کي انگريزن جي ڪوڙ ۽ بس جي هن حالت تي کل اچي وئي. هن چيو، جيڪڏهن بسون وڌيڪ هلن تہ جيڪر بسن ۾ پيهہ گهٽ ٿئي، پر بسون وڌيڪ ڪيئن هلن؟ هن شهر ۾ هر روز هنگاما آهن ۽ هر هنگامي ۾ بسن کي ساڙين. دل ئي دل ۾ هنگامي ڪندڙن کي صلواتون سڻائڻ لڳو.

هو بولٽن مارڪيٽ جي بس اسٽاپ تي لهي پيو. هن محسوس ڪيو تہ هن کي چڱي بک هئي. دل ۾ چيائين، کاڌي جو مزو بہ بک سان آهي. هن کي يڪدم انگريزي پهاڪو "Hunger is the best Sauce" ياد اچي ويو ۽ پنهنجو سنڌي پهاڪو "بک ۾ بصر بہ پلا" دل تي تري آيو. جيڪڏهن بک ۾ بصر بہ پلا آهن تہ پوءِ سٺي کاڌي جو مزو ڇا هوندو!

سنڌي ڪاڌي جي خيال اڄڻ سان چڻ هن جي اشتها ۾ اضافو ٿي ويو. هو هلندو سنڌ اسلامي هوٽل جي دروازي جي سامهون اچي بيٺو. در جي ويجهو ئي ڪبابي تاانڊن تي ڪباب، ڪليجي ۽ چڪن تڪا سيڪي رهيو هو. هن کي ڪباب مان نڪرندڙ بوءِ ڏاڍو مزو ڏئي رهي هئي. هو وڏا ساهه کڻي ان بوءِ مان اهڙو لطف وٺي رهيو هو جهڙو هن شاديءَ رات پنهنجي ونيءَ جي مينديءَ رتن هٿن، اتي ۽ سنڌر لڱل جسم ۾ سرهي تيل لڱل وارن جي خوشبوءِ مان ورتو هو. هن اتي بيٺي سوچيو، سنڌ اسلامي هوٽل جو ڪهڙو ڪاڌو هوندو آهي. پالڪ گوشت ۽ پايا. پالڪ گوشت هن کي پسند نہ هو، مگر پاين جو لفظ زبان تي ايندي ئي هن جي اکين اڳيان پاين جي پليٽ جو تصور اچي ويو، جنهن مان گرم گرم ٻاڦ نڪري رهي هئي.

هن کي ياد آيو تہ جڏهن هن اجا شادي نہ ڪئي هئي، هن تي گهر جو بار نہ پيو هو ۽ ڪيس نوڪري ملي هئي تہ هو هوٽل ۾ وڃي تي ڏشز چاهه سان کائيندو هو. سنڌ اسلامي هوٽل جا پايا، ڪارونيشن هوٽل جي مڪسڊ پليٽ ۽ الفا جي برياني. هر هفتي انهن مان هڪ ڏش ضرور کائيندو هو. مگر هاڻي... هن کي رات جي ڪاڌل چٽن جي دال ياد اچي وئي، جنهن کي لذيذ بنائڻ لاءِ هن جي گهرواريءَ ساون مرچن جي ڪاتر وڌي هئي.

”غريب ۽ دال جي دوستي بہ پاڻ ۾ ڪيڏي نہ پڪي آهي.“ هو چوڻ لڳو، ”ٻنهي جو هڪ ٻئي کانسواءِ گذارو مشڪل آهي. چڻ سندن جنم جنم جو ساٿ آهي يا ائين کڻي چئجي تہ ٻئي هڪ ماءُ غربت جا جاڙا ٻار آهن. تي سگهي ٿو انهيءَ جو سبب اهو بہ هجي جو پئسي وارن دال کي ڌڪاري ڇڏيو آهي، ٻي حالت ۾ هر اها شيءِ جنهن کي سرمائيدارن پاڻ وٽ قبوليت جو شرف ڏنو آهي، غريبن وٽ مشڪل سان ڏسڻ ۾ ايندي آهي.“

هن چاهيو پئي تہ هوٽل ۾ اندر وڃي تہ سندس دل چيو:

”پاين کان مڪسڊ پليٽ کائجي.“

هاڻي هو ٻڌتر ۾ پئجي ويو. هڪ طرف هو هُو، تہ ٻي طرف دل ۽ دل جو انگل اوکو ۽ اٽانگو، شل نہ ڪا خواهش ڪري، پوءِ ان کان نٽائڻ مشڪل. هو پنتي موٽيو، ويجهو ئي بس اسٽاپ هو، هو بس ۾ چڙهي پيو. هاڻي هن کي خيال آيو تہ پهرين تاريخ پگهار ۽ ڳنڍي ڇوڙڻ جو ڏينهن هوندو آهي. بسون خاص طرح انهن جو مرڪز هونديون آهن، جن جي پيهہ

۾ سواري ڪنڊڪٽرن کي پنهنجو هوش ئي نہ هوندو آهي، جنهن ڪري ڳنڍي چورن کي پنهنجي ڪاريگريءَ جو وارو ملي ويندو آهي. پوءِ هن پاڻ ڏانهن نهاريو ۽ مرڪي چيائين، "هن حلئي واري ماڻهوءَ ۾ ڪنهن کي بہ شڪ نٿو پئجي سگهي تہ هن وٽ ڪي پئسا آهن."

صدر ۾ پهچڻ سان هو ڪارونيشن هوٽل ۾ گهڙي ويو. واش بيسن تان هٿ ڌوئي اچي هڪ ٽيبل تي ويٺو. سامهون بي ٽيبل تي هڪ ماڻهو ڪاڌو کائي رهيو هو. هن جي اڳيان مرغ مصالحہ، اسٽو چڪن ٽڪا، شامي ڪباب، سلاد ۽ نان پيا هئا. هو نان گهٽ ۽ گوشت وڌيڪ کائي رهيو هو.

"چڱو بل ايندس." هن دل ۾ چيو.

"ضرور ڪو آفيسر يا واپاري هوندو. پيو ايترا پئسا ڪنهن وٽ آهن جو هڪ ويلي تي ايترو کائي. آفيسرن جي پگهار مان ڪاٽي تي پوري ٿئي، مٿڪي (رشوت) ملندي هوندي."

اهو خيال ايندي ئي هن کي پنهنجي نوڪريءَ تي خار اچڻ لڳا.

"ڪهڙي بڪئي ڪاتي ۾ اچي ڦاٿس جتي صرف الله جو نالو آهي، پر مون کي مٿڪي واري نوڪري ڪيئن ملي ها. اهڙيون نوڪريون تہ انهن کي ملنديون آهن جن کي پٺ هجي يا پئسو. يا تہ سندن مائٽ هلندي وارا هجن يا وڏي آچي سگهن. باقي نڌڻڪن کي ڌڪن کائڻ کان پوءِ بہ جي مستري ملي تہ بہ وڏا ڀاڳ."

ايتري ۾ بيئرر هن جي پرسان اچي لنگهيو. هن بيئرر کي آواز ڏنو. بيئرر هن ڏانهن تيڏي اک سان نهاريو ۽ هن وٽان ائين هليو ويو جيئن ڪنهن سين هٽنڌڙ فقير وٽان اهڙو اميرگذري جنهن کي فقير کي خيرات ڏيڻي نہ هوندي آهي. هاڻي هن کي اهو احساس ٿيو تہ سندس حليو هن هوٽل جي اسٽينڊرڊ مطابق نہ هو. هن کي چڙ تہ ڏاڍي آئي، پر ماٺ ڪري ويهي رهيو.

بيئرر ٽڪڙو ٽڪڙو موٽيو ۽ سامهون واري ٽيبل کي ڪپڙو هڻي صاف ڪيائين ۽ ٽانو کڻي هليو ويو. جلد ئي هڪ صاف پليٽ ۾ بل کڻي اچي ٽيبل تي رکيائين ۽ وينل گراهڪ کي اهڙين نظرن سان نهارڻ لڳو جڻ کيس چوندو هجي، "اوهان جي مهربانيءَ جو منتظر."

هو سوچڻ لڳو، بيرن ۽ فقيرن ۾ ڪهڙو فرق آهي، هو الفي پوش آهن ۽ هي سفيد پوش. ڀلا هوٽل جا مالڪ ڪين سٺ روپيا پگهار ڏيندا تہ پوءِ

هي ويچارا بخشش جي پن تي گذر نہ ڪندا تہ ٻيو ڇا ڪندا. هوٽل جي مالڪن جي پرماريت تي هو پوسرڻ لڳو, "اسان جو معاشرو ڪيڏو نہ گندو آهي, جت ڏس اُت پرماريت."

سامهون وينل ماڻهو بل ڏانهن ڏسي پنهنجي کيسي مان ٻڌون ڪڍيو, جيڪو نوٽن سان ائين سٽيو پيو ہو جيئن وڏيري جو گدام اَن جي ڳوٽين سان. هن اُن مان پنجاهہ جو نوٽ ڪڍي پليٽ تي رکيو, بيئرر ڦڙتائيءَ سان پنجاهہ جو نوٽ کڻي ٻہ روپيہ ۽ ڪجهہ ريزگي پليٽ ۾ رکي, جيڪا اهو ماڻهو اک جي اشاري سان بيئرر کي بخشي اٿي بيٺو.

هو سوچڻ لڳو, پنجاهہ روپيا هڪ ويلو, ٽي ويلا ڏيڍ سؤ روپيا ۽ ٽي ڏينهن سادا چارسؤ روپيا يعني منهنجي پگهار. جنهن ماڻهوءَ جو ڏيڍ سؤ روز مانيءَ تي خرچ هجي. ان جو باقي ٻيو خرچ ڪيترو هوندو ۽ ان جي آمدني ڪيتري هوندي! اُتي هن کي وري جوش اچي ويو. "الله بہ هڪڙن کي ڏئي ڇپرون ڇين کي ڀاڪر, هڪڙن جون ٽجوڙيون ڀريل, ٻين جا پيٽ خالي."

ايتري ۾ بيئرر هن جي اڳيان اچي بيٺو.

"حڪم صاحب!"

"مڪسڊ پليٽ."

"مڪسڊ پليٽ منجهند جو نہ ٿيندي آهي."

"اڳ تہ ٿيندي هئي."

"جڏهن کان نوان مالڪ آيا آهن, تڏهن کان صرف رات جو تيار ٿيندي آهي."

هاڻي هو سوچ ۾ پئجي ويو تہ ڇا ڪري. انسان ان وقت خاص طرح منجهي پوندو آهي, جنهن وقت هو چاهہ مان ڪا شيءِ حاصل ڪرڻ چاهيندو آهي, ان جي ملڻ جو هن کي آسرو بہ هوندو آهي پر اها کيس نہ ملندي آهي. بک بہ کيس ڏاڍي هئي, تنهن ڪري چاهيائين پئي تہ ڪنهن شيءِ جو آرڊر ڏئي پيٽ جي بک پوري ڪري. مگر وري سندس دل ڳالهايو, "جي هتي مڪسڊ پليٽ ڪانهي تہ پوءِ الفا جي برياني." دل جي اها راءِ ٻڌي هو اٿي بيٺو ۽ هوٽل کان ٻاهر آيو.

هاڻي هو شدت سان بک محسوس ڪري رهيو هو, تنهن ڪري تڪڙو الفا ڏانهن هلڻ لڳو. فوٽ پاٿ جي ٻنهي پاسن کان فوٽ پٿري وارا پنهنجو سامان وڇايو ويٺا هئا, باقي رهيل ٿوري فوٽ پاٿ تان خريدارن لاءِ

جاءِ چڙٻيل هئي. تنهن ڪري هن جيترو تڪڙو هلڻ ٿي چاهيو، اوترو آهستي ٿي هليو. هن جي دل هر ڪاڏي جي شيءِ کي ڏسي هرکي ٿي وئي. پر هو برياني، جي چاهه ۾ هلندو ٿي ويو.

الفا وٽ پهچي هن دروازي ڏانهن نهاريو. دروازو سڄو شيشي جو ٺهيل هو. هن کي ان ۾ پنهنجو جهڙڪو عڪس ڏسڻ ۾ آيو. هن کي پهنجي ڦوهه جواني جو وقت ياد آيو. جڏهن هو شام جو صدر ۾ چانهه پيئندو هو ۽ ڪڏهن برياني به کائيندو هو. هاڻي ان کي ورهيه ٿي ويا هئا. هو دروازو کولي اندر آيو. چوطرف اک کڻي نهاريائين. ساڳيو ماحول. ساڳئي رونق. مگر هو دخل تي وينل گجراتي سيٺ بئي ساڳيا نه رهيا هئا. هن جو ماس روزڄي ويو هو ۽ گجراتي سيٺ وڏيڪ سوڪو ٿي ويو هو. هن جو پيٽ اندر ۾ گجراتي سيٺ جو باهر نڪري آيو هو.

هو وڃي انهيءَ ڪنڊ ۾ انهيءَ ٽيبل وٽ وينو. جتي اڳي ويهندو هو. ڪجهه وقت هو آرام سان هيڏي هوڏي ڏسندو رهيو، جڻ وقت وري موٽ ڪري هئي ۽ هو جوان ٿي ويو هو. هن کي ايلفي (اسٽريٽ) جون شرارتون ۽ چيڙچاڙ ياد اچڻ لڳي ۽ هو مرڪي پيو. هن کي پنهنجي ڪاميابي جا قصا ۽ ناڪاميءَ جا داستان هڪ هڪ ٿي سڀ ياد اچڻ لڳا. هو انهن خيالن ۾ ايترو گم ٿي ويو جو هن ڪان بک جو خيال ئي لهي ويو. ايتري ۾ بيئرر آيو ۽ هن کي مينو ڏئي هليو ويو. هو دل ۾ برياني کائڻ جو فيصلو ڪري آيو هو مگر وري به مينو ڏسڻ لڳو. هن جي اک تڪڙي تڪڙي مختلف شين ۽ انهن جي قيمتن تان ترڪندي اچي بريانيءَ تي بيٺي. هن کان هلڪي رڙ نڪري وئي: برياني ٻارهن روپيا! اڳ ته ايتري مهانگي نه هئي، اڳ ته ان جي قيمت اڍائي روپيا هوندي هئي، هاڻي ته هن جي قيمت پنجوڻ تي ٿي وئي آهي، ڪاڏي کي به باهه لڳي وئي آهي. ايترو مهانگائي؟ ٻارهن روپيا ۽ ٻيون ٽيڪسون. سيلس ٽيڪس ۽ سروس چارجز ملائي ان جي قيمت گهٽ ۾ گهٽ پندرهن روپيا ته وڃي بيهندي ۽ بيئرر کي بخشش، اها به ڏيڻي پوندي. هو ائين ماٺ ٿي ويو جڻ ڪو غيرمعمولي حادثو ٿيو هو، جنهن هن جي بک کي مفلوج ڪري ڇڏيو هو. هن سوچيو ته پندرهن ريين مان سندس گهر واري ٻن ٽن ڏينهن جي خرچ جو پورائو ڪندي آهي.

هن جو هڪ هٿ پيٽ ڏانهن هليو ويو، جيڪو بک سبب خالي هو

۾ هن جو ٻيو هٿ نوٽن ڏانهن هليو ويو، جيڪي سڄي مهيني جي محنت کان پوءِ هن کي مليا هئا.

"جڏهن گهرواريءَ کي گهٽ پئسا ڏيندس ته ڪيس باقي پندرهن روپين بابت ڇا چوندس؟ ڪِري پيا. چوندس ڪنهن کي اڌارا ڏنا اٿم!"

"ڪوڙ! پنهنجي گهر واريءَ سان؟ پنهنجن ٻچن سان؟ نه، مان ائين نه ڪري سگهندس."

هو سوچڻ لڳو، "مان کين سچ چوندس ته مان برياني کائي آيو آهيان، پوءِ اهي به ته ائين چوندا: اڪيلو، اڪيلو. اسان کي به ته اها کاراءِ."

هن جي چهري تي پگهر اچڻ لڳو ۽ هو دل جي خواهش ۽ گهر جي حالت تي ويچارڻ لڳو. هن ورهين کان پوءِ هوٽل تي هڪڙو پيرو برياني کائڻ چاهي ٿي.

"ڇا مون کي، جيڪو سارو مهينو ڊگهي وانگر اسڪول جي جانڊهه ۾ وهندو رهان ٿو، اهو حق ڪونهي ته ڪڏهن هڪ پيرو برياني کاوان؟"

هن رڙ ڪري بيئرر کي آرڊر ڏيڻ لاءِ سڏ ڪيو ته وري هن کي ٻارن جا سڪل چهرا ۽ سندن هٿن ۾ سڪل ڊوڊا اکين آڏو تري آيا. هن ميز تي رکيل جڳ مان پاڻيءَ جو ٿڌو گلاس ڀريو ۽ هڪ ساهيءَ ۾ پي ويو. بيئرر هن جي ٽيبل وٽ اچي بيٺو. هن سوچيو:

"بهتر ائين ٿيندو ته گهر واريءَ کي چوان ته هوءَ سڀاڻي برياني تيار ڪري ته پوءِ سڀ گهر ۾ گڏجي برياني کائون. رهيو اڄ جو سوال، پهرين تاريخ آهي، تنهنڪري گهر واريءَ ضرور ڪا چڱي شيءِ رڌي هوندي." هو ٽپ ڏئي اٿيو ۽ هوٽل کان ٻاهر نڪري آيو. بيئرر هن ڏانهن حيرت مان ڏسندو رهيو.

هن گهر ۾ پير پاتو ته ٻار ڊوڙندا اچي هن کي چنبڙيا. هن جي گهر واري به مرڪندي هن ڏانهن وڌي. هن کي ريڊيو سيلون تان هر مهيني جي پهرين تاريخ تي وڄندڙ گانو، "خوش آ زمانو، اڄ پهرين تاريخ آ" ياد اچي ويو. هو اڳتي وڌي کٽ تي ويٺو ۽ کيسي مان سموري پگهار ڪڍي ڪٽي زال جي ترڻيءَ تي رکيائين. هن جي گهر واريءَ هن ڏانهن اهڙيءَ طرح کلي نهاريو ڄڻ هن تان صدقي ٿيندي هجي.

"عليءَ جي ماءُ!"

"جيءُ."

”مجبنديءَ.“

”چئه تہ سهي.“

”پهريان تون واعدو ڪر.“

”تون چئه تہ سهي.“

”دل ٿي چوي...“ هو اهي لفظ چئي ڪجھہ ترسيو ۽ پوءِ چيائين ”سيڻي برياني کائون.“

اهي لفظ ٻڌي عليءَ جي ماءُ جو وات، جنهن مان هن وقت تائين اڌ جملا ٿي نڪتا، کلي پيو. عورت جو وات شل نہ کلي، جي ماڻ هوندي تہ جڻ آهي ئي ڪانہ. جي مجربي تہ بس نہ ايندس. عليءَ جي ماءُ کي بہ بس نٿي آئي. وٺي هڪ ٻئي جي پنيان ڳالهائيندي، جڻ هڪ چوهو هو، جو گهلي رهيو هو. هڪ طوفان هو جنهن اچي غلام محمد کي وڪوڙيو هو.

”ٻچن جو حال ڏٺو اٿئي؟“ عليءَ جي ماءُ رنپ ڪئي، ”اٿن ڪا سچي قميص، اٿن ڪا سچي سلوار، اٿن ڪو پورو ڪپڙو، اٿن ڪا پير ۾ جتي. تون ٿو کائين برياني، مٿان ٿي عيد اچي.“ هوءَ جوش ۾ لڳاتار ائين ڳجندي رهي، جيئن پراڻي ريل جي انجڻين مان سيٽيءَ جو آواز نڪرندو آهي.

”گهر جو خرچ تہ دال مانيءَ مان بہ پورو ناهي، تون ٿو ڪرين بريانيءَ جي فرمائش. ايڏي فضول خرچي، ڪيئن ٿيندو گهر جو پورائو. مردن کي ڇاهي، منهون تہ عورتون. مردن کي ڪهڙ خبر تہ گهر جو خرچ ڪيئن ٿو هلي، ڪيئن ٿيون اسين پيٽ کي منهون ڏئي پورت ڪريون. جي اهي فرمائشون آهن تہ وٺ هي پئسا، پاڻ جاڻ ۽ گهر جو خرچ جاڻي!“

هوءَ ڳالهائيندي ڳالهائيندي اٿي، چلھہ ڏانهن ويئي ۽ ڪاريءَ هيٺان رکيل ماني ڪڍي اچي غلام محمد جي اڳيان رکيائين.

هن مانيءَ ڏانهن نهاريو. راشن جي ڳاڙهي اٽي مان پڪل ٿي مانيون هيون جن جا ڪنا ڪچا ۽ وچ سڙيل هو. جست جي ڪٽوري ۾ پٽاٽن جو ٻوڙ هو. پٽاٽا رس ۾ ٻڏا پيا هئا. انهن کي ڏسي هن کي ائين محسوس ٿيو تہ اهي پٽاٽا نہ پر هن جي اڌپوري خواهش هئي جا هميشہ لاءِ ٻڏي چڪي هئي.

# ڪنهن سان سورَ سليان؟

امجد اج اداس ويٺو هو. هن جون ٿونٺيون گوڏن تي هيون ۽ ڪاڏي هن جي ترين تي رکيل هئي. هن جا جهنڊولا وار ٽڙيا پکڙيا پيا هئا. ڪي چڳون وڏيون سنڌس منهن ۽ پيشاني تي تي پيون. هن جون اکيون غم ڪان ڳاڙهيون هيون. ائين تي لڳو جڻ روئڻ جي ڪوشش ڪئي هجيس پر روئي نه سگهيو هجي ۽ دل جو سور دل ۾ ئي رهجي ويو هجي، اهڙي ڪنڊي وانگر جو لڳڻ ڪان پوءِ پچي پوندو آهي ۽ ان جو پير جي ماس ۾ رهيل حصو رکي رکي تڪليف پيو ڏيندو آهي. هن جي پيرن جي پرسان موتي خاموش خاموش ويٺو هو. موتي هڪ ننڍڙو پاليل ڪتو هو. جنهن سان امجد جو ڏاڍو پيار هو.

موتيءَ جون اکيون پنهنجي مالڪ ۾ ڪتل هيون ۽ هن جي مالڪ جون اکيون ڪنهن سورءِ سوچ ۾ ٻڏل هيون.

امجد اٺن، ڏهن سالن جو هڪ سلڇڻو ڇوڪرو هو. گهر جا سمورا ڀاتي کيس پيار ڪندا هئا. سهڻو، سڀاجهو، ڪم گو ۽ فرمانبردار. کيس ڇيڇڙڻ جو ته سوال ئي پيدا نٿي ٿيو. صبح جو جهٽ پٽ تيار ٿي اسڪول ويندو هو. هو موٽڻ ڪان پوءِ ڪجهه وقت پڙهندو هو. باقي سمورو وقت پنهنجي موتيءَ سان کيڏندو هو. هڪ انسان هو ۽ ٻيو جانور پر ٻنهي جي پاڻ ۾ اهڙي پريت هئي جو هڪ ٻئي ڪان پري نه ٿيندا هئا. جيڪڏهن امجد ڪنهن ڪم سان يا شيءِ وٺڻ ٻاهر نڪرندو هو ته موتي به پيچ لوڏيندو سنڌس ٻڏي ٻانهي وانگر پنيان پنيان هلندو هو. امجد وٽ هڪ ست ڪلو بال هو جو سنڌس مامي کيس سوکڙيءَ طور ڏنو هو، جيڪو موتي ۽ امجد ٻنهي جي وندر جو سامان هو. امجد بال کي زور سان اڇليندو هو ۽ موتي وري جهٽ ڏئي بال کڻي ايندو هو.

پاڙي جا ٻار امجد ۽ موتيءَ جي بال راند تي ريس ڪندا هئا. مدد، جو

پاڙي جي ٻارن ۾ هميشہ شرير ۽ دادا ليکبو هو. هميشہ چوندو هو. ”ڪنهن ڏينهن آءُ امجد جو اهو ٻال تڳائي ويندس.“ تڏهن ٻيا ڇوڪرا کيس چوندا هئا تہ، ”ٻال ڪٽي ويندين مگر موتي ڪٿان آڻيندين؟“ اهو سوال ٻُڌي مدد ماٺ ٿي ويندو هو. افو، جيڪو صوبيدار جو سڪيلڊو پٽ هو. موتيءَ کي ڏسي چوندو هو تہ، ”مون بہ ماما کي چيو آهي تہ مون کي موتيءَ جهڙو ڪتو آڻي ڏي.“ ساجي، امجد جي ماروٽ ۽ سندس هم عمر هئي، جڏهن بہ امجد جي گهر ايندي هئي تہ موتيءَ کي ڏاڍو پيار ڪندي هئي. پوءِ امجد، ساجي ۽ موتي گڏجي راند کيڏندا هئا.

اڄ دستور جي خلاف امجد اداس اداس ۽ ڪنهن سوچ ۾ ٻڏل هو ۽ موتي سندس پيرن جي پرسان ويٺو هو جڻ ڪنهن جي هٿن جو انتظار ڪري رهيو هو. هو ڪافي وقت ائين ماٺ ڪيو ويٺو هو جڻ ڪنهن ڪاريگر سنگ مرمر مان ڪنهن ديوتا جو مجسمو گهڙي رکيو هجي. امجد جي ماءُ ڪنهن ڪم سانگي ڪمري ۾ گهڙي آئي، مگر امجد کي هن جي اچڻ جو پتو نہ پيو. موتيءَ منهن ورائي پنهنجي مالڪڻ ڏانهن اهڙي نموني نهاريو، جڻ کيس ٻڌائيندو هجي تہ امجد اڄ اداس آهي، هن کي ڪو ڏک آهي. امجد جي ماءُ پهرين تہ پنهنجي ڪم ۾ رڌل رهي، پر جڏهن ڪم ڪري پورو ڪيائين، تڏهن پٽ ڏانهن منهن ڪري چيائين، ”اڙي! تون اڃا هتي ويٺو آهين؟“ امجد ڪان هلڪو ڇرڪ نڪري ويو، جڻ ٻيءَ دنيا منجهان موتي هن دنيا ۾ منجهہ آيو هجي. ماءُ ڏانهن منهن ورائي چيائين، ”امان! بابا اڄ مون کي ....“ اڃا هن اهي لفظ واتان ڪڍيا ئي مس تہ امجد جي ماءُ جنهن مڙس سان ان ڏينهن جهيڙو ڪيو هو، رڙ ڪري چيو:”هاڻي ٻاهتر ۾ اچي ويو آهي، کيس ٻنهي جهانن جو پتو ئي نہ ٿو پوي، وڙهان وڙهان ڪندو ٿو رهي. اڳي تہ چڱو هو، هاڻي الائي ڇا ٿي ويو اٿس؟ ڏس، اڄ مون سان بہ جهيڙو ڪيو اٿائين.“ امجد جي ماءُ پنهنجي سورن جي ڪٿا ڪٿي شروع ڪئي، ”مردن کي ڇاهي؟ سڄو ڏينهن وتن عيش ڪندا. حشر تہ اسان زالن جو خراب آهي. سڄو ڏينهن ٽيون چاڪيءَ جي ڏاندن وانگر ڳهيون! صبح ٿئي تہ گهر ٻهار، نيرن تيار ڪر، ٻارن کي اسڪول موڪل ۽ ڪپڙا ڌوءُ، ٿانو مل، مطلب تہ ڪم ئي ڪم، نہ رات ننڊ، نہ ڏينهن آرام. اٿ ٿي پهر حرام، ويتر مڙس جو آزار.“ مڙس جي نالي وٺڻ سان کيس جوش اچي ويو، جڻ رائيس ڪئنال جي ٻنڌ ڀڳي.

هوءَ پنڻو پٽيندي رهي، پوءِ ائين ئي ڪمري مان ٻاهر هلي وئي. امجد وياڪل اکين سان ماءُ ڏانهن نهاريندو رهيو. جڏهن هوءَ ڪمري مان هلي وئي تہ هو هوريان هوريان پنهنجي اسٽول تان اٿيو ۽ ڪمري مان ٻاهر نڪتو. موتي امجد جي پٺيان اهڙيءَ طرح هلڻ لڳو جڻ امجد سان گڏ ان جو پاڇو. امجد سامهون نهاريو تہ سندس وڏي ڀيڻ آرسيءَ جي سامهون ويٺي هئي. هوءَ تازو تازو وهنجي آئي هئي ۽ پنهنجي وارن کي ڇنڊي سڪايائين. سندس چهري مان ائين ٿي محسوس ٿيو جڻ هوءَ گهڻي وقت تائين پنهنجي بت کي مهٽيندي رهي هئي. سندس وارن ۾ لڳل سرهي تيل سان سڄو ڪمرو ههڪارجي ويو هو. هن ڦڻي ڪڻي ۽ وارن کي ڏيڻ شروع ڪيائين. امجد آهستي آهستي آرسيءَ جي ويجهو پيل پلنگ تي ڀيڻ جي پرسان اچي ويهي رهيو ۽ موتي ٽنگون ٽيڙي هن جي پيرن ۾ ويهي رهيو. هو پنهنجي نماڻين اکين سان ڀيڻ ڏانهن اهڙي نموني نهارڻ لڳو، جڻ هن جي دل ۾ ڪا ڳالهہ هئي جا هن پنهنجي ڀيڻ سان اورڻ ٿي گهري، مگر سندس ڀيڻ پنهنجي وارن ٺاهڻ ۾ مشغول هئي. جڏهن وار ٺاهي بس ڪيائين تہ امجد ڏانهن نهاريائين ۽ چيائين، "اڙي! تون ڇو ٻوٿ ڦيلو ڪيون ويٺو آهين؟" امجد جي دل کي آٿت ملي ويو. هن پنهنجي ننڍڙي زبان ڪڍي پنهنجي خشڪ چپن تي ڦيرائي ۽ غمگين آواز ۾ چوڻ لڳو، "ادي! اڄ بابي مون کي...." ايتري ۾ ڀيڻس جو منهن وري آرسي ڏانهن ٿي ويو ۽ سندس هٿ وري وارن ڏانهن وڌي ويو. هوءَ وارن کي سينگاريندي امجد کي چوڻ لڳي:

"امجد، ڏس هن نموني جا وار مون کي ٺهن ٿا؟"

هن امجد کان اهو سوال اهڙي نموني پڇيو جڻ هو وارن جو ماهر ڊريسر هو. هوءَ وري وارن کي ٻئي نموني ٺاهيندي چوڻ لڳي:

"نہ، نہ! آءُ سمجهان ٿي شبنم اسٽائيل وڌيڪ سٺا لڳندا. مگر اڄ جيڪي ڪپڙا پهريندس، ان تي زيبا اسٽائيل وڌيڪ سهڻا لڳندا." اهڙيءَ ريت هوءَ پاڪستان جي مشهور ائڪٽريسن جا نالا وٺندي رهي ۽ انهن جي وارن وانگر پنهنجي وارن جي اسٽائيل کي بدلائيندي رهي. ڪلاڪ اڌ جي محنت کان پوءِ بابرا شريف اسٽائيل وار ٺاهي تيار ڪيائين. امجد ڪڏهن ڀيڻ ڏانهن ۽ ڪڏهن موتيءَ ڏانهن ڏسندو رهيو. هڪ جي اکين ۾ خودفراموشي ۽ ٻي جي اکين ۾ همدردي هئي. امجد جي ڀيڻ پوءِ

ڪپڙا ڪڍيا ۽ پنهنجا مختلف ٻگا هڪ هڪ ڪري امجد جي اڳيان ڪڻي آئي. "امجد، اڄ اسان جي ڪاليج جو ساليانو فنڪشن آهي. جتي ڇوڪرا بہ ايندا ۽ ڇوڪريون بہ. هاڻي مان ڪهڙا ڪپڙا پائي وڃان؟ الا! مان تہ فيصلو ئي نہ ٿي ڪري سگهان. هاءِ! جي نيلي هتي هجي ها تہ ان کان پڇان ها. پر ڪمبخت اڄ هوءَ بہ تہ پنهنجي سينگار ڪي لڳي پئي هوندي. اڄ هر ڪو پاڻ کي بنائي ابندو. الا! ائين نہ ٿئي جو آءٌ بين کان گهٽ ٿي پوان!" ائين چئي هن هڪ وڳو چونڊيو. پوءِ ٻئي ڪمري ۾ وڃي ڪپڙا بدلائي آئي ۽ ميڪ اپ ڪي لڳي وئي. جڏهن ميڪ اپ ڪري پورو ڪيائين. تڏهن پيرن کان وٺي چوٽيءَ تائين پاڻ کي آرسيءَ ۾ ڏٺائين ۽ منهن ورائي ياءُ کان پڇيائين:

"امجد، ڪيئن نيڪ آهي نہ؟ ڪيئن ٿو سمجهين. سڀ مون ڏانهن ڏسندا نہ؟"

جڏهن هن کي ڪوبہ جواب نہ مليو. تڏهن امجد ڏانهن نهاريندي چيائين:

"اڙي! اجا ائين ئي منهن سجايو ويٺو آهين؟"

امجد آهستي وراڻيو: "ادي، اڄ بابي..."

اجا ايترو مس چيائين تہ نيلي، پيٽس جي سهيلي، اندر لنگهي آئي ۽ رڙ ڪيائين:

"اڙي نوابزادي! تون اجا سينگار کي لڳي پئي آهين. اوهو، اڄ تہ ممتاز کي بہ مات ڏئي وئي آهين." ررينہ جي چپن تي مرڪ تري وئي ۽ شرمائجي نيليءَ کي چيائين، "اڙي! تون پاڻ کي تہ ڏس. ديبا ٿي پئي آهين." ٻئي وڏو ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳيون. نيليءَ واچ ڏانهن نهاريندي چيو، "اوهو! وقت ٿي ويو آهي. هل تہ جلدي هلون. جيئن ڪا چڱي سيٽ وٺي سگهون. ڪو اسان کي ڏسي سگهي ۽ ڪنهن کي اسان ڏسي سگهون." پوءِ ٻئي جٽيون هٿ هٿ ۾ ملائي ٽپ ٽپ ڪنديون هليون ويون. امجد ۽ مرتي هنن ڏانهن نهاريندا رهيا. امجد ڪجهہ وقت تہ ماٺ ڪيو پلنگ تي ويٺو رهيو پر پوءِ پلنگ تان اٿيو ۽ گهر کان ٻاهر نڪري آيو ۽ گهر جي سامهون راند جي ميدان پرسان پپر جي وڻ هينان پيل پٿر تي ماٺ ڪري ويهي رهيو. موتي ڪجهہ پرپرو امجد ۾ اکيون کپائي ويهي رهيو. ايتري ۾ ٻاڙي جا ٻار راند جي ميدان ۾ اچي ڪٺا ٿيا. مدد، امجد ڏانهن وڌي آيو ۽

ڪيس چوڻ لڳو، ”امجد، اڄ تہ راند ڪيڏون.“ امجد پنهنجو منهن مٽي ڪيو ۽ مدد ڏانهن نهارڻ لڳو، ”اڄ بابي مون کي...“اچا ايترو مس چيائين تہ ٻيا ٻار اچي ڪنا ٿيا ۽ امجد کي چوڻ لڳا:

”اڙي! ڇڏ بابي جي ڳالهين کي، هي ڪو بابي جي ڳالهين جو وقت آهي، هي راند جو وقت آهي، اَٿ تہ راند ڪيڏون.“ مگر امجد نہ اُٿيو ۽ ٻيا ٻار راند کي لڳي ويا. امجد اداس اداس پپر جي هيٺان پٿر تي ڪنهن سوچ ۾، ڪنهن ڏک ۾ ٻُڏل ويٺو رهيو. سج لهي اوندهہ ٿي، ٻار راند ڪيڏي ڪڪ ٿي پيا. هرڪو ٻار پنهنجي گهر هليو ويو. جڏهن ڪافي اوندهہ ٿي وئي، تڏهن امجد پٿر تان اُٿيو. امجد اڳيان، موتي پٺيان، خاموش خاموش گهر پهتا.

امجد پنهنجي پلنگ تي ويهي رهيو. سندس ٺونٺيون سندس گوڏن تي هيون ۽ ڪاڏي ترين تي. سندس جنمبولا وار سندس چهري تي ٽڙيا پکڙيا پيا هئا. سندس جنگهون هيٺ لڙڪي رهيو هيون ۽ موتي سندس پيرن پرسان ويٺو هو. اوچتو امجد جو پير وڃي موتيءَ کي لڳو. هن چرڪ ڀري هيٺ نهاريو. ڏٺائين موتي نماڻن نيڻن سان هن ڏانهن نهاري رهيو هو. ڄڻ هو چئي رهيو هجي: ”سائين! اڄ تون اداس ڇو آهين؟ توکي ڪهڙو ڏک آهي؟“ انسان ۽ جانور جون اکيون مليون. امجد کي موتيءَ جي اکين ۾ انسانن کان وڌيڪ همدردي ۽ قرب نظر آيو. هن ڳراٽڙي پائي موتيءَ کي کڻي پلنگ تي ويهاريو ۽ هوريان هوريان ڳالهائڻ شروع ڪيو. موتي ماٺ ڪري ويهي رهيو. ڄڻ ڪو غم ۾ هڏڏوکي پنهنجي دوست جي دردن جو داستان سُڻندو هجي.

”موتي! توکي خبر آهي تہ بابي اڄ مون کي ماريو آهي. منهنجو تہ ڪوبہ ڏوهہ ڪين هو، پر تڏهن بہ ٻهريان گهٽ وڌ ڳالهايائين ۽ پوءِ...“ ڳوڙهن جون ٻہ بوندون امجد جي اکين مان ڪِريون ۽ موتيءَ جي چهري تي پيون ڄڻ هڪ جو سور ٻئي جهٽي ورتو. پوءِ بہ تي ٽڏا ساهہ ڀري هو پنهنجي ڏک جي ڳالهہ موتيءَ کي ٻڌائيندو رهيو، تان جو امجد ۽ موتيءَ کي ساڳئي پلنگ تي هڪ ٻئي جي پرسان ننڊ وٺي وئي.

# ڪاري

هي رستو مٺي ديري ڏانهن وڃي رهيو آهي...

رستو ٻين ڳوٺن جي رستن وانگر ننڍڙو آهي. نه ڊسٽرڪٽ ڪائونسل، نه سنڌ سرڪار هن رستي جي سار سنڀال لهندي آهي. ڄڻ ماتيلو ٻار آهي. رستو سڄو ڪچو ۽ ڊٻ ۽ ڌوڙ سان لٽيل آهي. ويتر اٿس جماڪا ۽ جهوٻا. تنهن ڪري ننڍي وڏي گاڏي تي ويٺل ماڻهن جا لٽا ۽ منهن ميرو ٿي ويندو آهي. رستي جي ٻنهي پاسن کان ٻنيون آهن. پاڻيءَ جي اڻاٺ، سم ۽ ڪلر سبب گهٽيون غيرآباد. ان ڪري رستي جي ٻنهي پاسي شهر کان وٺي مٺي ديري تائين نه وسندي آهي نه واهڻ. ڳوٺ جي ماڻهن جي آمدرفت يا ته پيادل ٿئي يا گڏهه گاڏن تي. اهو ڏينهن رستي جو خوش نصيب ڏينهن هوندو آهي، جڏهن ڪا ڪار يا ٽيڪسي هن رستي تان لنگهندي آهي. گڏهه گاڏين وارا به سڄ لٿي کان اڳ شهر مان ڪمائي ڪري موٽي ايندا آهن. ان جو سبب اهو آهي ته شهر ۽ مٺي ديري جي وچ ۾ قبرستان آهي. مٺي ديري ۽ آس پاس جي ڳوٺن وارن ماڻهن تي اهو اثر آهي ته قبرستان ڳورو آهي. ان ۾ روحن جو واسو آهي، جيڪي سڄ لٿي کان پوءِ نڪري قبرستان ۾ گهمندا آهن. جي، ڪو ماڻهو سڄ لٿي کانپوءِ قبرستان ۾ ويو يا قبرستان جي ويجهو لنگهيو ته ان کي تنگ ڪندا آهن. ڳوٺن جا ماڻهو، انهيءَ قبرستان ۾ ماڻن ڇا وهيو، ان جو ذڪر نهايت عجيب ڪندا آهن، جنهن جي ٻڌڻ سان انهيءَ قبرستان بابت دلين ۾ خوف ۽ هراس پيرجي ويندو آهي.

قبرستان نهايت پراڻو آهي. ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي ته، اهو ٽالپرن بلڪ ڪلهوڙن جي دور جو آهي. قبرستان جي قدامت جي شاهدي ڪن پراڻين قبرن جا بچيل نشان به ڏين ٿا. قبرستان جي سڄي زمين ڪلراٺي آهي، جو پيرين اگهاڙو هلڻ ڏکيو ٿيو پوي. وقت ڪيترين قبرن کي پٽي

پوري چڏيو آھي ۽ ڪيترين قبرن کي ڪلر جھوري چڏيو آھي. ويجھو پوريل ماڻھن جون قبرون ڪنھن حال ۾ آھن، نہ تہ ھر طرف اُجڙيل ۽ ڏک پريو ڏيک آھي. قبرستان ۾ ڪجھہ لَوڻ ۽ ڪنڊين جا وڻ آھن، جن جا ٽڙ ٽلھا، ڏار ۽ ٽاريون پکڙيل آھن. جنازي سان ايندڙ ماڻھو سج جي تپش کان بچڻ لاءِ انھن جي ھيٺان ويھندا آھن. دنيا جي فنا، موت ۽ حياتيءَ تي گفتگو ڪندا آھن، خاص طرح مقام جي ڳوري ھئڻ جون ڳالھيون شد ۽ مد سان ڪندا آھن. ھڪ ماڻھوءَ ٻڌايو تہ:

”سال کن اڳ مني ديري جي ھڪ ماڻھوءَ جي ماءُ گذاري وئي ھئي. سج لھڻ مھل ھو پنھنجي ماءُ جي قبر تي ڏيئو ٻارڻ ويو ھو. ھن ڏيئو ٻاري دعا ئي گھري تہ ھن کي تورو پريان لَوڻ جي وڻن ھيٺان اھڙي روشني نظر آئي جا گھڙي چمڪي ۽ گھڙي وسامي ٿي ويئي. اُھا ھوريان ھوريان ھن ڏانھن وڌندي ٿي آئي. ايتري ۾ ھن پريان پراڻين قبرن مان نڪرندڙ اھڙا آواز ٻڌا، جڻ ڪي بدروح يا جن ڊوڙندا ڊُڪندا ھجن! ھن کي اھو لقاءُ ڏسي اھڙي دھشت ٿي ۽ ڊپ اچي ورايو جو ھن جو ساھہ مٺ ۾ اچي ويو. ڪڙين تي زور ڏئي ڊڪندو سھڪندو اچي ڳوٺ نڪتو. ان واقعي کان پوءِ ڪوبہ ماڻھو سج لٿي کان پوءِ اڪيلو ان مقام ڏانھن نہ ويندو آھي. سج لھڻ کان پوءِ ڳوٺ جا ماڻھو شھر وڃڻ يا شھر کان موٽڻ ويل بہ چار جڻا گڏجي ويندا ۽ ايندا آھن. ان ھوندي بہ قبرستان وٽان لنگھڻ ويل تڪڙيون وکون وجھندا آھن ۽ منھن ڦيري مقام ڏانھن ڏسڻ کان ڊپ محسوس ڪندا آھن.“

منو ديرو شھر کان اٽڪل ڇئن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آھي. ھي ڳوٺ بہ ٻين ڳوٺن جھڙو ڳوٺ آھي. گھر ڪجھہ پڪا آھن، نہ تہ ڪچا ۽ ڪکاوان. ڳوٺ ۾ ھڪ مسجد آھي، جيڪا ڪچين سرن سان جڙيل آھي، جتي ڳوٺ جو ھڪ اڌ ماڻھو ويلي وقت سان نماز پڙھڻ ايندو آھي. شرف الدين ئي ڳوٺ جو ھڪ اھڙو ماڻھوآھي، جيڪو مسجد ۾ پنج وقت بانگ ڏيندو ۽نماز پڙھندو آھي، ان ڪري ڳوٺ جا سڀ ماڻھو ان کي ملان چوندا آھن. وقت بوقت مال ۽ ٻارن جي بيمار ٿيڻ مھل ھن کان جھاڙ ۽ ڦيڻو ڪرائيندا آھن يا انھن جي خوش ٿيڻ لاءِ دعا، سڳو يا تعويذ وٺندا آھن. ھن جو علم قرآن شريف جي تلاوت تائين محدود آھي. ھڪ پراڻو ڪتاب اٿس، جنھن کي کولي ڳوٺ وارن کي دعا يا تعويذ لکي ڏيندو آھي.

خميس جو ڏينھن ھو، ٽيھريءَ جي نماز کان پوءِ شھر جي جامع

مسجد ۾ سنڌ جي مشهور عالم مفتي مولانا جلال الدين جيلانيءَ جو وعظ هو. ملان شرف الدين کي گهڻن ڏينهن کان مولانا جلال الدين جي تقرير ٻڌڻ جي آرزو هئي، سو هو ثواب دارين حاصل ڪرڻ لاءِ شهر جي جامع مسجد ۾ اچي نڪتو. مولانا جلال الدين پهريان گناهه ۽ ثواب تي ڳالهايو. هن ماڻهن کي ٻڌايو ته، جڏهن گنهگار ماڻهوءَ کي قبر ۾ لاٿو ٿو وڃي ته الاهي عذاب هن جي مٿان نازل ٿي ٿو وڃي. هن جي لاءِ قبر سوڙهي ۽ تنگ ٿي وڃي ٿي. نانگ ۽ بلائون ڏرتيءَ مان نڪري هن کي ڏنگڻ لڳن ٿا، جنهن ڪري هو دانهون ۽ ڪوڪون ڪرڻ لڳي ٿو. ان کان پوءِ هن ماڻهن کي ٻڌايو ته، سيني گناهن کان وڏو گناهه اهو آهي، جڏهن ڪو مرد يا عورت غير مرد يا عورت سان تعلق رکي ٿو. اهڙو شخص قبر ۾ دفن ٿيڻ سان دوزخ ۾ داخل ٿي وڃي ٿو. دوزخ جي باهه جنهن جون جيڀون آسمان جيتريون بلند آهن، هن کي ساڙڻ لڳن ٿيون. هو الاهي عذاب سبب چيخ ۽ پڪار ڪندو رهي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن هن جي دانهن ۽ ڪوڪن جو پڙلاءُ ٻاهرين دنيا تائين پڪڙجي وڃي ٿو. قبرستان جي فضا اهڙي ماڻهوءَ جي اُن ۾ داخل ٿيڻ ڪري اُداس ٿي وڃي ٿي.

وعظ پورو ٿيو ته خيرات جي مني شروع ٿي. ملان شرف الدين جڏهن پيٽ پري اٿيو ۽ گرڙي ڪري هٿ ڌوئي، سڄو هٿ ڏاڙهيءَ تي گهمايائين ته، هن کي احساس ٿيو ته سج لهڻ وارو آهي. هو انهن ٽاڪن تي ويو. جتي سندس ڳوٺ جا گڏهه گاڏيءَ وارا پورهئي لاءِ ويهندا هئا ۽ شام جو ڳوٺ وارن کان ٻه ٻه روپيا ڀاڙو وٺي کين ڳوٺ پهچائيندا هئا. هن شهر جي بازار ۾ هيڏي هوڏي ڏنو، پر هن کي ڪوبه ڳوٺ وارو نظر نه آيو. جنهن سان گڏجي هو ڳوٺ پهچي. پيو ته خير هو، پر هن کي قبرستان وٽان هيڪلو هلت مڙئي نه ٿي آئڙي.

ملان شرف الدين ڳوٺ هلڻ شروع ڪيو ته هن جا پير پنڌ ۾ ۽ دماغ ٻڌل وعظ ۾ مشغول ٿي ويا. هن جي دماغ ۾ گنهگار جون قبر ۾ دانهون ۽ ڪوڪون ڦرڻ لڳيون. هو اجا ٿورو اڳتي هليو ته سج لهي ويو. برسات جي موسم هئي. هوريان هوريان آسمان ۾ بادل مڙي ويا، جنهن ڪري اوندهه ۾ اضافو ٿي ويو. ملان شرف الدين پنهنجن قدمن کي تڪڙو ڪيو، جيئن جيترو جلد ٿي سگهي اوترو جلد ڳوٺ پهچي سگهي. هن سمجهيو ٿي ته ساوڻ جي برسات تي ڪو ڀروسو ڪونهي، ڪنهن گهڙيءَ به وسڻ

شروع ڪري. هو جنهن وقت قبرستان جي قريب پهتو ته آسمان ۾ ڪڪرن ڪڙڪات ڪيو ۽ کنوڻ کجڻ لڳي. هن چيو: ”مينهن آيو ڪي آيو.“ هن هيڏي هوڏي نهاريو پر هن کي ڪابه اهڙي وسندي، جهڳي يا جهوپڙي نظر نه آئي جتي هو برسات کان بچڻ لاءِ ڪجهه وقت اجهو حاصل ڪري سگهي. ايتري ۾ مينهن جي هڪڙي ڦڙي هن جي هٿ تي پئي، پوءِ ٻي، پوءِ ٽين. هن ڏٺو ته وسڪارو شروع ٿي ويو. هو مينهن کان بچڻ لاءِ ٿورو ڊوڙيو ۽ قبرستان ۾ بيٺل گهاٽي ڪبڙ جي هيٺان اچي بيٺو. هاڻي مينهن تيز ٿي ويو ۽ وڏڦڙي وٺووٺ لائي ڏني. ڪبڙ ملان شرف الدين لاءِ چٽي ثابت ٿيو. هو اُتي بيٺو مس ته، هن ڪبڙ مان هڪ عجيب آواز ٻُڌو. هن کي قبرستان جي ڳوري هئڻ بابت ٻُڌل ڳالهيون هڪ هڪ ٿي ياد اچڻ لڳيون. هاڻي هن جي دل ۾ ڊپ ۽ وسوسا پيدا ٿيڻ لڳا ۽ هن قرآن شريف جون آيتون، جيڪي هن کي ياد هيون، انهن جو ورد شروع ڪيو. ڪڪرن جو ڪڙڪات ٿيو، وڄ چمڪي، قبرستان ۾ تيز روشني پکڙجي وئي. هن کي کنوڻ جي روشنيءَ ۾ پوندڙ برسات ۾ قبرستان جو منظر عجيب لڳو. هن کي ائين لڳو ته، قبرون کُلي آسمان هيٺ مينهن جو مزو ائين ماڻي رهيون آهن، جيئن ٻار برسات ۾ پنهنجي گهرن مان نڪري گهٽين ۽ ميدانن ۾ ماڻيندا آهن. جهٽ پل ۾ کنوڻ جي روشني ٻاٽ اونده ۾ تبديل ٿي وئي. هاڻي هن کي قبرون ائين ڏسڻ ۾ آيون، جڻ ڪي ماتامي ڪارا ويس ڪيون ماتم ڪندا هجن. اونده ٿيڻ سان هن ڪبڙ ۾ پکين جو خوف ڀريو چرپاٽ ٻڌو، جڻ ڪوئي انهن کي مارڻ لاءِ انهن ڏانهن وڌندو هجي. ٿوري ويل کانپوءِ ڦڙ ڦڙ ڪري ٻه ٽي پکي چين چين ڪندا ٻاهر نڪتا ۽ مينهن ۾ پر پسائيندا ڪيڏانهن هليا ويا. جيئن پوءِ تيئن هن جو ڊپ وڌڻ لڳو. وري کنوڻ جو چمڪو ٿيو. هن جي نظر ڪاريءَ جي قبر تي وڃي پئي، هفتو کن ٿيو جو هن جي مڙس اڌ رات جو ڪيس ڪاري ڪري ڪهاڙين جا وار ڪري ماري ڇڏيو هو. هاڻي هوءَ ڌرتيءَ ۾ دفن هئي. هن جي مٿان مٽيءَ جو ڍير هو. هن روشنيءَ ۾ ڏٺو ته مينهن ۾ هن جي قبر جي مٽي ڳري ائين وهي رهي هئي، جڻ هوءَ پنهنجي ڪيتي تي ڳوڙها ڳاڙيندي هجي. کنوڻ جي روشني وري گم ٿي وئي، پر ڪڪرن جو ڪڙڪات قائم رهيو. هاڻي هن کي ائين لڳو جڻ ڪاريءَ جي قبر لرزي رهي هئي. ڪڪرن جي ڪڙڪي، مينهن جي ڌرتيءَ تي ڪِرڻ جي آواز

۽ هوا جي زوڪاٽ ۾ هن اوچنگار جهڙو ورلاپ ٻڌو. هن دل ۾ چيو تہ، اهو وسوسو آهي، پر وري جيئن هوا جو تيز جهونڪو آيو ۽ ڪَٻرَ جا پن ڪڙڪڙ ڪرڻ لڳا تہ اوچنگار جو آواز رڙڻ ۽ روئڻ ۾ تبديل ٿي ويو. هن اندر جي ڊپ کي متاثڻ لاءِ قرآن شريف جون آيتون زور زور سان پڙهڻ شروع ڪيون. وري آسمان ۾ گجگوڙ ٿي، ککرن جو ڪڙڪو ٿيو، هن کي لڳو جڻ آسمان ۾ ڪي بدروح هڪ ٻئي سان وڙهندا هجن. ککرن جي ڪڙڪاٽ سان هوا جو جهونڪو قبرستان ۾ پکڙجي ويو. هاڻي هن کي ائين محسوس ٿيڻ لڳو، جڻ ڪنهن قبر ۾ ڪو عذاب سبب دانهون ۽ ڪوڪون ڪندو هجي. هن کي وعظ ۾ ٻُڌل قبر ۾ عذاب واريون بيان ڪيل ڳالهيون ياد چڙ لڳيون. وري کنوڻ چمڪي ۽ هن جون اکيون ڪاريءَ جي قبر ۾ ڄجي کتيون. تيز روشنيءَ کان پوءِ وري اوندهہ ٿي وئي، پر هن جون اکيون ڪاريءَ جي قبر ۾ ئي کتيون رهيون. هاڻي هن جي دل ۾ اهو خيال پڪو ٿي ويو تہ اهي رڙيون، دانهون ۽ ڪوڪون ان قبر مان ئي اچي رهيون آهن. هو قرآن شريف جي آيتن جي ورد جي وچ ۾ پٽڪيو: ”گناهہ جي سزا!“

مولانا شرف الدين جو ڊپ جيئن پوءِ تيئن وڌي ويو. ڪاريءَ جي ڪُوڪن جي احساس کان پوءِ هن کي ائين لڳو تہ ڪاريءَ جي ڪوڪن تي سڀ مردا قبرن مان ٻاهر نڪرڻ لڳا آهن. هاڻي ڪبڙ جي وڻ هيٺان وڏيڪ ٻيهڻ هن جي وس کان ٻاهر هو. جيتوڻيڪ مينهن ڏاڍو وسي رهيو هو، پر هو تڪڙو تڪڙو ڳوٺ ڏانهن هلڻ لڳو. هن جيڪو قدم کنيو ٿي، ان ۾ هن کي ڪاريءَ جون ڪوڪون ٻڌڻ ۾ ٿي آيون. انهن عذاب وارين ڪوڪن هن جي ڪِيا اوستائين نہ ڇڏي جيستائين هو گهر پهتو.

ملان شرف الدين جڏهن گهر پهتو تہ ٿڙ ٿڙ ڏڪي رهيو هو. هو ڪپڙا بدلائي چادر وجهي سمهي رهيو ۽ سڄي رات ڏڪندو ۽ وقلندو رهيو.

”دانهون- ڪوڪون- ڪاريءَ جي قبر- عذاب ڪوڪون- ڪيهون- ڪاري- گناهہ...“

ٻئي ڏينهن ڳوٺ ۾ اها خبر هلي وئي تہ ڪاريءَ جي قبر مان ڪوڪون ۽ دانهون اچي رهيون آهن. عورتن پنهنجي پاڙي وارين کي سڏي اها ڳالهہ ٿي ٻڌائي. مرد جتي بہ هڪ ٻئي سان مليا ٿي، اُتي هڪ ٻئي سان اها ڳالهہ ٿي ڪيائون. هر ڪنهن ائين چيو ٿي تہ: ”ڪاري ڪيتو ٿي لوڙي.“

شام جي وقت ڪاريءَ جو مڙس بخشو جڏهن بنيءَ تان موٽيو تہ ملان شرف الدين هن کي مسجد ۾ سڏي قبرستان واري ماجرا ۽ ڪاريءَ جي ڪوڪن واري سموري ڳالهہ ڪري ٻڌائي. ڳالهہ ٻڌڻ سان بخشي جي اڳيان قتل ٿيڻ وقت سندس زال جو هراسيل چهرو، هن جي نہ مارڻ لاءِ منٿ ميڙ، ليلاهٽون ۽ ايلاز ڦرڻ لڳا. هن جي اکين اڳيان ڪاريءَ جو وڍيل، پٽ تي پيل لاش ترڻ لڳو. هن جي منهن جو پنو سرنهہ جي گل جهڙو پيلو ٿي ويو. هن پنهنجي هٿن ڏانهن ڏٺو، جن تي قتل ٿيڻ وقت سندس زال نوران جو رت اچي لڳو هو. هو ڪجهہ وقت ائين چپ ٿي ويو جڻ هو انسان نہ پر هڪ بي ساهہ بت هو. پوءِ هن وري پنهنجن هٿن ڏانهن ڏٺو ۽ ٿڌو ساهہ پريو، جنهن مان ائين ٿي لڳو تہ، هن جي اندر ۾ ڪا آنڌ مانڌ، ڪا پيڙا پيدا ٿي وئي هئي. هو سواءِ ڪجهہ ڪڇڻ جي ماٺ ماٺ اٿيو ۽ مسجد مان هليو ويو.

رات جو بخشو دير سان گهر موٽيو، گهر ۾ هر طرف اوندهہ لڳي پئي هئي. هن کي ائين لڳو جڻ اِها ڪاريءَ واري قبر جي اوندهہ هئي، جنهن ۾ هو پاڻ بہ داخل ٿيو آهي. اڄ اڪيلو گهر هن کي کائڻ ٿي آيو. هن تيلي دکائي هٿ بتيءَ کي روشن ڪيو. بتيءَ ٻرڻ سان چوطرف هلڪي هلڪي روشني پکڙجي وئي. هن پنهنجي هٿن ڏانهن ڏٺو، هن کي ائين لڳو جڻ اڄ بہ هن جي هٿن تي نوران جي لڳل رت جا نشان چٽا هئا، جن مان ڪٿي ڪٿي بوءِ اچي رهي هئي. هو هٿ بتي کڻي ٻاهر مَنهہ ۾ آيو، هن ان پٽ ڏانهن نهاريو، جتي ڪهاڙي لڳڻ کان پوءِ نوران ڪري هئي ۽ ڪهاڙين لڳل ڏکن مان رت ريلا ڪري پٽ تي وهي رهيو هو. نوران جو هراسيل چهرو هن جي اکين اڳيان ڦرڻ لڳو ۽ هن جون ليلاهٽون ۽ ايلاز هن جي ڪنن ۾ ٻرڻ لڳا. هن کي ائين لڳو تہ پٽ تي رت جا داغ ائين جو ائين آهن، جنهن وقت اتي رت وهيو هو. هو ڪوڏر سان اهي نشان متائڻ لڳو، جڏهن هو ان ڪم کان واندو ٿيو تڏهن پنهنجن هٿن ڏانهن ڏٺائين. هن کي لڳو تہ انهن تي جي رت جا داغ لڳل هئا، اُهي هاڻ بہ چٽا آهن ۽ انهن مان ڪٿي بوءِ اچي رهي آهي. هن کي اهو ڏسي اهڙا جهٽڪ ٿي آيا جو ان آزار کان نجات پائڻ لاءِ هٿن کي ئي وڍي ڇڏي! هن مٽي کڻي هٿن کي مهٽيو، مهٽي سنگهيو، وري مٽي کڻي مهٽيو، پوءِ هٿن کي ڏوئي وڃي آهليو، آهلڻ سان پڙڪيو:"چوندا آهن خون ۽ خوشبو لڪائڻ سان نہ لڪندا

آهن." هن کي ملان شرف الدين جي ڳالهه ٻڌڻ ڪري سڄي رات ننڊ نه آئي. نوران، نوران جي هراسيل چهري، نوران جي ليلاهٽن هن جي اک لڳڻ نه ڏني.

ٻئي ڏينهن شام جو هو مڪان ۾ ويو. مڪان وارا هن کي ڏسي حيران ٿيا ته هو پنگ ته نه پيئندو آهي، پوءِ اڄ پنگ پيئڻ ڪيئن آيو آهي؟ هن گهاٽي پنگ جو گلاس پيتو، پوءِ رات لڙيءَ گهر موٽيو. هو جڏهن منهه وٽان لنگهيو ته هن کي ائين لڳو ته پٽ تي رت جا داغ پهرين گهڙيءَ وانگر تازا هئا، ڄڻ نوران جو وهيل رت ڌرتيءَ تازو تازو اوڳاڇي ڇڏيو هو. هن چيو."ڪي راز اهڙا هوندا آهن جي ڌرتي به پنهنجي سيني ۾ سانڍي نه سگهندي آهي."

هن پنهنجي هٿن ڏانهن ڏٺو. هن کي هٿن تي به رت جا داغ چٽا ڏسڻ ۾ آيا، جن مان ڪٽي بوءِ اچي رهي هئي. هن ڪوڏر ڪڍي پٽ تان رت جا نشان مٽايا، پوءِ مٽي ڪٽي هٿن کي مهٽيو، وري مٽي ڪڍي مهٽيو، وري مٽي ڪڍي مهٽيو ۽ پوءِ کٽ تي وڃي ليٽيو. سڄي رات هن کي نوران جي قتل واري واردات اکين اڳيان ڦرندي رهي. هو سڄي رات پاسا ورائيندو رهيو.

هاڻي اها ماجرا هر رات قائم رهي. بخشو هر رات پٽ تان رت جا نشان مٽائيندو، هٿن تي لڳل رت ڌوئيندو رهندو هو. هر رات سمهڻ کان پوءِ هن کي نوران جو هراسيل چهرو ڏسڻ ۾ ليلاهٽون ٻڌڻ ۾ اينديون هيون.

ملان شرف الدين جي ٻڌايل واقعي کان پوءِ ڳوٺ جو جيڪو به ماڻهو قبرستان وٽان لنگهيو ٿي، ان کي ائين محسوس پئي ٿيو ته هن کي ڪاريءَ جون ڪوڪون ٻڌڻ ۾ ٿي آيون. هن واپس اچي ڳوٺ وارن کي پنهنجي طبيعت آهر، پنهنجي رنگ ۽ ڍنگ سان اها ڳالهه ٿي ٻڌائي. ڳوٺ وارن جي دلين ۾ ڏينهون ڏينهن ڪاريءَ جي ڪوڪن جي ڳالهه پڪي ۽ پختي ٿيندي وئي.

هڪ ڏينهن ڳوٺ جا ڪجهه ماڻهو ملان شرف الدين وٽ آيا ۽ هن کي چيائون."ڪاريءَ جي ڪوڪن کان سڄو شهر پريشان ۽ ڊپ ۾ ورتل آهي، جنهن به گناهه ڪيو آهي، تنهن جو حساب هن کي قبر ۽ آخرت ۾ ڏيڻو آهي، پر هاڻي ڪي ڪجي جو ڪاريءَ جون ڪوڪون، جيڪي هن جي قبر مان اچن ٿيون، سي بند ٿي وڃن، جيئن ڳوٺ جي ماڻهن مٿان

جيڪو هن جي دانهن جو آسيب آهي. اهو لهي وجي، ڳوٺ وارا پنهنجن وڏڙن جي قبرن تي صبح ۽ شام سواءِ ڊپ ڊاءَ جي وڃي قل پڙهي سگهن ۽ قبرستان واري رستي تان آرام سان لنگهي سگهن. ملان شرف الدين انهن کي چيو تہ، ڳوٺ وارن کان چندو ڪري ڪاريءَ جي قبر تي هڪ وڏي خيرات ڪئي وڃي، جنهن ۾ ڳوٺ جي ماڻهن سان گڏ آس پاس جي ڳوٺن جي ماڻهن کي ڪوٺ ڏني وڃي تہ اچي ڪاريءَ جي بخشش ۽ ڇوٽڪاري لاءِ قل ۽ قرآن شريف پڙهن ۽ ڪي حافظ قبر تي ويهارجن، جي صبح کان وٺي خيرات جي ماني تائين قرآن شريف جو دور ڪن. پوءِ ڪاريءَ جي مغفرت لاءِ دعا گهري وڃي. الله غفور ۽ رحيم آهي. هو گنهگارن جا گناهہ بخشيندڙ، خطا ڪندڙن جون خطائون معاف ڪندڙ آهي، هو بندن جي دعا قبول فرمائيندو ۽ ڪاريءَ کي عذاب کان معافي ڏيندو. اهڙي ريت ڪاريءَ جون ڪوڪون بند ٿي وينديون. ڳوٺ وارا سک جو ساهہ کڻندا ۽ سولا ٿي سمهندا.

جمعي جو ڏينهن هو. ڳوٺ وارن جي ڪوٺ تي آس پاس جي ڳوٺن جا ماڻهو ڪاريءَ جي قبر تي اچي ڪٺا ٿيا هئا. ڪاريءَ جي ڪوڪن بابت جيترا وات اوتريون ڳالهيون هيون. ڪن ڇا ٿي چيو، ڪن ڇا ٿي چيو.

حافظن صبح کان ئي ڪاريءَ جي قبر تي قرآن شريف جو ورد ڪرڻ شروع ڪيو هو. جيڪو ماڻهو آيو ٿي، سو قل پڙهي خيرات جي مانيءَ لاءِ ويهي رهيو ٿي. بخشو صبح سان قبر تي پهچي ويو هو. هن جو منهن اهڙو لٿل هو، ڄڻ هو وڏي عرصي کان ڪنهن بيماريءَ ۾ مبتلا هو. هن جي جسم ۾ تازگي نہ رهي هئي. هن جي اندر ڪا آنڌ مانڌ، ڪا ڇڪتاڻ هئي، جنهن ڪري هن جي چهري تي هڪ رنگ آيو ۽ بيو ويو ٿي.

جڏهن خيرات جي ماني کائي ماڻهن بس ڪئي ۽ ملان شرف الدين ڪاريءَ جي مغفرت ۽ سندس ڪوڪن بند ٿيڻ جي دعا گهري بس ڪئي تہ، بخشو اُٿي بيٺو ۽ رڙ ڪري چيائين:

”دوستو! ٿورو ترسو، مان اوهان کي ڪجهہ ٻڌائڻ ٿو چاهيان.“

اهو چئي هو ماٺ ٿي ويو. سيني ماڻهن جا منهن ۽ اکيون هن ڏانهن کڄي ويون. چوطرف سانت ڇانئجي وئي. جيڪو ماڻهو جتي هو، اُتي ويهي رهيو.

”آءُ اوهان کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو...“ لفظ هن جي نڙيءَ ۾ اٽڪي پيا ۽ هو ماٺ ٿي ويو.

”منهنجي زال نوران...“ هو وري ماٺ ٿي ويو. هن جي اندر ۾ پيڙا هئي، جنهن ٻاهر نڪرڻ ٿي چاهيو. هن پاڻ تي زور ڏيندي چيو.”... ڪاري نه هئي.“ اهو ٻڌي ماڻهو حيرت ۾ پئجي ويا ۽ ڪيترن ماڻهن کان رڙ نڪري ويئي.

”مون هن کي قتل ڪيو آهي... ناحق قتل ڪيو آهي.“ هو وري ماٺ ٿي ويو. ”مان اڄ پنهنجو ڏوهه... پنهنجو گناهه اوهان جي اڳيان قبول ٿو ڪيان. مون هن کي انهيءَ ڪري قتل ڪيو هو...“ هو وري ماٺ ٿي ويو. ”جو منهنجي ٻي عورت سان محبت هئي جيڪا مون سان انهيءَ ڪري شادي ڪرڻ لاءِ تيار نه هئي...“ هو وري ماٺ ٿي ويو. ”جاڪاڻ ته مون کي زال هئي.“ هو وري ماٺ ٿي ويو، ”نوران جي قبر مان ايندڙ دانهون مون تي دانهن هئي. هن جي پنهنجي بي گناهيءَ تي دانهن هئي. هن کي بي ڏوهه قتل ڪرڻ تي دانهن هئي...!“

# حيوان

(گهڻا سال اڳ لاڙڪاڻي ۾ هڪ ڪڏو واقعو ٿيو هو. جنهن شهر جي هر ماڻهوءَ کي حيران ۽ اداس ڪري ڇڏيو هو. مون تي به ان جو گهرو اثر ٿيو. ويجهڙائيءَ ۾ امرتا پريتم جي ناول ۾ ساڳئي قسم جو واقعو پڙهيم، جنهن ورهين جي وسريل واقعي جي ياد تازي ڪرائي ۽ هيءَ ڪهاڻي لکائي.)

هوءَ جڏهن ان ڳوٺ ۾ آئي ته ڪنهن کي خبر نه هئي ته هوءَ ڪير آهي. اهو ڳوٺ سنڌ جي ٻين ڳوٺن وانگر هو. ڳوٺ جا رهاڪو گهڻو تڻو هاري ناري هئا. ٽريڪٽرن اچڻ کان پوءِ هر قار جو ڪم ڏاندن بجاءِ ٽريڪٽر ڪندا هئا. اَن جي ڍوئي ڪري کان اناج منڊي ۽ سيلرن تائين ٽريڪٽرن ذريعي ڪئي ويندي هئي. ٽائرن اچڻ ڪري ٻيل گاڏين جي جاءِ گڏهه گاڏين ورتي هئي. جن وٽ گڏهه گاڏيون هيون سي پورهئي لاءِ شهر هليا ويندا هئا. ڪمائي ڪري گهر جو سيڌو سامان ورتيون سانجهي ڏاري واپس ورندا هئا. ڳوٺ ۾ هڪ ٻه هٽ به هئا جتان ٻارڙا ريوڙيون، پڪڙا، لائي ۽ ٻيون پسند جون شيون وٺندا هئا. ڳوٺ جا شوقين جوان گهڻو وقت شهر ۾ گهمندا ۽ هوٽلن تي ويهندا هئا. ٽيليويزن اچڻ کانپوءِ ڪچهرين جو اهو اوج ۽ مزو ته نه رهيو هو، ان هوندي به جن گهرن ۾ ٽيليويزن نه هوندي هئي، اُهي وڏيري جي اوطاق تي اچي ڪنا ٽيندا هئا ۽ لڙي رات تائين ڳالهيون ڪري گهر موٽندا هئا. ڳوٺ وارن جو پاڻ ۾ رس رساءُ هو. چوري چڪاري نه هئي، تنهن ڪري هرڪو مزي سان ننڊ ڪندو هو. ڳوٺ جا مرد توڙي عورتون هلت چلت ۾ سادا، هڪ ٻئي جا همدرد ۽ هڏ ڏوکي ۽ قرب وارا هئا.

هوءَ جنهن وقت ڳوٺ ۾ آئي، ان وقت هن جي عمر اٽڪل اٺ نو سال هئي. هوءَ بالڪل اڪيلي هئي. هن ڪڏهن رنو ٿي، ڪڏهن کليو ٿي.

ڪڏهن اوچنگارون ٿي ڏنائين ۽ ڪڏهن ٿهڪ ٿي ڏنائين. ڪڏهن چپ ٿي چبائين، جيڪو سمجهه ۾ آيو ٿي ۽ ڪنهن وقت سمجهه کان ٻاهر هو.

هن جي وارن ۾ ڌوڙ، چڳون جوڳين وانگر مٽيءَ سان سٽيل هيون. هن جي بدن تي مر چڙهيل هئي، ائين ٿي لڳو جڻ هوءَ ڪافي وقت کان وهنتي نه هئي. هن جي جسم مان ڪتي ڪتي بوءِ ٿي آئي.

ڪنهن کي پتو نه هو ته هوءَ ڪير هئي، ڪٿان ۽ ڪيئن آئي هئي. هئي ته ڏرتي جائي پر جڻ آسمان ڪيس ان ڳوٺ ۾ اُڇلايو هو. هوءَ بالڪل اڪيلي هئي. هن جو پيءُ ماءُ، ڪو مٽ مائٽ هو به يا نه، جي هو ته ڪٿي هو، پوءِ هوءَ ڏٿين کان ڌار ٿي هٽ ڪيئن پهتي هئي!؟ هن کي صرف اينٽري سار هئي ته هن کي هڪ عورت ڪارائيندي پيارينديي هئي، لٽا پارائيندي هئي ۽ هڪ مرد هن کي ڪلهن تي کڻي واٽر ڪورس تي وٺي ويندو هو ۽ ٻنين جو سير ڪرائيندو هو. مگر هوءَ انهيءَ جو ذڪر به ڪري نه سگهندي هئي. جي ڪو هن کان ڪجهه پڇندو هو ته ڪڏهن روئندي هئي ۽ ڪڏهن کلندي هئي ۽ ڪڏهن ڪجهه جهونگارڻ لڳندي هئي، ان جهونگار مان محسوس ٿيندو هو ته هوءَ ڪا لولي ڏئي رهي آهي، اهڙي لولي جيڪا منڍي ماءُ وڏي پابوهه مان ٻار کي سمهارڻ وقت ڏيندي آهي. هوءَ جيڪي ڪجهه چوندي هئي، اهو سچ هو يا خواب، ان جي خبر هن کي نه هئي. هن کان جڏهن پڇيو ويندو هو ته تنهنجا ماءُ پيءُ ڪٿي آهن ته هوءَ جواب ڏيڻ بجاءِ سڏڪڻ لڳندي هئي ۽ ائين ئي ڪنهن پاسي هٽ ڪٽندي هئي يا آڱر جو اشارو ڪندي هئي جنهن مان اهو پتو پئجي نه سگهندو هو ته هن جا پيءُ ماءُ ڪهڙي طرف آهن. ان سوال جي جواب ۾ اڪثر منهن مٿي ڪري آسمان ڏانهن ڏسڻ لڳندي هئي، جنهن مان ڳوٺ وارا اهو انومان ڪيندا هئا ته هن جا پيءُ ماءُ گذاري ويا آهن. بس هڪ ڏينهن ڳوٺ جي ماڻهن هن کي پپر جي وڻ جي ٿڏي چانو هيٺ ويٺل ڏٺو. ان کان وڌيڪ هن بابت نه ڪنهن کي پتو هو، نه پتو پئجي سگهيو ۽ نه هوءَ ڪجهه ٻڌائي سگهي، ڳوٺ جا سڀ ماڻهو ان تي متفق هئا ته هوءَ چري آهي.

ڇوڪريءَ جي شڪل صورت بنهه سٺي نه هئي، بالڪل ڪوجهي هئي، ويتر جو هن جا ڪپڙا ميرا ۽ ٽڳڙيون هئا، منهن ميرو، جسم گندو هو، تنهن هن کي وڌيڪ بدصورت بنائي ڇڏيو هو. هن جي حالت تي مردن

ڪان وڏيڪ عورتن کي جهبو ۾ ترس ايندو هو. عورت ڪيتري به سخت دل هجي پر پاڻ جهڙي عورت جي ابتر حالت ڏسي هن جي دل ۾ رحم ۽ همدردي جو جذبو مرد جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ ايرندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڳوٺ جا شرير ڇوڪر هن کي چري چري چئي تنگ ڪندا هئا. ان وقت هوءَ رڙيون ڪري ڳوٺ جي گهٽين ۾ ڊوڙڻ لڳندي هئي ۽ ڇوڪرن کي گاريون ڏيڻ لڳندي هئي. هن جي گارين مان ٻارن کي مزو ايندو هو. هو ائين ئي ٺهڪ ڏيڻ لڳندا هئا ڄڻ ناناڻي گهر مان ڪا سوغات ملندي هجين. ڳوٺ جا مرد ۽ عورتون ٻارن کي ڇينڀ ڪيڏي ڊوڙائي ڪيندا هئا. هن کي ڪاڻڻ پيئڻ جي به سڌ نه هوندي هئي. جيڪڏهن ڪوئي سڏي هن کي ماني ٽڪر يا پٽ گرهه ڏيندو هو ته هوءَ اهو وٺي ڏرتيءَ تي ويهي کائڻ لڳندي هئي ۽ اکيون کڻي ڏيندڙ کي اهڙين نگاهن سان نهاريندي هئي ڄڻ ڪين چوندي هجي: توهان جو وڏو تورو، وڏو احسان. غريب کا ن غريب وٺ به هن لاءِ ماني ڳيي ۽ سمهڻ لاءِ رلي ٽڪر جي ڪمي ڪانه هئي، هوءَ سڀ جي هئي، هن جو هرڪوئي هو.

چريءَ جو ڪو خاص آستان نه هو، جتي هوءَ جمي ٿاڪ ڪري ويهي پر هوءَ گهڻو ڪري پپر جي وڻ هيٺ ويٺي هوندي هئي. جتي ماڻهن هن کي پهريان ڏٺو هو، اهو پپر ڄڻ هن جو اباڻو گهر هو، ڄڻ اُتي ئي هن جو جنم ٿيو هو. ائين لڳندو هو ڄڻ ان کي پپر جا پپر جي پنن سان به پيار هو. هوا جڏهن پپر جي پنن کي ڇيڙيندي هئي ته هوءَ وڏا وڏا ساهه کڻي وڏا وڏا ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳندي هئي، ڄڻ آبِ حيات جي ڍڪن پيڻ سان هن جي رڳ رڳ ۾ تازگي، سرهائي ۽ سرور اچي ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن پپر جي پنن جي سازتي پنهنجي ليکي هٿ کڻي نچڻ لڳندي هئي.

هن جي سار سنڀال خاطر ڪو ان پپر جي هيٺان پاٽيءَ جو گهڙو ڀري رکي ويندو هو، ڪو ڪنهن پراڻي پنڊيءَ ۾ ماني ٽڪر يا ڪنهن ٽين يا جست جي ٿالهيءَ ۾ چانور رکي ويندو هو. هوءَ پنهنجي آستان تي اڪيلو نه ڪائيندي هئي، اتي رهندي هن جي هڪ ڪتي ۽ ٻن ٻلين سان ياري ٿي وئي هئي. هن وٽ ماني يا پٽ ڏسي اهي ڊوڙي هن وٽ اچي ويهندا هئا. پوءِ جيڪي ڪجهه هن وٽ هوندو هو، اهو هنن سان ورهائي ونڊي کائيندي هئي. سندس دسترخوان تي ڪني ٽيل مهمانن کي ڪڏهن به اها شڪايت نه رهندي هئي ته هنن پيٽ پري نه کاڌو. ها، ڪڏهن ڪڏهن

ائين ٿيندو هو ته چريءَ لاءِ ڪجهه نه بچندو هو. پوءِ هوءَ پاڻي پي سرهي ٿي سمهي پوندي هئي، هن کي اهو اطمينان هوندو هو ته سندس پيارا هن وٽان خوش ٿي ويا.

هن کي پنهنجي جسم ڍڪڻ جي به پوري سڌ ڪانه هئي. هن جي جسم جي اوگهڙ کي ڏسي عورتون لڄ محسوس ڪنديون هيون ۽ هن جي جسم کي ڍڪڻ لاءِ پنهنجا پراڻا چولا، لٽل سلوارون هن کي پائڻ لاءِ ڏينديون ۽ پاڻ پارائينديون هيون. چري پنهنجي جسم تي ڪپڙا ڏسي ڪڏهن ڪپڙن ڏانهن ڏسندي هئي ۽ ڪڏهن پنهنجي جسم ڏانهن ڏسڻ لڳندي هئي. رڳو هن زندگيءَ ۾ مٽي تي نه رکيو هو، تنهن ڪري ڪو رڳو هن کي ڏيندو ئي نه هو، جي ڪو ڏيندو هو ته ان وقت ئي اُڇلائي ڦٽو ڪندي هئي. ڪپڙن ۾ پهريان هوءَ چولي کي ڳچيءَ کان ڦاڙيندي هئي، تان جو چولي جو اڳو ٻن اڌن ۾ ورهائجي ويندو هو. جڏهن هوا لڳندي هئي ته ٻئي پاسا مختلف طرفن ڏانهن اڏامڻ لڳندا هئا. تورن ڏينهن کان پوءِ هن جو چولو ۽ سلوار ليڙون ليڙ ٿي ويندا هئا. عورتون وري جڏهن هن کي ان حال ۾ ڏسنديون هيون ته وري هن کي ڪپڙا پارائينديون هيون ۽ هوءَ وري ڪپڙن جو ساڳيو حال ڪري ڇڏيندي هئي.

چري هاڻي ان ڳوٺ جو فرد ٿي وئي هئي. ڳوٺ جو هر ماڻهو ائين سمجهندو هو ته هوءَ سندس گهر جي ڀاتي آهي. جيڪڏهن ڪو هن وٽان لنگهندو هو ته هن سان ڪجهه اکر ضرور ڳالهائيندو هو. اِن ڄاڻ هوندي به ته هوءَ ان جو جواب سواءِ ڏندن ٽيڙڻ يا منهن ڇپو ڪرڻ جي ٻيو ڪجهه نه ڏيندي. ڳوٺ ۾ ائين گهاريندي چري، ڇوڪريءَ مان جوان ٿي وئي. جواني جيتوڻيڪ هر شيءِ ۾ سونهن ۽ ڪشش پيدا ڪندي آهي پر چري جي ڄڻ چانو ۾ اُسريل اهڙو ٻوٽو هئي جو بهار ۾ به پيلو ئي پيلو رهندو آهي.

تورن ڏينهن ۾ ڳوٺ وارن ڏٺو ته چريءَ جو پيٽ وڏي رهيو آهي. ڳوٺ جي سيني ماڻهن جا شرم کان ڪنڌ جهڪي ويا. سيني کي حيراني ۽ عجب هو. چريءَ نه ڪجهه چيو ٿي، نه ڪجهه ڪڇيو ٿي. هميشه وانگر پنهنجي چريائپ ۾ ڪڏهن کلي ٿي، ڪڏهن رني ٿي.

هڪ ڏهاڙي ڳوٺ جو ڏنار مينهون ڪاهي جهنگ وچي رهيو هو ته هن ڏٺو ته چري رڙيون ۽ رانيات ڪري رهي هئي. هو سمجهي ويو ته ڇا معاملو آهي. ڊوڙي دائيءَ کي وٺي آيو. ٻئي ڏينهن چريءَ جي ڇاتيءَ سان ٻار

هو ۽ هوءَ ڳوٺ جي گهٽين ۾ هوريان هوريان هلندي رهي ۽ ڪجهہ جهونگاري رهي هئي. هوءَ لولي ڏئي رهي هئي، اُها لولي جا ماءُ ڪيس ڏيندي هئي. ڳوٺ جا ڇوڪرا ولرن جا ولر هوڪرا ڪندا، تاڙيون وڄائيندا، هن کي تنگ ڪندا، گاريون ڏيندا تي هليا،"چري تو هي ٻار ڪٿان آندو؟ تو هي ٻار ڪٿان آندو؟"

جڏهن ڇوڪرن جو هجوم وڌي ويو ۽ ان ۾ ڪي مرد بہ شامل ٿي ويا تہ هڪ گهر مان هڪ پوڙهي عورت جيڪا هڪ بيڪس عورت جو تماشو ڏسي رهي هئي، ڪاوڙ ۾ ڳاڙهي ٿي ٻاهر نڪتي. چريءَ کي تنگ ڪندڙ ميڙ ڏانهن منهن ڪري چيائين،"توهان هن بي سمجهہ گگدام جنهن کي پنهنجي خبر ئي نہ آهي، ڪان چا ٿا پڇو تہ تو هي ٻار ڪٿان آندو؟ ان جانور کان ڇو نٿا پڇو جنهن ههڙي چريءَ کي بہ نہ ڇڏيو، جيڪا ماٺهو گهٽ جيئرو لاش وڌيڪ آهي!"

# ويچن وڏي آهيان

جنوريءَ جو مهينو. سياري جي سرد رات هئي. سڄي رات مينهن پئي وسيو. ٿڌي ۽ تکي هوا جا زوڪات لڳا پيا هئا. هوا گهر جي درن ۽ درين کي ائين ٿي کڙڪايو جيئن بي وقتو مهمان ننڍ پيل گهر جي ڀاتين کي جاڳائڻ لاءِ در تي زور سان ٺڪ ٺڪ ڪندو آهي. ڀيريان ته ننڊ آئي نه ٿي. مختلف خيال بازيگر بالن وانگر دماغ ۾ ڦرندا رهيا پر پوءِ جڏهن بسترو گرم ٿيو ۽ اک لڳي ته صبح جو دير سان اک کلي. واچ کي ڏٺم ته ست ٿي چڪا هئا. اسڪول جي اسيمبلي ساڍي اٺين ٿيندي هئي. هيڊ ماستر جو حڪم هو ته ماسترن کي پوري وقت تي اسيمبليءَ ۾ حاضر رهڻ گهرجي. لياري هاءِ اسڪول ۾ ماستر هوس. سول اسپتال وارو روڊ ڏئي، لي مارڪيٽ کان ٿيندو، چاڪيواڙو لتاڙيندو پنڌ ئي پنڌ اسڪول پهچي ويندو هوس. ڪجهه پاڙي جي بچت، ڪجهه جنگهن ساهڻ جي خيال کان اسڪول پنڌ وڃڻ پسند ڪندو هوس.

ان ڏينهن ڪجهه دير سان اٿيس. تيار ٿيڻ ۾ به ٿورو وڌيڪ وقت لڳي ويو. هيڊ ماستر جو خشڪ چهرو گهڙي گهڙي اکين اڳيان ڦري ٿي آيو.

”اڄ وري دير.“

فليٽ تان هيٺ لٿم ته رستن تان راتوڪو برسات جو پاڻي وهي چڪو هو. ڪٿي پاڻيءَ جا دٻا ۽ ڪٿي گٽرن مان اُٻڙڪا ڏئي ٻاهر نڪرندڙ پاڻي ڏسڻ ۾ ٿي آيو. رستا ڌوٻيءَ جي ڪنيءَ ۾ ڌوتل چادرن وانگر صاف لڳا ٿي. وڻن صحت جو تڙ ڪري نئون ويس ڍڪيو هو. آسمان اڄا به ڪڪرن سان ڍڪيو بيٺو هو. ائين جيئن ڪو وڏيرو پنهنجي ڪڙمين تي چوهه چنبڙيندي گهڙي پل لاءِ ماٺ ٿي ويندو آهي ۽ جهٽ ڪانپوءِ وري مڇرجي پنهنجا خار ڪيڙڻ لڳندو آهي. سرد هوا جي ٿڦڙن ماڻيجي ماءُ جي مڪ وانگر سيڪاتي ٿي رکيو. ٻلي کي گرم رکڻ لاءِ ڪوٽ جا ڪالر مٿي

ڪري چڙهيم. اسڪول وقت تي پهچڻ لاءِ تڪڙيون تڪڙيون وکون وجهندو سول اسپتال ويجهو پهتس. روڊ تي ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو ايندي ويندي ڏسڻ ۾ تي آيو. ميونسپالٽيءَ جي گند کڻڻ واري گاڏي ڳورهاري عورت وانگر چنگهندي چرندي تي وئي. اوچتو هڪڙي ننڍڙي نينگري جنهن جي عمر پنج ڇهه سال هئي، اچي منهنجي ٻانهن کان ورتو ۽ منهنجي ڄنگهه کي چنبڙي پئي. هوءَ مينهن جي پاڻيءَ ۾ پنل هئي. لڳو ٿي ته هن پنهنجو منهن گهٽن ڏينهن کان نه ڌوتو هو، تنهن ڪري ان تي مر چڙهيل هئي. جنهن تي مينهن جي ريڳاڙن ڪري اٿين اڇيون لڪيرون پئجي ويون هيون جيئن ڌوڙ ۾ لٽيل دريءَ جي شيشن تي ماڪ پوڻ کان پوءِ پئجي وينديون آهن.

ڇوڪريءَ جهيڻي آواز ۾ چيو،"سائين! خيرات." سرديءَ سبب سندس جسم ڏڪيو پئي ۽ ڪاڏي ڪڙڪي پئي. هن جو ننڍڙو پتڪڙو هٿ جيڪو نازڪ پر مر چڙهيل هو، منهنجي اڳيان وڌيو. هوءَ ان مکڙيءَ جيان لڳي رهي هئي جنهن مرڪڻ سکيو ئي نه هو. هن جون اکيون جي مون کي نماڻائيءَ سان گهوري رهيون هيون، انهن ۾ پريشاني، التجا ۽ اميد جو پاڇو ڏسڻ ۾ تي آيو. هن وري چيو، "منهنجو بابو..."

هن جي واتان وڌيڪ اکر نه اُڪليو. کيسي ۾ هٿ وجهي هڪ روپئي جو نوٽ هن جي ترڻيءَ تي رکيم. هن جي اکين ۾ هڪ چمڪ پيدا ٿي، جا چئي رهي هئي، "مهرباني سائين." مون کي اسڪول کي دير ٿي رهي هئي، تنهن ڪري وري هلڻ شروع ڪيم. مون ڏٺو ته ڇوڪري تڪڙو تڪڙو ڊوڙي ٻئي ماڻهوءَ اڳيان پنهنجو پتڪڙو هٿ جهليو جنهن هن کي اهڙي رهڙ ڏني جو هن جو معصوم مکڙو مرجهائجي ويو ۽ هن جو هٿ تڪڙو اٿين پنتي هٽيو چڻ کيس ڪکر ڪاٽي رکيو هو. هن جون اکيون.ڏک ۾ پرجي ويون، چڻ چئي رهيون هيون، "سائين! ڏجي نه ته ڌکوئجي به نه."

اسڪول ۾ مون کي ور ور ان ڇوڪريءَ جو خيال اچڻ لڳو. موڪل ملڻ کان ٿورو اڳ وري مينهن ڇوهه چنڊڻ لڳو. اهڙو تي وسيو چڻ درياءُ پلٽجي پيو هجي. چوطرف اوندهه ڇانئجي وئي. اسڪول جا شاگرد مينهن ۾ نينگ ٽپا ڏيندا "پيچ مولا - پيچ مولا" جا نعرا هڻندا هليا ويا. مان ان آسري تي ويهي رهيس ته من مينهن ان روئيندڙ ٻار وانگر ساهي پٽي جو ڪنهن ڳالهه تي مائٽن سان ضد ڪري روئڻ لڳندو آهي ۽ روئي

رڙئي ساهي پٽي وري روئڻ شروع ڪندو آهي، مگر مينهن ساهي نہ پٽي، تنهن ڪري سڀ ماستر وڏڦڙي ۾ اڪري پيا. مٿان مينهن، هيٺ پاڻي، ڇنڀ ڇپ ڪندو گهر پهتس. اهو سڄو ڏينهن ۽ رات مينهن وسندو رهيو.

ان ڏينهن منهنجي اندر ۾ مونجهہ هئي، جهڙيءَ طرح جسماني ڏک لڳندو آهي تہ سنڌ سور ڪندا آهن اهڙي طرح منهنجي اندر ۾ پيڙا هئي. منهنجي روح کي چوٽ لڳي هئي. گهڙيءَ گهڙيءَ ان ڇوڪريءَ جا نماڻا نيڻ جن ۾ پريشانيءَ جو پاڇو هو، مون ڏانهن نهاري رهيا هئا.

مان فقيرن کي خيرات ڏيڻ جي خلاف آهيان. ان ڳالهہ تي دوستن سان بحث بہ ٿيندو آهي. مان چوندو آهيان رستي ويٺل، گهمندڙ، ريل گاڏين ۽ بسن ۾ پنندڙ ضرورتمند گهٽ پروفيشنل فقير وڌيڪ آهن. هنن پنڻ کي پنهنجي ڪرت ۽ ڌنڌو بنائي ڇڏيو آهي. اهڙن پينن کي خيرات ڏيڻ سان اسان وڌيڪ پروفيشنل پينو پيدا ڪريون ٿا. ڪيترن اهڙن ماڻهن کي جي هوندي ڪمائي ڪائي سگهن ٿا، پنڻ جي هير وجهون ٿا. جي ماڻهن کي هٿ ٽنگڻ سان پئسو ملندو تہ پوءِ هٿ جو پورهيو ڇو ڪندا! خاص طرح ننڍين ٻارن کي خيرات ڏيڻ ائين آهي جيئن کين هيروئن تي هيرڻ. اهڙا ٻار سڄي ڄمار پنندا رهن ٿا. انهن کي خيرات ڏيڻ، ڄڻ آهي انهن سان دشمني ڪرڻ. جي پروفيشنل پينن کي خيرات ڏيڻ ورا هوندا تہ خيرات گهرندڙ ڏينهون ڏينهن وڌيڪ پيدا ٿيندا. ان هوندي بہ مون ان ڇوڪريءَ کي خيرات ڏني هئي.

ان ڇوڪريءَ جي سوچ مون کي ڏاڍو پريشان ڪيو. سڄي رات پاسا ورائيندي گذري. پنهنجي اندر ۾ ايتري گهٽ مون ڪڏهن بہ محسوس نہ ڪئي هئي جيتري ان رات محسوس ڪري رهيو هوس. منهنجي من ۾ ان ڇوڪري لاءِ رحم ۽ همدرديءَ جا جذبا پيدا ٿي رهيا هئا. مون کي ان ڇوڪريءَ جي صورت ۾ انسان ذات پنندي ڏسڻ ۾ آئي هئي.

ٻئي ڏينهن جڏهن آءٌ سول اسپتال وٽ پهتس تہ منهنجون اکيون ڇوڪريءَ جي تلاش ۾ هيڏي هوڏي ڦري رهيون هيون. ايتري ۾ پٽڪڙو مر چڙهيل هٿ منهنجي اڳيان وڌيو ۽ "سائين! خيرات" جو آواز منهنجي ڪنن تي پيو. مون ڏٺو تہ ڇوڪري ساڳين نماڻين نگاهن سان خيرات لاءِ نهاري رهي هئي. هن وري چيو، "منهنجو بابو..." انهن لفظن ۾ هڪ درد، هڪ پيڙا هئي. مون يڪدم پڇيس، "تنهنجو بابو ڪٿي آهي؟"

ڇوڪريءَ هٿ جو اشارو ڪيو. مون ڏٺو تہ سول اسپتال جي وڏي دروازي کان ٿوريون وکون پري فٽ پاٿ تي هڪ ماڻهو سمهيو پيو هو. مان ڇوڪريءَ کي هٿ کان وٺي اوڏانهن وڌيس.

فٽ پاٿ تي هڪ سهڻي ٿُڪ تي رلي وڇائي پئي هئي جا لڳاتار ڌرتيءَ تي وڇائڻ سبب ميري ٿي وئي هئي، جنهن ڪري ان جي سونهن ۽ سوڀيا گهٽجي چڪي هئي. ان تي هڪ ميرو وهاڻو مٿي هيٺان ڏيون هڪ بيمار آمريءَ جي تنبوءَ جهڙي وڻ هيٺان سمهيو پيو هو. هو ماڻهو گهٽ هڏن جو پڃرو وڌيڪ ٿي لڳو، اهڙو جهڙو ڊاڪٽرن جي چارٽ تي ڇاپيل هوندو آهي. هو وڏي عمر جو نہ هو پر بيماري هن کي ڪائي وئي هئي. هن جي مٿي کان پاڻيءَ جي گهگهي پئي هئي، جنهن جي مٿان پلاسٽڪ جو گلاس رکيل هو. هن جي پرسان هڪ عورت ويٺي هئي، جنهن جو رنگ ۽ روپ ڏکن ۽ بکن کوجهو ڪري ڇڏيو هو. مون هن جي منهن ڏانهن نهاريو، چڻ گرهڻ ۾ ورتل چنڊ هو. مون بيمار کي سلام ڪيو. هن مون کي پنهنجي ويجهو ويهڻ جو اشارو ڪيو. مان رليءَ تي ويهي رهيس. ان کان اڳ جو مان هن کان ڪجهہ پڇان، هن مون کان پڇيو، ”اوهان ڪير آهيو؟“

مون وراڻيو: ”آءٌ ماستر آهيان، هن رستي کان اسڪول ويندو آهيان، اوهان جي ڇوڪريءَ کي ڏسي توهان وٽ آيو آهيان.“

هو مرڪيو، ”هي شهر سخت دل ماڻهن جو شهر آهي. هن شهر ۾ قرب، محبت ۽ پاجهہ آهي ئي ڪانہ. شهر وڏو، ماڻهو ننڍا آهن. انسان گهٽ، پاڇا وڌيڪ آهن. مايا جي موهہ ۾ اهڙا قاتل آهن جو انهن مان انسانيت موڪلائي وئي آهي!“ مون پڇيس، ”اوهان ڪٿان جا آهيو؟“

ڇيائين، ”لاڙڪاڻي جو.“

”مان بہ لاڙڪاڻي جو آهيان.“ مون چيو.

اهو ٻڌي هن جي نستي منهن تي رونق اچي وئي. ائين ٿي لڳو چڻ ڪراچيءَ جي هيڏي وڏي آدمشماريءَ واري شهر ۾ جتي هو اڪيلو هو، اتي هن کي مائٽ ملي ويو هو.

هو رليءَ تي اٿي ويٺو ۽ ڇوڪريءَ کي چانهہ آڻڻ لاءِ چيائين، مون هن کي روڪيو پر هو نہ مڙيو. چيائين:

”گهڻن ڏينهن کان پوءِ مارو مليو اٿم، گهڻن ڏينهن کان ڪنهن سان

دل کولي ڳالهايو اٿم. اڄ توسان چانهه به پيئان، ڳالهيون به ڪريان."

مان دل ۾ سوچي رهيو هوس: "هن ديس جا ماڻهو ڪيڏا نه قربائتا ۽ مهمان نواز آهن. هي ماڻهو جنهن وٽ ڪجهه ڪين آهي، جنهن جو گذر خيرات تي آهي، پاڻ وٽ آيل ماڻهوءَ کي چانهه پيارڻ کان نه ٿو مڙي!"

مون پڇيس، "تنهنجو نالو ڇا آهي؟"

ڇيائين: "متو" پرسان ويٺل عورت ڏانهن اشارو ڪندي چيائين، "هيءَ پانا آهي منهنجي زال."

مون يڪدم چيس، "متا ميهارا؟"

"هائو، سائين هائو."

مون کي يڪدم ياد آيو ته متي نالي ميهار اسان جي گهر ميٺهن ڌڻ به ايندو هو ۽ مينهون چوڙي چارڻ به ويندو هو. پوءِ هو هليو ويو. ٻُڌڻ ۾ آيو ته ڪنهن پانا نالي عورت جي عشق ۾ فقير ٿي، ڪارا ڪپڙا پايون، يڪتارو ڪنيون جهنگ جهر ڦرندو ٿو وتي. اڄ اهو متو ۽ ان جو محبوب منهنجي اڳيان ويٺا هئا. متو جنهن کي بيماريءَ بي حال ڪري ڇڏيو هو ۽ پانا جا متي سان توڙ نڀائي رهي هئي.

"متا! تون هيڏانهن ڪيئن آئين؟"

"سائين، بيماري."

"لاڙڪاڻي ۾..."

مون اجا جملو پورو نه ڪيو ته هن چيو، "لاڙڪاڻي ۾ به علاج ڪرايم پر ڇاڙهو نه ٿيو، چيائون ڪراچيءَ وڃ."

"هت ڪنهن جي آسري آئين؟"

"سائين! الله جي، چيائون ڪراچيءَ ۾ وڏيون اسپتالون ۽ وڏا ڊاڪٽر آهن، سٺو علاج ۽ مفت علاج ٿو ٿئي."

"پوءِ؟"

"هڪ مينهن هيم، اُها وڪڻي پانا ۽ ڇوڪري ساڻ ڪري هليو آيس. اسپتال جي در تي گهڻا ڌڪا ٿابا کاڌم پر مون کي داخلا نه ملي. هڪ ڏينهن اسپتال جي هڪ ماڻهوءَ جو وارڊ بواءِ، ڪمپائونڊر يا پيو ڪو هو، مون کي چيو:

"ڪراڙا! جيستائين تون ڊاڪٽر کي خانگي طرح نه ڏيکاريندين، توکي داخلا نه ملندي."

ان ڏينھن ڊاڪٽرڪي ان جي خانگي اسپتال ۾ ڏيکاريم. ٻئي ڏينھن مون کي اسپتال ۾ داخلا ملي."

مون دل ۾ چيو، ھن ملڪ جو سماج ڪيترو نہ ڪري پيو آھي. ڊاڪٽريءَ جو پيشو جنھن کي مقدس سمجھيو ويندو ھو، اڄ دڪانداري ٿي ويو آھي، جنھن ڪان سرڪاري اسپتالون بہ آجيون نہ آھن. مون ھن کان پڇيو:"داخلا ملڻ کان پوءِ تنھنجو علاج ٿيو؟"

"ڳاڙھي دوا ۽ اڇيون گوريون ڏيندا ھئا. باقي سيني دوائن ۽ سئين تي پنھنجو خرچ ڪرڻو پوندو ھو."

"فائدو ٿيو؟"

"ھا! ڪجھ فائدو ٿيو مگر ڪجھ ڏينھن کان پوءِ وارڊ بواءِ چيو، سپاٽي توکي کٽ خالي ڪرڻي پوندي، جو نئين مريض کي داخل ڪرڻو آھي. مان ڏاڍو پريشان ٿي ويس. ٻين مريضن چيو، ڊاڪٽر جي کوٽ ڪٽي آھي."

ان قسم جي ڳالھ مون اڳ نہ ٻڌي ھئي، تنھن ڪري حيران ٿي ويس ۽ عجب مان ھن کي چيم:" تو ڇا ڪيو؟"

"مون وارڊ بواءِ کي پئسا ڏنا، نہ نئون مريض آيو، نہ مون کٽ خالي ڪئي. جيستائين ڏوڪڙ ھئا ائين قصو ھليو، پوءِ مون کان کٽ کسيائون ۽ مان آمڙي ھيٺ ھليو آيس."

ھڪڙي وڏي ڳاڙي جنھن ۾ ڪجھ ڊاڪٽرءِ ڪجھ نرسون خانگي ڪپڙن ۾ وٽنڊڙ موڊ ۾ ويٺل ھئا، اسپتال مان نڪتي ۽ تڪڙي تڪڙي ھلي وئي. اسان سين جون اکيون اوڏانھن کڃي ويون. پانا مرڪي چيو:"ھتي مريضن جا پئسا نرسن جي نازن تي خرچ ٿين ٿا."

"متا، تون گھر ڇو نہ ٿو ھليو وڃين؟"

"سائين! مري ويندس، ھت مڪسچر ۽ گوريون تہ ملن ٿيون، اُتي اُھي بہ نہ ملنديون، اُتي خير ڪير ڏيندو؟"

"زندگي ڪيڏي نہ پياري آ!" مون دل ۾ چيو، "ھي ماڻھو جنھن جو ھر دم تڪليف ۾ ٿي گذريو، جنھن کي بيماريءَ نھوڙي نيو ھو، جنھن وٽ نہ کائڻ لاءِ ڪجھ ھو، نہ دوا لاءِ ڪجھ. ان ھوندي بہ ھن جيئڻ ٿي گھريو ۽ ان اسپتال جي در تي پيو ھو، جنھن ۾ پئسي جي جاءِ ھئي."

اسڪول کي دير ٿي رھي ھئي. ڪجھ وقت متي سان ڳالھيون

ڪرڻ کان پوءِ مون هن کان موڪلايو.

"ماستر، وساري ته نه ويهندين؟"

"مليا آهيون ته ملندا رهنداسين."

"ايڏي وٿي نه وجهجانءِ، جو پڪيئڙو اُڏري وڃي ۽ تون مڙهه مٿان اچي بيهين."

"متا، دل نه لاهه. جلد خوش ٿيندين." مون هن کي ٿيڪ ڏيندي چيو.

"مان تو وٽ جلد جلد ايندو رهندس."

مون متي سان واعدو پاڙيو. ڪڏهن صبح، ڪڏهن شام متي وٽ وڃي ويهندو هوس. هو مون کي پنهنجيون ۽ نئيپڻ جون لاڙڪاڻي سان لاڳاپيل ڳالهيون ٻڌائيندو هو ۽ ڪڏهن موج ۾ ايندو هو ته ڪافي چوڻ لڳندو هو:

مارن ملڻ جي اڪير اندر ۾

سرتين کي سدا ساهه منهنجو ساري

مارن ملڻ جي ...

پوءِ ٿڌو شوڪارو ڀري چوندو هو:"ڏني ڏينهن ٿيام، ڪَه چاٽان ڪهڙا پرين!" ماستر، مارن سان وري ميلو ٿيندو الائي هتي مري ويندس." ائين چوڻ سان هن جي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳندا هئا.

مون متي کي اسپتال ۾ بيهر داخل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي پر جتي دلين ۾لوڀ هجي، اتي غريب ماستر جي ڪير ٿو ٻُڌي. متي جي صحت ڏينهون ڏينهن وئي ٿي نجهرندي. مون هن کي ڪيترا ڀيرا چيو ته هو ڳوٺ هليو وڃي پر هو هر ڀيري جواب ڏيندو هو، "مان اُتي مري وينداس. هت دوا ملي ٿي." هڪڙي ڏينهن جڏهن مان متي سان ملڻ آيس ته متو ڪين هو. متي واري رلي ويڙهي پئي هئي. پانا ڪنڌ هيٺ ڪيون ۽ چوڪري پانا جي پر ۾ اُداس ويٺي هئي. پانا مون کي ڏٺو ته اوچنگارون ڏئي اچي روئڻ ۾ چتڪي:"متو مري ويو."

مون ٿڌو شوڪارو ڀريو: "ويچارو متوا!" ۽ دل ۾ چيو،"هن ملڪ ۾ غريب ۽ سچي بيمار جي بيماريءَ جو بهترين علاج موت ئي آهي." ويرم رکي پانا کان پڇيم، "متي جو لاش ڪٿي آهي؟"

"اسپتال ۾."

”اسپتال ۾!؟“ مون حيرت مان پڇيو.”جڏهن متي کي اسپتال جي ضرورت هئي تہ متي کي اسپتال مان ڪڍيو ويو هو. هاڻي جڏهن متو مري ويو آهي تہ ان کي اسپتال داخل ڪيو اٿائون.“

پانا سڏڪندي چيو.” مون وٽ جنازي کي ڳوٺ پهچائڻ جي سگهہ ڪانہ هئي جو متي جي مٿي وجي مائٽن جي مٿيءَ سان ملي. مون کي مهرباني ڪري ڳوٺ وڃڻ لاءِ ڪجهہ پئسا ڏنائون ۽ لاش پاڻ سان کڻائي ويا.“

مان پانا ۽ ڇوڪريءَ کي پاڻ سان وٺي اسپتال ويس. لاش لاوارث ڏيکاري مرده خاني ۾ رکيو ويو هو. مان متي جي مٿان وجي بيٺس. هن ڏانهن نهاريم. هو چڻ چئي رهيو هو.”هت دوا ملي ٿي، گوريون ملن ٿيون.“ وارڊ بواءِ ٻڌايو. ”هن لاوارث لاش کي ميڊيڪل ڪاليج جي شاگردن جي تجربي لاءِ رکيو ويو آهي.“

اهي لفظ ٻڌي منهنجي اندر مان آهہ نڪتي. پانا جي اکين مان نير وهڻ لڳا. جي چڻ چئي رهيا هئا. ”ڊاڪٽر جيئري متي جي ڪم نہ آيا پر مئي کان پوءِ متو...“

# شڪار ۽ شڪاري

جڏهن هن اخبار ۾ پڙهيو تہ حد جي سپرنٽينڊنٽ انجنيئر جي بدلي ٿي وئي آهي تہ هو ڏاڍو پريشان ٿي ويو. ان انجنيئر سان سندس گهرا ۽ دوستانہ ناتا هئا. ان وٽ سندس ڪيترا روڊن، بلڊنگس جا ٺيڪا هئا، ڪيترا بل رهيل هئا ۽ ڪيترن ٺيڪن ملڻ جي اميد هئي. مگر ان جي جاءِ تي جيڪو بيو سپرنٽينڊنٽ انجنيئر اچي رهيو هو، اهو ساڳئي حد ۾ انجنيئر ٿي رهي ويو هو. جيتوڻيڪ هن جا ان سان ايترا گهرا لاڳاپا نہ هئا تہ بہ هن کي ان ڳالهہ جي چڱيءَ طرح خبر هئي تہ هو ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهي ۽ هن جون ڪهڙيون ڪمزوريون آهن، جن جي پوري ڪرڻ سان هن کي پنهنجو يار بنائي سگهجي ٿو ۽ پنهنجا ڪم ۽ مطلب پورا ڪري سگهجن ٿا. هن ڄاتو ٿي تہ ڪامورو ۽ ڪم وارو ٻئي هڪ ٻئي جا شڪار ۽ شڪاري آهن. ڪامورو ناجائز فائدا ڏيڻ سان ڪم واري کي پنهنجي ڄار ۾ ڦاسائي ان کان رشوت طور وڏيون وڏيون رقمون حاصل ڪندو آهي ۽ ڪم وارو پنهنجي رسائيءَ سان ڪاموري کي پنهنجي پنجوڙ ۾ قابو ڪري پنهنجا ڪم ڪاريون ڪيندو آهي. اهڙيءَ ريت شڪار ۽ شڪاري ٻئي هڪ ٻئي کان گهڻو خوش هوندا آهن.

هو انهيءَ ڏينهن ئي سنيري نئين سپرنٽينڊنٽ انجنيئر جي ملاقات لاءِ ويو. ٺيڪيدار نهايت ادب سان انجنيئر کي دعوت جي گذارش ڪئي، جيڪا هن نهايت فراخدليءَ سان قبول ڪئي. اشارن ۽ ڪناين ۾ اهو طئي ٿيو تہ ٺيڪيدار دعوت کي پُررونق ۽ پُرلطف بنائڻ لاءِ اهو انتظام ڪندو جيڪو سپرنٽينڊنٽ انجنيئر جي مان ۽ شان وٽان هوندو ۽ جنهن ۾ انجنيئر صاحب جي ريجهہ ۽ راحت جو سمورو سامان هوندو.

دعوت ۾ ڪجهہ آفيسر جن ۾ وقت بوقت ٺيڪيدار جا ڪم پوندا هئا، ڪجهہ سياسي پارٽين جا عهديدار جيڪي اوکي ويل ٺيڪيدار جا

مددگار ثابت ٿيندا هئا. ڪجهه اخبارن جا نمائندا جيڪي ٺيڪيدار ۽ آفيسرن کان پئسا ۽ ٻيون رعايتون حاصل ڪري سندن ڀتن ڪمن تي پردو وجهندا هئا ۽ سندن انتظام، اهليت ۽ ڪارگذارين کي وڌائي بيان ڪندا هئا. ڪجهه شهر جا واپاري جي وقت بوقت کيس اوڌرتي نه صرف لوهه، سيمينٽ ۽ ٻيو روڊن ۽ بلڊنگن جي اڏاوت جو گهربل سامان ڏيندا هئا. مدعو ڪيل هئا.

انجنيئر صاحب جي اچڻ سان دعوت ۾ رونق اچي وئي. شراب جي بوتلن جي منهن کلڻ سان دعوت ۾ شامل ماڻهن جي چهرن تي تازگي ۽ گفتگوءَ ۾ لطف پيدا ٿي ويو. گلاس ڀربا رهيا، بوتلون خالي ٿينديون رهيون. شراب جو دور اوج تي هو ته ڪاڏي جو دور شروع ٿيو.

رات ڪافي لڙي چڪي هئي. آسمان تان پهرين تاريخن جو چنڊ هنن ڏانهن واجهائيندو واجهائيندو هليو ويو هو. باقي ستارا هئا جي هنن ڏانهن ڏسي رهيا هئا. اپريل مهيني جي اڌ رات جو هوا ۾ وٽندڙ ٺڏاڻ ۽ خنڪي هئي، جيڪا جسم ۾ ان شراب جهڙو جوش ۽ مستي پيدا ڪري رهي هئي، جيڪو هو پي رهيا هئا.

محفل ۾ شامل مهمان هڪ هڪ تي موڪلائيندا ويا. باقي ميزبان ۽ خاص مهمان رهجي ويا. مهمان ميزبان ڏانهن نهاريندي چيو، "باقي رات گذارڻ..."

ميزبان نهايت خوشامد واري انداز ۾ چيو: "سائين! سڀ اوهان جي دل وٽان آهي."

ٺيڪيدار چاتو ٿي ته هن وقت تائين جيڪو ٿيو اهو ٿيو ۽ هاڻي آخري مرحلو هو، جي اهو به انجنيئر صاحب جي شان وٽان ٿيو ته سڀاڻي ئي سندس رهيل بل پاس ٿي ويندا ۽ نون ٺيڪن جو آرڊر به ملندو.

انجنيئر اُٿيو. اٿڻ سان کيس ٿيڙ آيو. نوڪر ڊوڙي اچي کيس ٻانهن کان ورتو. انجنيئر جي اها عادت هئي ته جڏهن پيئندو هو ته پيئندو ويندو هو. معاملو پيگن کان وڌي بوتل تائين پهچندو هو. اهڙيءَ ريت هو پنهنجو هوش ۽ حواس بوتل جي حوالي ڪري ڇڏيندو هو. ان وقت هن جي جسم جي بک، جيڪا پيٽ جي بُک کان وڌيڪ ڇتي هوندي هئي، اُڀرندي هئي. ان وقت هو چڪن جي تڪن، ڇيلي جي ران ۽ لئمب جي سجيءَ کان زياده انساني جسم جي طلب محسوس ڪندو هو.

نوڪر هن کي پاڻهن کان وٺي سمهڻ واري ڪمري ۾ اندر ڪري دروازو بند ڪري هليو ويو. هن نشي ۾ مخمور اکين کي هوريان هوريان کولڻ جي ڪوشش ڪئي. اڌ کليل اکين سان ڪمري ۾ چوطرف نهاريو. هن ڏٺو تہ ٽيبل تي بليڪ ۽ وائيٽ وسڪي جي بوتل ۽ ان جي پرسان گلاس پيا هئا. هن ريفريجريٽر ڏانهن نهاريو، سمجهيائين تہ ان ۾ سوڊا جون بوتلون بہ پيون هونديون. هن ڏٺو تہ پلنگ جي پرسان هڪ عورت ڪنڌ پلنگ تي جهڪايون ويٺي هئي. جيتوڻيڪ هن جو سچو چهرو ڪيس نظر نہ ٿي آيو مگر هن ڏٺو تہ هن جي ڪارن وارن جون چڳون هن جي پورن ڳلن تي پکي جي هوا ۾ اُڏامي رهيون هيون، ڄڻ ڪي چور هئا جي انهن پورن ڳلن کان حسن چورائڻ آيا هئا. هن جي تيز ڪائڻ ۽ آهٽ جي آواز تي عورت ٿورو منهن مٿي ڪيو. هن جي هرڻين جهڙين ڪجلين اکين، گلابي سنهڙن چپن، لالہ جي گل جهڙن ڳاڙهن ڳلن، هن جي تراشيل سنگ مرمر جهڙي سگهاري ۽ سهڻي جسم ڏانهن ڏسڻ سان هن ائين محسوس ڪيو ڄڻ هن بغير سوڊا ملايل وسڪيءَ جا بہ ٽي پيگ هڪ ئي ساهي پي ڇڏيا هجن. شراب جو نشو هن کي اڳ ئي هو، حسن جي نشي هن جو رهيل هوش بہ کسي ڇڏيو. هن جي واتان ڇڇريل لفظن ۾ نڪتو:

"پري!"

هو وري ماٺ ٿي ويو ۽ ان عورت ڏانهن اهڙين نگاهن سان نهارڻ لڳو جيئن ڪو جوهري ڪنهن قيمتي هيري جي قدر جي، قيمت جي ڪٿ ڪندو هجي. هن وري ڳالهائڻ شروع ڪيو پر نشي جي زور ڪري هن جي زبان وچڙي ٿي ۽ لفظ هن جي واتان ٿوري ٿوري دم ڪانپوءِ ٿي نڪتا:

"پري... ڪوه ڪاف جي پري... الف ليليٰ... واري پري... قصن واري پري... منهنجي دل... جي پري... تون آسمان... جي پري... ڌرتي تي..."

"نہ، نہ سائين! مان پري ناهيان، مان پيلياٽي آهيان." هوءَ ماٺ ٿي ريئي، "مان ويجهوبگوٺ ۾ رهندي آهيان."

"پيلياٽي... پيلياٽي پري..." هو ٿڪ ڏئي کلڻ لڳو ۽ هن جي ٽهڪن سان ڪمرو گونجڻ لڳو. ان وچ ۾ عورت سڏڪو پريو جيڪو هن جي ٽهڪن ۾ ائين گم ٿي ويو جيئن سمنڊ جي گجگوڙ ۾ ڪنهن اُداس پکيءَ جو آلاپ.

هن وري وچڙندڙ لفظن ۾ چيو:

"تون سهڻي ... سهڻي ... ڪان بہ سهڻي."

هن پنهنجون ڪهريون آڱريون هن جي نرم ڳلن تي ڦيريون. هن کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ سخت هوا جو جهونٽو ڳلن جي مکڙين کي ڇهندو اڳتي وڌي ويو. پوءِ هو هن کان ٿورو پريِ تي ويهي رهيو ۽ ٽيبل تان وسڪي کڻي لاهي ريفريجريٽر مان برف ۽ سوڍا ڪڍي تئي گلاس ۾ وجهي پيئڻ لڳو، "تون پيلڻ ... نہ ... پري ... ها ... ها." هو ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳو.

"مان غريب آهيان."

"اڄ ... اڄ رات ... پاڻ ... غريب نہ چاڻ."

هو وري ٽهڪ ڏيڻ لڳو ۽ هوءَ سڏڪڻ لڳي.

"منهنجو مڙس بيمار آهي."

"اڄ رات ... مان تنهنجو ... مڙس ... وسار ... ان کي وسار ..."

"ڊاڪٽر چيو: هن جي حالت نازڪ آهي ... پنج سؤ روپيہ ڊاڪٽر جي في ۽ دوائن لاءِ کپن. ٺيڪيدار جي نوڪرن مون کي ٽي سؤ روپيہ ڏنا آهن، خدا جي واسطي، مون کي بہ سؤ روپيہ ڏي."

"بيمار .... سرڪاري اسپتال."

"اتي غريبن جو ڏٽي سائين ڪونهي، منهنجا مالڪ مان ڇا ڪيان؟" هوءَ سڏڪڻ لڳي، "مان تنهنجي پيرين ٿي پوان ... خدا واسطي مون کي بہ سؤ روپيہ ڏي."

"روپيہ." هو ماٺ ٿي ويو ۽ کيسي ۾ هٿ وجهي ٻٽون ڪڍيائين، جيڪو سؤ سؤ جي نوٽن سان سٽيل هو.

"هي سڀ ... تنهنجا آهن..."

"نہ نہ... مون کي فقط بہ سؤ کپن."

"ها ... ها ... ها... صرف بہ سؤ." هن پنهنجي ڏڪندڙ هٿن سان، جيڪو ڏڪڻيءَ واري مريض جي جسم وانگر ڏڪي رهيو هو، ٻٽونءَ مان سؤ سؤ جا بہ نوٽ ڪڍي عورت کي ڏنا. نشي جي زور سبب هو لڏيو، لڏڻ ڪري هن جي ڏڪندڙ هٿ مان ٻٽون ٽيبل تي ڪريو ۽ ٽيبل تان ٿيڙ کائي اچي هيٺ پيو. ٻٽونءَ مان ڪجهہ نوٽ نڪري پکي جي هوا تي ٻٽونءَ جي ويجهو ئي ٽڙي پکڙي ويا. هن نوٽن ڏانهن ڏيان ڏيڻ بجاءِ وڌي عورت کي ياڪر پاتو. عورت محسوس ڪيو ڄڻ سندس جسم ڪنهن شڪاريءَ جي ور چڙهي ويو هجي. سندس دل ۾ آيو تہ هن کي چماٽ

وهائي ڪيڏي ۽ ڪيس ڏڪو ڏئي پري ڪري، پر هوءَ ماٺ رهي. انجنيئر پنهنجو منهن هن جي ڳل ڏانهن وڌايو. عورت کي هن جي وات مان شراب جي گندي بوءِ کان ڪراهت ٿيڻ لڳي. هن جي دل چاهيو تہ اوڪارا ڏي، الٽيون ڪري مگر هوءَ جيءُ ڪوڙو ڪري ماٺ ٿي وئي. هو سڄي رات هن جي جسم کي ائين چيچاڙيندو رهيو جيئن ڪتو ڪنهن هڏي کي ڪرٽيندو آهي. آخر هو ساٿو ٿي اگھاڙو ئي اگھاڙو پلنگ تي ليٽي پيو. شراب جي نشي کان کونگھرا هڻڻ لڳو.

عورت يڪدم اُٿي. هن کي پنهنجي جسم جي بوءِ کان ڪراهت ٿي رهي هُئي. هن جي دل ۾ آيو تہ جسم جي انهن حصن کي ڪٽي ۽ ڪوري اُڇلائي ڇڏي، جن کي اڄ پھريون ڀيرو ڪنهن ڌارين هٿن ڇهيو هو. هن ڪپڙا پائي جسم کي ڍڪيو ۽ ٽڪرين ٽڪرين وکون وجهندي هلي وئي. هن جو من بيمار مڙس لاءِ ماندو هو.

جڏهن انجنيئر جاڳيو تہ سندس نشو لهي چڪو هو. گهڻي شراب پيئڻ ڪري سندس مٿو سور ڪري رهيو هو. رات جي ٿڪ کان سندس جسم ڏکي رهيو هو. هن جون اکيون ڳوريون ۽ زبان تي شراب جي ڪوڙي ذائقي جو اثر هو. هو گهڙي گهڙي زبان پنهنجن چپن تي ڦيري چپن جي خشڪيءَ کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

ڏينهن ڪافي مٿي چڙهي چڪو هو. درين کان سج جا ترورا ۽ ٻاهر مينديءَ جي ٻوٽن جي هلڪي خوشبو اندر اچي رهي هئي. هن هڪ ٻئي پٺيان وڏا ساهہ کنيا، ڄڻ هو شراب وانگر سرهاڻ مليل هوا جا بہ وڏا ڍڪ پري رهيو هو. هن ڏٺو تہ سندس پاسو خالي هو. عورت وڃي چڪي هئي، ڪنهن وقت وئي، ان جي خبر هن کي ڪانہ پئي هئي. انْ جو پريل جسم، ڏاڙهونءَ جي گل جهڙا ڳاڙها چپ، صوف جهڙا تازا ڳل ياد ڪري هن کي وسڪي جهڙو سرور محسوس ٿيڻ لڳو. رات واري ڪارگذاري کي ياد ڪري دل ئي دل ۾ سرهائي محسوس ڪرڻ لڳو. هن جي تصور ۾ عورت جو اگھاڙو جسم، ٽڙيل پکڙيل وار، صراحيءَ جهڙي گول ۽ ٻڌگهي ڳچي، جنهن کي هو گهڙي چمندو ۽ چڪ پائيندو رهيو هو، ڦرڻ لڳا. هو هڪ مسرت ڀريل ڪيف محسوس ڪرڻ لڳو. هو پلنگ تي سٽي ئي سٽي گذريل رات واري راحت پنهنجن خيالن ۾ ور ور ڪري ورجائڻ لڳو. در تي نڪ نڪ ٿي، هن اٿي يڪدم ڪپڙا پاتا. ايتري ۾ نوڪر چانهہ جو ٽري کڻي اندر آيو ۽ ٽري

کي ٽيبل تي رکيائين ۽ ٽيبل پرسان ڪريل بٽون ۽ ٽڙيل پکڙيل نوٽن ڏانهن اشارو ڪيائين. هن جي واتان يڪدم رڙ نڪتي: ”حرامزادي!“

نشي لٿي ڪان پوءِ هن کي اهو ياد ئي نه رهيو هو ته هن بٽون کولي ان مان سؤسؤ جا ٻه نوٽ ان عورت کي پاڻ ڏنا هئا ۽ سندس رعشي وانگر لڏندڙ هٿن مان بٽون ڪرڻ سبب نوٽ پکي جي هوا تي اُڏامي هيٺ ڪريا هئا.

هن رشوت ۾ مليل نوٽن کي جن جو تعداد هن کي ياد نه هو. بٽونءَ ۾ وجهندي ڪاوڙ ۽ غصي مليل لهجي ۾ چيو. ”چوري ڪري وئي.“

ايتري ۾ ٺيڪيدار انهيءَ اميد ۽ آسري ۾ ته انجنيئر صاحب رات واري دعوت، شراب ۽ شباب واري سندس خدمت ڪان خوش ٿيو هوندو ۽ اج ئي سندس رهيل بل پاس ٿي ويندا ۽ نون ٺيڪن جا آرڊر ملي ويندا، ڪمري ۾ داخل ٿيو. ٺيڪيدار کي ڏسندي ئي انجنيئر خار مان چيو:

”ڇا توهان وٽ مهمانن جي خاطر تواضع انهيءَ نموني ٿيندي آهي؟“

انهن لفظن ٺيڪيدار جون مٿيون منجهائي ڇڏيون، هن جون هيٺيون هيٺ، مٿيون مٿي رهجي ويون. حيرت مان پڇيائين، ”اسان کان ڪا خطا ٿي؟“

”منهنجي چوري ٿي وئي آهي.“

”چوري!“ ٺيڪيدار جو وات وائڙن وانگر پٽجي ويو.

”هتي ... ڪيئن ... ڪنهن ڪئي؟“

”انهيءَ جنهن کي اوهان رات هتي رهايو هو.“

”ڪميڻي رن.“ ٺيڪيدار هڪ گندي گار ڏيندي سخت لهجي ۾ چيو: ”سائين! هاڻي جو هاڻي گندي رن کي چوٽيءَ کان وٺي پوليس جي حوالي ٿا ڪيون ۽ توهان جي سموري چورايل رقم هٿ ڪري، اوهان کي واپس ٿا ڪريون.“

صبح جو ئي ٺيڪيدار پوليس جو اٿالو وٺي ڀيلن جي جهوپڙين وٽ پهتو. ڳوٺ ۾ ماٺ لڳي پئي هئي. هر طرف خاموشي ئي خاموشي هئي. جڏهن هو ان ڀيلڻ جي جهوپڙيءَ وٽ پهتا ته هوءَ مڙس جي ڪٽ سان مٿو ٽيڪيون، ڪنڌ جهڪايون سڏڪي رهي هئي. سؤسؤ جا ٻه نوٽ سندس سڄي هٿ ۾ مروٽيا پيا هئا. هن جي مڙس جو ساهه ان وقت نڪري چڪو هو، جڏهن هن ٺيڪيدار جي بنگلي ۾ پير پاتو هو.

# همڙا هاچا ٿين

موسو ۽ عيسو ڀائر هئا. موسو وڏو ۽ عيسو ننڍو. ٻنهي ۾ ننڍ وڏائپ جو فرق صرف ايترو هو. جو موسو ڪجهه گهڙيون اول ڄائو هو ۽ عيسو ڪجهه گهڙيون پوءِ. ٻئي اڻين هئا. جيئن ڪنهن بادامي ءَ جا جاڙا گورا. موسو وڏي هئڻ جي ناتي ننڍي ڀاءُ کي اُڻين پيار ڪندو هو. جيئن پيءُ پٽ کي پيار ڪندو آهي. عيسو ننڍي ڀاءُ جي حيثيت ۾ وڏي ڀاءُ جي اڻين عزت ڪندو هو. جيئن ڪو سلڇڻو پٽ پنهنجي پيءُ جي عزت ڪندو آهي. ٻنهي جو پيار سڄي ڳوٺ ۾ مشهور هو. سندن ڳوٺ وارا ڇا، آس پاس جي ڳوٺن وارا به موسي ۽ عيسي جي پيار جون ڪهاڻيون ۽ مثال بيان ڪندا هئا.

موسو ۽ عيسو ٻئي ابي ڏاڏي وانگر وڏيري جا راهڪ هئا. وڏيري کي ورثي ۾ جيئن اباڻي ملڪيت ٻنگلو، ٻني ۽ ڍور مليا هئا. هي ڀائر به ان زمين سان گڏ وڏيري ڏانهن هليا ويا هئا. وڏيري کي پنهنجا ڍور، موسو ۽ عيسو هڪ جهڙا پيارا هئا. مينهن ۽ ڳئون هن لاءِ کير ڏينديون هيون ۽ هي هن کي اَن اُپائي ڏيندا هئا.

موسي ۽ عيسي کي سال ۾ ٻه ڀيرا خوشي ٿيندي هئي: ربيع ۽ خريف جي فصلن لهڻ وقت. وڏيري جي قرض، ڀاڙ وغيره جي حساب ڪرڻ کان پوءِ، هنن وٽ ايترو اَن بچندو هو جو سڄو سال اڃي ماني کائي سگهن. هنن جي گهر ۾ سِني ڪُني سال ۾ هڪ يا ٻه ڀيرا چڙهندي هئي. رمضان جي عيد تي سَئيون، ٻاڪري عيد تي گوشت.

موسي ۽ عيسي جو لباس ڄائي ڄم کان ساڳيو رهيو. هيٺ گوڏ، پٽ تي سادي بافتي جي قميص ۽ مٿي تي انگوڇي جو مولهو. باقي ٻنهي جي پيرن نه عمر جتي ڏٺي نه سندن چيلهن عمر ۾ اڳٺ. موسي جي جڏهن شادي ٿي هئي، تڏهن ٻنهي ڀائرن محنت ۽ قناعت ڪري هڪ وڳو نهرايو

هو. جنهن ۾ لٺي جي سلوار، ريشمي قميص، سادي ململ جو پٽڪو هو. اها ٽي سندن ميڙي چونڊي. اها ٽي سندن ملڪيت هئي. جنهن کي موسي جي زال هڪ پڳل پراڻي ڪاٺ جي پيٽي ۾ اٿين سنڀالي رکندي هئي، جيئن وڏيري جي زال پنهنجا سونا زيور.

موسو ۽ عيسو ڪن خاص موقعن تي ڪپڙا ڪيدي پائيندا هئا. رمضان واري عيد تي موسو ۽ ٻاڪري عيد تي عيسو. جيڪڏهن ڳوٺ ۾ يا پر وارن ڳوٺن مان شادي مرادي، ختمي يا خيرات جو سڏ ايندو هو، ته جنهن کي سڏ هوندو هو، اهو اهي ڪپڙا پائي وڃي ان سڏ ۾ شريڪ ٿيندو هو. پر ٿيندو ائين هو ته وڏي ڀاءُ هجڻ ڪري، اهو موقعو اڪثر موسي کي ملندو هو. ڇاڪاڻ ته ڀائپي برادريءَ ۾ پير وڏن کي ٽي پرٽو پوندو آهي. مگر موسو چاهيندو هو ته انهن دعوتن ۾ عيسو ٽي وڃي. ڇگو چوکو ڪاٽي به اڇي ۽ ڪپڙا پائي خوش به ٿئي. تنهن ڪري ٻهانو ڪري چوندو هو: ”مون کي بخار آهي.“ ”هاءِ هاءِ! ڇيلهه ۾ سور آهي.“ ”پير ۾ ڪنڊو لڳو آهي.“ پوءِ ايلاز منٿون ڪري عيسي کي ڪپڙا پهرائي پير پرڻ لاءِ موڪليندو هو. عيسو ڪپڙا پائي هلڻ لڳندو هو ته موسي جي دل ڳاند ٿيڻ لڳندي هئي. ڀاءُ کي خوشين پرين اکين سان اٿين ڏسندو هو، ڄڻ عيسو شهزادو هو.

موسي جي شادي پنهنجي چاچي جي ڌيءَ سان ٿي چڪي هئي. چاچي وڙ ڪري پنهنجي نياڻي پنهنجي وڏي ڀائٽي سان پرڻائي هئي. چاچي هن کان نه ورتو ڪو پئسو نه ڏوڪڙ، نه هيٺ نه مٿي، رهندو پنهنجي حال موجب لائي لڳائي ڌيءَ کي به ٽي جوڙا ڪپڙن جا ڏاج ۾ ڏنا هئائين.

موسو شادي ڪري زال چا گهر ۾ وٺي آيو، جڻ عيسي کي ماءُ ملي وئي. جيتوڻيڪ موسي جي زال عيسي کان عمر ۾ ننڍي هئي، پر عيسو هن کي ماءُ وانگر ٽي سمجهندو هو. چوندو هو وڏي ڀاءُ جي زال ماءُ برابر آهي. صفوران به عيسي جو موسي کان به وڌيڪ خيال رکندي هئي، جيئن ٻارن واريون مائرون مڙسن کان وڌيڪ، اولاد جو خيال رکنديون آهن. گهر ۾ جيڪي ڇگو چوکو هوندو هو، سو عيسي جي حوالي. جي ڪجهه بچندو هو ته واهه، نه ته سُڪا ۽ پاروٽا ٽڪر موسي کي ملندا هئا.

موسي کي پاروٽي ۽ ٻچيل ماني کائيندي مزو ته نه ايندو هو، پر هو اهو ڏسي خوش ٿيندو هو، ته هن جي ڀاءُ جي سار سنڀال لڏي ٿي وڃي. جنهن

ڏينھن کان صفوران پرڻجي آئي ھئي، ھن جي دل ۾ اھا ھورا کورا ھئي تہ عيسي جي بہ شادي ٿي وڃي. پر شادي ٿئي ڪيئن!؟ عيسي کي پيٽ ھئي ڪانہ جو ڏئي بدلي ۾ سڱ وٺجي ۽ عيسي جا ھٿ ڳاڙھا ڪجن. ڏارين کان سڱ گھر تہ وڏن پئسن جي طلب ٿي ٿِي. سندن گھر ۾ تہ ھو الله جو نالو.

ھڪڙي رات جڏھن موسو ۽ صفوران کٽ تي آھليا پيا ھئا تہ صفوران مڙس کي چيو. "موسيٰ!"

"توکي ڪجھہ خيال آھي؟"

"ڇا جو؟"

"ياءُ جو."

"عيسي کان وڏيڪ ٻيو ڪنھن جو خيال اٿم."

"ھن جي پرڻجڻ جو بہ سوچيو اٿئي؟"

"سوچڻ سان ڇا ٿيندو آ، پئسن سان سڀ ٿيندو آ."

"ڪجھہ تہ ڪر."

"ڇا ڪريان؟"

"قرض کڻ، اوڌروٺ."

"ڪنھن کان وٺان؟"

"وڏيري کان."

وڏيري جو نالو ٻڌي موسي وڏو ٽھڪ ڏنو، ڄڻ ڪنھن چرچو ڪيو ھجي.

"وڏيري کان!" ائين چئي ھن وري ٽھڪ ڏنو. "وڏيري کان پڇي تہ اسان ا ڪپڙا بہ لاھي وٺي."

"تہ پوءِ ٻيو بلو ڪر."

"ڪير ڪنھن جو آ... ھا، ھڪ صورت آھي."

"ڪھڙي؟"

"تون ڏيءَ ڄڻ."

"پوءِ؟"

"سڱ ڏئي سڱ وٺنداسين." عيسو ائين چئي ماٺ ٿي ويو. وري ٿوري گھڙي رکي چيائين: "پر تون وڏيڪ ڏيٺر ڄڻ."

"ڇو؟"

”هڪ تي سگ ونداسين، پيون ڏيئر ڏئي ڪاج بہ ڪنداسين ۽ ڪجهہ پئسا بچائي مال ڍڳو بہ ونداسين.“

اهو ٻڌي صفوران سوچڻ لڳي: ڏيئن جو بہ واپار ٺيڪ ٿو. ڏيئر بہ وڏيري جي مال ڍڳي وانگر آهن، جن کي واپاري ڏسي، پسند ڪري، بولي لڳائي، پاڻ سان گڏ ڪاهي هليا ويندا آهن.

هڪ ڏهاڙي صفوران ماني کڻي اچي عيسي جي اڳيان رکي. عيسي مانيءَ جو ٽڪر پيچي وات ۾ وڌو ۽ مٿان لسيءَ جو ڍڪ پريو. صفوران ڏي منهن ڪندي چيائين، ”ياڄائي، هڪ ڳالهہ چوانءِ؟“

”چئہ!“

عيسو مرڪيو، مانيءَ جو پيو گرهہ ڳيت ڏئي اندر ڪرڻ کان پوءِ چيائين، ”جلدي پٽ ڏي.“ ٿورو ماٺ تي وري چيائين، ”هڪ نہ گهٽا.“

”ايڏا پٽ!“

”ها ياڄائي، ايڏا پٽ.“ پاڙي واري مائي هاجل، جنهن ڏهہ پٽ ڄڻيا هئا، جو حوالو ڏيندي چيئين:”هاجل جيترا.“

”ڇا ڪندين ايڏا پٽ؟“

”ياڄائي تون سمجهي نٿي، هاڻي اسين بہ آهيون، پوءِ ٻن مان ٻارهن ٿينداسين، پنهنجو ولر ٿيندو، پنهنجو ويڙهو ٿيندو. اولاد وڏن جو بازو ۽ پر آهي. گهڻا هونداسين گهڻي زمين ڪنداسين، گهڻو اَن لهندو، ڪو سڪيو ٽڪر تہ کائينداسين... هاڻي تہ لسيءَ سان ماني کائي آنڊا ئي سڙي ويا آهن، من پوءِ مانيءَ سان پيو نہ تہ دال يا ٻٽالو نصيب ٿين.“

ڳوٺ جي ٻاهران واهہ جي ڪناري لڳ فقير جو مڪان هو. گل فقير واقعي گل هو. گل فقير کي وڻن ۽ گلن سان ڏاڍو چاهہ هو. انهيءَ ڪري پنهنجي مڪان کي گلزار بڻائي ڇڏيو هئائين. مڪان ۾ نم جا گهاٽا وڏا وڻ هئا، جن جي هيٺان واٿڙو آرام ڪندا هئا ۽ ڳوٺ جا جوان اچي ڪچهري ڪندا، تاس کيڏندا، حقو پاڻي پيئندا ۽ ڪڏهن ڪڏهن راڳ رهاڻ بہ ڪندا هئا. پاسي سان زمبڪ، نازبو، سدا بهار ۽ گيندي جا گل ٻهاري لايو بيٺا هوندا هئا. فقير گلن جي ٻوٽن کي ائين تاتيندو هو ڄڻ سندس پيٽ ڄاوا پٽ هئا. مجال ڪنهن ڪونس ڪٽي تہ فقير مچرجي پوندو هو.

شام جو وقت هو، گل فقير جي مڪان ۾ ڳوٺ جا ڪجهہ جوان

ڪچهري ڪري رهيا هئا. ڪي وقت گذارڻ لاءِ آيا هئا ۽ ڪي وري ڪچهري سان گڏ آبي پيئڻ لاءِ. عيسو منهن ۾ ويو، ڏنڊو ڪونڊو ۽ صافو ڪڍي آيو. ڀنگ گهوٽڻ ۾ ڪمن ۽ رحموءَ هن جو هٿ ونڊائيندي صدا هنئي:

”گهرڙ گهوٽ، علي نبي جي اوٽ، مستن ايڪو، ملن ۾ قرڙ قوٽ.“

جڏهن ڀنگ گهوٽجي تيار ٿي، تڏهن عيسي ان جي سائي رنگ ڏانهن ڏسندي دل ۾ چيو: ”چون ٿا جنت جي ٻوٽي آهي، سچ جي جنت جي ٻوٽي نہ هجي ها تہ نہ ايتري سائي هجي ها، نہ ان ۾ ايترو خمار هجي ها.“

”اچي اچي سر سيد جو ٻچي،
ڪوڙي ڪانگڻ پئي نچي،
هڪڙي پوڪ تہ ٻي پچي.“

گل فقير جمني وٺندي، پنهنجون خماريل اکيون توريون وڏيڪ کوليون، ائين لڳو ڄڻ مئہ خاني جا بند دروازا پٽجي پيا. فقير کان پوءِ عيسي، ڪمن ۽ رحموءَ بہ ٻہ جمنيون پُر ڪري پيتيون ۽ هر جمنيءَ سان ٽئين صدا هڻندا رهيا. توري وقت کان پوءِ ڀنگ جو رنگ ظاهر ٿيڻ لڳو. عيسو، ڪمن ۽ رحمو ٽاٽ تي ويا. ڪمن چيو: ”تي وڃي.“

ڪمن منهن مان يڪتارو، ڍولڪي ۽ گهڙو ٻاهر ڪڍي آيو. عيسي هٿ ۾ يڪتارو ڪنيو، ڪمن ڍولڪي تي وينو ۽ رحموءَ گهڙي تي هٿ هنيو. مڪان ۾ وينل عيسو ڀريان ڪنگهيو، تورو ڪٽڪيو. ”الو ميان، الو ميان“ چئي بيت ڏنو، پوءِ ڪافي شروع ڪيائين:

”جهڙا آهيوَن تهڙا ناهيون،
جهڙا آهيون تهڙا ناهيون.“

ڪمن ۽ رحموءَ بہ هن جي سُر ۾ سُر ملائيندي چيو، ”جهڙا آهيون تهڙا ناهيون.“ عيسي پوءِ ڪافي ڪي مٿي ڪنيو:

”ڀنگ پي ٿا رنگ رچايون،
عرش مٿي ٿا حڪم هلايون،
ڌرتيءَ هڏ پير نہ پايون،
جهڙا آهيون، تهڙا ناهيون.
هر هلايون، پگهر وهايون،

کيتيءَ تي ٿا خوب ڪمايون،
ڪٽي وڏيرو جيڪي اپايون،
جهڙا آهيون، تهڙا ناهيون.
گهر ۾ ڪونهن اَنَ جا داڻا،
تپڙ تاڙي سڀ قرض وڪاڻا.
جهڙا آهيون، تهڙا ناهيون.

عيسي، جنهن تي پنگ جو چڱو اثر تي چڪو هو، ڪافيءَ کي پورو ڪندي چيو:" ڪمن قربدار، هيءَ ڪافي ڪنهن جي آهي؟"

"هيءَ ڪافي بي ڪنهنجي تي سگهي تي، پتائي پلاري جي آهي." ڪمن وراڻيو.

"بلي، بلي لطيف، جيئي لطيف، ڪهڙيون ڳالهيون ٿو ڪري، جيءَ کي جياري ٿو ڇڏي." عيسي خوش ٿيندي چيو.

"تڏهن ته ان ۾ ايڏو مزو آهي." ڪمن چيو.

"نه نه، اها لطيف جي ڪافي ناهي." رحموءَ چيو.

"چو؟" عيسي پڇيو.

"لطيف جون ڳالهيون ڪجهه ٽڏيون هونديون آهن."

"ته پوءِ ڪنهن جي آهي؟" ڪمن سوال ڪيو.

"سچل جي."

"بلي بلي سچل." عيسي چيو.

"برو بر، اهو لطيف جو گفتو ناهي، اهي ڪم سچل جا." ڪمن چيو.

"سچل جون ڳالهيون به وڏيون ته رمزون به وڏيون." رحموءَ چيو.

ٽيئي- عيسو، ڪمن ۽ رحمو جهومڻ ۽ وڏا ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳا ۽ ائين ڪجهه وقت تائين کلندا رهيا. هڪ کلڻ بند تي ڪيو. ته ٻيو شروع تي پئي ويو.

"پر ڪيئن؟" عيسي سوال ڪيو.

"اڙي! چوي ٿو: آهيان رب جبار، پينر مون کي ڪير ٿيون پانيو." وري ٽيئي جڻا "رب جبار" چوندا کلندا رهيا.

"اجوڪا شاعر به وڏا ڏاڙي اٿئي." رحموءَ پنهنجي چاڻ مطابق چيو. "هو شهر جي هوٽلن تي ويچي عابده پروين، زرينه بلوچ، سرمد سنڌي ۽ ٻين جو قومي ۽ انقلابي ڪلام ٻڌندا ۽ هوٽلن ۾ پيل اخبارون ۽ رسالا پڙهي

ايندا، دڪان ۾ ويهي سيٺي کي خبرون ٻڌائيندا. ان ۾ اصل خبرون گهٽ ۽ هنن جي طرفان وڌاءُ وڌيڪ هوندو.

"اهو وري ڪيئن؟" عيسي عجب کائيندي چيو.

"سنڌ سان پنهنجي پيار جي وڏي دعوي ٿا ڪن."

"بلي بلي اجوڪا شاعر." عيسي جهومندي چيو.

"پر..."

"پر ڇا؟"

"اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ کان پوءِ وڪامي وڃن ٿا." رحموءَ چيو.

"وڪامي!" ڪمن رڙ ڪندي چيو.

"ڪيئن؟"

"نوڪرين تي، عهدن تي، لالچ تي."

"ڇئبو اجوڪا شاعر ڊاڙي پيي آهن، پاڙي پيي آهن."

آخر جڏهن ڪلي ڪلي بس ڪيائون، تڏهن رحموءَ چيو:"سيي نہ، ڏڪي."

جڏهن شاعر واري ڪل ڪلان ختم ٿي تہ ڪمن چيو، "خبر اَٿوَا!"

"ڪهڙي؟" سيٺي رڙ ڪئي.

"ميلو آهي ميلو، سخي يوسف شاهہ جو."

"بلي بلي، سخي يوسف شاهہ غريب نواز، منجهيلن جو مددگار."

پوءِ رحمو سخي يوسف شاهہ جي ساراهہ ڪندو ۽ سندس ڪرامتن جا قصا بيان ڪندو رهيو. آخر ٽنهي دوستن ڪمن، رحموءَ ۽ عيسي فيصلو ڪيو تہ ٻئي ڏينهن تي يوسف شاهہ جي ميلي تي ويندا. انهيءَ فيصلي کان پوءِ "قادر قلندر مست" جو دنبهو هڻي ڪچهري برخاست ڪيائون.

عيسو جڏهن گهر پهتو تہ پڪي سومهڻي ٿي چڪي هئي. هن جي هلڻ جي تور مان ٿي صفوران سمجهي وئي تہ اڄ وري عيسو پينگ پي آيو آهي. اچڻ سان عيسي رڙ ڪئي،"پا۔ جا۔ ئي."

پاجائي جو اکر نشي سبب پڇي ۽ لانڍ سان نڪتو.

"تون منهنجي ماءُ آهين نہ۔ ماءُ."

عيسي جي واتان پنهنجي لاءِ ماءُ جو لفظ ٻڌي، صفوران ڪجهہ لڄ محسوس ڪرڻ لڳي، ڇاڪاڻ تہ هن کي بہ اها خبر هئي ۽ عيسي کي بہ

اها خبر هئي تہ هوءَ عيسي کان عمر ۾ ننڍي هئي. پر عيسو نشي ۾ هو. ان ڪري هن کي وري وري ماءُ ڪوٺيندو رهيو.

"امڙ۔ منهنجي امڙ۔ جيجل!" عيسو چوندو رهيو.

"چئہ، ڇا ٿو چوين؟"

"ڇوانءِ؟"

"چئہ."

"ڪم۔ ڪنديئہ نہ. هڪڙو ڪم۔ پنهنجي پٽ جو ڇڙو، هڪڙو ڪم."

صفوران وري پٽ جو لفظ ٻڌي لڇ محسوس ڪندي چيو. "پنهنجي ياءُ جو ڪم ڪيئن نہ ڪنديس."

"ياءُ جو نہ۔ پٽ جو."

"ها ها. ڪنديس."

"ميلو آ نہ۔ ميلو۔ سخي يوسف شاهہ جو. ان تي ويندس، ڇڙا ڏهہ روپيا کپن۔ اُڌارا."

صفوران جڏهن ڏهن روپين ڏيڻ جي ڳالهہ قبولي، تڏهن عيسي جو امڙ۔ امان۔ جيجل جو وڄندڙ رڪارڊ ماٺ ٿيو. پر وري جهٽ رکي چيائين، "ڪپڙا۔ ادي وارا۔ اُهي بہ سياڻي ڌوئي ڏجانءِ."

موسي جو هڪ دوست هو قادو هٽ وارو. قادوءَ جو هٽ هلي چلي جي خيال کان، صرف پنهنجي ڳوٺ جو مکيہ هٽ نہ هو. پر آس پاس جي ڳوٺن وارا بہ سودو سلف هتان ئي اچي وٺندا هئا. هو ملان جو پٽ پر جهڙو واڻيو، پڪو مارواڙي. دڪان جي وهنوار ۾ ڇا، زندگيءَ جي وهنوار ۾ بہ. دڪاندارن وارا سڀ گُر هن ۾ موجود هئا. سستو وٺي مهانگو وڪڻڻ، گهرجائو ماڻهن کي اوڌر تي وڌي اگهہ تي سودو ڏئي، وري ان تي وياج وٺڻ. ٻار جيڪي اَن جي جهولي پري ايندا هئا، تنهن جي پڪي تور ڪري، سستيون شيون ڏئي خوش ڪري ڪيڻ، مطلب تہ هن پنهنجي هٽ مان چڱو ڪجهہ ميڙيو هو، پر ڏيک اهڙو ڏيندو هو، ڄڻ تہ هن وٽ ڪجهہ آهي ئي ڪين. هر وقت پنهنجي غريبي ۽ مسڪيني حال جو روڻو پيو روئندو هو. پڪو اهڙو، جو دم وڃي دمڙي نہ وڃي. پر موسي سان هن جي ٻي ڳالهہ هئي. موسو هن جو ننڍپڻ جو سنگتي هو. هاڻي جڏهن هنن جي هٽ ۽ هڙ ۾ هريڙون هيون، تڏهن بہ موسو هن جو سنگتي هو. قادو گهڻو ڪري موسي

ڪي ساڻ وٺي شهر ويندو هو. اتي وڏي دل سان موسي کي چانهه پاڻي، سوڊا ليمن ۽ ٻيون اُهي شيون، جيڪي هن کي وڻنديون هيون سي کيس کارائيندو هو. سئنيما تہ موسي کان سواءِ ڏسندو ئي نہ هو. جڏهن قادو هٽ لاءِ سيڌو سامان وٺندو هو تہ موسو يار سان ياري نڀائڻ خاطر، ڪجهہ سامان ڪلهن تي کنيون دڪان تي پهچندو هو.

سومهڻيءَ جو وقت هو، موسو قادوءَ جي دڪان تي ويٺو هو. ڏنڌي جو وقت ختم ٿي چڪو هو. تنهن ڪري ٻئي واندڪائيءَ ۾ هڪ ٻئي سان ڳالهيون ڪري رهيا هئا. ڳالهيون هلندي سخي يوسف شاهہ جي ميلي جو ذڪر آيو. قادوءَ، موسي کي چيو:

"موسيِ، سخي يوسف شاهہ جو ميلو آهي." وري چيائين، "چون ٿا هن سال ميلو اڳئين سال کان بہ وڌ لڳندو. ڏاڍا راڳ ٿيندا، وڏا ملهہ ايندا، وڏيون بازاريون لڳنديون، کيل ايندا، هلون ميلي تي؟"

"ميلو پئسن وارن لاءِ، سڪڻن لاءِ ڪهڙو ميلو؟"

"اهو وري ڇا ٿو چوين؟"

"آئون ٿو چوان تہ توٽ پئسو آهي، تون ميلي تي وڃجانءِ."

"اڙي! اڪيلو توکان سواءِ، ميلي ۾ ڪهڙو مزو ايندو؟"

"هڙ ۾ ڪٽو ڪينهي، ڪهڙي آڪڙ ڪري ميلي تي هلان."

قادو ڪجهہ وقت ماٺ ٿي ويو، پوءِ دخل ڏانهن هٿ وڌائي، ڏهن روپين جا بہ نوٽ ڪڍي موسي جي ترڻءَ تي رکندي چيائين، "هاڻ تہ هلندين؟"

"هنن پئسن جو وياج ڪيترو ڏيڻو پوندو؟"

"اڳ تو مور موٽايو آهي، جو وياج جون ٿو ڳالهيون ڪرين. هاڻي ڪو واعدو ڪر تہ ٻئي ڏينهن مون سان گڏ ميلي تي هلندين."

"پڪو واعدو." موسي نڙيءَ تي زور ڏيندي چيو.

ٻئي ڏينهن جڏهن موسي جي اک کلي تہ سج ٿورو مٿي ٿي چڪو هو. اک کلڻ سان ئي هن کي وڏيري جي بيگر ياد آئي. منهن تي پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻي تڪڙو تڪڙو هليو ويو. جڏهن وڏيري جي بيگر پوري ڪري واپس وريو تہ لڙي منجهند ٿي وئي هئي. صفوران کي سڏ ڪري چيائين، "ياڳ پري! سياڻي ميلي تي ويندس، ڪپڙا تہ ڌوئي ڏي."

"ڪپڙا تہ ڌوئي سُڪا وڏا اٿم."

”اول ٿي.“

”ها. رات عيسي چيو هو تہ هو ميلي ويندو.“

اهو ٻڌي موسو سن ٿي ويو. هن جي وات مان هڪ اکر نہ نڪتو. ماٺ ڪري پري منهہ ۾ ڪٽ تي سوچ ۾ ويهي رهيو. ننڍو ڀاءُ ميلي تي ويندو. مان بہ تہ قادوءَ ڪي واعدو ڏئي آيو آهيان. ڪپڙا تہ اهي آهن. ويهہ روپيا بہ وٺي آيو آهيان.

ايتري ۾ عيسو بہ اچي نڪتو. منهہ ۾ ٻيءَ ڪٽ تي اچي ويٺو. موسي ماٺ ڪي ٽوڙيندي چيو:

”عيسل، ميلي تي وڃين ٿو ڇا؟“

”نہ.“ عيسي وراڻيو. ”قادوءَ ٻڌايو تہ اوهين ٻئي سياڻي ميلي تي وڃو ٿا.“

ايتري ۾ صفوران، عيسي ڏانهن نهاريندي رڙ ڪري چيو:

”اڃا رات تہ تو چيو تہ تون ميلي تي ويندين!“

”ها. رات چيو هوم. اڄ بخار ۽ مٿي ۾ سور ٿو سمجهان، تنهن ڪري ميلي تي نہ ويندس.“بهانو بنائيندي عيسي چيو. حقيقت هيءَ هئي تہ جنهن مهل کان قادوءَ هن کي ٻڌايو تہ موسو ۽ قادو گڏجي ميلي تي ويندا. تنهن مهل ٿي هن اهو فيصلو ڪري ڇڏيو هو تہ هو نہ، پر هن جو وڏو ڀاءُ ڪپڙا پائي ميلي تي ويندو.

”قادوءَ کي تہ مسخري ڪرڻ جي عادت آهي. توسان ڀرچو ڪيو اٿائين. هت واڻيو ڪڏهن ڪنهن پاسي ويو آهي، جو قادو ميلي ويندو. مون کي تہ سياڻي وڏيري جي ڪم سان وڃڻو آهي، پوءِ ميلي جو سوچي بہ ڪيئن ٿو سگهان.“

عيسي ڄاتو تہ هن جو وڏو ڀاءُ جيڪي ڪجهہ چئي رهيو آهي. سو سچ ناهي، صرف هن کي ميلي تي موڪلڻ لاءِ ائين چئي رهيو آهي.

”ادا، مان تہ بيمار آهيان.“

”عيسل. تون خوش آهين خوش، مان ڇا ڪيان، وڏيري جو ڪم آهي.“

موسو ۽ عيسو انهيءَ رنجهہ ڪنجهہ ۾ هئا، ٻنهي جي اها ڪوشش هئي تہ ٻيو ڀاءُ ڪپڙا پائي ميلي تي وڃي. وڏي اهو ٿي چاهيو تہ ننڍو ميلي تي وڃي. ننڍي جي اها ڪوشش هئي تہ وڏو ڀاءُ ميلي تي وڃي.

ميلي وجڻ جي ڳالهه نه ننڍي تي قبولي نه وڏي. ايتري ۾ صفوران، جا ماني پچائي اڱڻ ۾ آئي هئي، رڙ ڪئي "ڪپڙا." موسو ۽ عيسو ٻئي تڪڙا تڪڙا منهه کان ٻاهر نڪري آيا. 'ڪپڙا-هاءِ-ڪپڙا." رڙندي صفوران چيو. "اجهو هتي، سُڪڻا وجهي وئي هئس."

"ڪو کڻي ويو." موسي عجب مان چيو.

"چورائي ويو!" عيسي جوش ۽ ڪاوڙ مان چيو.

"ڏينهن ڏٺي جو!" صفوران روئڻهارڪو ٿي چيو. هن جي اکين ۾ اها حسرت جهلڪي رهي هئي ته هاڻي عيسو يا موسو ڪيئن ميلي تي ويندو!

# درد جو رشتو

لاڙڪاڻي شهر جي اولهہ ۾ هڪ وڏو واهہ آهي، جنهن کي ماڻهو سندس پراڻي نالي، ”گهاڙ واهہ“ سان سڏين ٿا. ڪنهن زماني ۾ اهو سنڌو درياءَ مان ڦٽي نڪرندو هو مگر رائيس ڪئنال قائم ٿيڻ کان پوءِ ان جو ناتو درياءَ کان ٽُٽي ويو. ان جو مٿيون حصو خشڪ ٿي ويو آهي، هاڻي ان جو منهن رائيس ڪئنال کان شروع ٿئي ٿو.

گهاڙ واهہ، رائيس ڪئنال شروع ٿيڻ کان پوءِ نانگ وانگر ور وڪڙ کائيندو ميلن جا ميل هيٺ هليو ٿو وڃي. گرميءَ جي موسم ۾ ان ۾ پاڻي چاڙهہ تي هوندو آهي. ٻوڙن جا بار مال ڪاهيو اچي ان ۾ ترڳندا آهن. سڄو ڏينهن ماهيو مال پاڻيءَ ۾ پيو لڙهندو آهي ۽ ٻارلڏڙن وانگر پيا ٽُٻندا آهن. سياري ۾ گهاڙ واهہ ۾ پاڻي خشڪ ٿي وڃي ۽ ان جي تري ۾ واري پئي واڪا ڪري.

ڪٿي ڪٿي هيٺانهن هنڌن تي پاڻيءَ جا ڍبا رهجي وڃن، جن ۾ چاڪر ۽ مڇيون پيون ترن. گهاڙ واهہ جي ڪناري تي ٻيهي جيڏانهن اک کڻبي تہ ساوڪ ئي ساوڪ ڏسڻ ۾ ايندي. ساوڪ ڏسي دل ٺري پوندي. اونهاري ۾ ساريون سرهائيءَ ۾ پيون لڏنديون ۽ سياري ۾ چڻن، مٽرن ۽ ڄانبي جا سهڻا پيلا گل ٽڙيا بيٺا هوندا، جن کي ڏسي دل پئي باغ باغ ٿيندي.

گهاڙ واهہ جي ٻنهي ڪنارن تي، ويجها ويجها سڏ پنڌ تي ڳوٺ آهن. انهن ڳوٺن ۾ پيرڳوٺ ٻين ڳوٺن کان آباديءَ ۾ مٿي آهي. ڳوٺ ۾ ٻہ ٽي سؤ گهر ٿيندا، جنهن ڪري ان ۾ دڪان بہ جهجها آهن. اوسي پاسي جي ڳوٺن جا رهاڪو شهر وڃڻ بجاءِ اتان ئي سودو سامان وٺيو وڃن. مٽي جي سور جون ٽڪيون، پيٽ جي سور جي ڦڪي، سرديءَ سان تپ جون گوريون ۽ ٻيو ضرورت جو وکر بہ سولائيءَ سان هتي ملي وڃي. ٻار اَن جون جهوليون پريو دڪانن تي بيٺا هوندا آهن. کنڊ پڪڙن، لائي ۽ چانورن جي

هڪ پٽ هو جنهن کي هو پيار مان ممو سڏيندو هو. اهڙو سهڻو جهڙو جهنگ ۾ ايرنڊڙ گل. جهڙو هو سلڇڻو تهڙو هو سياڻو. پيءُ جو هڪ پٽ هو. سڪي سڪي ڄائو هين. پٽ جي لاءِ رحموءَ ڪيترائي پير پيتا هئا ۽ جڏهن ممو ڄائو هو تڏهن رحموءَ وٽ ڪان وڏي جشن ڪيو هو. اوچتو ئي ممو بيمار ٿي پيو. پيءُ وٽ جيڪي هو سو پٽ تي لاتائين مگر جيئن تڏ تيئن وڌ. بيماري وڌي وڌندي. اوسي پاسي جا حڪيم، طبيب، شهر جا ڊاڪٽر، پير فقير، سڀا ڦيٽا سڀ ڪيائين پر نہ دوائن اثر ڪيو نہ دعائن.

پيءُ جو ساهہ مٺ ۾ اچي ويو. پٽ کي نجهرندو ڏسي سندس اکين مان نير جاري ٿي پيا. شهر جي وڏي ڊاڪٽر مشورو ڏنس، "رحمو، اسان ڪان جيڪي پڄو سو ڪيوسين. شفا رب جي هٿ آهي. جي پٽ جي حياتي چاهين تہ ڪيس ڄام شوري ڪٺائي وڃ."

"منهنجو پٽ بچي پوندو؟" رحموءَ رڙ ڪئي.

"حياتي جو مالڪ الله آهي. ان جي اڳيان ڪابہ مشڪل نہ آهي."

رحموءَ جي چهري تي سرهائي جو رنگ جرڪيو. مگر جلد ئي سندس مُنهن جو پنو لهي ويو. هو سوچڻ لڳو. "ايڏي منزل! ايڏا ڊاڪٽر. ايڏي اسپتال. ايڏيون دوائون. پئسا ڪٿان ايندا؟ ڪجهہ ڏينهن اڳ جيڪي گهر جا ٿپڙ وڪيا هئم. اهي پئسا بہ ختم ٿي ويا آهن. گهر ۾ دانگي اونڌي ۽ ڪُنو خالي آهي."

پوءِ هن کي وڏيري احمد علي جو خيال آيو. "قارون جو خزانو اٿس. جي منهنجي هھڙي حال ۾ مدد ڪيائين تہ ان کي ڇا ٿيندو؟ درياءَ مان پاڻيءَ جي لپ نڪرندي تہ درياءَ ۾ ڪهڙو فرق پوندو؟"

رحمو پٽ کي بيل گاڏيءَ ۾ ڪٺائي سڌو وڏيري احمد علي جي در تي آيو. "وڏيرا، مان تنهنجي در تي سوالي بڻجي آيو آهيان. منهنجو پٽڙو بيمار آهي."

رحموءَ جي دانهن ڏرتي ڏوڏي ڇڏي، مگر وڏيري جي دل کي لوڏو نہ آيو.

"سائين، منهنجي ٻچڙي جو سوال آهي. دولت ٿي پوندي. ٻچڙا ڪٿان ايندا؟"

رحموءَ کي جيترو ليلائڻو هو. اوترو ليلايائين مگر وڏيري کي جهبو نہ آيو. لاچار رحمو نراس ٿي واپس وريو. جيئن گاڏي سندس جهڳيءَ وٽ اچي پهتي. تيئن ڇوڪر اکيون کٽي مرڪيو ۽ سندس منهن پيلو ٿي ويو. جڻ ڏيئي جي لاٽ ٻري پڙڪو ڪاڏو ۽ وري هميشہ لاءِ وسامي وئي.

وقت گذرندو رهيو، رحمو وري سنئين نہ آيو. سندس پيريءَ جي لٺ پڄي پيئي. هن جو سدا ملوڪ پٽ فوت ٿي ويو، انهيءَ ڳڻتيءَ رحموءَ کي جهوري رکيو. وڏيري احمد علي جا فصل هر سال وانگر ڀلا ٿيندا رهيا، سندس اُپت ۾ اضافو ٿيندو رهيو، سندس مايا ڏينهون ڏينهن وڌندي رهي.

سانوڻيءَ جي مند هئي، هارين رونبا ڪيڏي ٻنيءَ کي ريج ڏئي ڇڏيو هو. وڏيري احمد علي جو پٽ نظر حسين پنهنجي دوستن سان گڏ ميلو ڏسي موٽيو هو. رات ڪافي ٿي چڪي هئي. ڀريون تاريخون هيون، ان ڪري چنڊ سويل لهي چڪو هو. چوطرف اوندهہ لڳي پئي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ڳوٺ جي ڪتي جي ڀونڪ جو آواز آيو ٿي ۽ پوءِ وري ساڳي سانت. نظر حسين جي بگي چيچاٽ ڪندي اچي حويليءَ جي اڳيان بيٺي. مشڪي گهوڙي هڻڪار هنئي، ڄڻ منزل تي پهچڻ جو اعلان ڪندو هجي. نظر حسين ٽپ ڏئي هيٺ لٿو. اوچتو سندس رڙ سان چوطرف پڙاڏو پئجي ويو:

”هاءِ! بلا ڪائي وڌو!“

سندس ساٿين يڪدم ٽارچ روشن ڪئي. هڪ ڪاريهر نانگ سرڪندو ڏسڻ ۾ آين. بري تي بڇ ٿي وئي. يڪدم لٺين ٻاٽن سان ڪاريهر کي پورو ڪري ڇڏيائون.

پٽ جي رڙ تي وڏيرو احمد علي پيرين مٿي اگهاڙو ڊوڙندو آيو. پٽ کي ليٽڙندو ڏسي اکين اڳيان انڌاري اچي ويس. ساڳي بگيءَ تي پٽ کي کڻي شهر پهتو ۽ اچي ڊاڪٽر جو درکڙڪايائين. ڊاڪٽر سمورو احوال ٻڌو ۽ ڇوڪري کي ٽپاسي هڪ سئي هنئي، هڪ گوري ۽ هڪ وزن دوا جو ڇوڪر کي پياريائين، پوءِ وڏيري کي پاسي تي وٺي ويو:

”وڏيرا!“ ڊاڪٽر هوريان چيو.”ڇوڪري جي حالت نازڪ آهي، جي جلد سندس جسم مان زهر چوسي نہ ڪڍيو ويو تہ پوءِ سندس حياتيءَ کي خطرو آهي.“

وڏيري جي مٿان ڄڻ وڄ ڪِري پئي، ساهہ سڪي ويس. ”ها!“ سنهي ڇيٽ سندس وات مان نڪتي ۽ پوءِ هو ٽبيءَ ۾ پئجي ويو. هن جي اکين اڳيان رحموءَ جي تصوير ڦرڻ لڳي. ساري ضلعي ۾ رحمو جوڳي ئي هڪ ماڻهو هو جيڪو نانگ جي ڏنگئي کي منڊ ۽ ڦيڻو ڪندو هو ۽ ان جو زهر چوسي ڪڍندو هو. مگر وڏيرو احمد علي سوچڻ لڳو، ”هو بہ تہ هڪ پيرو

مون وٽ آيو هو، هن جو ٻه پٽ بيمار هو. نه نه، مان ان وٽ ڪونه ويندس. هو مون کي ڪهڙو جواب ڏيندو!" هو منجهي پيو. اڳتي وڏي اچي پٽ جي مٿان بيٺو. ڇوڪرو سٽي لڳڻ کان پوءِ خاموش ستو پيو هو. اکيون بند ۽ وات پٽيل هوس. وڏا وڏا ساهه پئي کنيائين. هن جو چهرو ائين ٿي لڳو ڄڻ گرهڻ ورتل چنڊ هو. ڇوڪر جو ڪومايل چهرو ڏسي وڏيري جا آنڊا وات ۾ اچي ويا.

"مان رحموءَ وٽ ويندس، ضرور ويندس، هو ضرور ايندو. هو جيترو چوندو اوترو آءٌ هن کي ڏيندس. ڌن، دولت، مال ملڪيت، ٻنيون ٻارا، جيڪي هو چوندو، اهو هن کي ڏيندس ۽ هن کي وٺي ايندس."

وڏيرو بگيءَ تي چڙهي جوڳين جي ڳوٺ ڏانهن روانو ٿي ويو. سج ڪَني ڪڍي رهيو هو. رستن تي ٿوري ماڪ پيل هئي، تنهن ڪري دز جميل هئي. پکي آس پاس منٺڙيون ٻوليون ٻولي رهيا هئا. رحموءَ جي مَنهَ جي آسپاس جهرڪين جو آواز ٿي آيو.

رحمو ماٺ ڪيون پٽ کي ٽيڪ ڏيون ويٺو هو، ڦوڪ پري ٿورو ڪنگهيو ٿي، وري خيالن ۾ گم ٿي پئي ويو.

"اج منهنجو ممو جوان هجي ها." هن پٽڪي حقي مان ڦوڪ پري. دونهين سان گڏ هن جي اندر جي آهه به فضا ۾ پکڙجي وئي. "پوءِ مون کي ڪهڙي پرواهه هئي، ابي ڏاڏي وارو هنر هٿ ڪري وٺي ها. مان سندس شادي ڪرايان ها." هو ٿورو مرڪيو ۽ وري سوچڻ لڳو. "سندس شاديءَ ۾ ڏاڍا شادمانا ٿين ها. ڪنول جهڙي ڪنوار منهنجي ويڙهي اچي ها. منهنجي سڄي اڱڻ ۾ چانڊوڪي پکڙجي وڃي ها. پوءِ گلن جهڙا ٻار طوطن جهڙيون ٻوليون ٻوليندا بابا، بابا ڪري ڳرانڙي پائي منهنجي جهوليءَ ۾ ويهن ها."

اوچتو بگي سندس مَنهَ جي سامهون اچي بيٺي. بگيءَ جي چيچاٽ ۽ گهوڙي جي هٽڪات سندس خيالن کي ٽوڙي ڇڏيو. هن ڪنڌ مٿي ڪري ڏٺو. وڏيرو احمد علي سندس سامهون بيٺو هو. هن منهن ٻئي پاسي ڦيرائي ڇڏيو.

"رحمو" وڏيري آهستي چيو، "اج آءٌ تنهنجي در تي سوالي ٿي آيو آهيان."

رحمو ماٺ ڪيو ويٺو هو، ڄڻ پٿر جو بت هو.

”رحمو، منهنجي پٽ کي نانگ کائي وڌو آهي.“

”نانگ کاڌو آهي!“ رحموءَ کان رڙ نڪري وئي.

”ها، ان کي نانگ کاڌو آهي، ان جي حياتيءَ ۽ موت جو سوال آهي.“

رحموءَ کان ٿڪ نڪري ويو، ”مان ڇا ڪريان؟“

”تون مون سان گڏجي هل، تون سندس علاج ڪري سگهين ٿو، تون ئي زهر ڪڍي سگهين ٿو.“

”نه، آءٌ نه هلندس.“ رحموءَ رکي آواز ۾ وراڻيو.

”آءٌ توکي پئسا ڏيندس.“

”پئسا!“ رحمو کلڻ لڳو، ”ڪيترا پئسا؟“

”جيڪي تون چوندين، اهو توکي ملندو.“

”پٽ جي قيمت ڪيتري ٿيندي آهي؟“

”جيڪي تون مقرر ڪندين، مال، ملڪيت، ڏن دو! ت، بنيون ٻارا، جيڪي چاهين سو وٺ.“

”پٽن جي قيمت پٽ ڏيندا آهن وڏيرا.“ رحموءَ جواب ڏنو، ”توکي ياد هوندو، هڪڙي ڏينهن آءٌ به تنهنجي در تي ائين ئي سوالي ٿي آيو هوس. منهنجو پٽ به زندگيءَ ۽ موت جي ڇڪتاڻ ۾ هو، پوءِ تو مون کي ...“

”رحمو، مون کي سڀ ياد آهي!“

”تنهنجن ٽورن پئسن جي ڪري منهنجي پٽ جي حياتي بچي پوي ها. تون امير آهين، تنهن ڪري ڏوڪڙن سان پنهنجي پٽ جي حياتي خريدڻ ٿو چاهين، مان غريب هوس. ان ڪري پنهنجي پٽ جي حياتي وٺي نه سگهيس.“ رحموءَ چيو.

”مون کان غلطي ٿي آهي.“

”امير جي غلطيءَ ڪري پل غريب جي زندگي وڃي ته وڃي. منهنجي ڇاتي کولي ڏس... ان ۾ هڪ پراڻو گهاءُ آهي جو هاڻي ناسور ٿي ويو آهي. اهو گهاءُ هر روز ڇڪندو آهي، اڄ جڏهن تنهنجي اندر ۾ به گهاءُ ٿيندو، تڏهن توکي ان جي سور جو پتو پوندو.“ رحموءَ جو آواز زيرجي آيو.

”آءٌ توکان معافي ٿو گهران، ان جو بدلو ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، جيئن تون چوندين، تيئن آءٌ ڪندس.“

”جي تون مون کي پنهنجو پٽ ڏئي سگهين ٿو ته ڏي، ٻيءَ حالت ۾ آءٌ توسان گڏ هلي نٿو سگهان. جهڙي ريت تو مون کي نراس موٽايو هو، اهڙيءَ

طرح اڄ تون بہ نااُميد وڃ."

وڏيري احمد عليءَ جا چهہ ڇڄي پيا. ڪجهہ وقت تہ ماٺ ڪيون ويٺو رهيو. ڳوڙهن جون لا رون سندس اکين مان ڪِري سندس ڇهري ڪي پسائيندي يون هيٺ ڪِرڻ لڳيون. سندس ڳوڙهن خشڪ ڇپن جي ڏرتي ڇُهي ورتي. پوءِ هوريان هوريان ٻڳيءَ ڏانهن وڌيو ۽ ٻڳي آهستي آهستي هلڻ لڳي.

رحموءَ جي اڳيان وڏيري جي پٽ جي صورت اچي بيٺي ۽ ٿوري دير کان پوءِ اها مموءَ جي صورت ۾ تبديل ٿي وئي. "ٻچڙا." رحمو رڙ ڪري روئڻ لڳو. "توکي بچائي نہ سگهيس."

"نظر حسين کي بچائي سگهين ٿو. اهو بہ تہ آءٌ آهيان ٻچڙو. ڪنهن جي حياتي ونڻ کان ڪنهن کي حياتي ڏيڻ بهتر آهي. بابا اميرن جو ڪم حياتي ونڻ آهي. پاڻ غريبن جو ڪم حياتي بخشڻ آهي. تون ڪيس حياتي بخش. اهو نظر حسين نہ آهي. ممو آهي. بابا. مون کي بيهر موت کان بچاءِ ... بچاءِ ...!"

رحمو رڙ ڪري پڳو. "نہ نہ. مان توکي مرڻ نہ ڏيندس."

هو منهہ چڏي. رستي تي ڊوڙڻ لڳو. سندس اڳهاڙن پيرن جا نشان عظيم انسانن جي يادگارن وانگر ماڪ تي پئجي رهيا هئا. "وڏيرا! ٻڳي روڪ. آءٌ توسان گڏ هلندس. تنهنجي نظر حسين کي. پنهنجي مموءَ کي وري مرڻ نہ ڏيندس. وڏيرا. مون کي ڪجهہ نہ کپي. مون کي تنهنجي پٽ جي حياتي کپي. پٽن جي قيمت پٽ ٿيندا آهن."

رحمو پوئين گديءَ تي احمد عليءَ سان گڏجي ويٺو ۽ ٻڳي ڳوٺ ڏانهن ڊوڙڻ لڳي.

# سوڍا توگر ساهہ

ڪلاس ختم ٿيو، تہ ڪلاس، شاگردن جي ڳالهائڻ ۽ ٽهڪن سان گونجڻ لڳو، ائين جيئن گاڏي ڇُٽي وڃڻ کان پوءِ ريلوي پليٽ فارم تي گوڙ لڳو پيو هوندو آهي، جتي هرڪو پنهنجيءَ ڌن ۾ پورو هوندو آهي. سوڍو ۽ عزت هوريان هوريان ڪلاس کان ٻاهر نڪتا. "شاهہ جو مطالع" جو پيرڊ هو. هونئن تہ يونيورسٽيءَ جا شاگرد، ڪلاسن ۾ گهٽ ڪاربدار، لان ۽ ڪيفي ٽيريا ۾ وڌيڪ ڏسڻ ۾ ايندا آهن. يونيورسٽيءَ ۾ سندن چاهہ پڙهائيءَ کان وڌيڪ سياست ۽ رومانس ۾ هوندو آهي، پر شاهہ لطيف سان عقيدت ۽ سندس ڪلام بابت وڌيڪ ڪجهہ ٻڌڻ لاءِ، هن پيرڊ ۾ ڪلاس پرجي ويندو آهي. ڪلاس ۾ اڄ پروفيسر سُر مارئيءَ تي ڳالهايو. هن مارئيءَ جي وطن، ماروئڙن ۽ ڪيٽ سان محبت تي ڀرپور بحث ڪيو هو. تنهن ڪري ڪلاس ختم ٿيڻ کان پوءِ، گهڻا شاگرد پاڻ ۾ مارئيءَ جي ڪردار بابت ئي ڳالهائي رهيا هئا.

سوڍو ۽ عزت ڪاريڊار ۾ هوريان هوريان هلندا رهيا.

"سوڍا!" عزت چيو، "مارئيءَ کي پنهنجي ملير سان محبت هئي؟"

"ڏاڍي." سوڍي وراڻيو.

"۽ پنهنجي ماروئڙن سان؟"

"انهن سان بہ هن کي ڏاڍي محبت هئي."

"۽ ڪيٽ سان؟"

"ڪيٽ سان تہ هن لائون لڏيون هيون."

"لائون لهڻ هڪ ڳالهہ آهي، محبت هجڻ ٻي ڳالهہ آهي."

"ڪيٽ سان بہ هن کي محبت هئي. شاهہ چوي ٿو:

سنهيءَ سُئيءَ سبيو، مون ماروءَ سين ساهہ."

ان تي عزت چيو:" ڪيٽ سان ايڏي محبت هوندي بہ، مارئيءَ کي

ڪيت ڪان وڏيڪ وطن ۽ وطن وارن جي وائي هئي. هن جو جهجهڻ ۽ جهرڻ ملير چاون لاءِ هو. هن جو روح ۽ راڙوڏِٽ ۽ پٽ، ڪاٺرِ ۽ پاٺر لاءِ هو. هن ڪي ڪٿي بہ ڪيت لاءِ ڪِپَتِ ۽ ڪِجاٺي ڏسڻ ۾ نہ ٿي اچي.“

هو مارئيءَ جي ڪردار بابت ڳالهائيندا، آرٽس فيڪلٽي جي بلڊنگ مان ٻاهر نڪري آيا. ٻاهر بيٺل سنجهيءَ ۾ نم جي شاهي وڻن جي ڇانو هيٺان بيهي، ڪئمپس کان شهر ڏانهن ويندڙ بس جو انتظار ڪرڻ لڳا. وڻن جو ٽاريون وقت ايتريون وڌائي وڌيون ڪري ڇڏيون آهن، جو وڻ تنبو ٿي پيا آهن. نتهڻ اُس ۾ وڻن جي ڇانوَ کين وڻندڙ ۽ فرحت ڏيندڙ ٿي لڳي.

سوڍي جون اکيون عزت جي ڇهري ڏانهن ور ور ڪجي ٿي ويون ۽ ور ور ڪجڻ ڪان پوءِ بہ ڍايون نٿي، جڻ تہ اُهي ڪو اهڙو گهاگهہ موالي هيون، جو پيالي تي پيالي پيئڻ کا ن پوءِ بہ ”آڻ، آڻ“ جي صدا هڻندو هجي. عزت جون اکيون بہ سوڍي جي ڇهري ڏانهن ڪجي ٿي ويون، پر جهٽ واپس موٽي ٿي آيون، جڻ اُهي اهڙو الهڙ چور هيون، جو پڪڙجڻ جي ڀئو کان سٽ هڻي، جيڪو هٿ لڳو هجيس، سو ڦٽائي ٽڪڙو ٽڪڙو ماڳ موٽندو هجي.
سوڍو ۽ عزت بس جي انتظار ۾ بيٺا ئي هئا تہ هوا شروع ٿي وئي. وڻن جا پن، جي هونئن ماٺ هئا، ائين آواز ڪرڻ لڳا، جڻ ڇيريون پائي نچندا هجن. وڻن جو ٽاريون ائين لڏڻ ۽ لمڻ لڳيون، جيئن شرابي نشي ۾ جهومڻ لڳندو آهي. پهريان هڪڙو ڪڪر انهيءَ ٻار وانگر ٽڪڙو ٽڪڙو ڊوڙندو آيو، جيڪو ٻارن کي ڪنو ڪرڻ لاءِ اسڪول جي اسيمبليءَ جو گهنڊ وڄائيندو آهي، پوءِ اسڪول جي مختلف ڪلاسن جي ٻارن وانگر سُرمائي ۽ ڪاريون ورديون پاتل ڪڪر هڪ ٻئي جي پنيان پڇندا آيا ۽ اُپ ۾ ائين بيهي رهيا، جيئن اسيمبليءَ ۾ بيٺل شاگردن جو ميڙ هوندو آهي. گهڙيءَ ڪانپوءِ ڪڪرن جو ڪڙڪو اسيمبليءَ ۾ بيٺل شاگردن جي ترانې وانگر چوڦير پکڙجي ويو.

”پوسٽ کان پوءِ تڏي هوا جو جهونتو جيءَ کي جياري ٿو ڇڏي.“ عزت چيو. ”ڪيتري وقت ڪان گهُٽ هئي.“

سوڍي چيو: ”هر وڏي گهُٽ ڪان پوءِ، آنڌاريءَ جو امڪان هوندو آهي.“

ايتري ۾ هڪ ڦڙي اُپ مان هيٺ ڌرتيءَ تي ڪري. ڏينهن جي لوساٽيل ۽ تاسايل ڌرتي ان کي ائين ٽڪڙو ڇهي ورتو، جيئن روزي کولڻ وقت روزائت پاڻي ڏوگهيندو آهي. ڦڙي آڌيي جيڏي گول دائري ۾ پکڙجي وئي.

”مينهن جا قطرا بادلن ۾ رهن تہ بيڪار شيءِ هجن.“ عزت چيو.

”ڪيڏا نہ خوش نصيب آهن اُهي مينهن جا قطرا، جيڪي سپ جي سيني ۾ سمائجي موتي بڻجي ٿا پون.“ سوڍي چيو.

”نہ سوڍا نہ، خوش نصيب آهن اُهي مينهن جا قطرا، جي اُپ مان هيٺ اچي سوڪهڙي جي ستايل ۽ اُڃايل ڌرتيءَ جي اُڃ اُجهائين ٿا. پوءِ چوطرف ساواڻ، سرهاڻ ۽ سرهائي ڦهلجي وڃي ٿي. ڪيترن ۾ اَنَ ۽ باغن ۾ ميوو پيدا ٿئي ٿو. پکين جي بک لهي ٿي ۽ هر ڪنهن جي گهرج پوري ٿئي ٿي.“ عزت ڳالهائيندي چيو، ”اهو قطرو جو موتي بڻجي ٿو، اهو اميرن جي زيب ۽ زينت ڪي ڏسجي ٿو، ان مان عوام کي ڇا هٿ حاصل.“

ايتري ۾ مينهن تيز ٿي ويو، جنهن عزت ۽ سوڍي ٻنهي کي ڀڄائي ڇڏيو. ٻئي تڪڙيون وکون کڻندا آرٽس فيڪلٽيءَ جي لان ۾ اچي بيٺا. مينهن جا قطرا عزت جي ڪارن وارن مان ٽم ٽم ڪري وهي رهيا هئا. سوڍي کي ائين لڳو، ڄڻ واسينگن جي وات مان وهہ وهندو هجي. سوڍي جو مينهن پنل منهن، عزت کي ائين لڳو، ڄڻ لڪيءَ جا برسات ۾ ڌوتل پهڻ. هن دل ۾ چيو:“ مرد جسم ۽ ارادي ٻنهي ۾ پهاڙ هئڻ گهرجي، جهڙو ڪوهيارو.“

بس آرٽس فئڪلٽي جي سامهون اچي بيٺي. ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون تڪڙا تڪڙا بس ڏانهن ڊوڙيا، جهٽ پل ۾ بس ائين ڀرجي وئي، جيئن سيمينٽ فئڪٽري وارا ٽرڪن کي سيمينٽ جي ڳوڻين سان سٿيندا آهن. بس هلي، يونيورسٽي ۾ ٿوري ٿوري مفاصلي تي رينجرس جا سپاهي، مليشيا جا ڪپڙا پهريون، هٿن ۾ رائيفلون جهليون بيٺا هئا.

”يونيورسٽي آهي يا جيل خانو.“ هڪ شاگرد رڙ ڪئي.

”سارو ملڪ جيل خانو آهي.“ ٻئي شاگرد وراڻيو.

”رات بہ هاسٽل تي ڇاپو هنيو اٿائون.“

”ڪو پڪڙيو؟“

”گهڻن کي سلهاڙي ويا.“

”پل سلهاڙن، ڏاڍ جو حساب ڏاڍ وارن کي ڏيڻو پوندو.“

”هاڻي اسان جي ڌرتي جاڳي پئي.“

بس ۾ ويٺل شاگرد، سياسي ڏاڍ خلاف نفرت ۽ بيزاريءَ جو اظهار مختلف لفظن ۽ مختلف نمونن ۾ ڪندا رهيا. بس جيل جي سامهون

اچي بيٺي.

"اڳي پوءِ جيل جو منهن ڏسڻو آهي، هاڻي ئي ڏسي ونو." هڪڙي شاگرد وڏي آواز سان چرچو ڪندي چيو.

بس ۾ ٽهڪڙو پئجي ويو. بس مان ڪجھ شاگرد هيٺ لٿا، جن ۾ عزت ۽ سوڍو نہ هئا.

هڪ شاگرد رڙ ڪئي، "اسان کان اڳ ڪڍيو پيا وڃن."

ٻئي چيو، "ڪاڏي؟"

ٻئي چيو، "جيل."

وري بس ۾ ٽهڪڙو پئجي ويو ۽ بس هلي وئي.

"عزت!" سوڍي چيو.

"جي." عزت وراڻيو.

"شعر لکيو اٿم."

"پوءِ؟"

ٻڌندين؟"

"مفت ۾ بور نہ ٿيندس." عزت مرڪندي چيو. "ڪجھ کارائيندين پيارينديں تہ پوءِ سزا سهنديس."

"جيئن چوندين، تيئن ڪندس."

ٻئي آهستي آهستي هلندا مدوي هوٽل ۾ هليا ويا. مدوي هوٽل جو ماحول پرسڪون هو. چوطرف هلڪي روشني هئي. ائين لڳي رهيو هو، ڄڻ بلبن بجاءِ ميڻ بتيون ٻري رهيون هيون. برسات سبب هوٽل خالي هو. هڪ اڌ ٽيبل تي ماڻهو هئا، جي پنهنجين ڳالهين ۾ مشغول هئا.

"چا پيئندين، چا کائيندين؟"

"سزا وقت جي زبان موجب ٿيندي." عزت چيو، "وڏو شعر وڏي سزا، ننڍو شعر ننڍي سزا." سوڍي ٻنهي کي سڏ ڪيو.

"منهنجو خيال آهي سزا شعر ٻڌڻ کان پوءِ شروع ٿئي. چانھ جو دور بہ هلي ۽ شعر تي تبصرو بہ ٿئي." عزت چيو.

سوڍي ٻنهي کي چانھ ۽ چڪن پيٽس آٽڻ جو آرڊر ڏنو، پر ٿوري وقت کان پوءِ.

"ننڍو شعر آهي، ننڍي سزا." سوڍي مرڪندي چيو، "شعر سُر سان ٿئي يا بي سُرو؟"

”سر سان پڙهي چو تو هوٽل وارن کي هرج ۾ وجهين، سڀ گراهڪ ڀڄي ويندا.“

سوڍو ۽ عزت ٻئي کلڻ لڳا.

”چڱو، ٻي سُروتو پڙهان:
نہ عبادت سان نہ بندگي سان آهي،
نہ راحت سان نہ خوشي سان آهي،
نہ حياتي سان نہ زندگي سان آهي،
بس فقط توسان محبت آهي.
چنڊ ۾ تون ۽ ستارن ۾ تون آن،
تون گلن ۾ آن بهارن ۾ تون آن،
منهنجي سپنن ۽ خيالن ۾ ترِن آن،
بس فقط توسان محبت آهي.“

جيئن جيئن سوڍو شعر پڙهندو ٿي ويو، عزت کي نيڻهن جو نشو چڙهندو ٿي ويو. هڪ نوجوان ڇوڪري، هڪ نوجوان ڇوڪري جي واتان، جنهن سان هن کي محبت هجي، عشق جو ايترو ۽ اهڙو اظهار ٻڌي، پنهنجي سُڌ ٻُڌ وڃائي ويهي ٿي. عزت بہ ان وقت اهڙي خمار ۾ هئي. سوڍي شعر پڙهي پورو ڪيو تہ ٻئرو چانهہ ۽ پيٽس کڻي آيو. سوڍي جي مرضي هئي تہ عزت شعر تي تبصرو شروع ڪري، پر عزت ڪوپن ۾ چانهہ وڌي، کير لاتو، کنڊ وجهي هڪ ڪوپ سوڍي اڳيان ڪيو. سوڍي پيٽس جي پليٽ اڳيان وڌائي. ڪجهہ دير ٻنهي پاسي ماٺ هئي.

نيٺ سوڍي ماٺ کي ٽوڙيندي چيو: ”ڪجهہ تبصرو!“

”شعر، شاعريءَ جي خيال کان ڏاڍو سٺو هو.“

”مهرباني.“

”شعر ۾ اهي سڀ خوبيون هيون، جيڪي هڪ سٺي شعر ۾ هجن پر ...“ عزت ماٺ ٿي وئي.

”پر ڇا؟“ سوڍي اُتاولو ٿيندي چيو.

”شعر ۾ هڪ انسان سان محبت جو اظهار هو.“

”محبت ئي تہ زندگي آهي.“

”هڪ فرد سان محبت دماغ جو خلل آهي، ڇئن ڏينهن جو چٽڪو آهي، جو شاديءَ رات ئي ختم ٿي وڃي ٿو.“

" ائين ناهي، محبت شاديءَ کان پوءِ نئون روپ وٺي ٿي."

"سوڍا، اسان کي اسان جي ڌرتيءَ سان محبت هئڻ گهرجي. توکي ڌرتيءَ جا گيت ڳائڻ گهرجن. تو ۾ جو قومي جذبو آهي، ان کي ٻين ۾ بيدار ڪرڻ گهرجي. اسان جنهن قومي پيڙا مان گذري رهيا آهيون، ان جو اظهار ڪرڻ گهرجي. تنهنجو ڌرتي ۽ ڌرتيءَ جي ماڻهن سان محبت ڀريل شعر وطن وارن جي دلين کي گرمائيندو، سجاڳي ۽ انقلاب جي باهه ڀڙڪائيندو."

ائين چوڻ کان پوءِ عزت ماٺ ٿي وئي، سوڍو به ماٺ رهيو. ٻل ڏئي ٻئي اُٿيا. ٻئي سانت، تلڪ چاڙهي هيٺ لٿا.

"چڱو سوڍا! " عزت هوريان چيو، جڻ سندس واتان اُهي اکر، جن ۾ جدائي جو سنيهو سمايل هو، نڪتا ئي نٿي.

"سياڻي ته ايندينءَ نه؟"

"مان پرينهن به ايندس." عزت وراڻيو. هن چوڻ چاهيو ٿي ته جيسين تون ايندين، تيسين مان ايندس، تا قيامت ايندس. پر اهي لفظ هن جي چپن تي ٿڙڪندا ئي رهيا.

آڌيءَ رات جو وقت هو. سوڍي جي گهر جي در تي بلڪل هوريان ڪنهن نڪ نڪ ڪئي. سوڍو جو اڃا جاڳيو ٿي، ٽپ ڏئي اٿيو. هوريان در کوليائين، ٻاهر جانو جکراڻي بيٺو هو.

"اچي وئين؟"

"ها."

"سچل ڪٿي آهي؟"

"سامهون وڻ جي هيٺان بيٺو آهي."

سوڍي سامهون ڏٺو. هن کي پپر جي گهاٽي وڻ جي هيٺان هڪ اونداهو پاڇو ڏسڻ ۾ آيو.

"سامان تيار آهي؟" جانوءَ سرٻاٽ ڪيو.

"سڀ تيار آهي."

"پوسٽر؟"

"اُهي به."

سوڍو تڪڙو گهر اندر ويو ۽ جهٽ ۾ پوسٽر ۽ ٻيو سامان کڻي ٻاهر نڪتو. اونده ۾ ٽي پاڇا سنهين گهٽين ۾ گم ٿي ويا.

ٻن ڏينهن کان پوءِ پرهه هئي ته عزت اٿي. چانهه ناهي، چانهه جو ڪوپ کڻي آئي. ايتري ۾ اخبار وارو در جي وٿيءَ مان اخبار اڇلي ويو. عزت اخبار کڻي. هن جون اکيون خبرن تي تيزگام وانگر هلي رهيون هيون. جهڙيءَ طرح تيزگام ننڍيون ننڍيون اسٽيشنون ڇڏيندي ويندي آهي ۽ وڏين اسٽيشنن تي دم پٽيندي آهي، تهڙيءَ طرح هن جون اکيون غير اهم خبرن کي ڇڏينديون تي ويون ۽ اهم خبرن تي بيهي تي رهيون. هن جون اکيون هڪ خبر تي بيهي رهيون: "ٽي تخريبڪار گرفتار" هن خبر پڙهڻ شروع ڪئي. "ڊي سي حيدرآباد طرفان پڌرو ڪيو ويو آهي ته پوليس ٽن تخريبڪارن سوڍو سمون، جانو جکراڻي ۽ سچل سومري کي تخريبڪاريءَ جي ڪارگذارين ۾ سڀ سوڌو گرفتار ڪيو آهي. ٽيئي تخريبڪار سرڪار کي مختلف سنگين تخريبڪاريءَ جي ڏوهن ۾ گهربل هئا."

اها خبر پڙهي عزت جون اکيون ائين کليون رهيون، جيئن ڪن مئي جون اکيون موت کان پوءِ به کليل ئي هونديون آهن. هن حويليءَ جي پراڻي شهتير وانگر ڪرسيءَ تي اچي ٿهڪو ڪيو.

پوليس ٽنهي شاگردن کي گرفتار ڪري تفتيش لاءِ سکر سينٽرل جيل وٺي وئي ۽ هو اتي الزامن جي وڏيڪ چنڊچاڻ ۽ جاچ جوچ کان سواءِ ائين بند رهيا، جڻ نٽي جي مغل نوابن جا باندي هئا.

قيد ۾ پيا ته پڃري ۾ نون قاتل پکين وانگر ٿورن ڏينهن کان پوءِ جيل کي پنهنجو گهر ڪري ويا، پر سوڍو ڪنهن غريب جي جهوپڙيءَ جي ڏيئي وانگر هر وقت وساڻل وساڻل رهيو. هن کي هر وقت عزت جي جهوري لڳل هئي. هو هر ساهه جو اندر کڻندو هو، ان ۾ عزت ئي سمايل هوندي هئي. رات جو جڏهن تارا ڪڙندا ۽ چنڊ چڙهندو هو ته چنڊ کي ڏسي سوچيندو هو:" هي چنڊ ستارا جي هٿي چمڪي رهيا آهن، عزت جي اڱڻ تي به چمڪندا هوندا ۽ پنهنجين اکين کي عزت جي ديدار سان ٺاريندا هوندا." پرهه جو جڏهن ٿڌڙي هير گهلڻ لڳندي هئي، ته هو ائين محسوس ڪندو هو، جڻ اها عزت جي زلفن جي خوشبو پاڻ سان گڏ کنيو آئي آهي. ڪڏهن ڪڏهن جيل جي ديوارن تي وينل ڪانگ کي عزت ڏانهن سنيها ڏيڻ شروع ڪندو هو. دل ۾ چوندو هو. جيڪڏهن حيدرآباد جي جيل ۾ هجان ها ته، عزت ضرور ملڻ اچي ها ۽ ملندي رهي ها، پوءِ ايندڙ ملاقات جي آسري سمورو وقت گذري وڃي ها. سوڍي کي پڪ هئي ته جي

عزت هتي نٿي اچي سگهي تہ. هن جو خط ضرور ايندو. جانو ۾ سچل، سوڍي کي گهڻو سمجهائيندا هئا تہ هڪ قومي جوڙي کي محبت ۾ ايترو مبتلا ٿيڻ نہ گهرجي جو قومي هلچل کي وساري پيار جي پڃري جو پکي بڻجي وڃي.

هڪڙي ڏينهن جيل جي سپاهي هن کي خط آڻي ڏنو. هو خط تي لکيل اکرن مان سمجهي ويو تہ عزت جو خط هو. هن بيتاب اکين، ڌڙڪندڙ دل ۾ ڌڪندڙ هٿن سان خط کوليو. خط ۾ لکيل هو:

سورهيہ سوڍا!

توتي سو سلام!

تنهنجي گرفتاريءَ جي خبر پڙهي خوشي ٿي. قيد ۾ بند گڏهن گهوڙن لاءِ نہ پر شينهن لاءِ ٿيندا آهن. ڪانون ۾ ڪبرين کي نہ، پر اوچي اُڏام وارن شهبازن جي پيرن کي رسين ۾ جڪڙيو ويندو آهي. وطن جي يلي لاءِ جنگ جوٽيندڙ سورمن لاءِ قيد بند، سختيون ۽ سوريون ڏاج آهن. ڪن کي تہ قرباني ڏيڻي پوندي، جيئن ڪاڪ جو ڪنڌ ۾ مهراڻ جو منهن مٿي ٿئي. ڏيهہ تان ڏک، ڏمر ۾ ڏولاوا ڏور ٿين. هاڻي مان يونيورسٽيءَ جي شاگردن ۾ تنهنجو نالو فخر سان وٺي سگهنديس. هي قيد جا ڏينهن ٿورا آهن، اسين وري جلد ملنداسين.

فقط

عزت

سوڍي خط پڙهيو، وري پڙهيو، عزت جو خط ڪو دعا يا وظيفو هو، جنهن کي هن بار بار ٿي پڙهيو. هو جڏهن انهن اکرن تي پهتو ٿي تہ ”اسين وري جلد ملنداسين“ تہ هن کي سرهائي حاصل ٿي ٿي. سوڍي قلم کنيو، پنو کنيو ۽ عزت ڏانهن خط لکيو. خط جي مٿان لکيائين:

”جي ڪر لڏائون، تہ بنديءَ بند نہ ساريو.“

منهنجي عزت!

محبت ڀريو سلام!

قيد ۾ تنهنجو خط منهنجي لاءِ وڏو آٿت آهي. قيد جي هر گهڙي تنهنجي ياد سان سينگاريل آهي. تون مون وٽ نہ آهين، پوءِ بہ توسان ڳالهيون ڪندو رهندو آهيان. مون کي ٻي ڪائي بہ ياد نہ آهي، بس تنهنجي وائي وات آهي. تنهنجي وڇوڙي جي هر گهڙي سالن برابر آهي،

خبر نہ آهي، تہ ڪڏهن هي جدائيءَ جو سمو پورو ٿيندو ۽ منهنجون اکيون تنهنجي ڏسي ڏٺيءَ جو شڪر ڪنديون.

تنهنجو فقط تنهنجو

سوڍو

سوڍي ۽ عزت جي وچ ۾ خطن جو سلسلو هلندو رهيو. سوڍي جا خط ڏکي ڪان ڏکيا ٿيندا ويا، جن ۾ صرف عزت جي محبت جو ذڪر هو. ڪجهہ وقت کان پوءِ عزت طرفان خطن جي اچڻ جو سلسلو گهٽبو ويو ۽ پوءِ بند ٿي ويو. خطن جي دير ۽ پوءِ بند ٿي وڃڻ سبب سوڍو ڏاڍو اداس رهڻ لڳو. هن جو من وڏيڪ مونجهو ٿي ويو. جيل جي پهاڙ جهڙين مضبوط ۽ آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ پٿين ڏانهن ڏسي هن کي مايوسي ورئي وٺندي هئي. هو چاهيندو هو تہ اهي ديوارون ٽوڙي هو عزت وٽ وڃي.

پورن ٽن سالن کان پوءِ سوڍي، جانوءَ ۽ سچل کي آزادي ملي. جيل مان ٻاهر نڪرڻ سان، سوڍي هڪ وڏو ساهہ کنيو. آزاديءَ جو ساهہ. هن کي ائين لڳو، ڄڻ قيد جي پابند هوا بجاءِ آزاد هوا سان هن جا ڦڦڙ ڀرجي ويا هئا. هن چوطرف نظر ڪئي، هن کي وڻ ٽڻ، پکي پکڻ، روڊ رستا قيد جي پابندي کان آزاد ڏسڻ ۾ آيا. هن جي دل عزت لاءِ آتي هئي. حيدرآباد ۾ پهچڻ شرط، گهٽي اڻ ٽڻ ۽ امنگ سان هو عزت جي گهر وٽ پهتو. هن جي دل اُڇلون کائي رهي هئي. هن در تي لڳل گهنٽيءَ جي بٽڻ کي زور سان دٻايو. هن جون اکيون عزت جي آمد جو انتظار ڪرڻ لڳيون. هن جي دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي، هن جا ساهہ تڪڙا تڪڙا کڄڻ لڳا. در کليو، عزت جي ننڍي ڀيڻ ٻاهر نڪري آئي.

”سوڍا تون!“

”عزت؟“

”تنهنجي لاءِ خط آهي.“ ائين چئي عزت جي ڀيڻ اندر هلي وئي، جهٽ ۾ هڪ خط کڻي آئي سوڍي کي ڏنائين. سوڍي لفافي ڏانهن ڏٺو، اکرن ڏانهن ڏٺو. عزت جو خط هو، پر خط ڇو؟ هن کي ڊڪروني ويا. هن خط کوليو:

سرويچ سوڍا!

توتي سَو سلام!

تنهنجا خط ملندا رهيا، خط نہ هئا عشق جا داستان هئا. هڪ انسان

جو بڻي انسان سان عشق. جنهن دور مان اسين گذري رهيا آهيون، ان دور ۾ سيني عشقن کان وڌيڪ اسان کي پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجن ماڻهن سان عشق هئڻ گهرجي. زماني جا عشق پاڻيءَ جي ڦوٽي مثل جهٽ پل لاءِ آهن، جن ۾ حرص ۽ هوس جي هوا ڀريل آهي. پنهنجي ڌرتي ۽ ان جي ماڻهن جو عشق امر آهي. تو ڏٺو هوندو تہ قيد ۾ توسان گڏ تو جهڙا ٻيا ڪيترا سورما بہ هئا. جي اُهي سڀ تو وانگر پنهنجي ڌرتيءَ جي عشق کي ڇڏي، شخصي محبتن ۾ مبتلا ٿي وڃن تہ پوءِ هيءَ ڌرتي نڌڻڪي ٿي پوندي. توهان هن ڌرتيءَ جا ڌڻي آهيو. توهان کي صرف ۽ صرف هن ڌرتيءَ سان، هن ڌرتيءَ جي ماڻهن سان محبت ڪرڻي آهي ۽ صرف انهن جو ٿي رهڻو آهي. اسان کي پنهنجين شخصي محبتن جي قرباني ڏيڻي آهي. ورڻ جي چانوَ هيٺ گهڻا ويهي سگهن ٿا، پر دل ۾ صرف هڪ. مان چاهيان ٿي تہ تنهنجي دل ۾ صرف هڪ محبت هجي ۽ اها پنهنجي ڌرتيءَ ۽ ان جي ماڻهن جي هجي. تون مون وٽ هن ڌرتيءَ جي امانت آهين، مان هن ڌرتيءَ جي امانت ان کي موٽائي ٿي ڏيان. مان توکان پري ... پري... بلڪل پري وڃي رهي آهيان.

ڌرتيءَ جي ڌيءَ

عزت

پاگوبیو

# بلو دادا

# ديباچو

هن ترقي پسند دور ۾ جتي هر صبح جو پهريون ڪرڻو هڪ نئين عالمي خطري جو پيغام کڻي اچي، جتي آزاديءَ جي طلبگارن کي هر روز گولين جو نشانو بنايو وڃي، جتي مانيءَ ٽڪر جي عيوض انسانن کي مشينن وانگر وهايو وڃي ۽ جتي انسانن کي حيواني سطح تي زندگي گذارڻ لاءِ مجبور ڪيو وڃي، اتي ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن جهان دوست فلسفي جي پر امن پيغام، ڪنهن دردمند شاعر جي دلگداز نغمي ۽ ڪنهن صداقت پسند افسانہ نگار جي ناقدانہ اشارن تي ٺٺوليون ڪيون وڃن. اهڙي اضطرابي ماحول ۾ صحتمند مفڪرن ۽ حساس فنڪارن جي خاموشي بجاءِ خود هڪ عظيم نقصان آهي، جنهن جي تلافي مادي جدليات ۽ جوهري توانائي، هزار ڪوشش جي باوجود ڪري نٿيون سگهن.

اسين پنهنجي سوسائٽيءَ ڏانهن نهاريون ٿا تہ وک وک تي صداقت کي پشيمان، شرافت کي پريشان، انصاف کي سر بہ گريبان ۽ انسانيت کي حيران ڏسون ٿا. جتي لک چوري آندل سون جي هڪ تولي تي انصاف خريد ڪري سگهجي، اتي سماجي بي انصافين جي موجودگي تعجب خيز نہ آهي. اوهين پڇو ٿا تہ غريبن جي جهوپڙين ۾ اونده ڇو آهي؟ ظلم ۽ تشدد جي انهن محلن ۾ جهاتي پائي ڏسو جتي چراغن جي جهومر ۾ رقص ۽ سرود جون محفلون گرم آهن. مزدورن ۽ هارين جي خود غرض رهنمائن کي ڏسو، جي چراغن جي روشنيءَ ۾ پنهنجي اقتدار جي منزل ڳولي رهيا آهن. غرض تہ انسانيت زندگيءَ جي هر راه تي، ڪٿي مزدورن جي بوسيده لباس ۾، ڪٿي هاريءَ جي ڦاٽل وڳي ۾، ڪٿي ڪنهن فنڪار جي بيڪسيءَ ۾، ڪٿي مظلومن جي آنهن ۽ دانهن ۾ ۽ ڪٿي اهل علم جي قابل رحم حالت ۾، ڪڏهن مايوس تہ ڪڏهن اشڪبار نظر اچي ٿي. انهن سيني جي مجبورين جو فائدو اسان جي سوسائٽيءَ جا

اهي ”معتبر“ ۽ ”معزز“ ونن ٿا جن کي شايد اهو پيدائشي حق حاصل آهي تہ هي انسانن جي هڪ گروهہ کي پنهنجي وقار ۽ سربلنديءَ لاءِ استعمال ڪندا رهن! اهڙي دردناڪ ماحول ۾ جتي انساني همدرديءَ جي جنس ناپيد هجي، اُتي اتحاد، اعتماد ۽ تنظيم جو ذڪر نہ هوندو تہ ٻيو ڇا هوندو؟ اهڙي فضا ۾ صلاحيتون صحرا جي گلن وانگر ختم ٿي وڃن ٿيون ۽ ڪو انهن ڏانهن اک کڻي بہ نہ ٿو ڏسي. سماجي بي انصافي لياقتن کي ظاهر ٿيڻ تہ ڇا پر اپرڻ بہ نہ ٿي ڏئي. ايمانداري جي راهہ ۾ بيشمار رنڊڪون حائل ٿين ٿيون. صداقت کي زهر جو پيالو پياري هميشہ لاءِ سمهاريو وڃي ٿو. حق گوئيءَ کي صليب تي چاڙهيو وڃي ٿو. جيڪڏهن ڪو معاشري جي بتن کي پيچڻ گهري تہ هن کي نذرِ آتش ڪيو وڃي ٿو. تلخ نوا نقاد کي شهر بدر ڪيو وڃي ٿو. بهر صورت اسان جي اجتماعي زندگيءَ هزارها خرابين جو هڪ مجموعو نظر اچي ٿي، جنهن کي اسين پنهنجي انفرادي زندگي ۾ تہ ضرور نند يون ٿا پر سماج جي هن وڏي وهڪري ۾ ڪکن ڪانن وانگر لڙهي وڃون ٿا.

اهي آهن معاشري جون رنگين تصويرون، جي افساني جي نگارخاني ۾ ڏار ڏار عنوانن سان نظر اچن ٿيون. ادب ۾ ڊرامي ۽ ناول کان پوءِ افسانو هڪ اهڙو زاويو آهي جتان اجتماعي زندگيءَ جون مختلف تصويرون نهايت صفائيءَ سان وني سگهجن ٿيون. ڪنهن ملڪ جا افسانا، ان جي معاشري متعلق گهڻو ڪجهہ ٻڌائي ويندا آهن. اهو ئي سبب آهي جو ادب ۾ ڪهاڻي يا افساني کي هڪ خاص اهميت حاصل آهي. افساني جو اسلوب ۽ مقصد وقت ۽ ماحول جي لحاظ سان تبديل ٿيندا ويندا آهن ۽ معاشري جي تبديلي سان افساني جو مزاج بہ ڦرندو ويندو آهي. هڪ فرض شناس افسانہ نگار، زندگيءَ جي ڪشمڪش ۾ مظلوم سان همدردي جو اظهار ڪري منجهس خود اعتمادي پيدا ڪري ٿو ۽ ساڳئي وقت ظالم مفاد پرست کي پنهنجي حرڪتن کان باز آڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هو افساني جي دلڪش پيرايہ ۾ زندگي جون تلخ حقيقتون پيش ڪندو آهي. هڪ فنڪار جي حيثيت ۾ زبان ۽ بيان جي خوبين سان گڏ فني خصوصيتن جو بہ لحاظ رکندو آهي. هڪ ڪامياب افسانہ نگار، افساني جي مقبوليت جو پوري طرح فائدو وٺي، عام مفهوم پر ادبي زبان ۾ انهن سماجي خرابين جي پاڙ پٽڻ لاءِ جدوجهد ڪري ٿو جن کي سياست ۽

سائنس جون شعبده بازيون ختم ڪري نٿيون سگهن.

افسانې ۽ افسانہ نگار جي اهميت معلوم ڪرڻ کان پوءِ جڏهن اسين پنهنجي افسانوي ادب تي نظر ڪريون ٿا تہ ادب جي ٻين شعبن وانگر افسانې ۾ بہ افراتفري جو عالم نظر اچي ٿو. نعري بازي، بازاري رومان، جذباتي هيجان ۽ جنسياتي بي راهہ روي کي افسانن ۾ پيش ڪري پڙهندڙن جي جذبات کي اپاريو وڃي ٿو ۽ اسان لاءِ دماغي عياشيءَ جو سامان مهيا ڪيو وڃي ٿو. اهڙن افسانہ نگارن کي ترقي پسند سڏي نٿو سگهجي، جيڪي ڪنهن سياسي مڪار وانگر، عوامي مسئلن تي محض نعري بازي ۽ جذبات کان ڪم وٺن ٿا. سنڌ جي موجوده افسانہ نگارن ۾ اوهان کي اهڙا ڪي ٿورا ملندا، جن جي افسانن کي فن، زبان ۽ افاديت جي لحاظ کان معياري سڏي سگهجي. انهن ڪن ٿورن بلند پايہ افسانہ نگارن مان اياز قادري، پنهنجي علمي سنجيدگيءَ جي لحاظ کان منفرد، موضوع ۽ مواد جي اعتبار کان يگانو ۽ ادبي معيار جي نقطہ نگاهہ کان ممتاز نظر اچي ٿو.

اياز سان منهنجي واقفيت 1949ع ۾ ٿي. ان وقت مون کي بہ شعر و شاعري جو تمام گهڻو شوق هو ۽ اياز تہ ادبي حلقن ۾ اڳي ئي متعارف هو، تنهن ڪري اسان جي گفتگو ادب، شعر ۽ تنقيد جي مختلف پهلوئن تي ٿيندي هئي. ڪراچيءَ جي علمي مجلسن ۽ مشاعرن ۾ نهايت گرمجوشيءَ سان شريڪ ٿيندا هئاسين. مون کي اياز ۾ پنهنجي دور جو هڪ عظيم شاعر نظر آيو، جنهن جي ڪلام ۾ زندگيءَ جي جهلڪ نہ پر خود زندگي جلوه فرما هئي. مون هن جي شخصيت جي آئيني ۾حسن اخلاق جو عڪس ڏٺو آهي. مون کي اياز ۾ هڪ اهڙو حساس انسان نظر آيو جنهن جي طبع سماجي بي انصافين کان مضطرب ٿي ويندي هجي، جنهن جي دل ۾ مظلوم لاءِ همدردي هجي، جنهن جو دماغ تعميري ڳالهيون سوچيندو هجي ۽ جنهن جون نگاهون وقت ۽ ماحول جا اشارا سمجهنديون هجن. هن جڏهن افسانا لکڻ شروع ڪيا تہ مون کيس افسانن ڏانهن مائل ٿيڻ کان جهليو. مون سمجهيو ٿي تہ جيڪڏهن اياز افسانن ڏانهن رخ ڪيو تہ اسان جو شعري ادب هڪ باڪمال شاعر جي زندگي بخش ڪلام کان محروم رهجي ويندو. جيئن جيئن وقت گذرندو ويو، مون کي اياز جي افسانن ۾ فن ۽ زندگيءَ جو امتزاج نظر اچڻ لڳو. مون هن جي افسانن جو مطالعو

هن جي شخصيت جي پس منظر ۾ ڪيو آهي ۽ انهن ڪان هن ڪري بہ متاثر آهيان جو مون کي اياز جي قول ۽ فعل ۾ شخصي ڪردار ۽ ادبي حيثيت ۾ هڪ صحتمند يگانگت نظر آئي هئي. مون کي نہ هن جي زندگيءَ ۾ڪٿهن تصنع ۽ بيجا تڪليف نظر آئي آهي ۽ نہ هن جي افسانن ۾انساني همدرديءَ جو مصنوعي جذبو نظر آيو آهي. جن خرابين جي خلاف هن افسانن ۾ آواز بلند ڪيو آهي، تن جي مخالفت هو زندگيءَ جي عملي دائري ۾ بہ ڪندو رهيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو هن جي افساني جي البم ۾ عورت جون برهنہ ۽ نيم برهنہ تصويرون نظر نٿيون اچن. هن جي افساني جي گنبذ ۾ ”نعري بازي“ جو پڙاڏو بڌڻ ۾ نٿو اچي. جتي هو سرمايہ داري جي بڇڙاين تي طنز ڪري ٿو، اتي عيار سامراجي ڪارڪنن ۽ بداخلاق قومي رهنمائن جي پوشيده ڪارنامن کي بہ بي نقاب ڪري ٿو. (افسانو هي ليڊر). انهن سيني ڳالهين ڪان وڌيڪ هن جي افسانن ۾ اخلاقي قدرن جو عڪس نظر اچي ٿو. ڇو تہ هو انساني عظمت جو قائل آهي (افسانو: مان انسان آهيان). هو رشوت خوريءَ جي مخالفت ۾ قانون جي محافظن جي غير قانوني حرڪتن تي فنڪارانہ انداز ۾نهايت تلخ طنزون ڪري ٿو (افسانو: قانون).

اياز جي افسانن جي زبان ادبي هئڻ سان گڏ نهايت سليس مگر سوادي آهي جنهن ڪري سندس افسانن جي افاديت فقط ”عالمن“ تائين محدود ڪانہ ٿي رهي. پر عوام جي هر طبقي تائين پهچي ٿي. سندس انداز بيان ايڏو تہ دلڪش آهي جو معمولي واقعي يا تجربي کي نهايت موثر انداز ۾ پيش ڪري ويو آهي. فني خوبين افسانن جو معيار ايڏو تہ بلند ڪيو آهي جو بجا طور چئي سگهجي ٿو تہ اياز جو افسانو ٽيڪنڪ خواه پلاٽ جي لحاظ ڪان اردوءَ جي منتخب افسانن جي مقابلي ۾ پيش ڪري سگهجي ٿو.

مان گهران ٿو تہ اياز جي هر هڪ افساني ۾ مون کي جيڪي بہ خوبيون نظر اچن ٿيون سي پڙهندڙن تي واضح ڪريان پر افسوس تہ ديباچي جي تنگ داماني هن ڳالهہ جي اجازت نٿي ڏئي. صرف هڪ افساني جو اجمالي تذڪرو ڪريان ٿو جو اميد تہ نامناسب نہ ٿيندو.

اياز جو افسانو ”مان انسان آهيان“ هڪ اهڙي دردناڪ واقعي جي تصوير آهي، جنهن جو تعلق ملڪي ورهاڱي وارن حيواني فسادن سان آهي. انهن فسادن ۾ سچ پچ تہ انسانيت کي جنهن بيدرديءَ سان ڪٺو

ويو. تنهن جي تصوير جيتوڻيڪ هند و پاڪ جي سيني معياري افسانہ نگارن پيش ڪئي آهي، پر اياز پنهنجي اسٽائيل ۾ وري بہ منفرد نظر اچي ٿو. هن افساني جو مرڪزي ڪردار هڪ اهڙو فقير آهي جيڪو مذهب ۽ ڌرم جي متعصبانہ تفريق کان بي نياز انساني عظمت جي هڪ اهڙي بلند مقام تي نظر اچي ٿو جتي پهچي هو عام انسانن کي باهمي تعصب ۽ ذاتي خودغرضين کان گهڻو بلند ڏسڻ گهري ٿو. اياز هن افساني جي مرڪزي ڪردار جو تعارف هن ريت ڪرائي ٿو:

”ڪنهن کي بہ خبر نہ هئي تہ هو ڪير هو؟ هن جو نالو ڇا هو؟ هن جي ذات ڪهڙي هئي؟ هن جو مذهب ڪهڙو هو؟ هو ڪٿان آيو هو؟ انهيءَ هوندي بہ شهر جو ننڍو وڏو ڪيس سڃاڻندو هو. ڪڏهن مندرن مان نڪرندڙ ناقوس جي صدا، جا آسمان تائين ڦهلجي ويندي هئي، ٻڌي مندر جي دروازي وٽ وڃي ويهندو هو ... صبح جو جڏهن مسجد جي اوچن منارن مان موذن جي ”الله اڪبر“ جي صدا ڪائنات ۾ پکڙجي ويندي هئي، تہ هو خاموشيءَ سان اٿي اچي مسجد جي چائنٺ وٽ ويهندو هو...“

افساني جي ابتدا سوال جي نشانين سان ٿئي ٿي ۽ انهن کي اسٽائيل جي خوبي چئجي يا فن جي نزاڪت جو پڙهندڙ افساني جو ماحول ۽ پلاٽ جي نوعيت معلوم ڪرڻ کان اڳ، ”شهر جي ننڍين وڏن“ وانگر ”فقير بابا“ جي انساني عظمت کان متاثر ٿئي ٿو. فساد جو دور شروع ٿئي ٿو. هندو مسلمانن کي ۽ مسلمان هندن کي مذهبي جنون وچان قتل ڪرڻ لڳن ٿا. قتل ۽ غارتگري جي هن هيبت ناڪ عالم ۾ هڪ شام اهڙي بہ اچي ٿي جڏهن...“بہ ٽي نوجوان وٽن کان ٻاهر نڪتا. تون ڪير آهين؟ تنهنجو نالو ڇا آهي؟ تنهنجو مذهب ڪهڙو آهي؟ سالو ڪافر آهي! ايتري ۾ هڪ ڇرو اوندهہ ۾ وڄ وانگر چمڪي ٿو ۽ فقير بابا جي ڇاتي ۾ پيوست ٿي وڃي ٿو. انسانيت جو هي زخمي نمائندو ويران ۽ تاريڪ گهٽين ۾ اڳتي وڌي ٿو تہ ايتري ۾ انسانيت جا ٻيا شڪاري مٿس حملو ڪن ٿا. ”تون ڪير آهين؟ تنهنجو نالو ڇا آهي؟“ پتين جي پاڇن ۾ بيٺل ٽن نوجوانن هن کان پڇيو پر ڪنهن کي بہ جواب ڪونہ مليو. آخر فقير بابا کي اسلام جو ليبل لڳائي پيٽ ۾ ڪريان هنيو وڃي ٿو. فقير بابا جي زندگي سوال جي نشانين کان شروع ٿي سوال جي نشانين تي ختم ٿي وڃي ٿي. مرڻ کان اڳ هو ڊاڪٽر کي چوي ٿو:

”ڊاڪٽر صاحب! مان هندو ... نه نه... مسلم... نه نه، ڊاڪٽر صاحب! مان انسان آهيان. منهنجو مذهب انسانيت جو مذهب آهي. ڊاڪٽر صاحب! مون کي زخم ٻنهي هندو... ۽ مسلمانن... کان رسيا آهن ... منهنجا زخم انسانيت جا زخم آهن ... منهنجو موت انسانيت جو موت آهي. ڊاڪٽر صاحب! منهنجو لاش هندو مسلم ٻنهي جي حوالي ڪجو. جنهن ۾ هو پنهنجي شڪل ڏسي سگهن. جنهن ۾ هو ڀڳوان اڳيان سر نوائڻ. الله اڳيان سجدا ڪرڻ چنٽيءَ طرح ڏسي سگهن. پري کان ناقوس جي صدا آئي، اذان جو آواز آيو...

ڪيڏو نه دردناڪ داستان آهي. سوسائٽيءَ جي ظاهري ديننداري ۽ تقدس تي ڪيڏي نه مناسب چوٽ آهي. فقير بابا جي ”وصيت“ افساني جي پڇاڙي کي نه فقط وڌيڪ دردناڪ بڻائي ڇڏو آهي پر مجموعي تاثر ۾ پڻ اضافو ڪيو آهي.

تصوير ڪشي يا منظرنگاري فقط شاعر جي زبان ۽ مصور جي قلم تائين محدود نه آهي، پر فن جي دنيا ۾ هڪ ڪامياب افسانه نگار کي مصور جي خاموش ۽ ساڪن تصويرن کي متڪلم ۽ متحرڪ ڪري پيش ڪرڻو آهي. نه فقط ايترو پر انهن تصويرن ۾ زندگيءَ جون علامتون به ڪي قدر تفصيل سان ڄاڻائڻيون آهن. جيڪڏهن اياز جي افسانن تي نظر ڪبي ته تصويرڪشي ۽ منظرنگاريءَ جا بهترين مثال ملن ٿا جيڪي هن جي بيان جي قدرت ۽ فنڪارانه عظمت تي دلالت ڪن ٿا. ”مان انسان آهيان“ ۽ ”بلو دادا“ ان نقطه نگاهه کان پنهنجي عروج تي آهن.

مون پنهنجا تاثرات بنا ڪنهن تصنع ۽ مبالغي جي پوري ذميداريءَ سان پيش ڪيا آهن. اياز جا افسانا اوهان جي اڳيان آهن. تنقيد جي ڪسوٽي تي افساني جي هر پهلوءَ کي پرکيندا هلو. شايد اوهان کي اڃا به وڌيڪ خوبيون نظر اچن، جي مون کان واضح نه ٿيون هجن.

انهن گذارشن کان پوءِ مان محترم اياز حسين ”اياز“ قادريءَ کي گران قدر افسانن جي هن شاندار مجموعي ڇپائڻ تي مبارڪباد ڏيان ٿو. مون کي قوي اميد آهي ته هيءَ ڪتاب سنڌ جي ادبي حلقن ۾ غيرمعمولي مقبوليت حاصل ڪندو.

شيخ عبدالحليم جوش

20-06-1957

# بلو دادا

هو سڄي پاڙي ۾ بدنام هو. هرڪو هن کان ڪنُ کائيندو هو. جهڙو تهڙو ته هن جو نالو به ڇرڪي ونندو هو. پئسي وارا، هن کي بنهه گونڊو سمجهندا هئا. پاڙي جو داداگير ليکيو ويندو هو. سندس نالو بلاول هو. مگر کيس ڪوٺيندا هئا "بلو دادا". رنگ جو ڪارو ڪٺ. وار ننڍڙا، گهنڊيدار ۽ سخت. ڪيتري به تيل لائڻ سان نه نرم ٿيندا هئا ۽ نه ئي ڦٽي ڏيڻ سان ئي ڪنهن طريقي تي ٻيهندا هئا. منهن ڪشادو ۽ گول، اکيون ننڍيون ۽ حرفت ڀريون، جن ۾ هر وقت حرڪت پئي نچندي هئي، نڪ ڏگهو مگر ناسون ويڪريون. چپ ٿلها ۽ ڏند وتيرڪا. جي مساڳ لڳائيندو هو ته چپ ٻئي ڳاڙها، ڇاتي ڪشادي، ٻازو سخت ۽ مضبوط جهڙو رڪ. قد جو ڇوٽو. سندس منهن ۾ اهڙو رعب هوندو هو، جو ڪنهن ڏانهن ڪاوڙ مان نهاريندو هو ته همراهه کي ڏڪڻي وٺي ويندي هئي. آواز ۾ ڪڙڪو ۽ ڪڙڪو. هر وقت پيو گجندو. ڳالهين جو گهير، جي ڳالهائڻ ۾ چنڪيو ته خدا بس ڪرائيس. فٽ بال چئمپين. گهٽو ڪري راند ۾ سينٽر فارورڊ بيهندو هو. باڪسنگ جو ڪوڏيو. هر وقت اها ڳالهه ته ليفٽ پنچ ڪيئن هڻجي ۽ رائيٽ بلو ڪيئن گسائجي.

منهنجي ڄاڻ سڃاڻپ ساٿس چاڪيواڙي ۾ ٿي. گهڻو ڪري جهانگيان مڪرانيءَ جي ڪئبن تي ويٺو هوندو هو. چنگهون ٽيبل تي ۽ پٺي پت سان. پاٽي ۽ چانهه جو گلاس. ڪنهن وقت ڀريل ڪنهن وقت خالي، هميشه سندس پرسان پيا هوندا هئا. آءُ لنگهندس ته وڏي واڪي چوندو "ماستر، اچ چانهه پيءُ." مون کي ڪنهن وقت "ماستر" ۽ ڪنهن وقت "سائين" چوندو هو. آهستي آهستي، اسان جو ناتو ويو وڌندو. مون کي سندس مڪراني ڳاڙهي سنڌي لهجو ڏاڍو وڻندو هو، چاهيندو هوس ته پيو قصا ڪٿي. جي سندس ويجهو ٿيندو هوس ته ڳراٽڙي پائي ڪٽي هٽ

هٿ ۾ ڏيندو هو. منهنجي ڀيڻ دوستن کي اسان جي سنگت پاڻ ۾ نه پوندي هئي. پاڙي وارا به رنج هئا. مائٽ مٿ به تنگ. اسڪول جا ماستر به چڱو نه سمجهندا هئا. شاگرد ڪجهه ڪچندا ته ڪين هئا، مگر بلوءَ جي داداگيريءَ جا داستان لاهي چاڙهي پيا بيان ڪندا هئا.

هڪڙي ڏينهن هيڊ ماسٽر به رکي رکي چئي ڏنو، "اوهان کي پاڻ جهڙن تعليم يافته ماڻهن جي صحبت اختيار ڪرڻ گهرجي!" مائٽن چيو، "توکي ٻيو ڪو ماڻهو ملي ئي نٿو جو هڪڙي گشيءَ سان ڪٺي يارانو ڳنڍيو اٿئي!" دوستن دڙڪو ڏنو ته، "يار، جيڪڏهن تنهنجي انهي گونڊي سان سنگت آهي ته اسان جي الله توهار" مون به ڪنهن جي پرواهه نه ڪئي، آخر دوستي جو تي.

هڪڙي ڏينهن، جيئن چاڪيواڙي پهتس، ڏٺم ته گوڙ لڳو پيو آهي. ماڻهن جا هشام بيٺا آهن. بلوءَ جي گارين جو زيپٽ پيو پوي. مون سمجهيو، اڄ خير نه آهي، الائي ڇا ٿيو آهي! گوڙ کي چيريندو اڳتي وڌيس. ڏسان ته ڪار بيٺي آهي، ان جي اڳيان بلو هڪ موٽي سيٺ کي گردن کان جهليو بيٺو آهي، "سالا! حرامي! جيڪڏهن توکي ڪار نٿي هلائڻ اچي ته ڪار ڇو هلائيں ٿو!" سيٺ ڪرڙي وانگر پئي ڦٿڪيو. "ڇا توهان سيٺيا دنيا جي نشي ۾ ايترا انڌا ٿي ويا آهيو جو غريبن جي مٿان اکيون ٻوٽي ڪارون ٿا چاڙهيو!" مون وچي بلوءَ کي پنيان پاڪر وڌو. منهن ورائي دانهن ڪيائين، "سائين ڏسو، هي حرامخور ڪهڙو نه بيپرواهيءَ سان ڪار ٿا هلائين! غريب ڇوڪري مٿان ڪار چاڙهي اٿس. ان کي اسپتال ڇڏڻ بدران ڪار ڀڄائي ٿو وڃي." ائين چئي هڪڙو زور سان چنبو وهائي ڪڍيائينس. مون ڪٽي سندس هٿ روڪيو. ڪجهه سندس جوش گهٽيو. سيٺ کي چيائين، "ڪڍ هن ڇوڪري کي ڪار ۾." ڇوڪر کي ڪار ۾ کڻائي اسپتال آياسين. ڊاڪٽر جي في سان گڏ ڇوڪر جي مائٽن کي پنجاهه روپيا وني ڏيارايائين، تڏهن وڃي سيٺ جي جند ڇٽي.

هڪڙي ڏينهن، جيئن اسڪول ۾ گهڙيس ته ڇوڪرن چيو، "سائين! رات اسان جي پاڙي ۾ وڏو جهيڙو ٿيو آهي." مون سمجهيو ضرور بلوءَ ڪو دنگو مچايو هوندو. "سائين، رات بلو دادا ٽن چئن اشرافن جي لاڪ لاٿي آهي. ويچارن کي خوب موچڙا هنيا اٿس. سندن رت ڪٽو نه ڇٽي. بس، ڪين اڌ مئو ڪري، ڇڏي ڏنائين." مون کان هينئر پڙهائڻ ته

ويو وسري، اڃي اڻ ترڻ لڳي تہ رات الائي ڪهڙو معاملو ٿيو آهي. جيئن تيئن ڪري وقت گذاريم. جڏهن اسڪول کان ڇُٽي ملي، ڏسان تہ جهانگيان جي ڪئبن تي مڙس اڪ سڄايون وينو آهي. وڃي پرسان وينومانس. هوٽل جي ڇوڪر کي واڪو ڪري چيائين، "چانهہ کڻي آءُ."
مون چيس:
"آءُ تنهنجي چانهہ نہ پيئندس."
"آخر ڇو؟"
"تو ڪيترا ڀيرا مون سان وعدو ڪيو آهي تہ داداگيري نہ ڪندين، مگر جيئن تڏ تيئن وڌ!"
يڪدم وراڻيائين، "سائين، پهرين ڳالهہ تہ ٻڌ! رات ڇا ٿيو، تي حرامزادا سوٽيل بوٽيل، پاڙي جي ڇوڪرين جي پٺيان پيا ڦرن. ڀلا سائين. تون چئہ. اهڙي وقت بلو بس ڪري ويهي؟ ہ تي لپاٽون هڻي، سالن کي سبق سيکاري ڇڏيم."
هڪڙي دوست جي شاديءَ جي ملير ۾ ڪوٺ ملي. بلوءَ کي چيم تہ گڏجي هلنداسون. پرگرام رکيوسين تہ هتان آچر ڏينهن، ڏهين ڏاران، چاڪيواڙي کان نڪري، لي مارڪيٽ وٺان بس ۾ چڙهي ملير هلنداسون. سڏ واري ڏينهن، اڃا چاڪيواڙي کان سؤ کن وکن جو مس ڪنيوسين تہ پٽ جي پاڙ ۾ ڪنهن مسڪين جو لاش نظر آيو. سمجهہ ۾ ائين پئي آيو تہ ڪو پرديسي بيمار آهي، جنهن کي رات سيءَ سڪائي ڇڏيو آهي. ڏسندي چيائين:
"سالي کي مرڻو ئي اڄ ۽ هتي هو." گهڙي رکي وري چيائين، "سائين، هن جو نڪاڻو ڪريون." مون اڃا ڪڇيو ئي ڪچيو تہ جهٽ وراڻيائين:
"ڪنهن جي شاديءَ ۾ وڃڻ بدران، ڪنهن جي غميءَ ۾ شريڪ ٿيڻ ڀلو آهي." آءٌ چپ ڪري ٻيهي رهيس، بگيءَ واري کي سڏ ڪيم. بگيءَ وارو پڙ ڪڍي بيٺو. چي:"آءٌ پنهنجي بگيءَ تي لاش نہ کڻندس." بلوءَ قميص کان ڇڪي کڻي هيٺ لاٿس. بگيءَ وارو ائين ڪڇي جهڙي پٽ. لاش بگيءَ ۾ کڻي اچي مسجد وٽ پهتاسون. مون وٽ پويون تاريخون، بلوءَ وٽ پئسو نهي ئي ڪونہ.
"بلو هينئر ڇا ٿيندو؟"

”سائين، هي بليڪ مارڪيٽر...“ سيمينٽ جي نميل وڏيءَ بلڊنگ ڏي اشارو ڪندي چيائين، ”اسان جي پئسن سان ئي شاهوڪار ٿيا آهن، اڄ اسان جي موت تي هنن کي پئسا ڏيڻا پوندا.“ مون کي لاش وٽ بيهاري، پاڻ سيمينٽ واريءَ بلڊنگ ۾ گهڙي ويو ۽ ٿوري دير کان پوءِ موٽي آيو. سندس هڪ هٿ ۾ ڏهين ڏهين رپين جا ٻه نوٽ هئا ۽ ٻئي هٿ ۾ کليل چاقو.

”بلو، هي چاقو!“

”سائين، ڀريائين ته گوٽ ٽاٽ ڪيائين، مگر هن کي ڏسي ڊڄڻ ڊرا تي پيس.“

جيئن وئڪيشن ختم ڪري، ڪراچيءَ وريس، اندر ۾ اُڪير هيم ته بلوءَ سان ملان. جڏهن جهانگيان جي ڪئبن وٽ پهتس، ڏٺم ته بلو غائب هو. جهانگيان ٻڌايو ته بلو مڪران هليو ويو آهي.

”ڇو؟“ مون يڪدم پڇيس.

”سائين“ سيمينٽ جي بلڊنگ ڏانهن اشارو ڪندي چيائين، ”سيٺ صاحب، بلوءَ کي گونڊا ايڪٽ هيٺ شهر نيڪالي ڏياري ڇڏي آهي.“

مان سوچ ۾ پئجي ويس، ڇا بلو سچ پچ گونڊو هو!؟

# ڪتي جو موت

ٻاهر سردي هئي، ستارا بہ ڄڻ سيءَ ۾ پئي ٽڙڪيا ۽ سيءَ کان بچڻ خاطر پنهنجا جسم ڪڪرن جي ڪمبلن ۾ لڪائي ڇڏيائون. آسمان ۾ بادلن جي ڊڪ ڊوڙ لڳي پئي هئي، ڄڻ هماليہ جي برف وارين چوٽين تان سيءَ جا ٻيڙا پرجهي تي آيا. برسات جي ڪري ٻٺ زمينن جا خشڪ وات تر ٿي ويا هئا. اتر جي هوا سوساٽ ڪري پئي لڳي. هوا جي سرد جهوٽن جسم ۾ ڊڪندڙ گرم گرم رت کي ڄمائي ڇڏيو. وڻن جا پن، ڪنهن برفاني طوفان ۾ قاتل قافلي وانگر ٿي ڏڪيا. وڻن جا ٿڙ، انهيءَ مسافر جيان جنهن کي سيءَ سبب چرڻ پرڻ جي قوت نہ رهي هجي، ڄمي ويا هئا. آکيرن ۾ ويٺل پکين سيءَ کان بچڻ خاطر پنهنجا منهن پرن ۾لڪائي ڇڏيا. ڳوٺ جي جهوپڙين مان نڪرندڙ دونهون بہ ڄڻ ڏڪندو ڏڪندو رات جي اونداهيءَ ۾ گم ٿي ويو.

ڳوٺ جي جهوپڙين جي وچ ۾ وڏيري جو بنگلو، ڄڻ انهن جي غريباڻي حال تي ٺٺولي ڪري رهيو هو. بخاريءَ ۾ ٻاهہ جا اُلا ڪڏهن ڀڙڪي ٿي اٿيا ۽ ڪڏهن جهيڻا ٿي ٿي ويا. اُلن جي لالاڻ مائل روشنيءَ ۾ وڏيري جو چهرو ٽامي وانگر لال ٿي ڏسڻ ۾ آيو ۽ ان جي جهيڻي ٽيڙ سان ڪاراتجي ٿي ويو. هن جي منهن ۾ سونڊ ۽ نرڙ ۾ گهنج هئا. پنهنجي وڏين مڇن کي خار مان مروڙي رهيو هو. هن جا چپ پئي ڦڙڪيا، اکيون ڪرڙيون ڪري پنهنجن نوڪرن ۽ ڪمدارن ڏانهن پئي ڏٺائين. نوڪر قطار ۾، انهن ڏوهين وانگر، جن کي سزا ٿيڻي هجي، ويٺا هئا. هر ڪو ائين سمجهي رهيو هو تہ اڄ سندس خير ڪونهي. آخر وڏيري رڙ ڪئي، خاموش ويٺل نوڪرن جا جسم لرزڻ لڳا.

”ڇئبو، اوهان حرام جا ٽڪر ٿا کائو؟ آخر ڪيڏانهن ويو؟“ وڏيرو چپ ٿي ويو، وري پيڪي ڏيندي چيائين:

”جيڪڏهن منهنجو موتي هن وقت پيدا نہ ٿيو تہ توهان جي پنيءَ تي ڪل نہ هوندي.“ وڏيري ڏک پرين اکين سان منجيءَ ڏانهن ڏٺو، جنهن تي موتيءَ جي جسم کي گرم ڪرڻ لاءِ ريشمي گاديلا خالي پيا هئا. نوڪر هوريان هوريان هڪ ٻئي پنيان بنگلي کان ٻاهر نڪري آيا.

وڏيرو موتيءَ بابت سوچڻ لڳو. توڙي جو هن وٽ ٻيا بہ ڪيترائي ڪتا هئا، مگر ڪوبہ موتيءَ جو مَٽُ ۽ ثاني نہ هو. ٻين ڪتن جي خدمت لاءِ هڪ هڪ پر موتيءَ جي خدمت لاءِ بہ ماڻهو مقرر ڪيل هئا. ٻين ڪتن جون جايون الڳ نهيل هيون مگر موتيءَ جي منجي وڏيري جي پلنگ ويجهو ئي پيل هئي. صبح جو موتيءَ کي وهنجاري صاف ڪري وڏيري جي خدمت ۾ حاضر ڪيو ويندو ۽ وڏيرو موتيءَ کي ڏسي باغ باغ ٿي ويندو هو.

رات پڄندي ويئي. سردي وڌندي وئي. ڪڪرن مان هلڪيون بوندون ڪرڻ لڳيون. هوا جو آواز تيز ٿيندو ويو. ٻاهر گهگهہ اونداهہ ڇانئجي وئي. اوچتو وڏيري جي ڪنن تي موتيءَ جي ڀونڪڻ جو آواز پيو. وڏيرو ٽپ ڏئي بستري مان اٿيو ۽ تڪڙو تڪڙو در ڏانهن وڌيو. ”موتي!“ وڏيري. گلوءَ جي ڪڇ مان موتيءَ کي ورتو. گلوءَ جو جسم، جنهن تي هڪ چيڪ جي پراڻي قميص پيل هئي، برسات ۾ سڄو پسجي ويو هو. ٿڌي هوا ۾ هن جو سڄو جسم بيد وانگر پئي ڏڪيو. سندس ڪاڏي ۽ ڏند ڪڙڪي رهيا هئا. ”سائين،“ گلوءَ ڏڪندي چيو ۽ پنهنجا برف جهڙا هٿ ڪٽي ڪَڇن ۾ وڌائين، ”موتي رمونءَ جي ڪتيءَ پٺيان هليو ويو هو. گهٽي ڳوٺ کان پوءِ ڪيس موچين واري ڊنل جاءِ مان لڌو اٿم.“ گلوءَ پنهنجي اگهاڙن پيرن کي، جن کي شايد عمر ڀر جوتو نصيب نہ ٿيو هو، گرم ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي مٿان رکيو. وڏيري جڻ گلوءَ جي ڳالهہ ٻڌي ئي نہ.

”تون تہ سيءَ ۾ ڏڪي رهيو آهي.“ وڏيرو موتيءَ کي بخاريءَ جي ويجهو کڻي آيو، ”جيڪي رول هوندا آهن، تن جو اهڙو حشر ٿيندو آهي. هتي ٻاهہ جو سيڪ وٺ.“ وڏيرو اٿيو ۽ يڪدم ٽوال کڻي آيو. موتيءَ جي جسم کي خوب مهٽيائين. گرم کير ڪيڏي ٿورو موتيءَ جي پيالي ۾ وڌائين. موتي ڪوڪات ڪرڻ لڳو جڻ وڏيري کي پنهنجو ۽ رمونءَ جي ڪتيءَ جي عشق جو داستان ٻڌائي رهيو هو. وڏيري گلوءَ ڏانهن ڏٺو جنهن جو سڄو جسم ڏڪي رهيو هو ۽ ڪپڙن مان مينهن جون بوندون ٽم ٽم

ڪري وهي رهيون هيون. "اڙي گلو! تون اجا بيٺو آهين؟" گلو ڏڪندو ڏڪندو دڪولي ٻاهر هليو ويو. ٻاهران هوا جو برف جهڙو سرد جهونڌو اندر لنگهي آيو."ڪهڙي نہ ٿڌ آهي!" وڏيري اٿي در بند ڪيو ۽ منجيءَ ڪي سوري ٻاهہ جي ويجهو رکيائين. گاديلي تي موتيءَ کي سمهاري ان جي مٿان ڪمبل وجهي ڇڏيائين پر موتيءَ جا سڄي رات ڪوڪاٽ بس نہ ٿيا. وڏيرو وڏي ڳڻتيءَ ۾ پئجي ويو، "ضرور موتيءَ کي سيءَ جي سٽ اچي وئي آهي." وڏيرو بي چين ٿي ويو. "اڳي پپي بہ ٿڌ لڳڻ ڪري اهڙي ريت ڪوڪٽ ڪري مري وئي هئي." سج مٿي چڙهي آيو، مگر موتيءَ ماٺ نہ ڪئي ۽ وڏيري جي ڳڻتي وڌندي وئي، "موتيءَ کي يڪدم ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ گهرجي." ڊرائيور کي ڪار ڪڍڻ لاءِ چيائين. ڊرائيور ادب سان چيو."برسات سبب شهر ڏانهن ويڃڻ جو ڪو بہ رستو نہ آهي، اڄ جي سڄ رهيو تہ سياڻي رستو ٿي ويندو." وڏيري کي ڊڪر وني ويا ۽ ڪنهن ڳوڙهي ويچار ۾ پئجي ويو. "سائين! گلوءَ کي سردي لڳي وئي آهي، لڱ مچ ٿا ٻرنس، ڪرڙيءَ وانگر ٿو ڏڪي ۽ رکي رکي ٿو وڦلي." ڊرائيور هٻڪندي چيو. وڏيرو ڊرائيور کي خارمان گهورڻ لڳو، "مان ڇا ڪيان؟ ڏسين نہ ٿو تہ مون کي ڪنهن ڳالهہ جو هوش ڪونهي."

سڄو ڏينهن ۽ رات موتي ڪوڪندو رهيو ۽ گلو وڦلندو رهيو. وڏيري ڪان جيترا جتن ٿي سگهيا اوترا موتيءَ جي ماٺ ڪرائڻ لاءِ ڪيائين مگر موتيءَ ماٺ نہ ڪئي. صبح جو سوير وڏيري ڊرائيور کي ڪار ٻاهر ڪڍڻ لاءِ چيو، موتيءَ کي ڪمبل ويڙهي گود ۾ ويهاريائين. اوچتو ويجهو جهوپڙيءَ مان رڙ ٿي، "ابا گلو!" ڪار تيز تيز ڊڪندي شهر ۾ جانورن جي ڊاڪٽر جي درتي اچي بيٺي.

# مان انسان آهيان

ڪنهن کي خبر نه هئي ته هو ڪير هو؟ هن جو نالو ڇا هو؟ هن جي ذات ڪهڙي هئي؟ هن جو مذهب ڪهڙو هو؟ هو ڪٿان آيو هو؟ انهيءَ هوندي به شهر جو ننڍو وڏو ڪيس سڃاڻندو هو. هن کي ڪافي ورهين کان وٺي ڏسندا پئي آيا. سانت ئي سانت، پنهنجي خيالن ۾ گم. ڪڏهن هو مندرن مان نڪرندڙ ناقوس جي صدا، جا آسمان تائين ڦهلجي ويندي هئي، ٻڌي مندر جي دروازي وٽ وڃي ويهندو هو. مندرن ۾ وڄندڙ گهنٽين جو شور ۽ پوڄارين جا ڀڄن ٻڌي هو انهيءَ ۾ مگن ٿي ويندو هو. هو پوڄارين کي ديوتائن اڳيان سر نوائي وينتي ڪندو ڏسي خاموش ٿي ويندو هو، ڄڻ ڪنهن فيلسوف وانگر اهڙي ڳوڙهي مسئلي تي ويچار ڪري رهيو هجي، جنهن جو حل ڪيس نه ملندو هجي. مندر مان نڪرندڙ مرد ۽ عورتون هن کي ڏسي چوندا هئا، "ڀڳوان جو سنت آهي، سندس ڀڳوان سان لنؤ لڳل آهي."

صبح جو جڏهن مسجد جي اوچن منارن مان موذن جي الله اڪبر جي صدا ڪائنات ۾ چوطرف پکڙجي ويندي هئي، ته هو خاموشيءَ سان اٿي اچي مسجد جي چائنٺ وٽ، ويهندو هو ۽ وضو ڪندڙن ڏانهن خاموش نظرن سان نهاريندو هو. جڏهن پيش امام قرآن شريف جون سورتون قرئت سان پڙهڻ شروع ڪندو هو، ته ان جي مٺي آواز ۾ مست ٿي ويندو هو، ڄڻ ڪيس دلي مسرت حاصل ٿي رهي هجي. جڏهن نمازين کي سجدي ۾ ويندو ڏسندو هو ته هو وري اهڙي مسئلي تي سوچ ۾ پئجي ويندو هو، جو هن کان حل نه ٿيندو هجي. مسجد مان نڪرندڙ نمازي ڪيس ڏسي چوندا هئا، "ويچارو مجذوب آهي. الله جو پيارو ٻانهو آهي."

ننڍو وڏو، مرد عورت، هندو مسلمان ڪيس "فقير بابا" ڪري سڏيندو هو. ڪيس نه گهر هو نه گهاٽ، مالڪ جي زمين سندس بسترو هئي ۽

آسمان هن جي محل جي ڇت، جنهن ۾ چنڊ تارن جا لالٽين روشن هئا. ڪڏهن هو مندر جي ڏاڪڻ وٽ سمهي پوندو هو، ڪڏهن مسجد جي دروازي وٽ ڪيس ننڊ وٺي ويندي هئي، ورنه سڄي رات شهر ۾ پيو گهمندو هو. اهڙيءَ ريت، جهڙي ريت ڪو بيقرار روح، سڪون جي تلاش ۾ سرگردان هجي. شهر جا رولو ڪتا هن کي ڏسي پونڪڻ لڳندا هئا مگر هن کي سڃاڻي وري پنهنجو ڪنڌ هيٺ ڪري، چپ ٿي ويندا هئا، ڄڻ ڪين ازلي ننڊ وٺي ويئي هجي. چوڪيدار "ڪير ڪير" جي رڙ ڪندا هن جي ويجهو ايندا هئا مگر هن کي ڏسي چوندا هئا "فقير بابا، هينئر رات گذرڻ واري آهي، وڃي آرام ڪريو." هو مشڪي اڳتي هليو ويندو هو ۽ سپاهي هن کي تڪيندا رهجي ويندا هئا.

سندس وار سنياسين وانگر گهاٽا ۽ ڊگها هوندا هئا، جن جون ڇڳون مٽيءَ پوڻ سبب ڄمي ويون هيون. سندس ڊگهي ڏاڙهي، سندس وارن وانگر هميشه دز ۽ مٽيءَ ۾ ميري رهندي هئي. جسم تي گيڙوءَ رتي الفي ۽ ڪلهي تي هڪ رلي، اها هئي سندس ملڪيت ۽ هو انهيءَ ملڪيت جو مالڪ هو. هو نه ڪنهن کان ڪو سوال ڪندو هو، نه ڪنهن کان ڪجهه گهرندو هو. ڪڏهن ڪو دياوان هندو هن کي پوڄن ڪرائيندو هو. ڪڏهن ڪو رحمدل مسلمان ڪيس ماني کارائيندو هو؛ ورنه هو پنهنجو وقت بک ۾ ئي گذاري ڇڏيندو هو. هو مانيءَ لاءِ ڪڏهن به انڪار نه ڪندو هو، پر جي ڪيس ڪو پئسا ڏيندو هو ته، اهي ڦٽي ڪري خاروچان پئسن ڏيندڙ ڏانهن اهڙي ريت نهاريندو هو، ڄڻڪ چئي رهيو هجي، "هيءَ دنيا ئي ته آهي جنهن جي موهه ۾ انسان انسان ئي نه رهيو آهي. انسان ذاتيءَ جو پوڄاري نه پر دنيا جو پوڄاري ٿي ويو آهي." جڏهن سندس الفي ليڙون ليڙون ٿي ويندي هئي، تڏهن ڪو سخي دل هندو يا مسلمان هن کي نئين الفي پارائي ڇڏيندو هو. ان ويل هو انهن ڏانهن ٿورائتين نگاهن سان نهاريندو هو. جي ڪنهن کي مٽس ڪهل اچي ويئي ته، هن جي سيرب نهرائي ڇڏيندو هو يا غسل ڪرائي ڇڏيندو هو، نه ته هن کي ڪڏهن به پنهنجي سنائيءَ صفائيءَ جو خيال نه ايندو هو. هو اڪثر خاموش رهندو هو، ڄڻ سندس زبان کي تالو لڳل هجي. ڪڏهن ڪڏهن موج ۾ اچي جي به چار لفظ ڳالهايائين ته وڏي ڳالهه ٿي.

اوچتو ئي اوچتو، چوطرف ڪهرام مچي ويو. آباد شهر اُجڙ ٿي ويا.

چوڌاري باهہ جا اُلا نظر ٿي آيا. هندو هڪ طرف جمع ٿيڻ لڳا. مسلمان ٻئي طرف جمع ٿيڻ لڳا. هندو مسلمانن جي پاڙن مان نڪرڻ ۽ مسلمان هندن جي پاڙن مان نڪرڻ لاءِ لڏپلاڻ ۾ لڳي ويا. ڇاڪاڻ تہ پنهنجي جان ۽ مال جي سلامتي انهيءَ ۾ ئي سمجهيائون تہ پنهنجي دين وارن سان گڏ هجن. ٻنهي پاسي، هڪ ٻئي کي لٽڻ مارڻ جون گرماگرم تياريون ٿي رهيون هيون. هر گهڙي حملي ٿيڻ جو امڪان ۽ جان جو خطرو هو. ڪنهن کي بہ اهو پتو نہ ٿي پيو تہ ڪڏهن حملو ٿيندو؟ ڪڏهن مال لٽبو؟ ڪڏهن جان ويندي؟ شهر چوطرف سنسان ٿي ويو. ڄڻ ڪو راڪاس آيو هجي ۽ شهر جي ماڻهن کي کائي ڇڏيو هجائين.

چوڌريءَ جي محلي ۾ آس پاس جا پهلوان اچي ڪٺا ٿيا هئا. "اڄ رات..." چوڌريءَ حقي جو ڪش لڳائيندي چيو، "هنن دين جي دشمنن کي سبق سيکارڻو آهي جن سڄي عمر ٻئي اسان کي لٽيو آهي. هيءَ اسان جي حق جي لڙائي آهي، اسان جي پاڪستان جي جنگ آهي، اسان جي اسلام جو جهاد آهي، اڄ انهن ڪافرن کي ڏيکارڻو آهي تہ مسلمان شير ٿيندا آهن، پل هنن ڏوتي پوشن کي پڳوان ياد اچي وڃي." فيصلو ٿيو تہ رات جو ويهہ جوان جن ۾ گهڻا ٻاهران آيل مضبوط ۽ ٻهار منتخب ڪيا وڃن، جي جهاد لاءِ تيار رهن ۽ سيٺ دمڙي مل جي ڪوٺيءَ تي حملو ڪن.

"ديش مترو، ڇا اوهان کي ملڪ جو ورهاڱو قبول آهي؟" سيٺ ڏرمداس نوجوان هندن کي، جي مختلف هنڌان اچي ڪٺا ٿيا هئا، مخاطب ٿيندي چيو:

"ڇا اوهان ڀارت ماتا جي سرير کي ٽڪر ٽڪر ٿيڻ ڏيندا؟ اڄ رات هنن نيچ مسلمانن کي جن هميشہ اسان کي پئي تنگ ڪيو آهي، جن جي قرين، لُٽن، چورين ۽ ڌاڙن کان اسان ڪڏهن بہ شانتي ۾ نہ رهيا آهيون، ضرور مزو چکائڻ گهرجي. منهنجا مترو، اڄوڪي رات جي يڌ اوهان جي ڌرم جي يڌ آهي. ڀارت ماتا جي مان جي يڌ آهي. اڄو تہ هنن نيچ مسلمانن کي اهڙوتہ سبق سيکاريون جو کين ڇٺيءَ جو کير ياد اچي وڃي ۽ هميشہ ڏٺيءَ کي ياد ڪندا وتن." آخر فيصلو ٿيو تہ ڪجهہ نوجوان منتخب ڪيا وڃن جي رات جو چوڌري دين محمد جي گدام تي حملو ڪن.

سورج غائب ٿي ويو. چوطرف سانت ٿي وئي، ورلي ڪو ماڻهو ڳلين

۾نظر تي آيو. هر ڪو پنهنجي گهر کي اندران مضبوطيءَ سان ڪڙو ڏئي وجي وينو. آهستي آهستي رات جي اونداهي وڌندي وئي. گهڙيال رات جا ٻارهن لڳايا. رستي تي ڪنهن جي پيرن جي آهٽ ٻڌڻ ۾ آئي. ڪتي جي پونڪ تي. فقير بابا کي ڪتي ڏنو ۽ سانت تي ويو. سنسان رستن تي اهڙي وقت، هو پنهنجي خيالن ۾ غرق اونداهيءَ ۾ هيڏانهن هوڏانهن اهڙي ريت ڦري رهيو هو، جڻ ڪو خاموش تاريڪ پاڇو هجي. وڻن جي پنيان سرڪو ٿيو. "خاموش، ڪوئي هيڏي اچي رهيو آهي." وري سانت ٿي وئي. "هڪڙو جٽو آهي." ٻه ٽي نوجوان وڻن کان ٻاهر نڪتا. "تون ڪير آهين؟" "تنهنجو نالو ڇا آهي؟" مگر هنن کي ڪوبه جواب نه مليو. "تنهنجو مذهب ڪهڙو آهي؟" "سالو ڪافر آهي" ... ائين هڪڙو ڇرو نڪتو جو اونداهيءَ ۾ وڄ وانگر چمڪيو ۽ سندس ڇاتيءَ ۾ گهڙي ويو. ٻيا رهيل همراهه به وڻن مان نڪري آيا. انهن مان ڪنهن رڙ ڪئي، "او فقير بابا!" انهن جي سردار غصي مان چيو، "هلو هلو، دير ٿي رهي آهي، جيڪڏهن ٿوري دير ٿي ته موقعو هٿان هليو ويندو." سڀ چپ چاپ پنهنجي سردار جي پنيان هليا ويا.

فقير بابا هوريان هوريان زمين تان ڪنڌ مٿي ڪيو. سندس لبن تي اها ئي مشڪ هئي. هڪڙي نظر مٿي کڻي ڏٺائين ۽ وري پنهنجو ڪنڌ مسجد ڏانهن کڻي ڪيائين، جڻ وضو ڪندڙن، قرئت مان سورتون پڙهندڙ پيش امام ۽ سجدي ۾ جهڪيل نمازين ڏانهن نهاريندو هجي. هو آهستي آهستي اُٿيو ۽ ويران ۽ تاريڪ گلين ۾ وڃڻ لڳو.

"تون ڪير آهين؟" "تنهنجو نالو ڇا آهي؟" پٿين جي پاڇي ۾ بيٺل ٽن نوجوانن هن کان پڇيو، مگر ڪنهن کي به ڪو جواب نه مليو. "تنهنجو ڌرم ڪهڙو آهي؟" "مسلم آهي"... هڪ آواز آيو. "ماريو نيچ کي." هڪ ڪريان هوا ۾ ڦريو ۽ سندس پيٽ ۾ چيپي ويو. "آهه" جو آواز ٿيو. ٻيا پنتي رهيل ساٿي به اچي هنن سان مليا. "فقير بابا!" هڪ جوان حيرت مان چيو."اوير نه ڪيو، باقي ٿوريون گهڙيون بچيون آهن، جي هيءَ محل هٿان نڪري وئي ته پوءِ افسوس جون تريون مهنڻيون پونديون." سڀيئي پنهنجي اڳواڻ جي پٺيان هليا ويا. فقير بابا گهڻي دير کان پوءِ سامت ۾ آيو. آسمان ڏانهن نهاريائين، وري سندس اکيون مندر ڏانهن کڄي ويون، جنهن ۾ جڻ ڪيس ناقوس جي صدا، پوڄاري جا ڀڄن، گهنٽين جو آواز،

پوڄارين جو پڳوان اڳيان سر نوائڻ ڏسڻ تي آيا. هن آهستي اٿڻ جي ڪوشش ڪئي، تورو اڳتي هليو ۽ وري ڪري پيو.

شهر ۾ وٺ وٺان ٿي وئي. عورتن جون رڙيون، ٻارڙن جو روئڻ، "بچايو بچايو" جا آواز، بندوقن جا ٺڪاءَ، گولين جا زوڪاٽ، لٺين جو ڦهڪو، ڇرن ۽ خنجرن جا چمڪاٽ، لٽيو ماريو جي خوفناڪ شور کان زمين آسمان هڪ ٿي ويو. شهر ۾ باهه لڳل گهرن جي ڇپي آسمان سان ٿي لڳي. "ماريو ڪافر آهي." "ماريو مسلم آهي." "وٺو وٺو، نه ڇڏيو." اوچتو ئي اوچتو سيٽيون وڳيون... ملٽري پوليس جي مشين گنن جا آواز ڦهلجي ويا. چوطرف ملٽري پهرو بيهي ويو. ريڊ ڪراس جي لارين ۾ مئلن ۽ زخمين کي اسپتال نيو ويو.

"تون ڪير آهين؟" "تنهنجو نالو ڇا آهي؟" ڊاڪٽر جي جواب ۾ زخميءَ صرف مشڪي ڏنو. "تنهنجو مذهب ڪهڙو آهي؟" زخميل وڏو ٽهڪ ڏنو. بيٺل ڊاڪٽر ۽ نرس ٻئي ڏڪي ويا. "شايد ديوانو آهي." نرس چيو.

"ڊاڪٽر صاحب! مان هندو ... نه نه ... مسلم ... نه نه، ڊاڪٽر صاحب، مان انسان آهيان. منهنجو مذهب انسانيت آهي. ڊاڪٽر صاحب، مون کي زخم ٻنهي هندو ... ۽ مسلمانن ... کان رسيا آهن... منهنجا زخم انسانيت جا زخم آهن. ڊاڪٽر صاحب، منهنجو موت انسانيت جو موت آهي. ڊاڪٽر صاحب، منهنجو لاش هندو مسلم ٻنهي جي حوالي ڪجو، جنهن ۾ هو پنهنجي شڪل ڏسي سگهن، جن ۾ ڪين پڳوان اڳيان سر نوائڻ، الله اڳيان سجدا ڪرڻ ٻئي چنيءَ طرح ڏسڻ ۾ اچن." زخمي چپ ٿي ويو. سندس لبن تي ابدي مشڪ ڦهلجي وئي، جا ڇئي رهي هئي: "مان انسان آهيان." پري کان ناقوس جي صدا آئي، اذان جو آواز آيو. پوڄارين پڄن ڳايا. نمازين الله اڪبر پڪاريو. هندن پڳوان اڳيان سر نوايو. مسلمان سجدي ۾ جهڪي پيا.

# آئينو

## (هڪ پراڻي ڪهاڻي نئين روپ ۾)

هيءَ انهن ڏينهن جي ڪهاڻي آهي، جڏهن موئن جو دڙو مهين نگر هو. سنڌوءَ جي ڪناري تي وسندڙ سهڻو ۽ صاف سٿرو شهر، جنهن جي پڪيڙ ميلن ۾ هئي. وڏا ويڪرا، سنوان سڌا رستا، جن تي چار بيل گاڏيون سولائيءَ سان لنگهي سگهنديون هيون. شاهي سڙڪ جي ٻنهي پاسن سان شاهي بازار، دڪانن ۾ هر قسم جو وکر موجود. سڄو ڏينهن دڪانن تي ماڻهن جي پيهه، بازار ۾ ماڻهن ۽ دڪاندارن جو گوڙ ۽ شور. بازار سان لڳولڳ ڪاسبين ۽ وچولي درجي وارن ماڻهن جا مڪان. انهن کان پوءِ سرڪاري ڪامورن ۽ عملدارن جون پڪ سريون جايون، کليل ۽ هوادار، انهن کان پرڀرو مذهبي مڙهيون ۽ پروهتن جا ڏيرا. انهن کان ٻن ميلن جي مفاصلي تي شاهي محل.

شاهي محل سڀ کان مٿاهين هنڌ تي هو، جنهن جي هڪ طرف کان سنڌو پنهنجي موج ۽ مستيءَ ۾ پئي وهيو. ڏينهن جو ڏور ڏور کان وڻجارا پنهنجون دنگيون مال سان ڀري مهين بندر تي اچي رسندا هئا. دنگين جا کير جهڙا سفيد سڙهه ڀري کان ئي هوا ۾ ڦڙڪندا ڏسڻ ۾ ايندا هئا، ائين جيئن سفيد هنجن جا پر. رات جو مهاڻن جون مڪڙيون مڇي مارڻ لاءِ سنڌوءَ ۾ نڪري پونديون هيون. درياهه جي لهرن ۾ لڙهنديون ڪنارن کان ڪتي وڃي نڪرنديون هيون. چانڊوڪيءَ ۾ مهاڻن جا گيت، سريلا ۽ سوزيريا، هوا جي ڪلهن تي سوارٿي چوطرف پکڙجي ويندا هئا.

شاهي محل جي باقي ٽن پاسن کان کليل ميدان هئا، جن ۾ نيڻ نهار تائين ساوڪ ئي ساوڪ هئي. آس پاس نمن ۽ پپر جا وڏا وڏا وڻ هئا، اهڙا جهڙا تنبو. ميدان ۾ وهندڙ واهن ۽ واهڙن جو پاڻي ائين لڳندو هو، ڄڻ ڪنهن انهن ۾ چاندي پيتي ڇڏي هجي ۽ رات جو چنڊ چڙهي

ايندو هو تہ واهن جو وهندڙ پاڻي ڪير جي ڌارا معلوم ٿيندو هو. هر طرف نيلا، پيلا، ڳاڙها ۽ فيروزي رنگارنگ گل ٽڙيا بيٺا هوندا هئا. جن جي سونهن ۽ سڳنڌ تي پوپٽ ۽ ماکيءَ جون مکيون مست ٿي سجو ڏينهن ڦرنديون هيون. اجا پرهہ ئي نہ ٿيندي هئي تہ، پکي منيون لاتيون لنوڻ لڳندا هئا. سندن راڳ سان سر ملائڻ لاءِ وڻن جا پن پنهنجا ساز ڇيڙي ڇڏيندا هئا ۽ صبح جي ٿڌڙي هير نچڻ شروع ڪري ڏيندي هئي.

سج جيئن ئي اوير کان ليئو پائيندو هو تہ چوطرف روشنيءَ جي سونهري چادر وڇائجي ويندي هئي. پر وارو نظارو اهڙو لڳندو هو. ڄڻ زمين تي سرڳ. اها سرڳ، جنهن جي امبد ۽ آس تي پنڊت ۽ پروهت پنهنجي زندگي بندگيءَ ۾ گذاري ڇڏيندا هئا.

پرهہ جو وقت هو. شاهي محل جي دري کلي. راجڪماري هاٿيءَ جي عاج مان ٺهيل منجيءَ تي اچي ويٺي. صبح جي هوا چوطرف گلن جو واس پکيڙي ڇڏيو هو. شاهي باغ ۾ ٽڙندڙ گلن جو منهن ماڪ ڌوئي صاف ڪري رهي هئي. ڇپر تي ماڪ ڦڙا موتين جيان جرڪي رهيا هئا. قدرت جو هيءُ دلفريب نظارو ڪنهن جي نگاهہ جي اوسيئڙي ۾ هو. پر راجڪماريءَ جون اکيون هن قدرت جي حسن کان بي نياز، آسمان ۽ زمين جي سونهن کان بي خبر، هڪڙي سوني آئيني ۾ اٽڪل هيون. هوءَ پنهنجي جلوي ڏسڻ ۾ گم هئي.

سچ پچ جنهن چهري ڏانهن راجڪماري نهاري رهي هئي، سو سهڻو هو، اهڙو سهڻو، جو راجڪماريءَ جي ان خيال کان انڪار نہ پئي ٿي سگهيو تہ اهو دنيا جو سڀ کان سهڻو چهرو هو. راجڪماري پنهنجي سونهن تي اپترو تہ اڪن هئي، جو اهو آئينو هميشہ هن جي ميڻديءَ رتي هٿ ۾ هوندو هو. هوءَ صبح کان سمهڻ تائين اُن ۾ نهاريندي رهندي هئي.

جڏهن بہ هن کي ڪا سهڻي شيءِ نظر ايندي هئي تہ ان کي ڏسي آئيني ڏانهن ڏسڻ لڳندي هئي، پوءِ سرهاڻي سوڀ جي هلڪي مرڪ هن جي گلابي لبن جي پنکڙين تي پکڙجي ويندي هئي.

جڏهن بهار جي مند ۾ شاهي باغ ۾ گلاب جا سوين گل ٽڙيا هئا ۽ هن جي نظر انهن سيني مان سهڻي گلاب تي وڃي پئي هئي، تڏهن آئيني ۾ ڏسي چپن ۾ پٽڪي هئي: ”آءٌ وڌيڪ سهڻي آهيان.“

جڏهن وهائوءَ کي اوير طرف اپرندو ڏٺو هئائين، تڏهن پاڻ کي آئيني

۾ ڏسي مرڪي چيو هئائين:”آءٌ وڏيڪ سهڻي آهيان.“

جڏهن چوڏس جي چنڊ، ستارن جي جلوي کي جهڪو ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي حسن تي حيران ٿي، ڪڙيو بيٺو هو، تہ اُن ڏانهن نهاري هن وري آئيني ۾ ڏنو ۽ مشڪي چيو هئائين:”آءٌ وڏيڪ سهڻي آهيان.“

جڏهن بہ هن کي پتو پوندو هو تہ هن جي راڄ ۾ ڪو سهڻو چهرو آهي تہ هوءَ ڪنهن نموني ان کي پاڻ وٽ گهرائيندي هئي، پوءِ هن کي ڏسي، پاڻ کي آئيني ۾ ڏسندي چوندي هئي :”آءٌ وڏيڪ سهڻي آهيان.“

هن جو پنهنجو پاڻ ڏسڻ جو چاهہ ايترو تہ وڌي ويو هو، جو هوءَ سڄو ڏينهن آئيني ۾ پئي نهاريندي هئي. انڪري هوءَ ننڊ کي بہ ڌڪاريندي هئي ۽ جڏهن سمهندي هئي تہ سندس سهڻو چهرو خواب جي آئيني ۾ سندس اڳيان هوندو هو. ڪڏهن تہ آڌيءَ جو اتي زيتون جي سرهي تيل سان ٻرندڙ ڏياتي اڳيان آئينو جهلي، پاڻ کي ڏسڻ لڳندي هئي. اجا پرهہ ڦٽندي ئي نہ هئي تہ هوءَ ڪر موڙي اٿندي هئي. جيئن ئي سج جا پهريان ڪرڻا ڌرتيءَ جي دامن کي چمڻ لڳندا هئا، آئينو سندس سامهون هوندو هو.

اهڙيءَ ريت هوءَ سج ايرڻ کان سج لهڻ تائين محل جي دريءَ ۾ ويٺي هوندي هئي. ڪڏهن بہ پنهنجون اکيون انهن سهڻين اکين مان نہ ڪيندي هئي، جيڪي موٽ ۾ کيس ئي ڏسنديون رهنديون هيون. سال جو وڏي ۾ وڏو ڏينهن انهيءَ گهور اڳيان مختصر ٿي ويندو هو.

بسنت جي رت هئي. ساري ڌرتيءَ بهار جي نئين پوشاڪ پهري هئي. هر طرف گل ۽ گيت هئا. وڻن جون ٽاريون ٻهڪي رهيون هيون. انبن جي ٻور جي سرهاڻ آس پاس پکڙجي وئي هئي. وڻن جا پن هلڪي هلڪي سر سان هڪ ٻئي کي بهار جي آمد جون واڌايون ڏئي رهيا هئا. هر طرف ساوڪ ئي ساوڪ هئي. شاهي محل جي هر طرف ڇپر ايڏي تہ وڌي وئي هئي جو ان ۾ واٽهڙن جا پير مُرين تائين ڏسڻ ۾ ئي نٿي آيا. جهنگلي گلن پنهنجي خوشبوءَ جون جهوليون انهيءَ سخي وانگر کولي ڇڏيون هيون، جنهن پنهنجو سڀ ڪجهہ لٽائڻ جو اٽل ارادو ڪيو هجي. ماڪ پنل هوا ۾ نينهن کي نيش ڏيندڙ خوشبو سمايل هئي پر راجڪماري انهن سيني کان بي خبر پاڻ کي ڏسڻ ۾ ئي مشغول هئي. هوءَ پنهنجي سونهن جي نشي ۾ ايتري تہ مست هئي، جو هن کي اهو پتو ئي نہ پيو تہ ڪو نيڊڙو پکي، هن جي ويجهو دريءَ تي اچي ويٺو آهي. اوچتو پکيءَ پنهنجو

وات کوليو ۽ گيت ڳائڻ شروع ڪيو. راجڪماريءَ کان چرڪ نڪري ويو ۽ آئينو سندس هٿ مان ترڪي ويو. شاهي محل تمام اوچائي تي ۽ مٿي هو. هيٺ هڪ تہ لاهي هئي پيو وڏو گاهہ ۽ جهنگلي ٻوٽا هئا.

جيئن ئي آئينو هيٺ ڪريو تہ جهنگلي گاهہ ۽ ٻوٽن مان ترڪندو هيٺ هليو ويو، تان تہ راجڪماري جي نظرن کان جهنگلي ٻوٽن ۽ گلن ۾ غائب ٿي ويو. جيئن ئي آئينو راجڪماريءَ جي نگاهن کان گم ٿيو، هن امڙي وٽي دانهن ڪئي، جو ٻانهيون ۽ ٻايون هراس مان ڊوڙنديون اچي هن وٽ پهتيون. يڪدم شاهي محل جي چوڪيدارن کي آئيني جي تلاش ۾ ڊوڙايو ويو.

ان ۾ شڪ ڪونهي تہ آئينو پنهنجو مٽ پاڻ هو. جنهن ڪاريگر اهو آئينو بنايو هو، ان سون روپي، هيرن جواهرن سان گڏ پنهنجي دل بہ ان ۾ جڙي ڇڏي هئي. سندس زندگيءَ پر جو پرايل حرفت ۽ هنر انهيءَ آئيني جي بناوت ۾ سمايل هو پر راجڪماريءَ جو ان سان چاهہ ان جي ملهہ ۽ سوڀيا کان زياده ان ڪري هو، جو اهو ورهين کان وٽي هن جي حسن جو رازدار هو.

جيئن ئي آئينو سندس اکين کان اوجهل ٿيو، تيئن ئي سندس دل ۾ هڪ وهم ۽ وسوسو وڌندو ويو تہ جي اهو آئينو گم ٿي ويو تہ سندس سونهن بہ هلي ويندي. هوءَ هراس ۾ تڪڙي تڪڙي ڊوڙندي پٽ ۾ لڳل آئيني جي سامهون اچي بيٺي. نہ، هن جي سونهن ساڳي هئي، پر ٻيو ڪوبہ آئينو پهرين آئيني جي جاءِ پري نہ ٿي سگهيو. گهڙي پل لاءِ هوءَ پنهنجي سونهن کي وساري اداس ٿي وئي. سندس اکين جي ڪتورين ۾ ڳوڙهن جا موتي جرڪڻ لڳا ۽ جڏهن چوڪيدار آئيني حاصل ڪرڻ کان سواءِ نراس واپس وريا تہ ڳوڙهن جون بہ بوندون هن جي گلابي ڳلن تان رڙهنديون هن جي هٿن تي اچي ڪريون. هن ڪاوڙ مان حڪم ڪيو تہ انهن چوڪيدارن کي، جي آئيني ڳولڻ ۾ ناڪامياب ويا آهن، سزا ڏني وڃي.

آئينو جيئن ئي مٽان ڪريو، تيئن ترڪندو ترڪندو هڪڙي جهنگلي گلن جي ٻوٽي جي پاڙ ۾ اچي پيو. گلن جي مٿان ويٺل ماکيءَ جون مکيون ۽ پوپٽ گلن کي ڇڏي ان جي مٿان ڦيرا ڏيڻ لڳا.

جنهن وقت چوڪيدارن کي سزا ملي رهي هئي ۽ جنهن وقت ٻانهيون ۽ ٻايون راجڪماريءَ کي آٿت ڏئي رهيون هيون، هڪڙو ٽڪل

واتھڙو شاهي محل کان ٿورو پري، هڪڙي پپر جي گھاٽي ڇانو هيٺان اچي وينو. هن جي منهن تي ٿڪ ۽ اداسائيءَ جا گڏيل آثار هئا. هن پھريان ٿڌو ساهہ ڀريو، پوءِ هوريان هوريان ڪجهہ ڳائڻ لڳو، تان تہ هن جو آواز مندر ۾ وڄندڙ گھنٽين وانگر تيز ٿيندو ويو. جڏهن هن جي آواز چوطرف جي فضا تي جادو ڪري ورتو تہ هو ماٺ ٿي ويو ۽ سمهي پيو. سمهڻ سان هن کي ننڊ وٺي وئي.

هو شاعر هو، جنهن کي هن جي قسمت ۽ دل هڪ هنڌ ويهڻ نہ ڏنو هو. هو سيلاني شاعر هو، ڪڏهن ڪٿ، ڪڏهن ڪٿ. هو ڏسڻ ۾ تيهن ورهين جو ٿي آيو، پر زندگيءَ هن کي انهن سرهائين ۽ خوشين کان نراس رکيو هو، جيڪي ان عمر واري جوان کي حاصل هئڻ گھرجن. جيڪي ڪجهہ زندگيءَ هن کي ڏنو هو، سو ان جي خوابن کان گھڻو ابتڙ هو. جوانيءَ هوندي بہ هو پنهنجي زندگيءَ جي غمن گاڏڙ ڏکھي پنڌ کان ٿڪجي پيو هو.

ٿوري وقت کان پوءِ هن اک کولي، ڪر موڙيو ۽ پپر جي ٿڙ کي ٽيڪ ڏئي ويهي رهيو. هن اک کڻي پوڙهي آسمان ڏانهن نهاريو جو صدين کان ائين ئي بيٺو هو، جنهن ۾ وقت ڪاب تبديلي، ڪابہ ڦير ڦار ڪانہ آندي هئي. پوءِ هن زمين ڏانهن نهاريو، چوگرد ساوڪ ئي ساوڪ هئي، هر طرف رنگين گل ٽڙيا پيا هئا. چتڪمرا پوپٽ هڪ گل کان ٻئي گل ڏانهن اڏامي رهيا هئا. ڪنوارين جي ڪجلين اکين جھڙا ڪارا ڀؤنر خبر نہ آهي گلن کي ڇا چئي رهيا هئا. جو لج کان انهن جو چهرو لال ٿي پئي ويو. پوءِ هن رستي ڏانهن نهاريو، جنهن ۾ هن جي زندگي وانگر فقط ڪڏون ۽ کوبا هئا، جيڪو هلندو هلندو اهڙي جهنگ ۾گم ٿي پئي ويو، جنهن جو ڪنهن کي پتو ڪين هو. هن وري ڳائڻ شروع ڪيو.

هو جوان هو، پر اڪيلو هو. ان وقت جڏهن اکين جو ميلو ۽ دلين جو سودو ٿيندو آهي، جڏهن ڪو ڪنهن جو ٿي وڃڻ گھرندو آهي، جڏهن ڪنهن جي زلفن جي ڇانو ۾ساهہ کي سانت حاصل ٿيندي آهي. هن جا گيت اڪيلا هئا، جي ڪنهن جا ٽيڻ لاءِ آتا ۽ اُباٽڪا هئا.

جيئن ئي هو ڳائي رهيو هو، هن جي نگاهہ هڪڙي چمڪندڙ شيءِ تي وڃي پئي، جيڪا هڪڙي گلن جي ٻوٽي هيٺان سائي گاهہ ۾ لڪي پئي هئي، سهڻا پوپٽ ان جي مٿان پئي ڦريا. جيئن ئي شاعر وڌي وڃي ان

۾ هٿ وڌو، هن ڏٺو تہ هڪڙو املھہ آئينو هو. هو دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيو. هو ڪالھہ ڪان وني بڪايل هو. هن دل ۾ چيو: ”هن جي وڪڻڻ سان ايترا ڏوڪڙ ملي ويندا، جو ڪجھہ ڏينهن پيٽ پريشان نہ ڪندم.“

هن جلديءَ سان آئينو کڻي پنهنجي ڦاٽل گودڙيءَ ۾ لڪايو ۽ اتان روانو ٿي ويو. جڏهن هو شهر ۾ شاهي محل کان گھٽو پري هڪ جهنگل ۾ پهتو، تڏهن پاڻ کي بلڪل اڪيلو محسوس ڪيائين. هن چوطرف نظر ڦيرائي، هن کي اڪيلائي ئي اڪيلائي ڏسڻ ۾ آئي. هن ڏٺو تہ ٻہ پکي لامن تي لڏي رهيا هئا ۽ ڪجھہ پکي هوا ۾ اڏامي رهيا هئا. ڪجھہ تازا گل ٽڙيا بيٺا هئا. ويجھو ئي وڻن جي گهاٽين ٽارين جي هيٺان واهڙ ٿي وهيو، جنهن جو پاڻي سريلا گيت ڳائيندو اڳتي وڌندو ٿي ويو. هن سانت جو ساھہ کنيو ۽ گودڙيءَ مان آئينو ڪڍيو.

هن ٿڌو ساھہ کڻندي چيو، ”مان حسن ۽ عشق جو شاعر، قدرت جي نظارن جو مستانو، مون کي فقط هن آئيني جي سون روپي، هيرن جواهرن جي جڙاءَ ۽ پيٽ جي ڳڻتي وني وئي آهي.“

پر جڏهن هن پنهنجي صورت ڏسڻ لاءِ آئينو اڳيان جهليو تہ، هن کي ان ۾ پنهنجي بجاءِ هڪ اهڙي سهڻي صورت ڏسڻ ۾ آئي، جو هو بت بڻيو حيرت مان ان ڏانهن ڏسندو ئي رهيو. هو دل ۾ سوچڻ لڳو ”آءٌ شاعر آهيان، سونهن ۽ سوپيا جو پروانو. مون بهار ۾ صبح جو سوير گلاب جو ٽڙيل گل ڏٺو آهي، مون جهنگ جي تلائن ۾ ترندڙ ڪنول جا گل ڏٺا آهن، مون ڪارن ڪڪرن جي پردي مان جهاتي پائيندڙ چنڊ کي ڏٺو آهي، مون رات جي پهرين پهر ٽيڙو ٽڙندي ۽ رات جي پوئين پهر ڪَتين کي ڪر موڙيندو ڏٺو آهي، پر...“ هو ماٺ ۾ وري آئيني ڏانهن ڏسڻ لڳو. هن کي ان ۾ اهڙو جلوو نظر آيو هو، جنهن هن کي انهن سڀني سهڻين صورتن کان وڌيڪ حيرانيءَ ۾ وجهي ڇڏيو هو.

هن کي ان ۾ راجڪماريءَ جو مکڙو نظر آيو هو. راجڪماريءَ جي ڇهري جو ابدي اولڙو ان ۾ جرڪي رهيو هو. راجڪماريءَ جي پنهنجي سهڻي صورت لاءِ محبت، ان آئيني کي جڻ جادوءَ جو آئينو بنائي ڇڏيو هو، جنهن ۾ هر ڏسندڙ کي ان جي صورت نظر ٿي آئي.

جيئن ئي شاعر آئيني ۾ وڌيڪ نهاريندو رهيو، هن جي من ۾ اهو وڌيڪ احساس پيدا ٿيندو ٿي ويو تہ وڌيڪ بکيو رهي سگهيو ٿي، پر

آئيني کي وڪڻي نٿي سگهيو. هن کي ائين لڳو ته آئينو نه، پر آسمان جو چنڊ هن کي ملي ويو هو.

”چا، هو هڪ حسن پرست شاعر، ههڙي سهڻي سوکڙي، ماني ڳيي لاءِ وڪڻي سگهيو ٿي؟“ جيئن هن آئيني ڏانهن نهاريو، هن کي محسوس ٿيو ته جهڙيءَ طرح هو پنهنجي ضمير جو سودو نه ڪري سگهيو آهي، اهڙيءَ طرح هو آئينو به وڪڻي نٿو سگهي. هن کي ياد آيو ته هن جي زندگيءَ جي سفر ۾ هن جي ضمير لاءِ وڏا واڪ لڳا هئا. ڪيترن راجائن ۽ مهاراجائن هن کان هن جي ذات خريدڻ ٿي گهري. هن کي پنهنجو درباري شاعر بنائڻ ٿي چاهيو. هن جي پيرن جي اڳيان سون ۽ روپي جا انبار لڳائڻ ٿي گهريا، پر هن پنهنجي ڪوتا، پنهنجي اندر جي امنگن، من جي موج ۽ پنهنجي ذات جو اهڙو نيچ سودو ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو.

هاڻي قدرت هن جي هٿن ۾ ابدي سونهن جو اڻ لڀ تحفو ڏنو هو. هن کي، آئيني کي پنهنجي ضمير وانگر وڪري ٿيڻ کان محفوظ رکڻو هو. هو آئيني ۾ اهڙو ته گم ٿي ويو، جو هن کان پنهنجي بک، پنهنجي پراڻي گودڙي ۽ گذريل گهڙين جا سور سڀ وسري ويا. تان جو افق ۾ ڪنول جي گل جهڙي لالاڻ پکڙجي وئي. اوچتو گهوڙن جي سنبن جي آواز هن کي هڪ ڏکي سپني مان جاڳائي ڇڏيو. توروپوءِ هن کي پري دهل جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. گهوڙي سوار شاهي پڙهي وارا هئا. جن کي راجڪماريءَ مهين نگر ۾ هر طرف موڪلي ڇڏيو هو. هو هر هنڌ اهو اعلان ڪندا پئي وتيا ته: ”جيڪو راجڪماريءَ جو وڃايل آئينو هٿ ڪري ايندو، ان کي راجڪماري هيرن جواهرن سان گڏ پنهنجن سهڻن سرهن وارن جي چڳ به خاص طرح انعام ۾ ڏيندي.“

شاعر پاڻ کي پنهنجي اڻ لڀ خزاني سميت گهاٽن وڻن پٺيان لڪائي ڇڏيو. جڏهن دهلارين جو آواز ماٺ ٿيو ۽ چوطرف اونده ٿي اونده پکڙجي وئي، هو ٻاهر سڙڪ تي نڪري آيو ۽ واٽ وٺي رمندو رهيو.

ٿيو ائين هو ته جنهن وقت هن شاهي محل ويجهو آئينو ڪنيون حيرت مان ان ۾ پئي نهاريو، ته ان وقت شاهي مندر جي هڪ ديوداسيءَ پوڄا پاٺ لاءِ جهنگلي گل ٿي چونڊيا. گل چونڊيندي سندس اک شاعر ۽ آئيني تي وڃي پئي هئي. هو مهين نگر جو نامي ڪنيو شاعر هو، ڪوبه اهڙو ڳيرو يا وينگس نه هئي جنهن کي هن جو گيت ياد نه هو. مهين نگر ۾

اها ڳالهہ عام مشهور هئي تہ ڪوئل ۽ بلبل بہ انهيءَ شاعر جا گيت ڳائينديون آهن.

اهڙيءَ ريت شاعر ۽ آئيني جي ڳالهہ راجڪماريءَ جي ڪنن تائين پهتي هئي، جنهن ڪري شاعر جي حياتي خوف ۽ خطري واري ٿي پئي هئي پر نہ بک، نہ غربت ۽ نہ ويري هن کان چند کان وڌيڪ موهيندڙ مکڙي واري سهڻي سوڪڙي جدا ڪري سگهيا هئا.

هوڏانهن راجڪماري جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ وياڪل ٿيندي پئي وئي. هن کي اهو وسوسو وڌيڪ جهوريندو ٿي ويو تہ، جي آئينو نہ مليو تہ هن جي سونهن ڪوجهي ٿي ويندي. هن پنهنجي طرفان سوين جتن ڪيا، پر سڀ بيڪار. ڪوبہ اهڙو ماڻهو ڪونہ هو جو شاعر کي ڳولي ڪڍي ۽ هن کان اتڪل سان آئينو هٿ ڪري. راجڪماريءَ سختي نٿي ڪرڻ چاهي. هن کي ڊپ هو تہ متان سختي ڪرڻ ڪري شاعر آئينو ئي جهوري ڇڏي!

آخرڪار هڪڙو جهور پوڙهو راجڪماريءَ لاءِ آٿت بڻجي آيو. هن جا وار، هن جون پرون ۽ هن جون پنبڻيون ڪپهہ جي پوٽين جهڙيون سفيد هيون. وقت جي بار هن جي چيلهہ ڪُبي ڪري ڇڏي هئي. اُن وقت ائين ٿي لڳو، ڄڻ هن جي زمين داخل ٿيڻ ۾ ٿورو مفاصلو رهجي ويو آهي. هن جي چهري جي گهنجن مان هن جي عقل ۽ آزمودي جو پتو ٿي پيو. هو انسانن جي دلين جي ڳجهہ جو عالم ۽ ماڻهن جي نفسيات جو ماهر هو. هن راجڪماريءَ جي دل جي درد کي بہ ڄاتو ٿي ۽ هو شاعرِ فطرت کان بہ واقف هو. هن پنهنجي زندگي پرماتما جي بندگيءَ ۾ گذاري هئي، تنهنڪري هن کي آتما جي چڱي پروڙ هئي.

هن جي اڳيان راجڪماري هڪ ننڍڙي ٻار وانگر هئي، تنهن ڪري پيار سان هن کي تسلي ڏيڻ لڳو:

”آءٌ شاعر جي امنگن ۽ اڌمن کي سمجهان ٿو، آءٌ پنهنجي راجڪماريءَ کي سٽن ڏينهن اندر سندس آئينو آڻي ڏيندس.“

پوءِ پوڙهو، شاعر جي ڳولا لاءِ نڪري پيو. هن کي هڪڙي گهاٽي جهنگل ۾ سرهن گلن جي پرسان وينل ڏٺائين.

”اهو تنهنجي هٿ ۾ نهايت سهڻو آئينو آهي.“ پوڙهي چيو.

”هن آئيني ۾،“ شاعر وراڻيو:”دنيا ۾ سڀ کان سهڻي صورت جو

عڪس سمايل آهي.“

”اهو سچ آهي،“ ڏاهي پيرسن چيو، ”مون اهو سهڻو چهرو ڏٺو آهي... پر مون وٽ بہ هڪ آئينو آهي.“ پوڙهو اهي لفظ چئي ماٺ تي ويو ۽ ٿوري دير کان پوءِ وري چيائين:“ ڇا تون ان ۾ ڏسندين؟“ ائين چئي آئينو شاعر ڏانهن وڌايائين.

شاعر، پوڙهي کان آئينو وٺي ان ۾ نهارڻ لڳو. جيئن هو ان ۾ نهارڻ لڳو تہ هو ان جي ڏسڻ ۾ ايتري قدر گم ٿي ويو جو ڪيس راجڪماريءَ واري آئيني جو خيال ئي نہ رهيو ۽ اهو هن جي هٿ مان گاهہ تي ڪري پيو.

”ڏس تنهنجو آئينو ڪري پيو آهي.“ عقلمند پوڙهي ڪريل آئيني ڏانهن اشارو ڪندي چيو. پر شاعر ڪوبہ جواب نہ ڏنو. ڇاڪاڻ تہ هاڻي هن جون اکيون ان آئيني ۾ ڪجهہ ويون هيون. جيڪو پوڙهي هن کي ڏنو هو.

”مان هن ۾ پنهنجي ڌرتي، پنهنجو ملڪ، پنهنجا ماڻهو، پنهنجا مارو ڏسي رهيو آهيان. مان ڏسي رهيو آهيان تہ هڪڙي عورت آهي، جيڪا منهنجي ماءُ وانگر بڍڙي آهي، بيمار ۽ لاچار آهي، پوين پساهن ۾ آهي. ڪوبہ ڪونہ آهي جو هن جي سار لهي، ويج کي وٺي اچي، يا دارون يا ڦڪي وٺي اچي. غريب جو دنيا ۾ ڪير آهي! ڦٿڪندي ڦٿڪندي پساهہ پورا ٿيو ڪري ڇڏي. ها ... ها ... هاڻي ٻي تصوير اڀري آئي آهي: هڪ نوجوان نينگري آهي. سندس جوين سندس ليڙون لٽن مان ليئا پائي رهيو آهي. سندس پوڙهو پيءُ ۽ ماءُ، جن کي ڪجهہ ڏينهن کان ان ڪٽو نصيب نہ ٿيو آهي، پٽ تي ٻي سڏ پيا آهن. هوءَ پنهنجي پيءُ ماءُ جي حياتيءَ خاطر پنهنجي جوين ۽ جوانيءَ جو سودو ڪرڻ لاءِ ٻڍي سوداگر سان وڃي رهي آهي... هي ڇا! ننڍڙو ٻار ماءُ جي ڇاتيءَ کي چگهڙ ڏئي رهيو آهي ۽ پوءِ منهن ٻي طرف ڪري روئڻ لڳي ٿو. هن جي ماءُ جي ڇاتيءَ ۾ کير ڪونهي، اهو وڪرو ٿي ويو آهي. ان کي هڪ امير خريد ڪري ورتو آهي پنهنجي ٻار لاءِ. هيءَ عورت هڪڙي امير جي پٽ کي سمورو کير پياريندي آهي. اهو امير جو ٻار هن عورت جو سمورو کير پي ويندو آهي ۽ سندس ٻار سڄو ڏينهن ٻاڪاريندو رهندو آهي... هي ڇاهي! هڪڙو پوڙهو ڪاريگر، هن کي تہ هن عمر ۾ آرام ڪرڻ کپندو هو، پر هو هڪڙي مُکيءَ جي جاءِ جي اڏاوت ڪري رهيو آهي. هن سان گڏ تختي تي سرن وارو ۽ گاري وارو بہ آهي. اڙي! ڪمان ٽٽي پئي! پيرسن رازو هيٺ ڪري پيو آهي ۽ مزدور بہ. رازو مري ويو، مزدور

زخمي ٿي پيا. مکي اهو حال ڏسي اتان وڃي رهيو آهي. ماڻهو اڃي مئيا آهن. پر اهي لاش کي نئا کڻن. چاڪاڻ تہ اهي بہ پيرسن رازي وانگر مفلس آهن. هنن ۾ جسم ڍڪڻ جي سگهہ ڪانهي. پوءِ هن جو ڪرياڪرم ڪيئن ڪري سگهندا ... اجهو هيءَ ٻي تصوير آهي. اَن جا انبار لڳا پيا آهن. هاري ان کي ڏسي تڙپي رهيو آهي. ڌرتي ماتا هن جو سوال اگهايو آهي. هن پيري سنڌوءَ ۾ چاڙهہ هو. ان ڪري هن جو فصل پلو ٿيو آهي. هن پوک سان پورهيو بہ چڱو ڪيو هو. پر هي ڪير آهي ... هو پورهيت جي پگهر جو سمورو قل ميڙيون کنيو پيو وڃي. ويچارو هاري. نماڻا نيڻ ڪيو، ڪڏهن رهيل کهيل اَن کڻن ڏانهن پيو نهاري ۽ ڪڏهن پنهنجن انگ اگهاڙن پيٽ بکين ٻچڙن ڏانهن پيو ڏسي. هن سال بہ هو سندن اوگهڙ ڍڪي نہ سگهندو. هن سال بہ کين پيٽ پري مانيءَ ڳيو نہ ڏئي سگهندو.“ شاعر ٿڌو شوڪارو ڀري ڏاهي ڏانهن ڏٺو.

ڏاهي ڏٺو تہ شاعر جي دل ۾ هلچل ۽ اکين ۾ آب چلڪي رهيو هو.

”ڏس شاعر ڏس! اڃا ٿورو ڏيان سان ڏس.“ هن چيو.

شاعر جي اڳيان هڪ نظارو آيو ٿي ۽ ٻيو ويو ٿي. هو ڏسندو رهيو، هو ڏڪندو رهيو، هو سڏڪندو رهيو. هن ڏٺو تہ،”هڪ سردار شڪار تان موٽي رهيو آهي. هن جي شڪاري ڪتن جي ڳچيءَ ۾ چانديءَ جا پٽا پيل آهن. هر هڪ ڪتي جي رسي هڪ ٻانهي جي هٿن ۾ آهي. تن ڏينهن کان سردار شڪار تي هو. ان ڪري هنن کي پورو کاڌو بہ نصيب نہ ٿيو آهي. ٿڪ ۽ بک کان ٿاٻڙندا پيا هلن. ڪتا زور مان اڳتي ڇڪي رهيا آهن. هڪڙو ٻانهو ٻي سڌ ٿي ڪتي جي مٿان ڪري ٿو. ڪتو رومڙ ٿو ڪري. امير تپي باهہ ٿي ٿو وڃي. ڪاوڙ مان شڪاري ڪتن کي ٻانهي جي مٿان ٿو ڇڏي. شڪاري ڪتا هن کي غلطيءَ جي سزا ڏيڻ لاءِ هن جون ٻوٽيون ڪري ٿا ڇڏين. ٻانهي جي مڙهہ مٿان سرٽيون ۽ ڳجهون لامارا ڏيڻ ٿيون لڳن “ شاعر کان رڙ نڪري ٿي وڃي ۽ اوچنگار ڏئي منهن ٻئي پاسي ڪري ٿو ڇڏي.

”چڱو، هاڻي هن آئيني ۾ نهار، راجڪماريءَ واري آئيني ۾.“ شاعر راجڪماريءَ واري آئيني کي ٻي هٿ ۾ جهليو. گهڙي هڪ ڏانهن، گهڙي ٻئي ڏانهن ڏسندو رهيو.

”هاڻي،“ هن آئيني ۾ نهاريندي چيو، جنهن کي هو ڪنهن بہ قيمت

تي پاڻ کان ڌار ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو، ”مان سمجهان ٿو تہ هن ۾ سونهن جو عجيب عڪس آهي، هڪ چمڪندڙ چهري جو پاڇو آهي، پر اهو هن ڪائنات جي بي انت حسن مان فقط هڪ ترورو آهي ... پر ... هن ۾... ”منهنجي ڌرتيءَ ماءُ جي ڏکن سورن جي تصوير آهي. هن ۾ منهنجي مارن ۽ ماڻهن جي غمن جا چٽ چٽيل آهن. مون جهڙي عوام جي زندگيءَ جو پاڇولو آهي. هن ۾ سچ سچ وانگر جرڪي رهيو آهي. هن پوڻ تي ڏاڍ ۽ انياءَ جا نقش صاف نظر ٿا اچن.“

”تنهنجو مطلب آهي،“ پوڙهي ڳنڀير تي چيو، ”مان هي آئينو راجڪماريءَ وٽ واپس ڪٿي وڃان ڇا؟ تون راجڪماريءَ جي سهڻي صورت واري آئيني بجاءِ هيءُ ڌرتيءَ جي غمن وارو آئينو وٺڻ ٿو گهرين!“

”ها.“ شاعر وراڻيو.

”مون کي پتو هو تہ تون شاعر آهين.“ عالم چيو.

”مان ڄاڻان ٿو تہ تون ڏاڍو ڏاهو آهين.“ شاعر وراڻيو.

ان کان پوءِ شاعر حسن ۽ عشق جو شاعر نہ، پر عوام جو شاعر هو. هاڻي هن جي گيتن ۾ سونهن ۽ سڳنڌ بجاءِ پنهنجي ڌرتيءَ جو بيان هو. هاڻي هن جي محبت جو مرڪز ڪو سهڻو چهرو نہ، پر هن ديس جا جهانگيئڙا هئا. هاڻي هن جي ڪويتا ۾ پنهنجي ڏک جو ذڪر نہ پر ديس واسين جي درد جو بيان هو.

جيتوڻيڪ راجڪماريءَ کي سندس وڃايل آئينو واپس مليو هو، پر هاڻي هوءَ اڳي وانگر ايترو خوش نہ هئي، ڇاڪاڻ تہ هاڻي شاعر کي پتو پئجي ويو هو، تہ راجڪماريءَ جي سونهن کان مٿي ڪهڙي شيءِ آهي.

# هي ليڊر

هن جي تقرير تاڙين ۽ نعرن جي شور ۾ ختم ٿي. هن کي هار وڌا ويا. ايتري قدر جو سندس منهن به گلن جي وچ ۾ نظر ٿي آيو. اڄ هر ڪنهن جي وات ۾ هن جي واکاڻ هئي. هو قوم جو صحيح ترجمان هو. اهو ئي سبب هو جو ماڻهن جي دلين ۾ هن جي لاءِ بيحد عزت هئي، پيار هو. اڄ به سندس تقرير ٻڌڻ لاءِ هزارين ماڻهو اچي جمع ٿيا هئا. هڪ ٻئي مٿان ڳاهٽ پئي ٿيا. ميدان ۾ پير پائڻ جي به جاءِ نه هئي، پبلڪ پارڪ سڄو ماڻهن سان سٿيو پيو هو. اونهاري جي سخت گرميءَ ۾ ماڻهن جو دم پئي گهٽيو. ماڻهو پگهر ۾ شل ٿي ٿيا. مگر جيئن پوءِ تيئن پيڙ وڌي ٿي وڌندي. سندس تقرير شروع ٿيڻ کان اڳ ٻن چئن هنڌن تي ڌڪامڪي به ٿي مگر وري سانت ٿي وئي.

اڄ هن ڳالهايو، دل کولي ڳالهايو. سماج جي ان بدنام داغ لاءِ، جنهن کي عصمت فروش ڪوٺين ٿا. جا چند سڪن تي پنهنجو جسم ٻين جي حوالي ٿي ڪري! هن چيو ته پاڪ آستان ۾ اهڙيءَ پليديءَ جا اڏا بند ڪيا وڃن، جنهن مان گناهه جي باهه پڙڪي ٿي اٿي، جن جي اُلن ۾ هزارين گهر سڙي خاڪ ٿي ويا آهن.

هن جي تقرير ختم ٿيڻ تي ماڻهن جوش مان نعرا بلند ڪيا. هن جي ”زنده باد“ جا نعرا- ”خرابيءَ جا اڏا مرده باد“ جا نعرا. هن جي زبان جادوءَ جو اثر ٿي رکيو. ان کان علاوه هن عوام جي ترجماني ٿي ڪئي. پليديءَ جا اڏا، جنهن مان ڪوبه سلامت نه وريو. هڪ نهراءُ پاس ڪري سرڪار کان گهر ڪئي وئي ته ”يڪدم اهي بند ڪيا وڃن. جي اهي بند نه ڪيا ويا ته ان خرابيءَ جو سيلاب اڃا به زياده راڳا ڪندو.“

هو خوش هو، ڏاڍو خوش هو. پنهنجي تقرير کان، ماڻهن جي جوش کان، سندن تاڙين کان، انهن جي نعرن کان، سندن ”زنده باد“ جي نعرن کان،

”پليديءَ جا اڏا مرده باد“ جي نعرن کان. هن جي ڪنن ۾ اجا بہ تاڙين جي ٺھڪن ۽ نعرن جو شور پڙاڏي ۾ تي آيو. هو ڪپڙن ۾ نٽي ماپيو. هن کي بيحد هاروڏا ويا. ايتري قدر جو سندس دم گهٽجي رهيو هو. ماڻهن کيس سندس نيڪ جذبي ۽ تحريڪ تي مبارڪون ٿي ڏنيون. آخر هو ملڪ جو وڏو ليڊر ۽ سياستدان هو.

هو جڏهن گهر موٽيو ۽ سندس پيا دوست بہ کيس ”خدا حافظ“ چئي پنهنجي پنهنجي گهر روانا ٿي ويا، تڏهن هو وري اجوڪي جلسي جي خيالن ۾ گم ٿي ويو. اجوڪي جلسي ۾ ماڻهن جي هجوم ۽ سندن جوش، پنهنجي جادو بيان تقرير ۽ ان جي طلسمي اثر، پنهنجي وڌندڙ شهرت ۽ اقتدار جا خيال کيس وسڪيءَ جي بوتل جهڙو سرور ڏئي رهيا هئا ۽ هوريان هوريان هو انهيءَ نشي ۾گم ٿي ويو. اوچتو چپڙاسيءَ کيس ٻڌايو تہ”هڪ عورت اوهان سان ملڻ ٿي گهري.“ هن جي خيالن جي ڪڙي ٽٽي پئي ۽ هن جي خيالن ۾ رخنو پئجي ويو. هن خيال ڪيو: ڪهڙي عورت ٿي سگهي ٿي؟ شايد سندس تقرير کان متاثر ٿي ڪا عورت کيس مبارڪ ڏيڻ آئي هجي. چپڙاسيءَ کي کيس اندر موڪلڻ لاءِ چيائين ۽ پاڻ وري خيالن- شهرت جي خيالن، ليڊريءَ جي خيالن، سياست جي خيالن ۾ گم ٿي ويو. اوچتو ”چم چم“ جي آواز سندس خيالن کي ٽوڙي ڇڏيو. هن ڪنڌ ورائي ڏٺو تہ هڪ جوانيءَ جون منزلون طئي ڪيل عورت هار ڪنيو بيٺي آهي. هن جي دماغ تي ڪنهن هٿوڙو وهائي ڪڍيو. هو سوچڻ لڳو. هن جي ذهن تي جهونو نقش، جنهن تي وقت گرد و غبار چاڙهي ڇڏيو هو، تازو ٿيڻ لڳو. گذري ويل زمانو، رنگين زمانو، مستيءَ ڀريو زمانو. جنهن ۾ ڪيف ۽ سرور هو، سڀ جوان هئا. امنگ... جذبا ... هوءَ ۽ هو! عورت اڳتي وڌي، آهستي آهستي چيو، ”آءٌ انهيءَ هنڌان آئي آهيان جنهن کي پليديءَ جا اڏا ڪوٺيو ٿو وڃي. آءٌ اوهان کي مبارڪ ڏيڻ آئي آهيان. مون سان گڏ منهنجي ڌيءَ بہ آئي آهي.“ نوجوان ڇوڪري اڳتي وڌي. ماڻس هن ڏانهن مشڪي نهاريو. سندس انهيءَ مشڪڻ ۾ هزارين زخم پنهان هئا.

”امڙ، هي اسان جي قوم جو ليڊر آهي، هن جا سچي قوم تي ٿورا آهن، خاص طرح اسان تي هن جون وڏيون مهربانيون آهن.“ اهو زهر جو ڍڪ، جو سندس لبن تي پهچي ويو هو، هوءَ پي وئي ۽ سانت ٿي وئي.

چوڪريءَ هن کي هاروڏو. ماءُ ۽ ڏيءُ ٻئي ٻاهر هليون ويون.

"اسان تي هن جون وڏيون مهربانيون آهن!" جا اکر سندس سيني ۾ چڀي ويا انهيءَ ڪنڊي وانگر، جو لڳڻ کان پوءِ پچي پوي ۽ ان جو ڪجهه حصو اندر ئي رهجي وڃي. هن جي اڳيان ماضيءَ جو قتل نقش آهستي آهستي چٽيءَ طرح اپرڻ لڳو. اهو ڏينهن، جنهن ڏينهن کان هو ترقيءَ جي راهه تي گامزن ٿيو، اهو ڏينهن، جنهن ڏينهن هن ڪنهن جي اميدن کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو. هن کي اها رات، جا سندس گناهن وانگر ڪاري هئي، ياد اچڻ لڳي. جنهن رات هوءَ پنهنجي مائٽن کي خيرباد چئي، هن سان وڃڻ لاءِ نڪري آئي هئي. جنهن رات هن دنيا کي ڇڏيو مگر هو پاڻ دنيا کي ڇهتي پيو. جنهن رات هن سماج جي ڪابه پرواهه نه ڪئي، مگر هو سماج کان ڊڄي ويو. جنهن رات هن عزت کي محبت مٿان قربان ڪيو، مگر هن عزت خاطر محبت ڇڏي ڏني. ڇو؟ ڇاڪاڻ ته هن دنيا ۾ ڪجهه ٿيڻ تي گهريو، ڇاڪاڻ ته هن ليڊر ٿيڻ تي گهريو. هن جون آهون ۽ دانهون ته سندس پٿر جهڙي دل کي نرم نه ڪري سگهيون. سندس محبت جي واسطن به سندس دل تي اثر نه ڪيو. جڏهن هن کي هن هر هر گهر واپس وڃڻ لاءِ ٿي چيو، مگر هوءَ تڏهن گهر ڪيئن پئي واپس وڃي سگهي! هوءَ مائٽن کي ڇڏي آئي هئي. ان کان علاوه هوءَ ماءُ ٿيڻ واري هئي اهڙي حالت ۾ ڪهڙي چوڪري مائٽن لاءِ ڪارنهن جو ٽڪو بنجي زندگيءَ تائين طعنا ۽ تنڪا سهندي رهي! هو سوچي رهيو هو: انهن ڏينهن ۾ هن جي ستاري چمڪڻ شروع ڪيو هو. هن ان کي اونداهيءَ جي ڪکرن هيٺ آڻڻ نه ٿي گهريو. هن جي عوام ۾ عزت وڌندي تي وئي ۽ هن کي پنهنجي آئيندي جو خيال هو. هن کي آخر روئندو ڇڏي هليو ويو هو.

"تون گهر وڃ، آءُ توسان شادي ڪري نٿو سگهان. منهنجي عزت کي ڌڪ لڳندو. آءُ زندگيءَ ۾ ڪٿان جو به ڪين رهندس ۽ منهنجي وڌندڙ شهرت..."

اڄ وري گهٽيءَ مدت کان پوءِ، اٽڪل پندرهن ويهن ورهين کان پوءِ جڏهن سندس شهرت جو ستارو اوج تي هو، جڏهن سندس نالو هر ڪنهن جي وات ۾ هو، جڏهن هو ملڪ جو مشهور سياستدان ۽ قوم جو ليڊر هو، تڏهن هوءَ هن جي اڳيان آئي- محبت جو اهو گل، جنهن کي واس وٺڻ کان

پوءِ پيرن هيٺ چيپاتي چڙيو هئائين! شراب جي اها بوتل، جنهن جي ورتائڻ کان پوءِ زمين سان ٽڪرائي پاش پاش ڪري چڙيو هئائين! مگر هوءَ اج نئين رنگ ۾ هئي- سماج جو هڪ بدنام داغ هئي! ۽ هن سان هن جي ڏيءَ به هئي! هو سوچيندو رهيو: هيءَ دنيا ۽ سماج جا بدنام داغ، ڪارنهن جا ٽڪا- مگر... سندس دل بيهجي وئي.

ٻئي ڏينهن دنيا جي اخبارن ۾ وڏين سرخين سان سندس موت جي خبر شايع ٿيل هئي. سندس واڪاڻ ۽ تعريف ۾ خاص نمبر ڪڍيا ويا. هن جي زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي روشني وڌي ويئي. هو قوم جو ليڊر هو، ملڪ جو وڏو سياستدان هو. هن خرابيءَ جي اڏن خلاف هلچل هلائي، پاڻ کي ماڻهن ۾ مقبول بنايو هو. ملڪ ۾ ماتم جي لهر ڇانيل هئي. هن جي لاش سان هزارين ماڻهو ساڻ هئا. پير پائڻ جي به جاءِ نه هئي. پيڙ جيئن پوءِ تيئن وڌندي ٿي وئي. هن جي لاش مٿان بيحد گل وڌا ويا. هو گلن ۾ پورجي ويو. هو عوام جو ليڊر هو، جنهن عصمت فروشيءَ جي اڏن برخلاف هلچل هلائي هئي!

# قانون

"ہم کیوں نہ کریں پیار، کسی کا ڈر تو نہیں ہے" جو آواز ھلڪي سيٽيءَ ۾ غفور جي واتان نڪتو ۽ فضا ۾ پکڙجي ويو. غفور سائيڪل جي پئنڊل کي زور سان ھلايو ۽ سائيڪل ڪلفٽن جي رستي تي تيز تيز ڊوڙڻ لڳي. غفور اھڙي تہ موج ۾ اچي ويو جو اڳيان ويٺل خورشيد جو بار بہ کيس محسوس نہ ٿي ٿيو.

ڪلفٽن جي رستي تي اليڪٽرانڪ جي بيٺل دراز ٿنڀن ۾ ٻرندڙ بتيءَ جا بلب، سياھيءَ کي شڪست ڏئي رھيا ھئا. بتين جي روشنيءَ ۾ رسنو ڪاري مخمل جيان چمڪي رھيو ھو. ڪلفٽن کان ايندڙ ھوا جا تيز جھوٽا خورشيد جي خوبصورت زلفن سان راند ڪندا اڳتي وڌي ٿي ويا. خورشيد جا ڪارا ڪارا لنبا زلف ڪڏھن سندس ڳلن تي جھومي رھيا ھيا ۽ ڪڏھن غفور جي چھري تي پکڙجي ٿي ويا. انھن مان ايندڙ ھلڪي ھلڪي سرھاڻ ۾ غفور ايتري قدر تہ گم ٿي ٿي ويو، جو کيس ڪلفٽن کان ايندڙ ۽ ويندڙ تيز رفتار ڪارين، سست رفتار گھوڙي گاڏين ۽ پنڌ ويندڙ واٽھڙن جو بہ پتو نہ ٿي پيو. ھن کي اھو بہ پتو نہ ٿي پيو تہ ھو ڪاڏي وڃي رھيو آھي مگر ھو وڃي رھيو ھو، پنھنجي خورشيد سان اھڙي ھنڌ جتي "تون ھجين ۽ مان ھجان."

غفور پنھنجي ئي موج ۾ دنيا کان بي خبر وڃي رھيو ھو. اوچتو خورشيد "بريڪ" "بريڪ" جون رڙيون ڪيون، مگر غفور جي بريڪ لڳائڻ کان اڳ سائيڪل چوسول تي بيٺل سپاھيءَ سان اچي ٽڪري. پوليس واري مٿان خورشيد، خورشيد مٿان سائيڪل ۽ سائيڪل جي پاسي ۾ غفور اچي ڪريو. پوليس واري کي جڏھن خورشيد جو نرم جسم محسوس ٿيو، تڏھن اٿڻ بجاءِ اتي ئي ليٽيو رھيو. خورشيد اٿڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر سائيڪل جي وچڙڻ سبب وري پوليس واري مٿان

اچي ڪري. پوليس وارو "آ" ڪري پئجي رهيو. غفور ڏڪ کائي اٿيو. سائيڪل ڪنيائين، خورشيد کي هٿ ڏنائين. خورشيد پوليس واري جي پهلوءَ مان ائين اٿي، جيئن ڪاري ديو جي پهلوءَ مان سبز پري. پوليس وارو چنگهندو اٿيو. پري پيل ٽوپي کڻي چنڊيائين. مڇ کي وڪڙ ڏئي اڳتي وڌيو.

"جناب! ڇا اوهان کي ڪجهه ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي. شايد اوهان ڪجهه پيتل ...؟ مگر اوهان کي ڪجهه ڏسڻ ۾ ڪيئن ايندو. اوهان سان گڏ ميم صاحبه جو آهي."

"جمعدار صاحب، معاف ڪندا، مون گهٽي بريڪ هڻئي مگر سائيڪل ..."

"جناب. آءُ سائيڪل بائيڪل ڪجهه به نه ٿو ڄاڻان. اوهان کي پوليس چونڪي هلڻو پوندو."

"جمعدار صاحب، آئينده ائين نه ٿيندو."

"پوءِ آئينده اوهان کي پوليس چونڪيءَ تي به هلڻو نه پوندو."

"مگر جمعدار صاحب ..."

"مگر ... مگر ... اوهان قانون کي ڇا سمجهيو آهي. اوهان قانون جي پيڇڪڙي ڪئي آهي. اوهان غير عورت کي ونڊر لاءِ ڪلفٽن وٺي آيا آهيو. اوهان کي خبر ناهي ته شهر ۾ گونڊا ايڪٽ لڳل آهي."

"مگر هيءَ ته منهنجي مڱيندي آهي."

جمعدار خورشيد کي پيرن کان وٺي چوٽيءَ تائين ڏٺو ۽ مُڇ تي هٿ رکندي چيو. "آءُ اوهان جهڙن جوانن کي خوب ڄاڻان ٿو جن کي هر روز نئين مڱيندي هوندي آهي ۽ جناب. اوهين سائيڪل تي به ڄڻا سوار ٿيا آهيو ۽ ٻن ڄڻن جي سواري قانون هيٺ ڏوهه آهي."

"جمعدار صاحب، آئينده ائين به نه ٿيندو."

"قانون قانون آهي! اوهان کي پوليس چونڪي هلڻوئي پوندو. انهيءَ کان سواءِ اوهان هڪ پوليس آفيسر جي مٿان سائيڪل چاڙهي قانون جي بي عزتي ڪئي آهي."

"جمعدار صاحب، انهيءَ لاءِ معافي طلب آهيون."

"جناب. قانون قانون آهي! سرڪار اسان کي مفت جون پگهارون نٿي ڏي. اسان کي قانون سنڀالڻو آهي ۽ اوهان جهڙن نوجوانن کي نڪاٽي

لڳاڻلو آهي. اوهان تي ڏوهہ ڪيا آهن. غير عورت سان سير و تفريح، ٻن ڄڻن جي سائيڪل سواري ۽ پوليس آفيسر مٿان سائيڪل چاڙهڻ."

"جمعدار صاحب، آئنده اهڙي ڪڏهن، ڪڏهن بہ غلطي نہ ٿيندي."

"جناب، آءٌ بہ اوهان کي ڪڏهن، ڪڏهن بہ ٽاڻي نہ وٺي هلندس."

"جمعدار صاحب!" خورشيد پوليس واري سان اکيون ملائيندي چيو، "اميد تہ آئنده اهڙي غلطي نہ ٿيندي."

جمعدار خورشيد ڏانهن نهاريو ۽ تورو نرم ٿي چيو.

"مگر قانون قانون آهي."

"جمعدار صاحب، قانون سچ پچ قانون آهي، مگر اهڙيون غلطيون انسانن کان ٿيو وچن. ذرا هيڏانهن اچجو."

جمعدار اڳتي وڌي خورشيد ڏانهن ويو. خورشيد بہ چار قدم اڳتي هليو. پرس کلڻ جو آواز ٿيو. خورشيد جو نرم ۽ نازڪ هٿ جمعدار جي هٿ سان مليو. جمعدار جي جسم ۾ چڻ بجليءَ جي لهر ڊوڙي وئي. جمعدار پنهنجي هٿ ۾ ڪاغذ جهڙي ڪا چيز محسوس ڪئي، آهستي آهستي جمعدار جي چهري تي مرڪ ڦهلجي وئي.

"اميد تہ آئنده اهڙي غلطي نہ ٿيندي." خورشيد جمعدار جي هٿ مان هٿ ڪسڪائيندي چيو.

"مگر قانون ... قانون...!" باقي اکر جمعدار جي نڙيءَ ۾ اٽڪي پيا.

خورشيد سائيڪل تي اڳيان ٿي ويٺي. غفور پئنڊل تي زور سان پير هنيو. فضا ۾ سيٽيءَ جو هلڪو آواز ڦهلجي ويو:

"سرکاری سڑک ہے یہ تیرا گھر تو نہیں ہے۔"

# فرشتو

جڏهن هو گهر موٽي رهيو هو، تڏهن رات ڪافي اونداهي ٿي چڪي هئي. آسمان ۾ بادل شيطاني روحن جيان هيڏي هوڏي ڊڪي رهيا هئا. گهٽيءَ ۾ ڏينهن جو برسات پوڻ ڪري چڪڻ لڳي پئي هئي. ڪڏون ڪوبا پاڻيءَ سان پرجي ويا هئا. گند جي ڍيرن مان، جي گهٽيءَ ۾ هر طرف پکڙيل هئا، گندي بانس پکڙجي وئي. ميونسپل طرفان لڳايل فانوس ٽم ٽم ڪري رهيو هو. هوا جي جهوٽي تي سندس لاٽ جهيٽي تي تي ويئي، وري پڙڪو کائي ٿي اُبري. گهٽيءَ ۾ هر طرف سانت ٿي سانت هئي، ڄڻ موت جو فرشتو پنهنجا پير گهمائي ويو هجي. رکي رکي، ڪنهن گهر مان ٻار جي روئڻ يا ڪتي جي ٻونڪڻ جو آواز ٿي آيو ۽ وري خاموشي ڦهلجي ٿي وئي. هن پنهنجي جسم ڏانهن نهاريو، جو لاڳيتين بيمارين سبب هيٺو ٿي ويو هو جنهن ۾ نه سگهه هئي نه قوت، هڪ هڏائون پڃرو هو، جيڪو ڊاڪٽرن وٽ ڏيکاءَ لاءِ پيو هوندو آهي. هن پنهنجي کيسي ڏانهن نهاريو، جنهن ۾ ٻه آنا کڙڪي رهيا هيا. هن جي چپن تي مرڪ ڦهلجي وئي. اهڙي مرڪ جنهن ۾ هزارين گهاءَ چيپيل هجن، جنهن ۾ هزارين سورلڪل هجن. ”سڄي ڏينهن جي ڪمائي صرف چار آنا!“ هو نفرت وچان پٽڪيو ۽ ماٺ ٿي ويو. ”اهي به ڄڻ خيرات طور مليل!“

هن کي ڪارخاني مان ڪڍيو ويو هو، انهيءَ ڪارخاني مان جتي هن جي ڏاڍي ڪم ڪندي زندگي ختم ڪئي هئي، جتي هن جو پيءُ ڪم ڪندي پٽي هيٺ اچي شهيد ٿي ويو هو، جتي هن ننڍپڻ کان وٺي ڪم شروع ڪيو هو. ڇاڪاڻ ته هو بيمار هو ۽ هاڻي هن جي ڪارخاني ۾ ڪابه ضرورت نه هئي. ڪنهن وقت هو پنهنجي ٽوليءَ جو موچارو مزور ليکيو ويندو هو. هن جي ڪم سان ٻيا مزور ريس ڪندا هئا. سيٺ خوش ٿي کيس شاباس چوندو هو. صبح کان شام تائين ڪم ڪرڻ

سان بہ چار روپيا ڪتي ونندو هو. مگر هينئر هو زنده لاش هو، جيڪو قبر چيري هن دنيا ۾ آيو هجي، جنهن کي ماڻهو ڏسي گهٻرائجي وڃن. ”نہ بابا! توکان مزوري نہ ٿيندي!“ ”نہ، سائين! نہ. توهان ٽوڪري کڻي نہ سگهندين!“ ”نہ، مسٽر! اهڙو وزن کڻڻ تنهنجو ڪم نہ آهي.“ آخر هو ڪري بہ ڇا ٿي سگهيو.

اهڙو ڪوبہ انسان نہ هو جو مٿس ڪهل آڻي، ڪير چوي تہ ”اچ، بابا! هي بار کڻ.“

صبح کان شام تائين بازارين ۽ مارڪيٽن جا ڦيرا پائيندي، ڪجهہ بہ پلئہ نہ پيس. صرف چار آنا. جنهن مان هڪ ڊبل روٽي وٺي پاڻ کاڌي هئائين ۽ باقي بہ آنا انهيءَ خيال کان بچائي رکيا هيائين تہ متان سڀاڻي مزوري نہ لڳي ۽ پيٽ کي پٿر ٻڌڻو پوي. ڪڏهن اهڙا ڏينهن بہ ايندا هئا جو هن کي ۽ هن جي ماءُ کي ويلن جا ويلا صرف پاڻي نصيب ٿيندو هو. هو ٽٻيءَ ۾ پئجي ويو هو. اهو سڀ ڪجهہ بہ تہ پنهنجي ماءُ لاءِ، جا هن جي سموري ڪائنات هئي، ڪري رهيو هو، ورنہ هو●نيا کان منهن موڙي اهڙيءَ ريت مزي سان چادر پائي سمهي رهي ها، جو ڪير قيامت جي ڏينهن بہ بيدار ڪري نہ سگهن ها. انهيءَ ماءُ لاءِ، جنهن راتين جا اوجاڳا ڪڍي، هن جي خدمت ڪئي هئي، انهيءَ ماءُ لاءِ، جنهن صبح کان وٺي شام تائين جنڊ ڪاهي هن جي پورت ڪئي هئي، انهيءَ ماءُ لاءِ، جيڪا گرمي توڙي سرديءَ ۾ هن جي آرام خاطر ڪڏهن بہ سکي ٿي نہ ستي!

نيٺ سندس چاڪري ڪندي هوءَ بيمار ٿي پئي. حڪيم ۽ ويج آيا. ڪجهہ نہ ٿيو. ڊاڪٽرن فيون ورتيون، ڪجهہ نہ ٿيو. سرڪاري اسپتال مان ڪيس لاعلاج ڪري ٽڙيو ويو. سندن گهر ۾ جا ميڙي چونڊي هئي سا ختم ٿي ويئي، سندن گهر جو سمورو سامان وڪامي ويو. سالن پنڌيان سال گذري ويا مگر هن جي ماءُ تندرست نہ ٿي، رهندو هو پاڻ بہ بيمار ٿي پيو. اڳ چار ڏوڪڙ ڪمائي ماءُ لاءِ ڪجهہ کاڌو وٺي ايندو هو، مگر هينئر ڪير ڪير مزوري ڏيڻ لاءِ بہ تيار نہ هو. ڪوبہ ڪم ڏيڻ جي آڇ ڪونہ ڪندو هوس. صبح کان شام تائين رلندو شام جو ڍڪر ڪائيندو، اچي گهر پيڙو ٿيندو هو.

اُپ ۾ ڪڪر مڙي ويا، چڻ آسماني ديوتائون دنيا جي رهاڪن خلاف سازش سٽي رهيا هئا. رکي رکي، بجلي چمڪي ٿي، هلڪي

هلڪي بوند پوڻ لڳي. هن آهستي آهستي قدم جهوپڙيءَ ۾ رکيو. ٺڪر جو ڏيئو ٽم ٽم ڪري رهيو هو. هن جي ماءُ ڪنڊ ۾ نيم مرده حالت ۾ پئي هئي. پنهنجي پٽ جي پير جي آهٽ ٻڌي، ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪيائين، مگر ڪنگهه سبب سندس اکر هن جي نڙيءَ ۾ رهجي ويا. ٿوريءَ دير بعد سامت ۾ آئي ۽ آهستي چيائين:

”ابا دير لڳائي ڇڏيئه!“ پوءِ ٿوري دير لاءِ چپ ٿي ويئي. ”ابا! منهنجي دوا!“ هن جون اکيون هوريان هوريان وڃي پٽ جي چهري تي پيون. ”امڙ ...“ اکر هن جي نڙيءَ ۾ اٽڪي پيا. ”حڪيم چيو دوا اڃا تيار نه آهي، سڀاڻي انشاء الله تيار ٿي ويندي.“ دوا جو نالو ٻڌندي، پوڙهيءَ جي جان ۾ جان آئي. ”ابا، هن جيئڻ کان موت ڀلو! جيڪر زهر مليم ته زندگيءَ جي سورن کان ڇٽي پوان!“ هن ڏبل روٽي ماءُ جي اڳيان وڌائي، جنهن مان هڪ ٻه ڀورواٽ ۾ نيئي، ليٽي پيئي.

هوا تيز ٿيندي وئي. مينهن ٻه اوهيرا لائي ڏنا، ڄڻ آسمان کان آبشار پلٽي پيا هئا. هن جي ماءُ سڄي رات رڙندي، روئندي، ڇنگهندي، ڪَٽڪندي، ڪنگهندي ۽ سهڪندي گذاري. ڏيئو هوا جي جهوٽن تي ٿڙ ٿڙ ڪري رهيو هو. هو مٽي هيٺان ٻانهون ڏيئي سمهي پيو. هن جون اکيون ڪليل جون ڪليل رهجي ويون. هو پنهنجي ۽ ماءُ جي زندگيءَ تي سوچي رهيو هو. سمجهي نه پئي سگهيو ته جيڪڏهن اها ”زندگي“ هئي ته پوءِ ”موت“ ڇا هو؟ هو ماءُ جي دانهن ۽ ڪوڪن کي ٻڌي رهيو هو. هن دوا لاءِ سوچيو مگر ڪٿان ايندي؟ ايترو عذاب ڪيستائين؟ هن کي ماءُ جا اکر هر گهڙيءَ ڪنن ۾ وڄڻ لڳا: ”ابا! هن جيئڻ کان موت ڀلو. زهر ملي وڃيم ته هِن زندگيءَ جي سورن ۽ ڏکن کان ڇٽي پوان.“

هو پاسا ورائيندو رهيو، ڪر موڙيندو رهيو. ٻاهر جيئن پوءِ تيئن برسات تيز ٿيندي ويئي. ڏيئو ٽم ٽم ڪري وسامي ويو، مگر هن جون اکيون اڃا ٽمڪي رهيون هيون. هن کي آخر زندگيءَ جي سمورن ڏکن سورن جو علاج هٿ آيو. هن جون اکيون يڪدم ماءُ ڏانهن وڌي ويون، جنهن رڙيون پي ڪيون، ”هن سورن واري جيئڻ کان موت ڀلو!“ هن جي اکين مان ڳوڙها ٽم ٽم ڪري وهڻ لڳا، ڄڻ چئي رهيا هئا: ”امڙ! توکان سواءِ منهنجو هن دنيا ۾ ڪير آهي؟“

صبح ٿيندي ئي شهر کان پري نڪري ويو، جتي ٿوهرن جا جهڳٽا

هئا، جن جي ڪير جا پنج اٺ ٽيپا انساني حياتي وڃڻ لاءِ ڪافي هئا. زهر پريل ٿوهر جنهن کي ڏسي جانور بہ ونءُ ويندا آهن، هن پنهنجي ڪيسي مان شيشي ڪڍي ٿوهر ڏانهن هٿ وڌايو. سندس هٿ ڏڪڻ لڳا. ٿوهر جو ڪير شيشيءَ کي ائين پري رهيو هو جيئن ننڍي لاءِ سندس خالي پيٽ کي ماءُ جي ٿڃ. هن کي ماءُ جو شفقت پريو چهرو نظر آيو، جو مسڪرائي ڏانهس نهاري رهيو هو. هن ڪان چرڪ نڪري ويو ۽ شيشي پٽ تي ڪري پيئي. هو چرڪ پري اٿيو. "هان! مان ڇا ڪري رهيو آهيان!" ماءُ جو ڪنجهندڙ، غم پريل چهرو هن جي اکين اڳيان ڦرڻ لڳو. "ابا! هن جيئڻ کان موت پلو، زهر ملي وڃيم تہ زندگيءَ جي سورن کان ڇٽي پوان." هن جي ڪنن ۾ ڏ ڪنڙ جا اکر وڄڻ لڳا. "هن مڙهيءَ جو ڪو علاج ڪونهي." پوءِ هن کي ماءُ جون عذاب پريون راتيون اکين اڳيان ترڻ لڳيون. هن جي اکين اڳيان ماءُ جا ڏک پريل ڏينهن ڦرڻ لڳا ۽ هو ماٺ تي ويو. هن وري ڏڪندڙ هٿن سان شيشي کڻي اکيون پوري ٿوهر هيٺ جهلي. شيشي ڪنهن غمزده جي حياتيءَ جيان پرجي ٽمٽار ٿي وئي.

اجا قدم جهوپڙيءَ ۾ رکيائين تہ ماءُ جي ڪنجهڻ جو آواز ٻڌائين، هن جي ڪنگهہ سان جڻ سڄي جهوپڙي ڏک ۾ ڏڪي ٿي وئي. پٽ کي ڏسندي ئي هن جي چهري تي رونق اچي وئي. "ابا!" هوءَ ٿوري دير لاءِ سانت ٿي وئي. "اڄ تہ ضرور منهنجي لاءِ دوا آندي هوندءِ!" هو يت جيان ماٺ تي ويو. "ابا! هن جيئڻ کان تہ موت پلو!" هو ماءُ جي ويجهو آيو ۽ ماءُ کي ڳلي ملي، اچي روئڻ ۾ ڇنڪيو، "ها، امان اڄ مون تنهنجي لاءِ دوا آندي آهي." سندس آواز سڏڪن ۾ گم ٿي ويو. هوريان هوريان اٿيو، شيشي ڪڍيائين. سندس هٿ ڏڪڻ لڳا، ساهہ تيز ڪڄڻ لڳو. اکين اڳيان اوندهہ ڇانئجي ويس. مٿو ڦرڻ لڳس. ڪجهہ ٽيپا پياليءَ ۾ وجهي، پاڻي ملائي، کڻي ماءُ کي ڏنائين، جنهن کي هوءَ امرت سمجهي هڪ ئي ساهيءَ سان ڳٽ ڳٽ ڪري پي ويئي ۽ پوءِ هن جي چهري تي مرڪ ڇانئجي ويئي. "ابا! توکي منهنجو ڪيڏو نہ خيال آهي! ابا، تون فرشتو آهين فرشتو!" هن ڪنڌ کڻي ماءُ جي جهوليءَ ۾ وڌو. ماڻس جو هٿ آهستي آهستي هن جي وارن ۾ ڦرڻ لڳو، جڻ هوءَ پنهنجي آڱرين سان سندس وارن کي ڦڻي ڏيندي هجي.

# ڪفن چور

سڄي شهر ۾ هُو هوا ٿي وئي ته ڪرم الله کي رات ڪفن چوري ڪندي پڪڙيو ويو آهي. ماڻهن کي ڏنديَن آڱريون هيون! جيترا هئا وات اوتريون هيون ڳالهيون: ”منهن ۾ مُلا اندر ۾ ابليس!“ ”جڏهن ڏسڻا وائسڻا ماڻهو اهڙا ڪم ڪندا ته دنيا ويهڻ ڪان ويئي.“ ”قيامت آئي بيو چا“ ”چوري به ڪهڙي، ڪفن جي چوري! دنيا به چٽ دين به چٽ. ٻنهي جهانن ۾ منهن ڪارو!“ ”مردود کي شايد رات اچي ڪٿيءَ ڪنيو هو جو چوڪيدار جي نظر پئجي ويس ۽ وڃي ڳٽڙ کان جهليائينس. قبر کوٽي مٽيءَ جو ڍير هڪ پاسي ڪيو هئائين، اجا مردي جو ڪپڙو لاٿائين پئي ته جهلجي پيو.“ ”سائين، زماني تي ڪهڙو اعتبار.“

ڪرم الله جي سڄي پاڙي ۾ ساک هئي. هرڪو ننڍو وڏو ڪيس سڃاڻندو هو. پاڙي جي مسجد جو ٻانگو هو. صوم صلوات جو پابند. صبح جو سوير اٿي تهجد پڙهندو هو. بلند آواز سان ذڪر ڪندو هو. نفل پڙهڻ کان پوءِ اذان ڏئي ماڻهن کي خير جي عمل جي ڪوٺ ڏيندو هو. نماز پڙهڻ کان پوءِ قرآن شريف جي دور ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويندو هو. قرآن شريف اهڙيءَ منيءَ قرئت سان پڙهندو هو جو واٽهڙو ته ڪا گهڙي بيهي هن جو پڙهڻ ٻڌندا هئا. سڄو ڏينهن سندس چپ پيا چرندا هئا. دل ئي دل ۾ پيو درود ۽ صلوات پڙهندو هو. نوراني چهرو، ٻگهي سفيد سونهاري، مٿي تي مَلڪِن جهڙي سفيد دستار، بدن تي سفيد چولو، جيڪو هنجي گوڏن کان هيٺ پيو لڙڪندو هو. هلڪڙي به تختي سلوار جنهن جا پانچا ننڍا ۽ سدائين مرين کان مٿي هوندا هئا. چوغي جي مٿان خاڪي واسڪوٽ جنهن سان ڳاڙهو سفيد چٽن سان رومال پيو لڙڪندو هو. هٿ ۾ دراز عصا، جنهن جي مٿان پٽ چڙهيل. گهٽيءَ مان لنگهندو هو ته ماڻهن سان ڏاڍي عزت ۽ محبت سان ملندو هو. سندس لبن تي سدائين مرڪ هوندي

هئي. ماڻهو چوندا هئا "فرشتو آهي فرشتو!"

جينوئٽيڪ هو ان شهر جو رهاڪو نه هئو پر هن کي ان شهر ۾ آئي ويهه سال کن ٿي ويا هئا. انهن ويهن سالن ۾ جيڪڏهن ماڻهن ٻڌي ته هن جي ساراهه ٻڌي. ڪنهن بني بشر ڪڏهن به نه چيو ته ڪو مون سان کهرو ڳالهايو اٿائين.

ڪرم الله کي ڪورٽ جي ڪٽهڙي ۾ حاضر ڪيو ويو. ڪورٽ ۾ ماڻهن جا هشام اچي مڙيا. هن کان اول شهر ۾ اهڙو واقعو ٿيو ئي ڪين هو، ڪن ڪرم الله مٿان چٽرون پئي ڪيون:

"سائين، اچ ڪله جي ملن جا حال ڏسو!"

ڪنهن چيو:

"منهن ۾ ملا، اندر ۾ ابليس!"

ڪنهن چيو:

"چون به خلوت مي روند ڪار ديگر مي ڪند."

ڪن کي ٿوري گهڻي ڪرم الله سان همدردي هئي ۽ انهيءَ راز ٻڌڻ جي فڪر ۾ هئا ته ڪرم الله اهو ڏڪر چو ڪيو؟

ڪرم الله جو چهرو مرجهايل ٿي معلوم ٿيو. جنهن مان نورانيت غائب ٿي وئي هئي، سندس پيشانيءَ ۾ گهنج پيل هئا ۽ اکيون هيٺ جهڪيل هيون. مئجسٽريٽ هٿوڙو ٽيبل تي هڻي به دفعا "خاموش، خاموش" پڪاريو. ڪورٽ ۾ سانت ڇانئجي وئي. ڪرم الله کي بيان ڏيڻ لاءِ چيو ويو. هن آهستي آهستي پنهنجون اکيون مٿي ڪنيون، سندس نظر ۾ ساري ڪورٽ، ڪرسين تي ويٺل ماڻهو، ڪارن ڪارن جبن سان وڪيل ۽ شاندار ٽيبل تي ويٺل مئجسٽريٽ سرڪس جي ڳولي وانگر ڦرندا ڏسڻ ۾ آيا. آخر اهي سڀ ڦري هڪ نقطي تي ختم ٿي ويا. جنهن ۾ هن کي پنهنجي بيمار زال، جا بيماريءَ سبب مرڻ جي پڪ تي هئي، ڏسڻ ۾ آئي، جنهن ۾ هن جي جوان ڌيءَ جنهن جي جواني ڦاٽل ڪپڙن ۾ اگهاڙي پئي ٿي ڏسڻ ۾ آئي، ان ۾ سندس معصوم پٽ بک وچان رڙندو نظر پئي آيو. هن جي اکين مان ڳوڙها نار ڪري وهڻ لڳا، جي سندس سفيد ڏاڙهي تان وهي زمين ۾ جذب ٿي ويا.

"سائين، مون کي پنهنجو ڏوهه قبول آهي." ڪرم الله جو آواز نڙيءَ ۾ ڦاسي پيو. "مگر آءٌ بيو ڪري چا ٿي سگهيس. آءٌ تر جو رهاڪو آهيان،

اتي بک کان بيزار ٿي هن طرف آيس. الله سائين پنهنجي مهربانين سان مون کي نوازيو. هتي جلد ئي مون کي پاڙي جي مسجد ۾ بانگ ڏيڻ تي مقرر ڪيو ويو. ڏهه روپيا مسجد جي سنڀال عيوض مقرر ٿيا. اوڙي پاڙي مان صبح شام ٽڪيون ملنديون هيم جنهن مان ڪجهه پاڻ کائيندو هوس ۽ ڪجهه فقيرن کي ڏئي ڇڏيندو هوس. پنهنجو وقت بي فڪريءَ سان پئي گذريو، سستائي جو وقت هو. ڏهن روپين مان ڪجهه لٽي ڪپڙي تي خرچ ٿيندو هو، ڪجهه بين ضروري شين تي، تنهن هوندي به به ٽي روپيا بچندا هئم. الله جي مهربانين جو هر وقت به رڪعتون نفل پڙهي شڪريو بجا آڻيندو هوس. ان وقت ڳوٺ جي چڱي مڙس جي مهرباني سان منهنجي شادي خانه آبادي ٿي. اڳ هڪ سر هوس، هينئر به سر ٿياسين. ڏٺيءَ پنهنجي باجهه سان پئي اسان جو وقت چڱو گذاريو. ڪڏهن به ڪنهن جي در تي هٿ ٽنگڻو نه پيو. وقت اهڙيءَ ريت گذرندو ويو. نمازي جيئن پوءِ تيئن ويا گهٽ ٿيندا، منهنجي اولاد وئي وڌندي. ٽڪيون جي اڳ ملنديون هيون سي ذري گهٽ بلڪل بند ٿي ويون. شيون جي ڪالهه سستيون هيون سي اڄ چوٽ چڙهي ويون. ڪالهه ريئي ۾ ايترو ان ملندو هو جو سارو مهينو هلندو هو. اڄ ڏهين ريئين بس ايترو ٿي مليو جو به هفتا مس هلي. ڪالهه ڪپڙو چئين آني وال هو، اڄ اهو ڪپڙو چئين ريئين وال به نه ٿي مليو. اڳ ڪاٺ ۽ ٻهرڻ لاءِ هڪ سر هوس پوءِ ٻن مان ڦري پنج ٿياسين. هڪ نياڻي ۽ به پٽ ڏٺيءَ پنهنجي نوازش سان مون کي عطا ڪيا مگر منهنجي پگهار جا ٻهرين ڏينهن کان مقرر ٿي هئي، انهيءَ جي شرح ۾ ڪوبه ڦيرو نه آيو. مسجد جي متولين کي ڪيئي بار عرض ڪيم. هنن ائين چئي ٽرڪائي ڇڏيو ته ٻيو اُن کان زياده ڇا ڏئي تو سگهجي؟ منهنجي گهٽين منٿن ۽ آزين نيزارين تي ٻهرِيان تي پوءِ به رپيا ٻيا به وڌائي ڏنائون. منهنجي وڌندڙ اولاد ۽ شهر ۾ وڌندڙ شين جي قيمت مان منهنجو پورائو نه پئي ٿي سگهيو. اڳ پاڙي مان ايتريون ٽڪيون اينديون هيون جو سڀ پيٽ پري کائي سگهندا هئاسين. هينئر ڪو وقت اهڙو به ايندو هو جو سڀ بک تي ويٺا هوندا هئاسين. اڳ عيد برات تي پاڙي مان ڪو لٽو ڪپڙو به ملندو هو مگر هينئر اهو به بند ٿي ويو. آءٌ سفيد پوش ماڻهو ڪنهن جي اڳيان وڃي هٿ ٽنگيان. هڪ به مهربان جن ۾ اميد هئم، اهي به منهنجي هر وقت

لاش کان ڪپڙي جي زياده ضرورت هئي جيئن سندس اوگهڙ ڍڪجي سگهي. افسوس، مان پنهنجي ماڄران جي اوگهڙ ڍڪي نہ سگهيس.“

ڪورٽ ۾ چوطرف سانت ڇانئجي وئي. هر هڪ جو چهرو اُداس ٿي ويو. جج صاحب اُٿي پنهنجي چيمبر ۾ ويو. ڪورٽ ۾ ماڻهن جو چوٻول شروع ٿي ويو. سڀ جج صاحب جي فيصلي جا منتظر هئا. جج صاحب پنهنجي چيمبر مان اٿي اچي ڪرسيءَ تي ويٺو. هٿوڙو کڻي ٻہ دفعا ٽيبل تي هنيائين. ”خاموش. خاموش“ جي آواز سان ڪورٽ ۾ ماٺ ٿي وئي.

”ان ۾ شڪ ڪونهي تہ ڪرم الله اهڙو ڪم ڪيو آهي جو قانوني ۽ اخلاقي خيال کان ڏوهہ آهي مگر هن جي اڳين چال چلت ۽ مجبوريءَ کي ڏسي ڪورٽ مٿس رحم آڻي.“ جج ڪنڌ مٿي کڻي ڪرم الله ڏانهن نهاريو ”ٽي مهينا سخت پورهئي سان جيل جي سزا ڏي ٿي.“

ڪرم الله جي اکين مان ڳوڙها ٽم ٽم ڪري وهڻ لڳا. چوڻ چئي رهيا هئا. ”ڏيءَ! مون کي قيد جي پرواهہ نہ ٿئي ها، جيڪڏهن مون کي اهو يقين هجي تہ هينئر تنهنجي جواني اگهاڙي نہ رهندي.“

# امڙ مان نہ ڪندس

بسين جو ڪڙڪو ٿيو، ڪي بسيون تختي تان پٽ تي ڪري ٽڪر ٽڪر ٿي ويون. "رمون!" رحيما، جا اڱڻ ٻهاري رهي هئي، رڙ ڪئي، "نيٺ بسين جي ٻيڙي ٻوڙيئہ؟" رمون ائين ڪڇي جيئن پٽ. چور جيان چپ ڪيون ويٺو رهيو.

"جيڪڏهن تون پنهنجون حرڪتون بند نہ ڪندين تہ آءٌ توسان آئينده ڪونہ ڳالهائينديس. بس گهر ڇڏي هلي وينديس." رمونءَ آهستي آهستي ٻليءَ وانگر پير پير ۾ پائي ماءُ ڪي پنيان اچي ڳراٽڙي وڌي. ماڻس جي سموري ڪاوڙ ڪافور ٿي ويئي.

"امڙ! تون مون کي سچ پچ ڇڏي ويندينءَ؟ امڙ! تون مون سان ڪونہ ڳالهائيندينءَ؟"

جڏهن بہ ماڻس کيس نہ ڳالهائڻ جو ۽ گهر ڇڏي وڃڻ جو دڙڪو ڏيندي هئي تہ سندس منهن جو پنو ئي لهي ويندو هو ۽ دل مايوس ٿي ويندي هيس. يڪدم ماءُ کي ياڪر پائي منٿون ڪندو هو. "امڙ! ائين نہ ڪجانءِ." ماڻس جو بہ منجهس ساهہ هو. سڪي سڪي تہ ڄائو هو. مرحوم مڙس جي نشاني. پيرن فقيرن کان پني پني تہ مليو هو. صبح سانجهيءَ نماز پڙهڻ کان پوءِ ٻئي زال مڙس ڏٽيءَ کان پٽ جي دعا گهرندا هئا. پيرن فقيرن تي پٽ لاءِ سڪائون باسيندا هئا. يوسف شاهہ بخاريءَ جو پڙ، ميان شاهہ محمد ڪلهوڙي تي جهنڊ، سائين حاڪم شاهہ پٽ واري جي ديڳ، حاجن شاہ جو گهنڊ، امامن جو نياز ۽ پيران پير جي يارهين. حليما جڏهن ساهيڙين سان ويهندي هئي تہ چوندي هئي، "ادي! پيرن ڏنو آهي." جڏهن رمون پيٽ ۾ ٿيو تہ امام ضامن جا منيا ورهايا ويا ۽ پنجن مهينن کان پوءِ اڌ ڳپ ڪيو ويو. جڏهن ڇوڪر ڄائو تہ ڀٽهس کين گهٽايو. جيڪي هيس ان کان زياده خوشيون ڪيائين. اجا

چوڪر ٻن سالن جو ٿيو تہ چوڪر جو طهر بہ ڪرائي ڇڏيائين. طهر تي وڏي ڌام ڌوم ڪيائين مگر پٽ جو سک ڏسي نہ سگهيو. طهرڪان جلد ئي پوءِ رمون الله ۽ رحيما جي سپرد ڪري پاڻ الله واهي ڪيائين. مرڻ وقت پٽ کي ٻُڪلي لائي نرڙ تي چمي ڏنائين. اکين ۾ آب آڻي زال کي چيائين،"رحيما! منهنجو رمون هينئر توکي پهتل آهي، هن کي متان ڏکيو ڪرين، هن کي پنهنجي ساهہ کان وڌيڪ پيارو رکج." ائين چئي اشهد ڪلمو پڙهيائين.

مڙس جي مرڻ کانپوءِ رحيما، رمونءَ لاءِ پيءُ بہ هئي.ماءُ بہ. جيڪو لهندي هئي اهو اول پٽ جي حوالي ڪندي هئي. پهريان رمونءَ کي کارائيندي هئي، پوءِ پاڻ گرهہ کڻندي هئي. جيڪڏهن رمونءَ کي ڪجهہ ٿيندو هو تہ سندس ساهہ ئي هيٺ مٿي ٿي ويندو هو. جڳ ۾ ڪا پياري شيءِ هيس تہ رمون. ڪڏهن بہ پٽ تي هٿ سڌو نہ ڪيائين. ڪهڙي بہ شرارت ڪندو هو تہ وڏ ۾ وڏ چوندي هيس، "آءُ توسان نہ ڳالهائيندس، گهر ڇڏي هلي ويندس..." رمونءَ لاءِ ان کان وڌيڪ ٻي ڪابہ ڏکي ڳالهہ ڪانہ هوندي هئي. جيستائين ماڻس مرڪندي نہ هئي تيستائين ماٺ نہ ڪندو هو.

گهٽيءَ ۾ بار راند ڪيڏي رهيا هئا. ڪيڏندي ڪيڏندي ڳالهہ وڃي تون ڇا تون ڇا تي پهتي. رمون هڪڙي چوڪر کي ڪنج ڪڍي وٺي.گهر ڀڳو. ماءُ جي نظر بچائي کٽ هيٺ لڪي ويهي رهيو. چوڪر اچي ماڻس کي دانهن ڏني. ماڻس ڪاوڙ ۾ چيو، "اچڻ ڏيوس، آءُ تي لپري لاهيانس، بس پٽ! آئنده توسان نہ وڙهندو." چوڪر روئندو، سڏڪا ڀريندو گهر هليو ويو. رمون آهستي آهستي کٽ هيٺان نڪري چپ چپ ڪري اچي ماءُ کي ياڪر وڌو، ماڻس تڏي تي ويئي. "نہ نہ، آءُ توسان ڪين ڳالهائيندس، آءُ گهر ڇڏي هلي ٿي وڃان ... تون جو ڪِنن چوڪرن سان گهمين ٿو ۽ وڙهين ٿو."

سج لهي ويو، اوندهہ ٿي وئي، رمون گهر نہ موٽيو. ماءُ جي من ۾ هورا ڪورا اچي لڳي. "الائي ڇو اوير ڪئي اٿائين؟ ضرور ٻارن سان ڪيڏندو هوندو. شل ڏٺي ڪوسو واءُ نہ لائيس." مگر ماءُ جي من کي آرام ڪٿ، ايلاز ڪري پاڙي جي چوڪر کي موڪليائين تہ وڃي وٺي اچينس. اچا رمونءَ گهر ۾ پير پاتو تہ ماڻس ماٺ ڪري ويهي رهي. "امڙ!" رمونءَ هوريان

چيو. ”چانور؟“

”جيڪا تنهنجي ماءُ هجي، وچي اُن کان گهُر. آءٌ توسان ڪين ڳالهائيندس. آءٌ هينئر گهر ڇڏي هلي ٿي وڃان. تون اڏ اڏ رات تائين وتندين رلندو.“ رمونءَ ماءُ کي اچي ياد ڪرو ڏنو.

رمون اسڪول مان ڦرهي ۽ سلبيٽ ڳوٿريءَ ۾ وجهي کسڪي هليو. اسڪول جا ڇوڪرا بہ شڪارين جيان اچي سندس پٺيان پيا. سهڪندو سهڪندو اچي گهر پهتو. رمون اڳيان ڇوڪرا پٺيان، رمون وچي ماءُ جي پير ۾ ببنو. ڇوڪر در تان سڏ ڪيو. ماڻس رمونءَ ڏانهن نهاريو، رمونءَ جي منهن جو پنو ئي لهي ويو. ”بس جي تون اسڪول کان پڄي ٿو اچين ۽ پڙهڻ نہ ٿو وڃين تہ پوءِ منهنجو هن گهر ۾ رهڻ جو ڪهڙو ضرور آهي. آءٌ هينئر ئي هلي ٿي وڃان.“

رمونءَ جي اکين مان ڳوڙها ٽم ٽم ڪري وهڻ لڳا. ڳوٿري ڪنيائين. ائين ٿي ويو، جيئن پڪري ڪسڻ ويندي هجي.

رحيما پٽ جي اسڪول وڃڻ کان پوءِ هن جي آئيندي تي سوچڻ لڳي:” رمونءَ جي شادي سندس ماروٽ سان ڪرائيندس. ڇوڪري پنهنجي بہ آهي ۽ سهڻي بہ آهي. اهڙيءَ ريت اسان ياءُ پيڻ هميشہ لاءِ ڳنڍجي ويندا سين.“ رمونءَ جي ئي خيالن ۾ ويٺي هئي تہ سندس بت گرم ٿي ويو. اٿي کٽ تي آهلي پئي. بخار جيئن پوءِ تيئن وڌندو ويو. رمون اسڪول کان موٽي آيو. اچڻ سان ماءُ کي ياڪر پاتائين، ”امڙ! تنهنجو بت گرم آهي. امڙ! توکي بخار آهي.“ ڊاڪٽر آيو. رحيما کي ڏسي چيائين، ”مائيءَ کي گردن توڙ بخار آهي.“ سيني جا طاق لڳي ويا. پريات ويل رحيما موڪلائي ڪئي. گهر ۾ مانڌاڻ مچي ويو. رمون ننڊ مان ڇرڪ يري اٿيو. يڪدم ڊوڙي ماءُ وٽ ويو، ”امڙ... امڙ...“ مگر ڪيس جواب نہ مليو. ”امڙ... امڙ... ڇو تون مون سان ڳالهائين نہ ٿي. تون مون سان ڪاوڙي آهين ڇا؟ امڙ جواب تہ ڏي ... مامل امڙ مون سان رُني آهي... امڙ اڳتي مان اسڪول کان ڪونہ گسائيندس. امڙ تنهنجو چيو ڪندس. دير سان گهر نہ ايندس ... امڙ ڪنن ڇوڪرن سان نہ کيڏندس ۽ نہ وڙهندس، نہ وري شرارت ڪندس. امڙ! جيئن تون چوندينءَ تيئن ڪندس...“ رمونءَ جا اهي لفظ بڌي سڀ اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳا. رمون وائڙو ٿي ويو. ”هي روئن ڇو ٿا؟“، ”اوهين روئو ڇو ٿا؟ هي روئن ڇو ٿا؟“

”پٽ اڄ تہ ٻاهر هلون، تنهنجي ماءُ کي بخار هو نہ ... ان کي هينئر ننڊ آئي آهي.“

رحيما کي وهنجاري سهنجاري آخري پيرو رمونءَ کي ماءُ جو منهن ڏيکاريائون. رمون ماءُ کي ڀاڪر وجهي ڳلن کي چمڻ لڳو. ”منڙي امڙ ... جيجل امڙ... اکيون تہ کول، ڇو مون سان ڳالهائين نہ ٿي؟“

رمونءَ کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ ئي نہ آئي تہ امڙ گذاري وئي آهي. کيس ريجهائي وٺي ويا. رحيما جو جنازو کڻي ويا. رمون جڏهن گهر آيو تہ ماءُ کي سڏڻ لڳو، ”امڙ!... او امڙ...“

”پٽ! تنهنجي ماءُ حج تي ويئي آهي.“ نانهس چيو. ”نہ نہ، امڙ مون کي اڪيلو ڇڏي نہ ويندي. ضرور هوءَ مون کان ڪاوڙجي وئي آهي.“ ”امڙ، خدا جو قسم! اڳتي اسڪول کان ڪين گسائيندس، ڪڏهن بہ دير ڪري گهر نہ ايندس، ڪڏهن بہ ڪنن ڇوڪرن سان نہ کيڏندس ۽ نہ وڙهندس، ڪڏهن بہ شرارت نہ ڪندس. امڙ! مون کي هيڪلو ڇڏي نہ وڃ. امڙ! مون کي پاڻ سان وٺي وڃ.“

”امڙ! ... او امڙ ...!“

# علوءَ جا عشق

”منهنجو عورتن تي پڪو چڙهيل آهي.“ هو مرڪيو ۽ مرڪ هن جي چهري تي پکڙجي وئي. هن جا ڳل رت جي تڪڙي دوري سبب سرخ ٿي ويا ۽ هن جون اکيون بہ شرارت ۽ شوخيءَ وچان ائين چمڪڻ لڳيون جيئن سج جي روشنيءَ ۾ تلاون ۾ بيٺل پاڻي.

”ڪهڙي بہ عورت، چاهي حور ڇو نہ هجي پر جي هڪ پيرو اسان جي اک سان اک مليس، پوءِ ڪاڏي ويندي.“ هو ائين ماٺ ٿي ويو، جيئن ڪو ڳالهہ ٽيندڙ منو ٻوليندو ماٺ ٿي وڃي.

بکر جي ملٽري اسپتال جي وارڊ نمبر ڇهين ۾ صرف ڇهن مريضن جون بندوبست هو، جن مان ٽن مريضن کي واپس وئي ڪيترا ڏينهن ٿي ويا ها، باقي ٽن مريضن مان ٻهرين مريض جو نالو علو هو. علو مرداڻي بيماريءَ ۾ ڦاٿل هو. اصل لاڙڪاڻي جي ويجهو ڳماڙ واهہ تي رهندو هو. ڪم جو ڪوس، ڳالهين جو ڳهير. ڪنهن ڪم جو ڇيس تہ ٻرو چڙهي ويندس، انهيءَ ڪري مائٽن ۽ هن جي پوندي نہ هئي. هو ڪم جا زور ۽ هي ڪم جو چور، پيو گسائيندو ۽ گوٽناٽون ڪندو. باقي مڙس ڪچهريءَ جو مور ۽ مڪانن جو مان هو. جنهن ڪچهري ۽ مڪان ۾ ويو تہ اتي موج مچي ويندي. هرڪو ڇڪي پنهنجي پرسان ويهاريندس يا اتي اچي علوءَ جي پر ۾ ويهندو. پوءِ اوپاريون لهواريون، هِتان جون هُتان جون، پنهنجون پرايون ڳالهيون شروع ڪندو. ڳالهہ ۾ لوڻ مرچ ملائي اهڙي نموني پيش ڪندو جو ڳوٺ جي ماڻهن جون هينيون هيٺ، مٿيون مٿي رهجي وينديون. عجب ۾ وات پٽيون ويٺا هوندا، پر جي علو ڪچهريءَ ۾ نہ هوندو تہ ڪچهري اباڻڪي پئي لڳندي. نہ ڪل نہ ڀوڳ، نہ چرچو نہ گهبو، نہ ٽڙو نہ نڪاءُ، هر ڪو وات ٻڌيون ويٺو هوندو.

مڙس ميلي ملاڪڙي جو ڪوڏيو. ڪهڙي بہ ڪم جي موسم هجي، هر

هجي، ريج هجي، رونبو هجي، لابارو هجي، ربيع هجي يا خريف هجي، ٻن چئن کي ڪاريون اهو تو وجي.

ڪٿي، بہ ٽي ڪوهيءَ تي جي ناچن يا رنڊين جي راڳ جو ٻڌائين تہ ويهڻ نہ ايندس- ضروراتي اچي نڪاءُ ڪندو.

مائٽ هن مان ڪڪ، هو مائٽن مان بيزار. نہ هي انهن جي ڪمن ۾هٿ وجهرائي، نہ هو هن جا انگل سهن. ڪنهن ڏيٺ واري ٻڌايس تہ ملٽريءَ ۾ ڪم گهٽ، پگهار سني، وردي عاليشان ۽ رعب زياده آهي، تہ اچي پونريءَ ڪنيس. ڪم ڪان چنڊ ۽ ڳوٺ وارن تي رعب جمائڻ خاطر ملٽري ۾ پرتي ٿي ويو.

اسپتال ۾ داخل ٿيڻ ڪان پوءِ وارڊ جي مريضن، وارڊ بوائز، نرسن ۽ ڊاڪٽرن سان رلي ملي وڃڻ ۾ دير ئي نہ ٿيس، ائين ٿي محسوس ٿيو جڻ اهي سڀ هن جا عمر ڪان واقف آهن.

صبح ڪان جو ڳالهيون شروع ڪندو تہ اڌ رات تائين پيون هلنديون. جيڪو ور چڙهي ويس، انهيءَ سان قصا ڪٿڻ شروع ڪندو. سسٽر ميري اسپتال جي اڌيڙ عمر نرس کي ڏسي ڦونڊ ۾ نہ سمائبو. هوءَ کلندي چوندي هيس:

"علو، تو وٽ تہ ڳالهين جو کوهہ آهي جو ڪٽڻ جو ئي ناهي."

جڏهن ڏسندو تہ سيني کي ننڊ وني وئي آهي تہ پاڻ بہ مجبور ٿي سمهي پوندو. هن جي ڳالهين جو مکيہ موضوع هو "عورت ۽ عشق." جڏهن عورت جون نانءُ وني پنهنجي عشق جو داستان ڇيڙيندو هو تہ هن جي آواز ۾ چڪ ۽ لفظن ۾ وهڪ پيدا ٿي ويندي هئي. لفظ هن جي واتان تڪڙا نڪرڻ لڳندا هئا. پوءِ ڳالهہ کي وٽ سٽ ڏئي، ور وڪڙ ڪارائي، اهڙو چوٽ چاڙهي ڪٽي ڇڏيندو جو ٻڌندڙ جا تختا نڪري ويندا!

ٻئي نمبر مريض جو نالو دل وش هو. هن کي خارش جي بيماري هئي، سڄو ڏينهن ڪنهي ڪنهي پنهنجي ٻت جا ريڙ ئي لاهي ڇڏيا هئائين. هو انهن مڪرانين مان هو جي پشت بہ پشت شڪارپور ۾ اسٽيشن ويجهو پشم جي ڪارخاني ۾ ڪم ڪندا آهن. هو بہ پنهنجي پيءُ ڏاڏي وانگر ڪارخاني جي تنگ ۽ تاريڪ ڪوٺڙين ۾ جائو هو ۽ انهن ۾ ئي وڏي وڏو ٿيو هو ۽ انهن وانگر ڪارخاني ۾ پشم صاف ڪرڻ، ڳنڙين ٻڌڻ ۽ ڳنڙين ڍوئڻ جو ڪم ڪندو هو.

هو طبيعت جو هو سنئون سڌو، نه ورنه وڪڙ. جيڪو سچ سمجهندو هو منهن تي ٺهڪائي ڏيندو هو. ڪنهن سان ڪهندو نه هو پر جي ڪنهن ٽر ٽر ڪيس ته ان کي سڌو ڪري ڇڏيندو هو. هڪ پيري ڪارخاني جي جمعدارکي سڌيون ٻڌايائين ۽ ٻنهي جي وچ ۾ تون چا تون چا ٿي پر ٻين مزدورن جي وچ ۾ پوڻ ڪري معاملو ٺري ويو. جمعدار جي ڪاوڙ معنيٰ سيٺ جي ڪاوڙ. نوڪريءَ کان جواب ملي ويس، ويتر جو پٺس ڏمال ڪڍيس ته گهر ڇڏي روانو ٿيو. ٻن ٽن ڏينهن جي بک ۽ بيڪاريءَ کان پوءِ هڪڙي ملٽريءَ ۾ ڀرتي ڪندڙ جي چنبي ۾ اچي ويو، جنهن سبز باغ ڏيکاري ڪٺي ملٽريءَ ۾ ڀرتي ڪرايس.

دل وش، علوءَ جون ڳالهيون، وڏي چاهه سان ٻڌندو هو ۽ ڳالهه جي آخر ۾ اهڙو وني ٺهڪ ڏيندو هو جو علوءَ جي سموري ڳالهه تي ليپو پائي ڇڏيندو هو. علو ڳپل وقت تائين ته ڪياڙي ڪنهڻ ۾ لڳي ويندو هو.

ٽين کٽ تي سميل مريض جو نالو حفيظ هو. هن کي دل جي بيماري هئي. اصل حيدرآباد جو رهاڪو هو. هر وقت ڪنهن خيال ۾ گم، ڪنهن ويچار ۾ ٻڏل رهندو هو. هر وقت اداس ۽ ڪوماڻل. چپن تي چن، واتان اکر نه اُڪلندس. علوءَ جون ڳالهيون به هن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي نه سگهيون. هن کي هن جي ڳالهين مان ڪوبه مزو نه ايندو هو. جي ڳالهه هن سان چوريندو هو ته ها يا نه ڇئي ڪانئس جند ڇڏائيندو هو. هن جي وهاڻي هيٺان هڪ تصوير پيل هوندي هئي، جنهن ۾ هڪ معصوم ٻار هڪ خوبصورت عورت جي جهوليءَ ۾ ويٺل هو. گهڻو ڪري انهيءَ تصوير کي پنهنجي ڇاتيءَ تي رکي ڏسندو رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هن جون اکيون چلڪڻ لڳنديون هيون ۽ ڳوڙهن جون ننڍڙيون ننڍڙيون بوندون ڳلن تان وهنديون وهاڻي جي خشڪ ڪپهه ۾ جذب ٿي وينديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن هن کي ڪنهن جي ياد اچي ويندي هئي ۽ هو انهيءَ ڪونج وانگر جيڪا ولرکان وڇڙي اوچتو ڪنهن ماريءَ جي ڄار ۾ ڦاسي پوي، اداس جهونگارڻ لڳندو هو، جنهن سان ساري ڪمري ۾ اداسائي ڦهلجي ويندي هئي ۽ وارڊ جي فضا مغموم ٿي ويندي هئي.

مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ هن کي اميد هئي ته ڪا نوڪري ملي ويندي، مگر گهڻن ڏکن ڏومن ڪاٽڻ کان پوءِ جڏهن ڪجهه نه ٿيس تڏهن پنهنجي پينشن بردار پيءُ تي، جو پنهنجي وڏي عيال جي پيٽ پالڻ کان

تنگ هو. پنهنجو. پنهنجي زال ۽ ٻار جو بار وجهڻ واجب نہ سمجهيائين. مائٽن جي اجازت کان سواءِ وڃي ملٽريءَ ۾ ڀرتي ٿيو. ڀرتي ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي دل واري زال ۽ ٻار جي خيال ايترو ستايس جو ملٽريءَ مان جند ڇڏائڻ جي ڪيترا ڀيرا ڪوشش ڪيائين مگر اجايو. نيٺ، ڳڻتيون ۽ فڪر ڪندي بيمار ٿي پيو ۽ ڪيس اسپتال داخل ڪيو ويو.

حفيظ، علوءَ جي سچي ڏينهن جي بڪ کان جڏهن بيزار ٿيندو هو، تہ ڇڙ مان رهڙ ڪيندو هوس، جنهن کان پوءِ علوءَ جي زبان کي ڪلف لڳي ويندو هو. علو ماٺ ٿي اٿي هليو ويندو هو.

”چو منهنجو عورتن تي پڪو ڇڙهيل آهي، تنهن جي خبر خدا کي، مگر ايترو چوندس تہ هڪ نہ مگر سون سان نينهن لڳايو اٿم ۽ جڏهن بہ لڳايو اٿم تڏهن ڪامياب ٿيو آهيان.“

”ان ۾ شڪ ڪونهي تہ سهڻي شڪل، مضبوط جسم ۽ شڪاري قاسائڻ جا گر، جي جهونن استادن کان گهڻي تهل ٽڪور سان حاصل ٿا ٿين. عشق جي معاملي ۾ مددگار ٿا ٿين. پرياڳ جي پلائي وڏي ڳالهہ آهي ۽ منهنجو ستارو ان معاملي ۾ هميشہ روشن پئي رهيو آهي.“ دل وش جي جسم ۾ جڻ سيون چيڻ لڳيون ۽ هو جسم ڪنهڻ ۾ رنيي ويو. ڪمبل سوري آهستي آهستي پنهنجي مٿان وڏائين ۽ ڪنڌ ڦيري علوءَ ڏانهن ڪيائين.

”دوست، منهنجي الهڙ جواني هئي. اها جواني، جنهن ۾ عقل گهٽ ۽ عشق زور هوندو آهي. اجا دنيا کان اڻ ڄاڻ هوس. وڏيري وٽ ٻيلي هوس. وڏيري جو مون تي خاص راز هو ۽ وڏيري جي خاص ماڻهن مان ليکبو هوس. وڏيري کي ٻين شوقن سان گڏ زالن پرڻجڻ جو بہ ڏاڍو شوق هو. سريتن جي جيتوڻيڪ ڪمي ڪانہ هيس، تنهن هوندي بہ چار شاديون ڪيائين ۽ شادين ڪرڻ کان پوءِ وڏيروديرن ڏي خرچ پڪو تہ چڱي طرح موڪليندو هو پر ڪڏهن بہ اوڏانهن ڦيرو نہ ڪندو هو.“

”منهنجو ڪم هو ٻاهر جي اٿي ويني ۽ رات جو چونڪي. منهنجي ماني ٽڪي بہ انهيءَ ديري تان ايندي هئي. وڏيرن جي ماني ڪمڙي، جي راضي تہ ڪَٽيون، جي ناراض تہ سڪو ڏوڏو ۽ ٻکون.“

”پهريان منهنجي قسمت ۾ هئا لنگهڻ ۽ فاقا. ڪڏهن سڙيو ٽڪر ملندو هو تہ ڪڏهن ٽڪر لاءِ واجهائيندي ويلا گذري ويندا هئا. هڪڙي

ڏينهن مون ڏٺو تہ منهنجي ماني مڪيل بہ آهي ۽ ان تي مکڻ جو چاڙو ۽ کنڊ بہ پيل آهي. اهڙي طرح کنڊ مکڻ روز ملڻ لڳم. انهيءَ کان سواءِ ٻيون مهربانيون بہ هر روز وڌنديون ويون. آءٌ دل ۾ خوش هوس مگر اهو پتو نہ تي پيو تہ اهي مهربانيون ڇو ٿي رهيون آهن؟

"هڪڙيءَ رات ٻانهيءَ چيو: سائڻ چوي ٿي رات راڳ تي نہ وڃجانءِ.

"منهنجا سڀ سنگتي ۽ ڏيڏيءُ تي رهندڙ ساٿي راڳ تي هليا ويا ۽ آءٌ اڪيلو ئي ڏيڏيءَ تي رهجي ويس. خار تہ ڏاڍا آيا پر حڪم هو، ڇا ڪيان. ساڙ وچان سوڙ پائي سمهي پيس. ڳپل رات جو گذري ويو. چمني سيرانديءَ کان ٻري رهي هئي. اوچتو ڪنهن ڦوڪ ڏئي چمنيءَ کي ڪٽي وسايو.

"مان اجان ڪڇان ئي ڪڇان تہ هڪ ٻانهنءَ واري، نرم ۽ نازڪ هٿ، منهنجي وات کي بند ڪري ڇڏيو ۽ مينديءَ جي هلڪي هلڪي خوشبوءَ سان منهنجو دماغ ڀر تي ويو. اها منهنجي سائڻ، وڏيري جي زال هئي."

اڃا علوءَ ڳالهائڻ تي گهريو تہ مگر دل وش وچ ۾ ڳالهہ کي ڪٽي ڇڏيو، "گنوخ!" دل وش تورو ڪليو ۽ چيائين، "انهيءَ ۾ تنهنجي ڪاريگري، تنهنجي حسن ۽ جواني جو ڪهڙو ڪرشمو آهي، اهو تہ وڏيري جو ڏوهہ آهي. جيڪڏهن هُو پنهنجي ديرن تي اچڻ وڃڻ جو سلسلو جاري رکي ها، گهٽين زالن بجاءِ هڪ زال ڪافي سمجهي ها تہ وڏيري تو جهڙي جٽ تي نہ مري ها."

"هڪ ڏينهن بنيءَ تان ٽيو گهر ڏانهن پي آيس. سڄي ڏينهن جي هر کان پوءِ هڇ ٿي پيو هوس. سنڌ سنڌ پئي سور ڪيو. ڏاند بہ سڄي ڏينهن جي ڪم جا ستيل، پير پير ۾ پئي هليا. سڄي ڏينهن جي تائي ۽ تپت ۾ وهڻ کان پوءِ اڄ کان انهن جون زبانون ٻاهر نڪري آيون هيون. جڏهن کوهہ جي ويجهو پهتا تہ سڌو منهن وجي پاڻيءَ ۾ وڌائون. آءٌ بہ پنهنجو ٽڪ دور ڪرڻ لاءِ هٿ منهن ڌوئڻ لڳس. نار وهي رهيو هو. نار جو هلڪو هلڪو مٺو آواز ڳوٺ جي خاموش فضا ۾ چوطرف پکڙجي ٿي ويو. شام جو وقت، چوطرف ڪيڙيل بنيون، سج جا آخرين حيات بخش ڪرڻا چوسي رهيون هيون. نيسر مان وهندڙ آب حيات جهڙو شفاف پاڻي نار جي سر ۽ تار تي نچندو، ٽپندو ۽ وڏندو پئي آيو. نيسر مان هيٺ ڪرڻ

ڪانپوءِ پاٽيءَ جا سفيد ڦوٽا لڏندا لمندا ائين ڪسيءَ مان اڳتي وڌندا پئي ويا ڄڻ ننڍڙا ننڍڙا ٻار ڪنهن وڏي واهه ۾ هڪٻئي کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪندا هجن.

”نيسر جي اڳيان ٻڪ جهليم. سرد ۽ صاف پاڻيءَ جا ٻه ٽي ٻڪ پري منهن تي ڇنڊا هنيم. اس ۾ جليل جسم ۾ ڄڻ جان پئجي وئي.

”گهڙن واريون مٿي تي ۽ چيلهه تي گهڙا رکيو لڏنديون لمنديون پئي آيون. کوهه جي پاسي ۾ گهڙا رکي هڪ ٻئي سان ڳالهين ۾ لڳي ٿي ويون. اوچتو ڪنهن منهنجي پرسان اچي گهڙو رکيو ۽ گهڙو رکي ٿورو پنتي ٿي بيٺي. ڪنڌ ورائي ڏٺم ته هڪڙي جوانڙي گلابي وڳو پهري، هٿن پيرن تي ميندي ۽ ڇپن تي مساڳ هنيل. اکين ۾ ڪجل جي ڪاري ڏار، چنڊ وانگر چمڪي رهي هئي. کوهه تي بيٺل عورتون هڪ ٻئي سان چرچا ڪري رهيون هيون، مگر هوءَ شرم ٻوٽيءَ وانگر وٽي پئي پنهنجي شرم ۾ سُسندي. مان ته ڏسڻ سان ئي دل ڏئي ويٺس، شهزورن وانگر ڏاڙو هڻي دل ڦري ورتائين.

”هيءَ انسان آهي يا پري! مان سوچي رهيو هوس. مگر اسان جي ڳوٺ ۾ آئي ڪٿان؟ ديسي ته ناهي، ضرور ڪا پرديسڻ هوندي، پر جي پرديسي هجي ها ته کوهه تي پاڻي ڀرڻ ڪيئن اچي ها! آءٌ ٿورو پنتي هٽي بيٺس. هوءَ اڳتي وڌي. مينديءَ رتن هٿن سان گهڙي کي ڌوتائين، گهڙو ڀري ٻانهن ورائي ڪٽي چيلهه تي رکيائين ۽ هوريان هوريان هلڻ لڳي- مون آهستي جهونگاريو:

اي گهڙا تيڪون ڀڃ ستان،

ميڏي محبوب دي چيلهه رنجايئي.

”هن ٿورو ڪنڌ پنتي ورايو ۽ مون کيس اکين ئي اکين ۾ سلام ڪيو. ڪاوڙ ۾ منهن ڦيري ٽڪڙيون ٽڪڙيون وکون وجهندي هلي وئي. هوءَ چا ويئي، مون کي ٻه ڏڪر ڏئي وئي. کوهه تي بيٺل عورتن مان ڪنهن چيو: ڪهڙو نه خوش نصيب آهي جمعو لوهر، پيريءَ ۾ ٻه زال پناٽي ملي اٿس! تنهن تي ٻيءَ وٺ ڪائيندي چيو:

مٺي ٽڪن جو ٻه ته ٻڪ ڀريو آهي، چون ٿا ڏاج ڏيوڻ ڪان سواءِ ٻه ٻه ٽي هزار ڏنا اٿائين.

مون کي جمعي لوهر جي نصيب سان ريس ٿيڻ لڳي، پنجاهه

پنجونجاهہ ۾ بہ زال دل جي نار هٿ ڪئي اٿائين. ان جي پيٽ ۾ اسان جهڙا جوان وتن نيهان ڪائيندا!

”دل ۾ اچي هورا ڪورا ٿي تہ ان ڪي ڪيئن هٿ ڪجي. گهڻا ئي جتن ڪيم پر منهن ئي نٿي ڏنائين. آخر جوانن ڪان ڪاڏي وينديون. مون بہ هن جو وقت تاڙي، ڪوهہ تي وڃڻ پنهنجو نيم ڪري ڇڏيو. پهريان ڪيون ملايائين ۽ آخر دل بہ ملايائين. دل تہ ملي پر ملڻ جو موڪ ئي نٿي ٿيو. نيٺ پنهنجي ملڻ لاءِ يوسف شاهہ تي ماهين پهرين سومر جو ڏينهن مقرر ڪيوسين. مون ڪي تہ پڪ ئي نہ پئي ٿي تہ ڪا ايندي، پر ڏنم تہ مڙس ڪي ناڪيلي وجهي وني آئي. انهيءَ ڏينهن ڪان پوءِ اسين پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي وياسين. منهنجو هن ۾ساهہ هو ۽ هوءَ مون تان ساهہ صدقي ڪندي هئي. جيستائين ڏسندي نہ هئي تہ لوڙهي ڪان پئي ليئا پائيندي هئي.“

ڳالهہ اڌ ۾ ڇڏيندي علوءَ داد طلب نگاهن سان دل وش ڏانهن نهاريندي چيو، ”چئہ دوست. ڇا تو چوين؟ مڃين ٿو مڙسن ڪي يا نہ؟“

دل وش ڪنگهيو ۽ ڪنگهي ڪٺي ٽڪ اچليائين. ”انهيءَ ۾ تنهنجي مڙسيءَ جو ڪهڙو ڪارنامو آهي. اهو تہ هن پڍي لوهر جي ڪم عقليءَ جو نتيجو آهي. شاديءَ ڪرڻ وقت اهو تہ سوچيائين تہ جوان ۽ سهڻي زال هجي، مگر اهو نہ سوچيائين تہ ساڳي ٻيل گاڏيءَ ۾ ٻڍو ۽ جوان ڍڳو ڪيئن هلي سگهندا. انهيءَ مائيءَ جو بہ جيڪڏهن هم عمر جوان مڙس هجي ها تہ توڏانهن اک کڻي بہ نہ ڏسي ها. ڪراڙو مڙس سوڙ جو ساڻ هو پيو ڪونگهرا هڻندو، هوءَ پئي پاسا ورائيندي. ٿيو ائين جو پهريان تو پاسو ڏنس، تون ڦٻي وئين، پر جي ٻيو ڪو اڳتي هٿ وڌائي ها تہ اهو بہ لنگهي وڃي ها.“

علوءَ کي اها ڳالهہ نہ وڻي. غصي ۾ چيائين،”تون مڙسن کي تہ ڪڏهن بہ نہ مڃيندين، چاهي ڌرتي سوني ٿي پوي، پر توکي مڃڻو ئي پوندو تہ علو مٺيا وارو مڙس آهي.“

اوچتو ڊاڪٽر ۽ نرس ڪمري ۾ داخل ٿيا. ڊاڪٽر جي هٿ ۾ ٿرماميٽر هو ۽ نرس جي هٿن ۾ دوائن جو ٽري هو. ڊاڪٽر علوءَ کي ڳالهائيندو ڏسي چيو:

”ضرور علوءَ جي عشق جو قصو هوندو جو نہ ڪڏهن پورو ٿيو آهي نہ

ڪڏهن پورو ٿيندو.“

علو اچا ڪجهه چوڻ وارو هو ته ڊاڪٽر ٿرماميٽر ڪڍي وات ۾ وڌس. علوءَ جو وات بند ٿي ويو ۽ لفظ نڙيءَ ۾ اٽڪي پيس. ڊاڪٽر مريضن جو ٽيمپريچر ورتو. نرس سيني کي دوائون پياريون. ٻئي سيني مريضن کي دم دلاسا ڏيندا ٻئي وارڊ ڏانهن هليا ويا.

دل وش اٿي پنهنجي پلنگ کي چنڊيو. چادر صاف ڪري پٿاري. ڪمبل کي ته ڪري رکيائين. جنگهون هيٺ لڙڪائي وهاڻو سٿرن تي رکي علوءَ ڏانهن ڪن ڏيئي ويهي رهيو. حفيظ منهن ٻئي پاسي ورائي پنهنجي پورن ۾ پئجي ويو ۽ علوءَ وري پنهنجو داستان شروع ڪيو.

”چڱو يار، جيڪڏهن انهن ٻن ڳالهين کي نٿو مڃين ته ٻڌ. شاديءَ جي ڳالهه تي مائٽن کان رسي ڳوٺ کي الله واهي ڇڏي شهر رخ رکيم. ٻڌو هئم ته شهر ۾ ڪم به گهڻا. جڏهن شهر پهتس ته ڪجهه ڏينهن ته ٻاڻون پئي ڪاڏم ڪيسا خالي ملڪ جو والي، نه ڪم نه ڪار، پيٽوءَ جي آچار پئي پٽڪيس ٿورن ڏينهن جي ٿاٻن کان پوءِ هڪڙي صاحب وٽ پٽيوالي ملي ويم. ڪم هت هڪو خاص ڪونه هو. باقي سڄو ڏينهن صاحبن جي در تي ويهڻو پوندو هو ۽ صاحبن جي ٻارن کي وندرائڻو پوندو هو. اهڙي ريت نوڪري ڪندي ڳچ ڏينهن گذري ويا. مان پي شهر ۾ رهي شهري ٿي ويس. هڪڙي ڏينهن جيئن صاحب جي ٻارن کي کيڏائي رهيو هوس ته سامهون واري دري کلي، ڪنهن جي ڪلڻ جو آواز آيو ۽ دري بند ٿي ويئي. مون سمجهيو مڙئي ڪو معاملو هوندو. پوءِ ته هر روز، صبح شام، پنهنجون اکيون دريءَ ۾ اٽڪائي ويهندو هوس. دري ٿورو کلندي هئي، ڪلڻ جو آواز ايندو هو ۽ دري وري بند ٿي ويندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن گيتن پريو آواز منهنجي دل جي جذبن کي پڙڪائي ڇڏيندو هو. دوست، جڏهن عشق جي ابتدا هوندي آهي ۽ پاڻ کي ڪٿي پسند ڪرائڻو هوندو آهي ته ناهه نوهه ڪرڻي ئي پوندي آهي. آءٌ به پاڻ کي هر روز زياده چمڪائڻ لڳس. تيل ڦٽي ۽ صاحب جي ڏنل ڪپڙن مان پورو پورو فائدو ورتم. هڪڙو مڙس ملوڪ، ويتر جو نٽ وارا ڪپڙا پائڻ لڳس ته شهزادو ٿي پيم. جهڙي تهڙي تي ته اک به نٿي ٻڏي.

”هڪڙي ڏينهن منهنجي صاحب پنهنجي ڪنهن دوست کي ٿي ٻڌايو ته احمد خان جون ڏيئر اڃي جوان ٿيون آهن مگر هو اڃا ٽڏو

مانجهاندو ڪيون وينو آهي. تڏهن مون سمجهيو تہ پڪي هڪ نہ پر گهڻا آهن، جي عشق جو جار پکيڙيو تہ هڪ نہ هڪ شڪار پاڻهي ڪوڙڪيءَ ۾ اچي سر اٽڪائيندو.“ علوءَ مڇ کي ٿورو مروٽي وڪڙ سڌا ڪري سانت ٿي ويو ۽ ٿوري ساهي پٽي چوڻ لڳو، ”درين جو اهو ڪلڻ ۽ بند ٿيڻ هر روز جي ڪار هئي، مگر ڳالهہ ان کان اڳتي ئي نہ ٿي. استاد جي هڪ نصيحت ياد آيم جو هميشہ چوندو هو: پٽ، جيستائين مرد عورت ڏانهن هٿ نہ وڌائيندو، عورت ڪي ڪڏهن بہ هٿ ڪري نہ سگهندو. تڏهن پڪو پهہ ڪيم تہ قدم ڪي اڳتي وڌائي مورچو هٿ ڪرڻ گهرجي. هيئنر جڏهن بہ دريءَ جي کلڻ جو آواز ايندو هو ۽ دريءَ مان اکڙيون جهاتي پائينديون نظر اينديون هيون تہ آءٌ صاحب جي ننڍڙي پٽ ڏانهن منهن ڪري چوندو هوس، ”صاحب! سلام.“ سلامن مان بہ ڪجهہ نہ ڪٿو. اهي اکڙيون، اها دريءَ جي وِٿي، اهو ڪلڻ، اهو گيتن ڀريو آواز. گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ ڳالهہ کي وڌائڻ جي ترڪيب ڪوپڙيءَ ۾ ويٺي. جڏهن ڏٺم تہ دري کلي آهي، تڏهن صاحب جي پٽ جو ٽينس بال دريءَ ڏانهن اهڙي ريت اڇلايم جڻ تہ پاڻمرادو اوڏانهن هليو ويو. پوءِ بال گهرڻ لاءِ اوڏانهن ويس. اهڙيءَ ريت ڳالهائڻ جو سلسلو شروع ٿيو. مون ڏٺو تہ ڏڪ پوري نشان تي لڳو آهي. آخر هڪڙي ڏينهن چيائين: رات جو ٻين وڳي تنهنجي انتظار ۾ در ڪليل هوندو.

”سچو وقت ٻڌتر ۾ هوس، وڃان يا نہ وڃان، پرايو شهر، جي پڪڙجي پيس تہ موچڙا هڻي نور وجائي ڇڏيندا، ڪوبہ ڪٽڻ وارو نہ ليندو، پر جي ڦبي ويس تہ پنج ئي گيهہ ۾

”رات جو ميونسپل جو ٽاور زور سان ٻن جا ڏڪ هڻي ماٺ ٿي ويو. اوڻٽيهينءَ جي رات، چوطرف انڌوڪار لڳو پيو هو. اٽي ڪپڙا بدلايم، منهن کي لڪائڻ لاءِ پٽ ٻڌم. هٿيار مڙس جو بچاءُ آهي، هٿ ۾ ڪڙين واري مضبوط لوڙهہ کنيم. ٻاهر نڪري ڏٺم تہ ڪڪڙون ڪون لڳي پئي هئي. سياري جي رات هئي، هرڪو پنهنجي گهرن ۾ واڙيو پيو هو. شهر جا چوڪيدار سيءَ کان بچڻ خاطر ڪا ڪنڊ پاسو ڏئي سرڪاري گرم ڪوٽ ويڙهي سمهي پيا هئا. رستي جي ڀرينءَ پر سٽل ڪتي ڪنڌ مٿي کڻي مون ڏي ڏٺو. پڇ لوڏي پونڪڻ شروع ڪيائين ۽ پنهنجي جاءِ تان اٿي ٿورو اڳيرو وڃي هڪڙي نانوائيءَ جي دڪان جي صندل هيٺان، پڇ

چڏن ۾ ڏئي اکيون ٻوٽي سمهي پيو، جڻ ڪجهہ ڏٺو ئي نہ هئائين. شهر جي لوسي ڪتن جو ڪهڙو حال آهي، ڳوٺن جا ڪتا عاشقن جا ويري. شل نہ اک پوين، پوءِ ڳوٺ مٿي تي کڻي ڏيندا. مجال آهي جو پٺ چڏين، مرندا پر مڙندا ڪونہ. لِترَ کائيندا بہ کارائيندا بہ.

”آئون هوريان هوريان چوطرف نهاريندو، دروٽ پهتس. درکي آهستي هٽ هنيم، تورو چيڪٽ ٿيو ۽ درکلي پيو. آءُ يڪدم ڦڙتائيءَ سان اندر داخل ٿي ويس. ڏٺم تہ اندرڪو منهنجي اوسيئڙي ۾ ويٺو آهي. وڏي کٽي ٻک وڌامانس. پوءِ مدت جا سڪايل روح هڪ ٻئي کي ملي هڪ ٿي ويا.“

علُو تورو مشڪيو ۽ دل وش جي ڪلهي تي ڌڪ هڻي چيائين، ”دوست، هينئر تہ بس توکي مجھٽو ئي پوندو.“ دل وش ونئي وڏو ٺهڪ ڏنو ۽ هن جي پلنگ جا اسپرنگ هيٺ مٿي ٿيڻ لڳا.

”يار، تون اجا عورت جي مجبوريءَ کي نہ سمجهي سگهيو آهين، انهيءَ ڇوڪريءَ جو پيءُ جيڪڏهن انهيءَ ڇوڪريءَ جي شادي وقت سر ڪرائي ڇڏي ها ۽ هن جي جوانيءَ جا ڏينهن اهڙيءَ ريت اڪيلائيءَ ۾ گذرڻ نہ ڏئي ها تہ هوءَ توسان نينهن لڙائڻ جو نالو ئي نہ وٺي ها، نہ پنهنجي پيءُ جي عزت خراب ڪري ها.“ دل وش خاموش ٿي ويو.

علُو زهر جو ڍڪ پي ويو. دل ۾ سوچڻ لڳو شايد دل وش ڪڏهن بہ ڪنهن سان محبت نہ ڪئي آهي، تڏهن تو اهڙيون ڳالهيون ڪري، نہ تہ جيڪر جوانن کي داد ڏيڻ کان سواءِ ڪتي رهي سگهي ها. علُو خار ۾ اٿيو ۽ ڪمري ۾ هيڏي هوڏي ڦرڻ لڳو ۽ دل وش کي ڪاوڙ مان گهوريندي چيائين:

”دل وش! تون ملو زياده، ماٺو گهٽ آهين، تنهنجي دل مئل آهي. تو وٽ جوانن جو قدرگهٽ آهي. خدا جو قسم، جيڪڏهن تنهنجي جاءِ تي ڪو ٻيو هجي ها تہ مون کي استاد مڃي ها، مگر تون آهين جو پنهنجيءَ تي ويٺو آهين.“

هو ڪمري ۾ ڦرندو رهيو ۽ دل وش ڏانهن خار مان گهوريندو رهيو. هو سوچي رهيو هو تہ هن کي ڪا اهڙي ڳالهہ ٻڌايان جو نپ ئي ٽري پونس ۽ اعتراض ڪرڻ جو موقعو ئي نہ مليس

”چڱو ٻڌ، تنهن زماني ۾ مان اسٽيشن تي ريلوي گوديءَ ۾ ڪم ڪندو هوس. اسٽيشن جي ويجهو وڏيري شهداد خان جي بنگلي ۾ هڪ

ڪوني مليل هيم، ان ۾ رهندو هوس شهر ۾ نئون نئون آيو هوس. ڪمائي بہ جام هئي، جيڪو ڪمائيندو هوس سو اڏائيندو هوس. ڇڻ هٿن ۾ تنگ هئا، رکان تہ رکان ڪنهن جي لاءِ. نہ رن نہ روڳڙي، نہ آل نہ اولاد، ڇڙو سر، جيڪو آيو سو ويو! پئسا هڪ هٿ سان ونندو هوس، ٻي هٿ سان ڦوڪي ڇڏيندو هوس. هونئن بہ مال انهن وٽ مڙي جي موڙي هجن. نہ هوندن اتو نہ هوندن لٽو. نہ ٻت تي پورو ڪپڙو نہ پيٽ ۾پورو ڏٽو. سڄو ڏينهن ڊورن وانگر ڳهندا، تن کي تسيا ڏيندا، تڏهن وڃي ڪجھہ مڙندن. پوءِ اهو بہ هتي ڇڏيون خالي هٿين ائين ويندا جو نہ تو ڏنا نہ مون ڏنا. ۽ انهن جي ميڙئي مان پونيٽر پيا موجون ڪندا، پلجي وڏن کي ختمو بہ نہ ڏياريندا، نہ انهن جي نانءَ تي ڪو مانيءَ ڳيو ڏيندا. پلا جن پنهنجي زندگيءَ ۾ پاڻ ڪجھہ نہ ڪيو، انهن جي لاءِ پونئير ڇا ڪندا.“

”ادا، مولائن جو مولا، سخي ۽ شوم جو ليکو ٻارهين مهيني هڪ جيترو. اسان بہ ملنگ مڙس هئاسين. اهو عقيدو تہ اڄ ڪائون، سياڻي جو بلو پاڻهي الله ڪندو.

”شهر ۾ رهڻ ڪري چند ڦوڪ ۽ ڪپڙي لٽي جو خيال زياده رکڻو پوندو هو. هونئن بہ ڪپڙو جوانيءَ جو پر آهي، ڪم تي صبح جو سويل ويندو هوس ۽ شام جو سويل موٽندو هوس. شام جو تڙ پاڻي ڪري، ڪپڙا بدلائي، شهر جا خوب چڪر لڳائيندا هئا ۽ دوستن سان رهاڻيون ڪبيون هيون.

”جنهن بنگلي ۾ آئون رهندو هوس، اتي هڪ ٻڍو ۽ هن جي ٻڍي زال بہ رهندا هئا. هو شهداد خان جي بنگلي جي نگهباني ڪندا هئا. جي وڏيرا بنگلي ۾ اچي رهندا هئا تہ سندن ماني وغيره بہ پچائيندا هئا ۽ ٻيو اٽ ويهہ جو ڪم بہ ڪندا هئا. اهي ٻئي مون سان اهڙو نهي ويا جو مون کي پنهنجو پٽ ڪري سمجهندا هئا. مان بہ کين ابو امان ڪري سمجهندو هوس

”تورن ڏينهن کان پوءِ شهداد خان آيو. هن سان گڏ وڏيرا بہ هئا. وڏيرا بنگلي جي مٿان رهيا ۽ شهداد خان هيٺ رهيو. ٻڍي ٻڌايو تہ وڏيري جي وڏي ڀيڻ بيمار آهي، ان جي علاج لاءِ آيا آهن. هڪڙي ڏينهن ٻڍيءَ ٻڌايو تہ وڏيري جي ڀيڻ مير شاهل خان جي بيواهہ آهي. مير شاهل خان ويچارو پنج سال کن ٿيندا تہ بنا اولاد گذاري ويو آهي ۽ هن جي سموري زمين، باغ

۽ جايون پيڙ جي ڪري شهداد خان جي حوالي آهن. زال ۽ مڙس جي پاڻ ۾ ڏاڍي پريت هوندي هئي. مڙس مئي کان پوءِ ماءُ سنئين لڳين ناهي، هڪ نه ٻي ڪيس چڙي ئي نئي. اڃا چاڪ مس ٿي ٿئي ته وري ٻڌي ٿي پوي. گهڻو ئي علاج ڪرايو اٿائونس، مگر فائدو ئي نٿو پويس هينئر هت شهر ۾ وني آيا اٿس ته من ڪنهن ڊاڪٽر جي دوا لڳيس."

"شهداد خان جي اچڻ سان بنگلي جي رونق ئي بدلجي وئي. ڪچهريون ۽ محفلون شروع ٿي ويون. آئون ته ڪچهريءَ جو مور، پلا ڪچهريءَ کان سواءِ ڪٿي رهي سگهان، جيستائين ڪٿي جاڙي نه لڳي ته مغزکي آرام ئي نه اچي. شهداد خان مون سان لوهه لڳي ويو. جي مون اچڻ ۾دير ڪئي ته ڪٿي به هوندس ته ماڻهو موڪلي گهرائي وٺندو. پوءِ قصا ڪهاڻيون هلندا، ٻجهارتون ۽ پروليون ڏبيون، ڊاڙون ڊشون هلنديون، ڪڏهن ڪڏهن راڳ به ٿيندو، يڪتاري جي تار نيڪ ٿيندي، گهڙي کي اڳيان ڪري رکبو ۽ ڍولڪ تي هٿ لڳڻ سان الو ميان ٿيندي:

"ڪانگل آءَ ته ڪڏي ڏيئين، جيءُ اندر جيرو،
من پچنئي هڪ پيرو، هيءَ قرباني ڪنهن ڪئي.

"پهريان هڪ به بيت ڏبا، پوءِ ڪلام شروع ٿيندو:

"ڪونجان ڏيو ته خبر منهنجا مارو ڪٿي،
مون کي قسمت ڪيو آهي قيد هتي.
ڪونجان ڏيو ته خبر..."

اها ڪچهري ٻپل وقت هلي هلندي، تان جو چنڊ لڙي ويندو. هرڪو آهستي آهستي اٿندو ويندو، شهداد خان جون اکيون ننڊ ۾ پرجي ويندليون، ڪر موڙيندو، اوباسيون ڏيندو، پوءِ "پوتار جي بادشاهيءَ جو خير" چئي ڪچهري پوري ڪبي. آئون به شهداد خان کي خوش ڪرڻ لاءِ به تي ڪلام ڳائيندو هوس. راڳ وقت ڏسندو هوس ته ڪونيءَ کان ڪي پاچا هيٺ نهاريندا رهندا هئا ۽ وري گم ٿي ويندا هئا. هڪڙي ڏينهن جيئن بڍي بنگلي کان هيٺ آئي ته مون کي چوڻ لڳي، "ابا، اڄ شهزاديءَ پڇيو پئي ته رات اهو ڪلام ڪنهن پئي چيو:

"مان عاشق تنهنجو آهيان

او سھڻا سائين
تون دل ڏي دل ڏي دلبر."
"مون ڦونڊ ۾ پرجي پڇيس، "شھزادي ڪير آھي؟"
"ابا، شھداد خان جي پيڻ."
"امڙ پوءِ تو ڇا چيس؟"
"ابا، مون چيس: علوءَ کان سوا ٻيو اھڙا ڪلام ڪير چوندو."

"ٻيڊي اھڙيءَ ريت روز شھزاديءَ جون ڳالھيون ڪندي ھئي، جنھن ۾ منھنجو مڙئي ذڪر ھوندو ھو. مون به پير پٽي سوريا، مولا جي ٿو اگھان ته سوا ريئي جي منائي ورھائيندس. علاج مھينو کن ھليو مگر فائدي بجاءِ بيماري وڌي وڌندي. آخر شھداد خان فصل جي موسم ڪري ڳوٺ ھليو ويو ۽ ھڪڙو ڇوڪرو ديرن جي سنڀال لاءِ ڇڏي ويو. ويندي وقت ٻيڊي ۽ مون کي به پارت ڪندو ويو.

"شھداد خان ھليو ويو، ڪچھريون ماٺ ٿي ويون ۽ وري اباڻڪائي شروع ٿي وئي. ڪوني تان پاڇن جو نھارڻ به بند ٿي ويو. ٻيڊيءَ جون ڳالھيون به چپ ٿي ويون. ٻه چار ڏينھن اھڙيءَ طرح اداسائي ۾ مونجھ ۾ گذريا. ھڪڙي ڏينھن ٻيڊيءَ مون کي ھڪ رڪيبيءَ ۾ اٽي جي چاڻي ۾ ڪجھ سيون لڳل آڻي ڏنيون، چيائين " ھي سيون شھزاديءَ تنھنجي لاءِ ڏنيون آھن. اسان به ته استادن جا ھٿ ڏوٺاريا آھن، انھيءَ پروليءَ سلڻ ۾ دير ئي نه لڳي. جواب ۾ مون به پڙي ۾ ڪجھ وار ۽ ڪجھ تيليون وجھي ڏياري موڪليون مانس. شھزاديءَ جي "چاڻي ۽ سين" جو مطلب ھي. ھو ته تو من ۾ محبت جو ميخون ھڻي ڇڏيون آھن ۽ منھنجي "وارن ۽ تيلين" جو مطلب ھو ته منھنجي وار وار کي باھ لائي ڇڏي اٿئي.

"اھڙيءَ ريت نياپا سنيھا اچڻ وڃڻ لڳا. شھزاديءَ ٻيڊيءَ کي گل تي جتي ۽ نئون وڳو وٺي ڏنو. ھڪڙي ڏينھن ٻيڊيءَ چيو ته تنھنجي لاءِ نياپو مليو آھي ته سچ لٽي کان پوءِ پنئين پاسي ڏاڪڻ وٽ ڪو تنھنجي لاءِ انتظار ۾ بيٺو ھوندو. سچ لٽي مھل ڏاڪڻ وٽ ويس، ڪنھن ڏاڪڻ جو دربند ڪيو ۽ ھٿ ھٿ ۾ ملائي مون کي بنگلي ۾ وٺي ويو."

علوءَ، دل وش ڏانھن اھڙين نظرن سان نھاريو جڻ چئي رھيو ھوس ھاڻي ته توکي داد ڏيڻ کان سواءِ ٻيو چارو ئي ڪونھي.

دل وش پنھنجو منھن ڪٽي ٻي پاسي ڪيو ۽ چيائين، "جي

ڪچندس تہ تاندا لڳي ويندءِ، تنهنڪري مني بہ ماٺ تہ مني بہ ماٺ.“

علوءَ جي بت ۾ جڻ مچ ٻري ويو، جلندي چيائين:

”ڪجھ تہ بڪ.“ دل وش، علوءَ ڏانهن منهن ڪري چيو، ”جيڪڏهن شهداد خان جي دل ۾ پنهنجي رن زال پيڻ جي ملڪيت ڦٻائڻ جي لالچ نہ هجي ها تہ هن جي مڙس ڪان پوءِ جلد ئي هن کي پرڻائي ڇڏي ها ۽ ائين نہ ٿئي ها جيئن ٿيو ۽ ويچارو علو شهزاديءَ جي در تائين بہ پهچي نہ سگهي ها.“

علوءَ جي اکين مان الا نڪرڻ لڳا، ڳڻا تپي لال ٿي ويس. سڙندي چيائين:

”خدا جو قسم، جيڪڏهن تون اجا بہ نٿو مڃين تہ آئون توکي صبح تائين پنهنجا سوين ڪارناما ٻڌائيندس ۽ آخر توکي قبول ڪرائيندس تہ علو بيشڪ علو آهي.“

حفيظ پنهنجي کٽ تان ڇڙ مان رڙ ڪئي:

”علو، صبح کان وٺي اڌ رات تائين پئي ڪوڙ سٽيا اٿيئي، اجا تنهنجا ڪوڙ کٽن ئي نٿا. خدا کي مڃ، هينئر تہ ڪوڙن کان بس ڪر!“

علوءَ ۽ دل وش، حفيظ ڏانهن نهاريو. دل وش اٿي بتي وسائي. علو ۽ دل وش پنهنجي کٽن تي ڪمبل ويڙهي اهڙيءَ ريت ماٺ ڪري سمهي پيا جڻ سچو ڏينهن ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ ڪوڙ ٻڌڻ کان سواءِ ٻيو ڪم ئي نہ ڪيو هئائون.

# پوڪ

اڄ جن نظرن سان نهاريائين، تن تہ مون کي بلڪل يقين ڏياريو تہ هن جي دل ۾ بہ منهنجي لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ قرب آهي. سمهڻ وقت پڪو ارادو ڪيم تہ سڀاڻي هن کي پنهنجي دل جي ڳالهہ صاف صاف چئي ڏيندس سڄي رات پاسا ورائيندي، لڇندي ۽ ڦٿڪندي گذري. صبح جو دستور کان بہ ڪلاڪ اڳ يعني ستين وڳي بجاءِ پنجين وڳي اٿيس. پلا ڪيان تہ ڪيئن ڪيان؟ اندر ۾ آنڌ مانڌ سمهڻ جو نہ ڏي. اڄ هن کي پنهنجي دل جي ڳالهہ، جنهن تي منهنجي اميدن جو مدار هو، ٻڌائڻي هئي، مگر ڪاليج ۾ تہ چار ڪلاڪ هئا، يعني بہ سؤ چاليهہ منٽ. هٿ هڪ هڪ سيڪنڊ ۾ساهہ تي نڪتو. سوچيم اهو وقت آخر گذرندو تہ گذرندو بہ ڪيئن! برش ڪيم. ڦريائين تہ نچڪڻي سان ٻاهر نڪتل ڏاڙهيءَ جا وار صاف ڪيم. ان بعد ڏاڙهي کي برش لڳائڻ شروع ڪيم. ڏهہ منٽ کن برش انهيءَ خيال کان هنيم تہ پل وار نرم ٿين ۽ شيو بلڪل صاف ٿي وڃي. نئون سيون او ڪلاڪ جو بليڊ ڪڍيم، آهستي آهستي هڪ پيرو ڏاڙهي ڪوڙيم، ٻيو پٺو ڏنم، هٿ گهمائي ڏٺم تہ اڃا ڪجهہ کهراڻ هئي، ان ڪري ٽيون پيرو ابتو پٺو ڏنم. هٿ گهمائڻ کان پوءِ محسوس ڪيم تہ ڳل هينئر گل ٿي چڪا هئا. ان بعد مڇن جو وارو آيو. وڏي تڪليف ۽ گهڻي محنت کان پوءِ مڇون تلوار ڪٽ بيٺيون. ڪپڙن جو ڪٻٽ کوليم، مگر مون کي ڪوبہ ڪپڙو پسند نہ ٿي آيو. آخر ڪپڙن جي گهڻي اٿل پٿل کان پوءِ هلڪو ٻلو سوٽ منتخب ڪيم. جيتوڻيڪ پينٽ جي استري ٺيڪ هئي مگر ڪوٽ جي ٻانهن ۽ ڪالرن ۾ گهنج هئا. نوڪر کي رڙ ڪري چيم:

" منهنجي ڪوٽ جي ڪالر ۽ ٻانهن کي يڪدم استري ڪري وٺ."

آئون غسلخاني ۾ ويس. وارن کي شيمپو ڪيم، بت تي ذري گهٽ سڄي چڪي ”پئرس سوپ“ جي کپايم. گهٽي مهٽ سمهٽ ڪان پوءِ ٻاهر نڪتس. چهري تي ٿوري ”پانڊس ڪريم“ لڳائي خوب مالش ڪيم. ان مٿان هڪ ٻه هلڪا ته ڪتي ”ڪيورا پائونڊ“ جا چاڙهي. انهن کي ٽوال سان اهڙيءَ ريت اگهي ڇڏيم جيئن پائوڊر ۽ چمڙيءَ ۾ ڪوبه فرق نظر نه اچي. وارن کي ”جئسمن ڪوڪونٽ هيئر آئل“ لڳائي خوب مالش ڪيم، مگر جنهن مشڪل مسئلي منجهائي وڌو، اهو هو وارن جي بيهڪ. ڪهڙيءَ ريت وارن کي بيهارجي، آيا سينڌ پاسي تي ڪڍجي يا وچ تي يا وارن کي بلڪل پٺتي ورائي ڇڏجي. آخر گهڻي ڪشمڪش ڪان پوءِ فيصلو ڪيم ته وار ”دليپ اسٽائيل“ وڌيڪ دلڪش ٿيندا. ان ڪري ٻين وارن کي پٺتي هٽائي باقي اڳين وارن کي ٿورو وٽ ڏئي اهڙيءَ طرح پيشانيءَ تي ڪيرائي ڇڏيم جڻ ته ازخود ڪري پيا آهن. هلڪي بلو سوٽ سان گڏ مئچ ڪلر قميص، ٽاءِ ۽ جوراب ڪڍيم. پيرن ۾ ڪروڪوڊائل اسڪن جو انگلينڊ ميڊ شو وڌم. ٽاءِ کي امريڪن اسٽائيل ڊبل نات ڏئي ڇڏيم. جڏهن اطمينان ٿيم ته هينئر سڀ ڪم ٺيڪ آهي؛ تڏهن پاڻ کي پيرن ڪان وٺي سر تائين آئيني ۾ ڏٺم، ڪوٽ جي بٽڻ کي بند ڪري تي ڏٺم، ڪڏهن کولي، ڪڏهن پينٽ جي کيسن ۾ هٿ وجهي ڪڏهن ٻاهر ڪڍي. گهڻي سوچ بعد ان ڳالهه تي پهتس ته ڪوٽ جا بٽڻ کليل ۽ هٿ پينٽ ڪان ٻاهر رکڻ بهتر ٿيندو. ”ايوننگ ان پئرس سينٽ“ جي سڄي شيشي پنهنجن ڪپڙن تي لڳايم. ڏٺم ته ڪونيءَ ۾ هبڪار تي وئي. واچ ۾ ڏٺم ته اٺ لڳي چڪا هئا. ڊرائيور کي موٽر ٻاهر ڪڍڻ لاءِ چيم. بيٺي بيٺي چانهه جو ڪوپ پي ڇڏيم، ڊرائيور هارن وڄايو، وري هڪ دفعو پاڻ کي آئيني ۾ ڏٺم. رومال ۽ ڪتاب کڻي ٽپ ٽپ ڪندو هيٺ لٿس. ٻاريءَ مان گلاب جو تازو ٽڙيل گل پٽي ڪوٽ جي ڪالر ۾ لڳايم. جنهن وقت موٽر وقت وٽ پهتس، تڏهن محسوس ڪيم ته ڪا اهڙي شيءِ وسري وئي آهي جا مون کي هٽڻ کپندي هئي. حافظي تي گهڻي زور ڏيڻ ڪان پوءِ ياد آيو ته چشمو وساري آيو آهيان. يڪدم اندر وڃي کڻي آيس. جڏهن اکين تي چاڙهيم تڏهن محسوس ڪيم ته جيڪڏهن چشمو نه هجي ها ته ڪيڏو نه خال رهجي وڃي ها. جڏهن ڪاليج پهتس تڏهن ڏٺم ته واچ ۾ ساڍا نو لڳا آهن

واندي ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڦرڻ لڳس. دوستن چيڙڻ جي ڪوشش ڪئي مگر ڪين اهڙيون ڪتيون ٻڌايم جو ڪن ٻوساتيون هليا ويا. پوري ڏهين وڳي پيرڊ ختم ٿيو. ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا ولر ڪلاس کان ٻاهر نڪتا. هوءَ بہ آهستي آهستي ٻاهر آئي. شڪر ڪيم جو هوءَ اڪيلي هئي. جيڪڏهن ڪا سهيلي ساڻ هجيس ها تہ پورهيو ئي اجايو وڃي ها. دل کي همت ڏياريم، سيني پيرن فقيرن کان مدد طلبيم، ڏٽيءَ کي سنڀالي اڳتي وڌيس. هن جون جادوءَ ڀريون اکيون مون تي پيون تہ منهنجون سموريون قوتون مات ٿيڻ لڳيون. دم خشڪ ٿيڻ لڳو، ساهہ تيز تيز کڄڻ لڳو دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي ۽ نبض بيهڻ لڳي. آخر، جڏهن هوءَ منهنجي قريب آئي، تڏهن گهٽي مشڪل کان پوءِ منهنجي واتان نڪتو، ”مس جميلہ!“ هن مون ڏانهن نهاريو. مون هڪ ئي ساهيءَ سان تڪڙو تڪڙو چيو:

”ڪجهہ اوهان سان ڳالهائڻو اٿم.“

ڪلندي چيائين: ”وڏيءَ خوشيءَ سان.“

مون سندس چهري ڏي نهاريو. منجهون رهيون کهيون متيون منجهي ويون. سوچڻ لڳس تہ ڇا چوان؟ آخر چيم

”اوهين منهنجي ڳالهہ ٻڌندا؟“

”ضرور.“ هن وراڻيو.

”آئون چوڻ ٿو گهران ... آئون ...“

”جي.“

”معاف ڪندا، مون کي پتو نہ ٿو پوي تہ ڇا چوان، ڪيئن چوان؟“

”تڪلف جو ضرور ناهي، جيڪي ڪجهہ اوهان کي چوڻو آهي، اهو سڌن لفظن ۾ چئي ڏيو.“

”سڌن لفظن ۾! ائين ڪيئن ٿيندو، اوهان ناراض تہ نہ ٿيندا؟“

منهنجي نرڙ تي آهستي آهستي، پگهر جون بوندون جمع ٿيڻ لڳيون ۽ ڄنگهون ٿڙڪڻ لڳيون.

”نہ نہ، ناراضگيءَ جو تہ سوال ئي نہ ٿو اٿي.“

”جميلہ، ها سچ پچ آئون چئي ڏيان، جيڪي ڪجهہ چوڻ گهران ٿو؟“

”ضرور.“ سندس اکين ۾ شرم جي سرخي ڇانئجي وئي ۽ سندس ڳل

حياءَ کان ڳاڙها ٿي ويا.

مون ڳيٽون ڪائيندي ۽ پنهنجن خشڪ لبن تي زبان ڦيريندي چيو: ”مگر ... جيڪڏهن اوهان انڪار ڪيو ته منهنجون اميدون، منهنجا خواب سڀ خاڪ ۾ ملي ويندا.“ مون رومال ڪڍي چهري تان پگهر جون بوندون اگهيون.

هن شرم کان اکيون هيٺ جهڪائيندي چيو: ”ڪجهه ته چئو.“

مون ڏٺو ته منهنجون ٽنگون هيٺئر منهنجو بار جهلڻ کان عاري آهن، پارڪ جي ٽنبي جو سهارو ڏيندي چيم، ”آئون اهڙي مسئلي ۾ منجهي پيو آهيان، جنهن جو حل صرف اوهان ئي ڪڍي سگهو ٿا.“

”مگر اها ڪهڙي ڳالهه آهي؟“ سندس آواز پهريان کان بلڪل آهستي نڪتو، جنهن مان سندس دل جي ڌڪ ڌڪ محسوس ٿي رهي هئي.

”جيڪڏهن اوهان هائو ڪئي ته منهنجي لاءِ باعث مسرت ٿيندي ورنه...“ وڌيڪ آئون جذبات جي جوش کان ڪجهه به چئي نه سگهيس هن قدم اڳتي وڌائيندي چيو، ”آخر ڪجهه چوندا به!؟“

”خدا جي واسطي ٿورو ترسو، منهنجي گذارش به پوري ٿيڻ ڏيو.“ ٿوري وقت لاءِ سانت ٿي وئي ۽ منهنجي اکين جي اڳيان ترورا ڦرڻ لڳا. ”آئون چوڻ ٿو گهران ...“ ٻن چئن ڳيٽن کان پوءِ هڪ ئي ساهيءَ ۾ چيم، ”امتحان لاءِ اوهان جا لکيل نوٽس...“

مون اجا ايترو مس چيو ته سندس چهرو ڪاوڙ ۾ ڪاراتجي ويو. غصي ۾ چائين، ”پوڪ.“ مون کي پتو نه پيو، ڦهڪو اچي هيٺ ڪيم. جڏهن اک کوليم، ڏٺم ته آئون ڪار ۾ ستو پيو آهيان ۽ ٻه چار دوست چوگرد ويٺا آهن. مون دل ۾ سوچيو، واقعي آئون پوڪ آهيان!

# بي شرم

ٻارن فوت بال راند تي ڪئي. ٻال ڊوڙندو اچي منهنجي پيرن ۾ پيو. مون کي ٻه موج اچي ويئي. سيٽي وڄائيندي ٺڪاءُ ڪٽي لت ڪئي مانس. بال پڙڪات پريندو، ٻل ڪائيندو سامهون بيٺل ڇوڪريءَ جي پيرن ۾ وڃي ٺڪاءُ ڪيو. ڇوڪريءَ اوچتو ڇرڪ پري مون ڏي شوخ تي ڏنو ۽ غصي ۾ چيائين،"بي شرم!" مون اکيون ڪٽي نوايون، جنهن مان معلوم تي تيو ته منهنجو ارادو اهو نه هو.

ڪاليج جو پيرڊ ختم ٿيو. ٻاهر نڪتاسين. دوستن چيو، "اج توکي چانهه پيارڻي پوندي." مون کي پنهنجي بجيٽ جي اڳ ئي خبر هئي ته کوٽ ۾ آهي. خيال ڪيم ته مهيني جون پويون تاريخون آهن. جي ٿو هنن مولائين کي هوٽل ۾ وٺي وڃان ته سندن بيگهي مڇي ويندي. باقي منهنجو ته ڏيوالو نڪري ويندو. مهيني جا رهيل ڏينهن ٻڙيون ڪاٽيون پونديون. مان صفا اٿ هٽي بيٺس ته کيسا خالي آهن. جن ڇڏي پوت ڇڏي پر هو ڪٿي ڇڏين. هڪڙي چيو، "جيڪڏهن پئسا ڪين اٿس ته آئون ٿو مفلر گروي رکانس." ٻئي ڪٽي هٿ وڌايو مفلر ڏانهن. منهنجي ڇڏ ڇڏان، هنن جي وٺ ونان. اوچتو ڪٽي هٿ ڪڍيائين، خبر تڏهن پئي جو پير ڪڙي ويا ۽ هڪڙي ڇوڪريءَ مٿان اچي ڌڙام ڪيم. ٻئي ڦهه هيٺ. ڇوڪريءَ شوخجي چيو، "بي شرم!" جان ڪٽي ڏسان ته هيءَ ته بال واري ڇوڪري آهي. منهنجا ٽين ڪڙڪي ويا. هيٺيون هيٺ، مٿيون مٿي، وايون ٻتال ٿي ويون. واتان اکر نه نڪري. آخر همت ڪري ٽٽل لفظن ۾ چيم، "منهنجو... ڪو قصور... ڪونهي." يڪدم ڪپڙا ڇنڊي ڪتاب کڻي پيرن تي زور ڏنم. گهر پهچڻ تائين "بي شرم" پئي ڪنن ۾ وڄو. شڪرانا تي ڪيم جو ايتري ۾ جان بچي، نه ته ڪجهه خدمت تي وڃي ها ته شڪ ڪين هو. رات جو ڪتاب کولڻ تي پتو پيو ته منهنجو

ڪتاب هن ڏانهن بدلجي ويو آهي ۽ هن جو ڪتاب مون ڏانهن هليو آيو آهي. ڪتاب جي ڪنڊ تي لکيل هو، ”اشرف.“ جيترو آئون نالي تي غور ڪري رهيو هوس، اوترو نالو ويو ٿي وڌيڪ پيارو ٿيندو. صبح جو ڪاليج وڃڻ کان اڳ پڪڊ ڪيڊي ان تي لکيم، ”منهنجو قصور ڪونهي، معاف ڪندا.“ ڪاليج پهچڻ شرط آيا (ڪاليج جي پٽيوالي) کي چيم ته، ”هي ڪتاب ”اشرف“ کي ڏيندا.“ ٻي پيرڊ کان پوءِ آيا مون کي منهنجو ڪتاب آڻي ڏنو. دل ۾ طرحين طرحين جذبا بيدار ٿيڻ لڳا. دعائون ٿي گهريم ته من ڪو جواب هجي. ڪتاب کوليم ته منهنجي اکرن جي هيٺان ڳاڙهي پينسل سان لکيل هو، ”بي شرم!“

بابي چيو، ”خانصاحب احمد دين جي گهران تاريخ تي ڪتاب کڻي آءُ.“ سندس بنگلي تي پهتم ته دربند هو. دڪڙڪايم، پر آواز ڪين آيو. آخر گهڻي دير بعد دو کليو، ڇا ڏسان ته اشرف! منهنجيون اکيون پٿيل ٿي رهجي ويون. هيءَ هت ڪيئن، اڳ ته ڪيس ڪين ڏنو اٿم! يڪدم چيائين:

”حڪم صاحب!“

دل ٻڌي چيومانس:

”اوهان جي ملاقات...“

شوخ ٿي چيائين، ”بي شرم!“

”شايد اوهان وٽ ملاقاتين جو آڌرياءُ انهن لفظن سان ٿيندو آهي؟“

”يڪدم ونو تا پنهنجو رستو يا سڏ ڪيان چوڪيدار کي.“

مون چيو: ”آيا آهيون ته چانهه پيئڻ کانسواءِ ائين ڪيئن ورنداسين.“

بلند آواز ۾ پڪاريائين: ”چوڪيدار، چوڪيدار!“

چوڪيدار پاڻ کان به وڏي لِٺ سان ڊڪندو آيو.

”حڪم صاحب!“

”ذرا هن صاحب کي رستو ڏيکار.“

ايتري ۾ خانصاحب احمد دين ٻاهر نڪري آيو، ”چاهي، چاهي؟“

”مرحبا ٿي رهي آهي.“ مون وراڻيو.

”اچ اچ، اشرف تون به آءُ.“

”هيءَ آهي منهنجي ڀائٽي اشرف، هينئر تازو سکر کان هت آئي آهي

۽ ڪاليج ۾ داخل ٿي آهي. هي آهي عزيز، منهنجي دوست رئيس امير احمد جو فرزند، ڪاليج ۾ پڙهندو آهي. اشرف! عزيز لاءِ چانهه جو بندوبست ڪر."

آئون مشڪندو رهيس ۽ هوءَ وٺ ڪائيندي اٿي وئي. چانهه آئي، خانصاحب احمد دين ڪپتن مان ڪتاب ڪڍي رهيو هو.

"جناب! اوهان کي نه چيم ته چانهه پيئڻ کان سواءِ واپس نه ورندس، اوهه ذرا شڪر ڪر." هوءَ تيزنظرن سان گهوريندي رهي.

شادي طئي ٿي وئي. آئون بيحد خوش هوس هڪ شادي، بيو پنهنجي مرضيءَ تي. هينئر خيال ڪيم ته انهن لفظن جو ڪانئس پورو پورو حساب وٺندس. جڏهن لانئن جو وقت آيو، تڏهن زور سان مٿو ڪٽي سندس مٿي سان ٽڪرايم. سنهڙي چيخ سان سندس واتان نڪتو، "بي شرم!"

شاديءَ جي ڪمري ۾ گلابي سيج مٿان، گلابي وڳي ۾گهونگهٽ ڪڍيو ويٺي هئي. مون اجا ڪمري م قدم رکيو ته گهونگهٽ وٺي سرڪايائين. جيئن سيج ڏانهن وڌندو ويس، تيئن وئي گهونگهٽ کي سرڪائيندي. جيستائين آئون سيج وٽ پهتس، تيستائين ايترو پاڻ کي ڍڪي چڏيائين جو پتو نه ٿي پيو ته عورت آهي يا ڳٺڙي. مون کلندي چيو:

"حسن گهونگهٽ کان ٻاهر سهڻو ٿو لڳي."

ائين چئي يڪدم ڪٽي سندس گهونگهٽ مٿي ڪيم. اکين کي شرم کان ڍڪيندي چپن ۾ ڪجهه پڙڪي.

# ڀهروپي

(1)

شڪيلہ جو هٿ آهستي آهستي پنهنجي وارن ڏانهن وڌيو. سندس چوٽيءَ ۾ گلاب جو تازو ٽڙيل گل ظلمات ۾ نور جي ڪرڻن وانگر چمڪي رهيو هو. گل کي چڪ ڏئي وارن مان ڪڍيائين. آهستي هٿ وڌائي مجيد جي سفيد ڪوٽ جي ڪالر ۾ وڌائين. مجيد ٿورو مشڪيو، ”هي تنهنجي وارن ۾ سهڻو ٿي لڳو.

”هي انهيءَ دل جو تحفو آهي جنهن ۾ صرف تون آباد آهين.“

”شڪيلہ، روءِ زمين تي هن ڪان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو املهہ تحفو ٿي سگهي ٿو. هيءُ اهو تحفو آهي جنهن کي ڏسي ديوتائن جون دليون بہ ريجهي وڃن ٿيون، مان تہ انسان آهيان. شڪيلہ! هي تنهنجو تحفو مون کي ساهہ کان بہ عزيز آهي. جيڪڏهن ڪو مون کي دنيا جون سموريون نعمتون ڏئي ها، تہ بہ مون کي ايتري خوشي نہ ٿئي ها، جيتري هن گل ملڻ سان حاصل ٿي اٿم.“ شڪيلہ جون چهرو شرم کان گل وانگر ڳاڙهو ٿي ويو. مجيد ڪنڌ هيٺ ڪري گل کي لبن سان لڳايو ۽ الوداع ڪيائين. اکيون اکين سان مليون ۽ جدا ٿي ويون.

(2)

”آئون بلڪل مجبور هوس، ڇا ڪيان؟ مجيد التجا ڪندي چيو،

”ڇا ڪڏهن هن کان اول بہ مون دير ڪئي آهي؟ ڪمبخت غفور رستي تي ملي ويو. توکي تہ خبر آهي تہ هو مچڙو آهي، چچڙ ٿي پيو. گهڙيون ئي گوهيون ڪيم مگر هن کان جند ڇڏائڻ محال هئي. آخر پيٽا ڏئي جند ڇڏائي اٿم.“

ثريا جو چهرو ڪاوڙ کان لال ٿي ويو. "اهڙا ڪوڙا بهانا هن کان اول به ڏئي چڪو آهين."

"ڇا توکي هينئر منهنجي زبان تي به ڀروسو نه رهيو آهي؟"

"منهنجي دل جو گواهي ڏئي رهي آهي ته تون ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهين."

"ڇا آئون توسان، ڪڏهن ڪوڙ ڳالهائي سگهان ٿو؟" ثريا جي ڪاوڙ ٿوري ٿڌي ٿي، چپ ڪري ويهي رهي. مجيد پنهنجو هٿ وڌائي ثريا جي هٿ ۾ وڌو. ثريا سندس هٿ ڪٽي پري، اڇلايو.

"مون کي اهڙي کيچل پسند نه آهي."

"ثريا، ڏس مون تنهنجي لاءِ ڪهڙو تحفو آندو آهي، دنيا ۾ هن کان زياده ٻيو ڪهڙو اهلهه تحفو ٿي سگهي ٿو. هي اهو تحفو آهي، جنهن کي ڏسي ديوتائن جون دليون به ريجهي وڃن ٿيون. هي انهيءَ دل جو تحفو آهي جنهن ۾ تون آباد آهين."

ثريا جون اکيون، مجيد جي ڪالر ۾ لڳل گلاب جي گل ۾ وڃي کتيون، جو ڪنهن مست جوانيءَ جي امنگن ۽ اميدن وانگر ٽڙيو بيٺو هو. آهستي آهستي مجيد جو هٿ، ڪوٽ جي ڪالر ڏي وڌيو. گل کي ڇڪي ٻاهر ڪڍيائين، پنهنجو هٿ وڌائي گل ثريا جي وارن ۾ وڌائين

گلاب جو گل ثريا جي وارن ۾ ظلمات ۾ نور جي ڪرڻن وانگر چمڪي رهيو هو. ثريا ٿورو مشڪي، اکيون اکين سان مليون، هٿ مليا، ڪاوڙ ختم ٿي وئي.

# هاجران

چوٿينءَ جو چنڊ ايرڻ سان ئي لهي ويو. سياري جي رات هڪ ٿڌي ٻي ڪاري. جهوپڙين مان نڪرندڙ دونهون هوريان هوريان بس ٿي ويو. ڳوناٺن جون ڪچهريون ڳپل وقت کان پوءِ ماٺ ٿي ويون. مڪانن ۾ ٻرندڙ مچ آهستي آهستي سرد ٿي ويا. اتر جي هوا سوسات پي ڪيا. پاري جي پوڻ جا پڪا آثار هئا. سيءَ کان بچڻ لاءِ مائرن پنهنجن ٻارن کي ڇڪي ڇاتيءَ سان لائي ڇڏيو هو.

پري کان ڪنهن جهونگاريو:

”ڏني جن هيڪار، صورت ساهڙ ڄام جي،
سک ٿي ستيون ڪين ڪي، پري ساڻ پتار“

آواز پهريان ڏيمو نڪتو، پوءِ زور سان چوطرف ڦهلجي ويو ۽ هوريان هوريان چپ ٿي ويو. هاجران جي دل ۾ چرڻ ٻاري لڳي ويو. سندس لڇ پڇ وئي وڌندي. دل اڌما ڏيڻ لڳس. پنهنجي چوگرد اک کڻي نهاريائين، هر طرف سانت هئي. سندس ورکي سمهڻ سان ئي اڃي نيستيءَ نهوڙيو هو. رکي رکي کونگهرا ٿي هنيائين، ائين ٿي محسوس ٿيو ڄڻ قيامت تائين اٿڻ جو نانءُ ئي نہ وٺندو. هونءَ بہ تہ مرڻ جي ڪنڌيءَ تي هو. سٺ ٻاهٺ جو مڙس. هاجران کي نيٽين ننڊ نہ هئي، پئي لڇي ۽ ڦٽڪي. جوان وني ءَ کي پوڙهي ور جي پاسي ۾ پلا ننڊ بہ ڪيئن اچي؟ هن پنهنجي گلابي وڳي ڏانهن ڏٺو، جنهن تي زريءَ جي جهالر ۽ ستارا لالٽين جي روشنيءَ ۾ چمڪي رهيا هئا. هن پنهنجي مينديءَ رتن هٿن ۽ پيرن ڏانهن نهاريو، جن تي لا لائي هينئر هلڪي ٿيندي ٿي وئي. هن جي دل ۾ آيو تہ جيڪر لالٽين کڻي ڪپڙن، گهر ۽ ورکي ساڙي ڇڏي! بہ ڳوڙها ٽم ٽم ڪري وهاڻي تي ڪري پيا. پلاند کڻي اکين کي اگهي ڇڏيائين. کيس پراڻيون ڳالهيون هڪ ٻئي پٺيان ياد اچڻ لڳيون. ڪيئن سهيلين سان گڏجي

ڪرهہ تي پاڻي پرڻ ويندي هئي، جتي ڳوٺ جي جوانن جون ڳالهيون نہ ڪرنديون هيون. هرڪا حمزي جي واڪاڻ مان ڌاپندي نہ هئي. سون جي مٺ آهي، ڪم جو جوڙو. ڪاتيءَ جو مڙس، ٻلهاڙيءِ ملهہ ۾ تہ ڪنهن کي واروئي نہ ڏي. چانپئي ڏاڙهي، شهپر وڏا، پروون جاڙيون، نڪ ڊگهو، اکيون شينهن جهڙيون، رعب ۽ تاب سان ڀريل، چپن تي سدائين مرڪ! هن کي ياد آيو تہ ڪيئن حمزو ملاکڙي ۾ سوڀ ڪيون پئي آيو. هن کي ڏسي نرڙ کي مهٽيائين، جنهن جو مطلب هو سلام! خبر نہ آهي تہ ڇو سندس دلا کسڪي ويا ۽ اڇي پٽ تي پيا. سندس سمورو بت ڀڄي آلو ٿي پيو. سندس دلن جا نڪر چوگرد پيا هئا. هن ان ڏينهن کان محسوس ڪيو تہ هن جي دل بہ سڄي ۽ سلامت نہ هئي. اشارا ٿيا، سلام ٿيا، نياپا آيا ۽ ويا، سڱڪڙين جي متاسٽا تي، لڪي ڇپي ملاقاتيون بہ ٿيون، اهڙيءَ طرح دليون ويون ٻڌبيون.

مگر اوچتو ڪيس تي ويو، سندس ماءُ پيءُ کي ڏوڪڙ ڏنا ويا. ماءُ پيءُ ڇوڪريءَ جي سک جو خيال ڪيو، دل جو خيال نہ ڪيو. سڀ ڪنهن چيو، ”چڱو گهر آهي، مال متاع وارو، پئسي ڏوڪڙ وارو. ڇوڪري بادشاهي ڪندي، جي گهوٽ عمر ۾ وڏو ٿيو تہ ڇا ٿيو.“ حمزي گهڻي ئي متا ڪٽ ڪئي، پر هن وٽ پئسو ڏوڪڙ ڪٿي! هئس ڏاندن جو جوڙو، جي ڪڻي اهو وڪڻي ها تہ بہ ڇا ٿين ها؟ چار ڪي پنج سؤ. هت تہ هزارن جو سودو هو. دل جو سودو اول ئي هاجران ڪري چڪي هئي. هينئر هن جي جسم جو سودو سندس ماءُ پيءُ ڪري ڇڏيو. ڄڃ آئي، شرنايون وڳيون، جهمريون پيون، گهورون گهوريون، ديڳيون رڌيون.

لانئن ويل هاجران پنهنجي ور جي جي شڪل ڏسندي ئي بيهوش ٿي ويئي. مرجهايل گل ۽ ٽڙندڙ مکڙيءَ جو ميل! ڪنوار کي بيل گاڏيءَ ۾ چاڙهي ڪڻي ڏورٽا ڏنائون.

پري کان ڪنهن دانهن ڪئي:

”سي سڄڻ ٿين م ڏا . . ي هنئين ۾ حل ٿيا.“

گاڏيءَ ۾ ڪنهن چيو، ”ڪو جدائيءَ جو ماريل آهي.“ هاجران جو سمورو جسم ڪُرڙيءَ وانگر ڏڪي ويو. اکين مان ڳوڙها ٽم ٽم ڪري وهڻ لڳس.

اڄ وري ساڳيو آواز هوا جي پردن کي چيريندي سندس دل ۾ گهڙي

ويو. هوءَ سوچڻ لڳي،“ ڇڻبو منهنجو نياپو حمزي کي پهچي ويو. تڏهن تہ آيو آهي نہ تہ ڇو اچي ها؟” ڪتن جي باهوڙ تي، ڪتي جي ڪوڪٺ جو آواز آيو، جڻ ڪنهن ڪتي کي لوڙهہ وهائي ڪڍي هجي. ٿوري مهل ڪان پوءِ وري چپ چاپ ٿي ويئي. هاجران پاسو ورائي اٿي، پنهنجي ور ڏانهن ڏٺائين، جو اجا تائين کونگهرا هڻي رهيو هو. هاجران گهر ۾ ورکي پويون سلام ڪري، پير پير ۾ پائي ٻاهر نڪتي. اوچتو هلڪي چيٽ ٿي ۽ وري خاموشي ڦهلجي وئي.

اَنُ پيهڻ واريون اَن لاءِ اٿيون. هاجران جي ڏيرياڻي ڏڌ جي چاڏي ولوڙڻ لڳي. مسجد مان مُلي جي اذان جو آواز آيو. هاجران جي ڏيرياڻي سوچ ۾ پئجي وئي تہ ينيرڪوبہ ٿي ويو آهي تہ بہ اجا تائين هاجران ڪم لاءِ نہ اٿي آهي، شايد سندس گهوٽ جي سڪ اجا پوري نہ ٿي آهي جو سمهاريون پيو اٿس.

ٻاهران رڙ ٿي، ”اڙي! هيءَ ڪير ڪريو پيو آهي!“ سڀ ڊڪندا اچي ڪٺا ٿيا، ڏٺائون تہ هاجران جي پيرن جي هيٺان ڪاري بلا پيل هئي ۽ هاجران جي روح جو پکيئڙو اڏامي ويو هو.

صبح جو حمزو سندس جنازي سان اچي شامل ٿيو. هن جي اکين مان ڳوڙها ٽم ٽم ڪري وهي رهيا هئا. جڻ چئي رهيا هيا، ”هاجران! ڏس مان تنهنجي نياپي تي ملڻ لاءِ ڪتان آيو آهيان. سياري جي سڄي رات ولهہ ۾ تنهنجي ملاقات لاءِ بيٺو رهيو آهيان!“




اياز قادريءَ جي شاهڪار
ڪهاڻي-ڪتاب بلودادا
۽ 12 نَون سدابهار افسانن
سميت ڇپيل اڻ ڇپيل
سموريون ڪهاڻيون